مهاڳ

ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو گيتا پروچن جو سنڌي ترجمو ظاهر ٿي رهيو آهي. سنڌي نواسي ڀائرن جي شيوا ڪرڻ جو ڪجهه موقعو مونکي مليو هو. تڏهن کان سندن هرديه جي مونکي ڪجهه سڃاڻپ ٿي آهي. انيڪ مصيبتون هنن بهادريءَ سان سٺيون آهن. اڄ به هو مصيبتن کان آجا ڪين ٿيا آهن. مونکي وشواس آهي ته هي پروچن ڪين مصيبت ۾ دلاسو ڏيئي سگهندا ۽ سندن همت افزائي ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهندا. سندن شيوا ڪرڻ جي مون ڪجهه ڪوشش ڪئي. پر گهڻو ڪجهه نه ڪري سگهيو آهيان. اها مصيبت ئي ايڏي ڀاري هئي جو همدردي ڏيکارڻ کان وڌيڪ ڪجهه ٿي ئي نه ٿي سگهيو. پر مصيبت ۾ همدردي ڏيکارڻ وارو به ڪو ملي وڃي ته انسان جي دل کي ٺنڍائي پهچي ٿي. انڪري منهنجي سنڌي ڀائرن منهنجو ڏاڍي پريم سان سواگت ڪيو هو. انهن سمجهيو هو ته هي شخص اسانجو شيوڪ آهي. مونکي اميد آهي ته گيتا پروچن جي ذريعي انهن جي ڪجهه شيوا ٿي سگهندي.

هي ترجمو دوارڪي سندرانيءَ ڪيو آهي. هو سرووديه ۾ وشواس رکندڙ منهنجو هڪ ساٿي آهي. شري ڪيولرام جهانگيرام هن ڪتاب ڇپائڻ جو بار کنيو آهي ۽ ”هندستان ڪتاب گهر“ وارن هي ڪتاب وڏي پريم

وشيہ سوچي

سان پڌرو ڪيو آهي. هنن سڀني صرف پرمارٿ درشٽيءَ
سان هي ڪم ڪيو آهي. انڪري هي ڪتاب ايترو
سستو ڪري ڏنو ويو آهي. مان چاهيان ٿو ته ڪوبہ
اهڙو پڙهيل سنڌي ڀاءُ يا ڀيڻ نہ رهي، جنهن جي
هٿ ۾ هي ڪتاب نہ پهتو هجي. ور ور ڪري پڙهڻ
گهرجي ۽ ان جي ويچارن تي، جي پسند اچن، ته عمل
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ائين ڪرڻ سان ڪين
شانتي ملندي ۽ سندن شڪتي بہ وڌندي.

چندرائڻ (بهار)

١٩٥٣-١٢-١٧

ونوبا

گیتا پروچن

اڌياءِ پهريون

شروعاتي ڪهاڻي - ارجن جو دک

١

مهاڀارت جي وچ ۾

پيارا ڀائرو!

اڄ ڪاڻ وٺي مان شريمد ڀڳوت گيتا تي ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. گيتا ۽ منهنجو سنبنڌ ترڪ (Logic) ۽ دليل وارو سنبنڌ نه آهي. منهنجو شرير ماءُ جي کير تي جيترو پليو آهي، ان کان گهڻو وڌيڪ منهنجو هردو ۽ بدي گيتا ماتا جي کير تي پليل آهي. جتي سڌو دلي سنبنڌ هوندو آهي، اتي ترڪ لاءِ گنجائش نه رهندي آهي. ترڪ کي ڇڏي مان رڳو شرڌا ۽ تجربي جي ٻن کنڀن سان گيتا گگن ۾ وت آهر لامارا ماريندو آهيان. مان اڪثر ڪري گيتا جي ئي وايومنڊل ۾ رهندو آهيان. گيتا کي منهنجو پراڻ ئي سمجهو. جڏهن مان ڪنهن سان گيتا جي باري ۾ ڳالهائيندو آهيان ته جڻ گيتا سمنڊ ۾ ترندو رهندو آهيان ۽ اڪيلو هوندو آهيان ته ان امرت ساگر ۾ اونهي ٽٻي لڳائي وهندو آهيان. ائين فيصلو ڪيو ويو آهي ته هر آرتوار ڏينهن مان اوهانکي گيتا چرتر بابت ڪجهه

ارجن جي من جي اوستا ڪهڙي آهي؟ ڪهڙي ڳالهه چوڻ لاءِ گيتا رچي ويئي آهي؟ اهو هن پرستاونا ڪانسواءِ چڱيءَ طرح سمجهڻ مشڪل آهي.

ڪن جو چوڻ آهي ته ارجن جي ڪمزوري دور ڪرڻ ۽ هنکي يڌ لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ گيتا چئي ويئي آهي. انهن جي ويچار ۾ گيتا صرف ڪرم يوگ نه پر يڌ يوگ به بڌائي ٿي. پر ٿوري سوچ ڪرڻ سان هن ويچار جي غلطي اسانکي محسوس ٿيندي. ١٨ اکوهڻي فوج لڙڻ لاءِ تيار هئي. ته ڇا اسين ائين چونداسين ته ڪرشن ساري گيتا ارجن کي انهيءَ لاءِ ٻڌائي ته هو لڙڻ لاءِ تيار ٿئي؟ گهٻرايو ته ارجن هو ۽ نه سندس سينا. ڇا لشڪر جي لياقت ارجن کان وڌيڪ هئي؟ هيءَ ڳالهه ته ڪلپنا ۾ به اچي نٿي سگهي. ارجن جو لڙائيءَ کان ڪنارو ڪري رهيو هو سو نه ٻپ جي ڪارڻ. هو سوين لڙاين ۾ جوهر ڏيکارڻ وارو مهاوير هو. اتر گئو گرهڻ وقت هن اڪيلي ڀيشم، دروڻ ۽ ڪرڻ کي ٽوٽا چٻايا هئا. هميشه فتح پائيندڙ ۽ مڙدن ۾ سچو مڙد، اهڙي ته جنهنجي واڪاڻ هئي! ويرتا هنجي انگ ۾ جهلڪندي هئي. ارجن کي ڇيڙڻ خاطر، پرکائڻ خاطر، هن ٿي ڪمزوريءَ جو الزام ته ڪرشن به ڏري ڏنو هو. پر سندس اهو تير بيڪار ويو. تڏهن ڪرشن کي ٻئي طرح گيان وگيان جا اپديش ڏيڻا پيا. تنهنڪري هيءَ پڪ آهي ته صرف ڪمزوري دور ڪرڻ جو رواجي اپديش گيتا جو نه آهي.

اها ته سيني کي خبر آهي ته گيتا سري ڪرشن جي چيل آهي. ان مهان سکيا کي ٻڌڻ وارو ڀڳت ارجن هن سکيا سان ايترو ته لولين ٿي ويو، جو ان کي ٻه ڪرشن جو نالو مليو. ڀڳوان ۽ ڀڳت جي اندر جا امنگ ظاهر ڪندي وياس ديو ايتري قدر هڪ رس ٿي ويو جو لوڪ ان کي به ڪرشن جي نالي سان سمجهڻ لڳا. جونڌڙ ڪرشن، ٻڌندڙ ڪرشن، رچيندڙ ڪرشن اهڙي طرح ٽيئي ڄڻا هڪ ٿي ويا. جڻ ته ٽنهي جي سماڌي لڳي ويئي. گيتا جي اڀياس ڪندڙ کي به اهڙي ئي ايڪاگرتا هئڻ گهرجي.

٢

ارجن جي من اوستا

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته گيتا جي شروعات ٻئي اڌياءَ کان سمجهڻ گهرجي. جو ته ٻئي اڌياءَ جي يارهين سلوڪ کان ئي سچي پچي اپديش جي شروعات ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري اتان ئي شروعات ڇو نه سمجهڻ گهرجي؟ هڪ ته مونکي ائين به چيو ته ڀڳوان ته اکرن ۾ "اَ" اکر کي ايشوري ويوتي ڪري مڃيو آهي ۽ ٻئي اڌياءَ جي ١١ سلوڪ جي شروعات به "اَ" اکر سان ٿئي ٿي 'अशोच्यानन्वशोचस्त्वं' انهي ڪري اتان ئي شروعات سمجهڻ گهرجي. هن دليل کي ڇڏي به ڏجي، ته به ٻئي اڌياءَ جي ١١ سلوڪ کان شروعات مڃڻ گهڻن خيالن کان واجب آهي. تڏهن به پهرئين اڌياءَ ۾ ڏنل مهاڳ جي اهميت به ته آهي ئي.

صرف ٻڌي گيان هو. ڪرشن کي انهيءَ جي ڄاڻ هئي. انڪري هن ان تي ڪجهه به ڌيان نه ڏني سڌو سندس موهه ناس ڪرڻ جو اُپاءُ شروع ڪيو. ارجن جي سچ پچ اهنساوادي ٿي ويو هجي ها ته هنکي ڪير به ڪيترو به ڪٿي پيو گيان وگيان ٻڌائي ها ته به اصلي جواب ملڻ کانسواء هنکي سنتوش نه ٿئي ها. ليڪن انهن ڳالهين جو ساري گيتا ۾ ڪٿي به جواب نه ڏنو ويو آهي ته به اسين ڏسون ٿا ته ارجن جي اهنسڪ ورتي نه، پر جنگي ورتي هئي. سندس درشتيءَ کان يڌ هنجو سڀاويڪ ءِ اڻ ٽر فرض هو، جنهنکي موهه وس ٿي هن ٽارڻ چاهيو ٿي. گيتا جو حملو هن موهه تي ئي آهي.

٣

گيتا جو اديش-

سوڌرم وروڌي موهه ناس ڪرڻ

ارجن نه صرف اهنسا پر سنياس جي ٻولي ٻولڻ لڳو. هو چوڻ لڳو: هن خوني ڪلنڪ واري ڪتري ڌرم کان ته سنياس چڱو آهي. ليڪن سوال آهي ته، ڇا اهو ارجن جو سڀاويڪ ڌرم هو؟ سندس اها ورتي هئي؟ ارجن سنياسيءَ جو ويس ته مزي سان اختيار ڪري سگهيو ٿي. پر اهڙي ورتي ڪيئن ٿي ٻڻائي سگهيو؟ سنياسيءَ جو ٽالو ونئي جي هو جهنگل ۾ وڃي رهي ها ته اتي به هرڻ مارڻ شروع ڪري ها.

هتي موئنکي هڪ ججَ جو قصو ياد ٿو اچي. هڪ ججَ هو. هن سوين ڏوهين کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني هئي. ليڪن هڪ ڏينهن خود سندس پٽ خون جي ڏوهه ۾ سندس سامهون پيش ڪيو ويو. هن تي خون ثابت ٿيو ۽ ججَ تي پنهنجي پٽ کي ڦاسي ڏيڻ جي نوبت آئي. مگر ائين ڪرڻ کان هو هٻڪڻ لڳو ۽ گيان جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. "هيءَ ڦاسيءَ جي سزا ڏيڻ حيوانيت آهي. اهڙي سزا ڏيڻ انسان کي ڪنهن به حالت ۾ نٿي سونهين. ان سزا جي ڪري اپراڌيءَ جي سڌاري جي آشا نه ٿي رهي. خونيءَ جوش ۾ اچي خون ڪيو. ليڪن خون جو جنون لهي وڃڻ تي ان شخص کي سنجيدگيءَ سان ڦاسيءَ جي تختي تي چاڙهڻ انسانيت لاءِ وڏي شرم جي ڳالهه آهي، وڏو ڪلنڪ آهي." اهي دليل ڏيڻ لڳو. جيڪڏهن سندس پٽ سندس سامهون نه آيو هجي ها، ته هوُ ججَ صاحب بي ڪنڪي ساري حياتي ڦاسيءَ جي سزا ڏيندو رهي ها. پر اڄ ته پٽ جي ممتا سبب اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. اهو ڪو اندر جو آواز نه هو. اها ته صرف ممتا هئي. "هيءُ منهنجو پٽ آهي" انهيءَ ممتا مان اهو گيان اڀريو هو.

ارجن جي حالت به ان ججَ وانگر هئي. هن جي دليل ڏنا هئا، سي غلط ڪين هئا. گذريل مهاڀاري لڙائيءَ ۾ سڄيءَ دنيا نيڪ اهڙائي نتيجا ڏنا. ليڪن سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته هيءُ ارجن جو ٿتو گيان نه، پر

هجي، تڏهن به اهو اختيار ڪرڻ ۾ منهنجو ڪلياڻ ناهي. سورج جي روشني مونکي وٽي ٿي. ان روشنيءَ سان منهنجي واڌ ٿئي ٿي. سورج مون لاءِ پوڄنيه آهي. ليڪن انڪري مان پرٿويءَ تي رهڻ ڇڏي سورج ڏانهن وڃڻ چاهيندس ته جلي خاڪ ٿي ويندس. ان جي ابتڙ، جي پرٿويءَ تي رهڻ گڻ رهت هجي، پرٿوي سورج جي مقابلي ۾ بلڪل تيج هجي، هوءَ خود روشن نه به هجي، ته به جيسين سورج جي تيج سهڻ جي شڪتي مون ۾ نه آئي آهي، تيسين سورج کان دور پرٿويءَ تي رهي مونکي پنهنجو واڌارو ڪرڻ گهرجي. مڇين کي جيڪڏهن ڪو چوي ته پاڻيءَ کان کير وڌيڪ قيمتي آهي ۽ توهين کير ۾ هلي رهو، ته ڇا مڇيون اهو منظور ڪنديون؟ مڇيون ته پاڻيءَ ۾ ئي جيئي سگهن ٿيون. اهي کير ۾ مري وينديون.

ٻئي جو ڌرم سولو لڳڻ تي به اختيار ڪرڻو ناهي. گهڻي ڀاڱي اهڙو سولو نه هوندو آهي، جهڙو اسانکي پاسندو آهي. گهر ۾ ٻارن ٻچن جي سنڀال ٺيڪ نه ڪري سگهڻ کان گهٻرائجي جي ڪو گرهستي سنياس وٺندو ته اهو ڍونگ ٿيندو ۽ اهو ڏاڍو مهانگو به پوندو. وجهه ملڻ تي سندس واسنائون زور پڪڙينديون. جو سنسار جو بوجهو ٺٺو ڪڻي سگهي، سو جي جهنگل ۾ وڃي وهندو ته پهرين هو ننڍي جهوپڙي ٺاهيندو. پوءِ ان جي رکيا لاءِ لوڙهو لڳائيندو. ائين ڪندي ڪندي اتي به ڪيس سوابو

انهيءَ ڪري ڀڳوان صاف صاف چيو، ”ارجن، تون جو چئي رهيو آهين ته مان نه لڙندس، اهو تنهنجو ڀرم آهي. اڄ تائين جو تنهنجو سڀاءُ رهيو آهي، سو توکي لڙائيءَ ۾ ويڙهائڻ بنا رهي نه سگهندو.“

ارجن کي هيءُ سؤڌرم گڻ رهت محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. ليڪن سؤڌرم ڪيترو ئي گڻ رهت ڇو نه هجي، تڏهن به ان ۾ رهي ڪري منش کي پنهنجي ترقي ڪرڻ گهرجي. ڇو ته ان ۾ رهڻ سان ئي ترقي ٿي سگهي ٿي. هن ۾ ايمان جو ڪو سوال ڪونهي. هيءُ ته ترقيءَ جو منتر آهي. سؤڌرم اهڙي چيز ناهي جنهنکي وڏو سمجهي گرهڻ ڪجي يا ننڍو سمجهي ڇڏي ڏجي. حقيقت ۾ اهو نه وڏو آهي، نه ننڍو. اهو اسانجي حالتن، هلت چلت ۽ ويچار موجب رهندو آهي. ”گڻ رهت سؤڌرم به سريشٽ آهي.“ گيتا جي هن وچن ۾ ڌرم اکر جي معنيٰ هندو ڌرم، اسلامي ڌرم، عيسائي ڌرم وغيره جهڙي نه آهي. هرهڪ انسان جو نرالو ڌرم آهي. هتي منهنجي سامهون جي ٻه سؤ جڻا ويٺا آهن، انهن جا ٻه سؤ ڌرم آهن. منهنجو ڌرم به جو ڏهه سال اڳ هو، اهو اڄ ڪونهي. اڄ جو منهنجو ڌرم آهي سو ڏهه سال پوءِ منهنجو ڌرم ٿي نٿو سگهي. چنتن ۽ انڀؤ سان جئن جئن ورتيون بدلبيون وڃن ٿيون، تئن تئن اڳيون ڌرم ڇٽندو وڃي ٿو ۽ نئون ڌرم حاصل ٿيندو وڃي ٿو. هن ۾ هٺ لاءِ ڪٿي به گنجائش ڪين آهي. ٻئي جو ڌرم ڪيترو به سريشٽ

هن ساري وستار مان اوهانکي هڪ ڳالهه ته سمجهه ۾ آئي هوندي ته گيتا جو جنم سؤ ڌرم ۾ ڪاوت وڇهنڌڙ موهه کي دور ڪرڻ لاءِ ٿيو آهي. ارجن ڌرم جي مونجهاري ۾ منجهي پيو هو. سؤ ڌرم جي باري ۾ سندس من ۾ موهه پيدا ٿيو هو. اها ڳالهه ڪرشن جي ڀڳوان جي ڀهڻڪ بعد ارجن خود ئي قبول ڪئي آهي. ان موهه، ان ممتا، ان آسڪتيءَ کي دور ڪرڻ ئي گيتا جو مکيه ڪم آهي. سڄي گيتا ٻڌائڻ بعد ڀڳوان سوال پڇيو آهي، ”ارجن، تنهنجو موهه دور ٿيو؟“ ۽ ارجن جواب ڏنو، ”ڀڳوان، ها؛ منهنجو موهه دور ٿيو ۽ سؤ ڌرم جو گيان پراپت ٿيو آهي.“ اهڙيطرح جيڪڏهن گيتا جو آڳو پيڇو ويچاري ڏسون ته موهه ناس ڪرڻ ئي انجو مقصد آهي. رڳو گيتا جو نه، پر سڄي مهاڀارت جو اهو اُديش آهي. وياس ديو مهاڀارت جي شروع ۾ ئي چيو آهي ته لوڪن جي موهه روپي اندڪار کي دور ڪرڻ لاءِ ئي مون هيءَ اتهاس روپي جوت جڳائي آهي.

۴

سرل ٻڌيءَ وارو!

اڳتي هلي گيتا سمجهڻ لاءِ ارجن جي من جي هيءَ اوستا اسان لاءِ ڏاڍي ڪمائتي ٿي آهي. انلاءِ اسين سندس احسان ضرور مڃيندا سين. پر ان ڪانسواءِ ارجن جو هڪ ٻيو اپڪار به آهي. ارجن جي هن من-اوستا مان

سنسار اڏُو پوندو. جيڪڏهن سچ پچ من ۾ ويراڳ ورتي
آهي ته پوءِ سنياس وري ڪهڙي وڏي وٿ آهي!
سمرٿين ۾ به اهڙا وچن ملن ٿا ته سنياس ڏاڍو سولو آهي.
ليڪن مکيه ڳالهه ورتيءَ جي آهي. جنهنجي جهڙي
ورتي هوندي، تنهنجو تهڙو ڌرم ٿيندو، چڱي مَني،
سولي ڏکئي جو ته سوال ئي ڪونهي. سچي ترقي هئڻ
گهرجي. سچي تبديل اچڻ گهرجي.

ليڪن ڪي جذباتي ماڻهو پڇندا آهن ته جي يڌ ڌرم
کان سنياس ڌرم سچ پچ بهتر آهي ته ڀڳوان، ارجن کي
سچو سنياسي ڇونه بڻايو؟ ڇا هن لاءِ سنياس ڏکيو هو؟
هن لاءِ ڏکيو ته ڪجهه به ڪين هو، ليڪن ان ۾ ارجن
جو پرشارٿ ئي ڪهڙو رهي ها؟ پرميشور سڀني کي
آزاد ڇڏيو آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي لاءِ ڪوشش ڪرڻ
گهرجي. ان ۾ ئي ته موج آهي. ننڍڙي ٻار کي خود
تصوير چٽڻ ۾ آنند ايندو آهي. ڪيس اهو پسند نه ايندو
ته ڪو سندس هٿ پڪڙي مورت چٽائي. جيڪڏهن
ماستر وديارٿين جا سوال پاڻ حل ڪندو وڃي ته وديارٿين
جي ٻڌي ڪيئن وڌندي؟ تنهنڪري ماتا-پتاءُ گروءَ
جو ڪم صرف صلاح ڏيڻ آهي. پرميشور اندر ۾ اسانکي
سمجهائيندو ٿو رهي. ان کان وڌيڪ هو ڪجهه ڪين
ٿو ڪري. جيڪڏهن ڀڳوان ڪنڀار وانگر نڪي ٺوڪي
هرهڪ جا مٽڪا تيار ڪري ته ان ۾ لطف ئي ڪهڙو؟
اسين مٽيءَ جا مٽ ته ڪونه آهيون. اسين ته گيانوان آهيون.

ٿوري ۾ سڀ اپديش:-
آتم گيان ۽ ممتا واري ٻڌي

۵

گيتا جي ٻولي

ڀائرو! اڳئين اٺين ڀاڱي ۾ اسان ارجن جي وشاد يوگ کي ڏٺو. جڏهن ارجن وانگر سرلتا پراپت ڪري انسان هري شرن ۾ اچي ٿو ته پوءِ وشاد جو به يوگ ٿي وڃي ٿو. انهيءَ کي ئي هردئه منٿن چوندا. گيتا جي هن ڀومڪا کي مون گيتا جي رچيندڙ انوسار ارجن وشاد يوگ جهڙو خاص نالو نه ڏيئي وشاد يوگ جهڙو رواجي نالو ڏنو آهي. ڇو ته گيتا جي لاءِ ارجن صرف نمت ماتر آهي. ائين نه سمجهڻ گهرجي ته * پنڌرپور ڳوٺ ۾ ڀڳوان پانڊورنگ جو اوتار صرف ڀڳت پنڊليڪ لاءِ ئي ٿيو. ڇو ته اسين ڏسون ٿا ته ڀڳت پنڊليڪ کي درشن ڏيندڙ پانڊورنگ، اسان جهڙن انسانن جي اڌار ڪرڻ لاءِ اڄ هزارن سالن کان اٿيئي بيٺو آهي. اهڙيءَ طرح گيتا جو گيان به ارجن جي نمت ڇو نه هجي تڏهين به اسان سڀني لاءِ آهي. انهيءَ ڪري

---

* پنڌرپور مهاراشٽرا ۾ ڳوٺ آهي جتي پانڊورنگ اوتار جي پوڄا ٿيندي آهي.

سندس من جي بيحد سرلتا جو پتو پوي ٿو. خود "ارجن" شبد جو ارٿ "رُجُ" يعني سرل سڀاءَ وارو آهي. سندس من ۾ جي به وڪار يا ويچار آيا سي سڀ دل کولي ڀڳوان جي اڳيان رکيائين. من ۾ ڪجهه به نه لڪايائين. ۽ آخر هو ڀڳوان جي شرڻ ۾ ويو. سچ ته هوُ شروع ۾ ئي ڀڳوان ڪرشن جي شرڻ ۾ هو. ڪرشن کي سارٿي بڻائي جڏهن ڪان گهوڙن جو لغام ڪرشن جي هٿ ۾ ڏنائين تڏهن کان ئي هن پنهنجي من ورتين جو لغام ڪرشن جي هٿ ۾ ڏيڻ جي تياري ڪري ڇڏي هئي. اڄ، اسين به ائين ڪريون. ارجن وٽ ته ڪرشن هو. اسان وٽ ڪرشن ڪٿي؟ اسانکي ائين نه چوڻ گهرجي. ڪرشن نالي ڪو انسان هو، اهڙي اتهاسڪ يا پرمائيندڙ بڌيءَ واري الجهن ۾ اسين نه پئون. انترياميءَ جي روپ ۾ ڪرشن اسان مان هرهڪ جي دل ۾ براجمان آهي. اسانکي هوُ سڀني کان ويجهو آهي. اسين پنهنجي هردي جون سڀ ڪمزوريون سندس سامهون کڻي رکون ۽ کيس چئون، "ڀڳوان، مان تنهنجي شرڻ ۾ آهيان، تون ئي منهنجو گرو آهين. مونکي سنئين راهه ڏيکار. جا راهه تون ڏيکاريندين ان تي ئي مان هلندس." جي اسين ائين ڪنداسين ته هو ارجن جو ڪوچوان، اسانجي به ڪوچواني ڪندو. پنهنجي مکارِوند سان اسانکي به گيتا ٻڌائيندو ۽ اسانکي به سوپارو ڪندو.

آرتوار، ٢١-٢-١٩٣٢ع.

ٿا. مان سمجھان ٿو ته انهن جي مخالفت پيدا ڪرڻ کان سواءِ به اسين پنهنجو ارٿ ڪري سگھون ٿا.

هن سلسلي ۾ اپنشد ۾ هڪ ڪٿا ٿي اچي. هڪ دفعي ديو، دئت ۽ منشيه ٽيئي پرجاپتيءَ وٽ اپديش لاءِ ويا. پرجاپتيءَ هڪ ئي اکر "د" سڀني کي ٻڌايو. ديون چيو ته اسين ديوتائون ڪامي آهيون اسانکي وشيه ڀوڳ جو چسڪو لڳل آهي. انهيءَ ڪري برهما اسانکي "د" اکر وسيلي دمن ڪرڻ جي سکيا ڏني آهي. دئت چوڻ لڳا ته اسين ڏاڍا ڪروڌي، نردئي ۽ ڪٺور ٿي پيا آهيون، اسانکي برهما "د" اکر سان ديا ڪريو جي سکيا ڏني آهي. منشيه چوڻ لڳا اسين لوڀي ۽ ڌن ڪٺي ڪرڻ ۾ پاڳل ٿي ويا آهيون. اسانکي "د" اکر سان پرجاپتيءَ دان ڪرڻ جي سکيا ڏني آهي. پرجاپتيءَ سڀني جي ارٿ کي صحيح ڄاتايو. ڇوته سڀني پنهنجي پنهنجي آزمودي مان ارٿ ٻڌايو. گيتا جي اصطلاحي ٻوليءَ جو ارٿ ڪرڻ وقت اسانکي اپنشد جي هيءَ ڪٿا ياد رکڻ گھرجي.

٦

جيون سڌانت (۱) سوڌرم پالڻ

ٻئي اڌياءَ ۾ جيون جا ٽي مهان سڌانت پيش ڪيل آهن: (۱) آتما جي امرتا ۽ اکنڊتا، (۲) ديهه جو فانيپڻو، (۳) سوڌرم جي پالنا. انهن ۾ سوڌرم جو سڌانت عمل

گيتا جي پهرئين اڌياءَ لاءِ وشاد يوگہ جهڙو رواجي نالو ڏنو ويو آهي، سو نهي ٿو. هي گيتا روپي وڻ هيٺان وتندي وتندي آخرين اڌياءَ ۾ پرساد يوگہ روپي ڦل ٿائين پهچڻ وارو آهي. ايشور جي اڇا هوندي تہ هن جيل جيون ۾ اسين بہ انهي وڻ جي ڦل کي پهچنداسين.

ٻئي اڌياءَ کان گيتا جي سکيا جي شروعات ٿئي ٿي. شروع ۾ ئي ڀڳوان جيون جا مول سڌانت ٻڌائي ٿو. هن ۾ سندس مطلب هي آهي تہ جي شروع ۾ ئي اهي جيون جا مکيہ تتو نيک ٿي وڃن، جن جي آڌار تي جيون جي عمارت کڙي ڪرڻي آهي تہ اڳتي رستو سولو ٿي ويندو. گيتا جي ٻئي اڌياءَ ۾ "سانکيہ ٻڌي" اکر آيل آهي. جنهن جو ارٿ مان ڪريان ٿو: جيون جا بنيادي سڌانت. اسان کي هي بنيادي سڌانت سمجهڻا آهن. پر تنهن کان اڳي جي اسين هن سانکيہ شبد کي سمجهڻ لاءِ گيتا جي اصطلاحي شبدن جي ارٿ جو تورو خلاصو ڪريون تہ بهتر ٿيندو.

گيتاڪار کي پراڻن شاستري اکرن کي نئين ارٿ ۾ لکڻ جي عادت آهي. پراڻن اکرن کي نئين ارٿ ۾ قلم بند ڪرڻ، ويچار ڪرانتيءَ جو اهنسڪ طريقو آهي. وياس ديو هن هنر ۾ پڙ آهي. انڪري گيتا کي وياپڪ ارٿ حاصل ٿيو آهي. ان ڪري گيتا نت نئين رهي آهي. انيڪ ويچاروان پرش پنهنجي ضرورت ۽ انڀؤ انوسار انيڪ ارٿ ڪڍي سگهيا آهن. پنهنجي پنهنجي اسٿتي ۽ اوسٿا جي لحاظ کان اهي سڀ صحيح ٿي سگهن

"سؤ" (پاڻ) کان ئي ڪنارو ڪرڻ آهي، آپگهات آهي. سؤڌرم جي ئي سهاري اسين اڳتي وڌي سگهون ٿا. انڪري هيءَ سؤڌرم جو آسرو ڪڏهن بہ ڪنهنکي ڇڏڻ نہ گهرجي. هيءَ جيون جو هڪ بنيادي سڌانت ثابت ٿئي ٿو.

سؤڌرم اسانکي اهڙو سياويڪ حاصل ٿيو آهي، جو اسانکان انجو پالن پنهنجو پاڻ ٿيڻ گهرجي. پر انيڪ قسمن جي موهہ ڪارڻ ائين نٿو ٿئي، يا تہ ڏاڍيءَ مشڪلات سان ٿئي ٿو. جي ٿئي بہ تہ ان ۾ ڪيترا دوش اچي وڃن ٿا. سؤڌرم جي رستي ۾ ڪندا پکيڙڻ وارن موهہ جي ٻاهرين روپن جو تہ ڪو شمار ئي ڪونهي. تڏهن بہ جڏهن اسين ڇنڊ ڇاڻ ڪريون ٿا تہ انهن سڀني جي بنياد ۾ هڪ ئي ڳالهہ ڏسجي ٿي، جا آهي تنگ ۽ هلڪي ديهہ بڌي. مان سمجهان ٿو تہ مان ۽ منهنجي شرير سان تعلق رکندڙ- بس ايتري ئي منهنجي ڪشادگيءَ يا ڦهلاءَ جي حد آهي. هن دائري کان جو ٻاهر آهي اهو منهنجي لاءِ ڌاريو يا دشمن آهي. اهڙي ڀيد جي پٺ، هيءَ ديهہ بڌي ڪڙي ڪري ٿي. وري عجب تہ اهو آهي جو جن کي مان ۽ منهنجو سمجهو اٿم انهن جي بہ صرف شرير تي ئي منهنجي نظر آهي. ديهہ بڌيءَ جي ان ٻئي وڪڙ ۾ پئجي اسين قسمين قسمين ننڍا ننڍا گهيرا ناهڻ لڳون ٿا. اڪثر هرڪو هن ڳالهہ ۾ لڳل رهي ٿو. انهن ۾ ڪنهنجو گهيرو وڏو تہ ڪنهن جو ننڍو، پر آهي تہ آخر گهيرو ئي. هن شرير جي

ڪرڻ لائق آهي. باقي به جاڻڻ لائق آهن. اڳتين اڌيائ ۾ مون سؤڌرم جي باري ۾ ڪجهه چيو آهي. هيءُ سؤڌرم اسانکي قدرتي ئي مليل آهي. سؤڌرم کي ڳولهڻو نٿو پوي. ائين نہ ناهي تہ اسين آسمان مان ڪرياسين ۽ زمين تي هلڻ لڳاسين. اسانجي جمڻ کان پهرين هيءَ سماج هئي. اسانجا ماءُ ۽ پيءُ هئا، پاڙيسري هئا. اهڙيءَ طرح هن وهڪري ۾ اسانجو جنم ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري جنهن ماءُ پيءُ جي ڪک مان جائو آهيان، انهن جي شيوا ڪرڻ جو ڌرم جمڻ سان ئي مليل آهي ۽ جنهن سماج ۾ مان جنم ورتو آهي، انهيءَ جي شيوا ڪرڻ جو ڌرم بہ مونکي پنهنجو پاڻ حاصل ٿئي ٿو. اسانجي جنم سان گڏوگڏ سؤڌرم جو بہ جنم ٿئي ٿو. بلڪ ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ سؤڌرم اسانجي جنم وٺڻ کان پهرين موجود رهي ٿو. ڇوتہ اهو اسانجي جنم جو اديش آهي جنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ اسين پيدا ٿيا آهيون. ڪي نہ سؤڌرم کي پنهنجي پتنيءَ جي اُپما ڏين ۽ چون ٿا تہ جئن پتنيءَ جو سنبنڌ اٽوٽ آهي تئن هي سؤڌرم جو سنبنڌ بہ اٽوٽ آهي. پر مونکي هيءَ اُپما بہ اڌوري ٿي لڳي. مان سؤڌرم کي ماتا جي اُپما ٿو ڏيان. مون کي ماتا جي چونڊ هن جنم ۾ ڪرڻي ناهي؛ اها چونڊ اڳ ئي ٿي چڪي آهي. هاڻي ڪنهن بہ حالت ۾ اُها ڦري گهري نٿي سگهي. اهڙي ئي حالت سؤڌرم جي آهي. هن جڳهہ ۾ اسان لاءِ سؤڌرم کانسواءِ ٻيو ڪو اجهو ڪونهي. سؤڌرم کان ڪنارو ڪرڻ جرڻ

جيڪڏهن ڪي اهڙا سلوڪ آهن جنهن جڳهه بلڪل بدلي نٿي سگهجي ته اهي هي آهن.

اِهو تنو گيان جي من ۾ جمي وڃي ته پوءِ سوڌرم پالڻ بلڪل ڏکيو نه ٿيندو. نه رڳو اِهو، پر سوڌرم پالڻ جي بدران ٻيو ڪجهه ڪرڻ ڏکيو پيو لڳندو ۽ پوءِ آتم تنو جي اکنڊتا ۽ ديهه جو فانيپڻو انهن ٻنهي ڳالهين کي سمجهڻ ڪٺن نه آهي. ڇو ته اهي ٻئي حقيقتون آهن. پر اسان کي انهن جو ويچار ڪرڻ گهرجي. بار بار من ۾ انهن جو منٿن ڪرڻ گهرجي. هن سرير جي اهميت گهٽائي آتما کي اهميت ڏيڻ گهرجي.

ڏسو هيءَ ديهه ته گهڙيءَ گهڙيءَ بدلجندي رهي ٿي. بال اوستا، جواني ۽ ٻڍاپو. اِن چڪر جو ڪنهن کي آزمودو ڪونهي؟ اڄوڪن ودوانن جو ته چوڻ آهي ته ستن سالن ۾ شرير بلڪل بدلجي ويندو آهي ۽ پراڻي خون جو هڪ ڦڙو به نه رهندو آهي. اسانجا وڏا مڃيندا هئا ته ٻارهن سالن ۾ پراڻو شرير مري ويندو آهي. انڪري هو پرائشچت، تپسيا، اپياس وغيره جو مدو ٻارهن سال رکندا هئا. اهڙا واقع ٿيا آهن جو گهڻن سالن جي جدائيءَ کانپوءِ ٻار پنهنجي ماتا سان مليو ته ماتا کيس سڃاڻي نه سگهي. ته ڇا هيءَ گهڙي گهڙيءَ بدلجندڙ، پل پل ۾ مرندڙ ديهه تون آهين؟ راتيان ڏينهان جني مل موتر جون ناليون پيون وهن ۽ تو جهڙو زبردست صفائي ڪندڙ ملڻ تي به جنهن جي گندگيءَ جي عادت نٿي مٽي، ڇا اهو ئي

جهڙيءَ جيتري ئي سنڌن ڳهرائي آهي. ڪوئي ڪٽنب ايمان جو گهيرو ٻڌائي ٿو وهي ته ڪوئي ديش ايمان جو مانڊاڻ منڊي ٿو وهي. هڪ براهمڻ غير براهمڻ نالي سان گهيرو، ٻيو هندو مسلمان نالي سان گهيرو. اهڙيءَ طرح هڪ ٻه نه، پر انيڪ گهيرا ٻڌايا وڃن ٿا. جيڏانهن نهار تيڏانهن اهائي ڪار. اسانجي هن جيل ۾ ٻه ته راجنيتي قيدي ۽ رواجي قيدي، اهڙي طرح جا گهيرا ٿهيل آهن. جڻ ته انهن ڪانسواءِ اسانجو جيئڻ ئي مشڪل آهي. ليڪن انجو نتيجو ڇا ٿو نڪري؟ غليظ وڪارن جي جيوڙن جي واڌ ۽ سؤڌرم روپي تندرستيءَ جو ناش.

۷

جيون سڌانت (۲) نرليپ آتما

اهڙيءَ حالت ۾ سؤڌرم ڀڳتي اڪيلي حاصل ٿي نٿي سگهي. انهيءَ لاءِ ٻيا ٻه سڌانت خيال ۾ رکڻا پون ٿا. هڪ ته مان ناسونت ديهه نه آهيان. هيءَ ديهه ته صرف باهريون پردو آهي. ٻيو ته مان امر، اکنڊ ۽ وياپڪ آتما آهيان. انهن ٻنهي جي ميلاپ سان هڪ پورن تتو گيان حاصل ٿئي ٿو.

هيءُ تتو گيان گيتا کي ايترو ضروري ٿو لڳي جو گيتا پهرين انهيءَ جو بيان ڪري ٿي، پوءِ سؤڌرم جو. ڪي پڇن ٿا ته تتوگيان جا هيءُ سلوڪ شروع ۾ ڇا لاءِ آيا آهن؟ ليڪن مونکي ته ائين ٿو لڳي ته گيتا ۾

تو، اهڙي طرح ڏيهه جهڙي ڪڻنچي ڪٽي ان وشو آتما جا ٽڪرا ڪرڻ ڪيتري نه ابوجهائي ۽ ڪيڏي نه هنسا آهي!

سچ ته هيءَ ڏاڍي ڏک جي ڳالهه آهي ته جنهن ڀارت ڀوميءَ ۾ ٻوڌ وديا جنم ورتو، ان ئي ڀوميءَ ۾ ننڍين وڏن منڊلين، فرقن ۽ ذاتين جي چوطرف ليلا ڏسجي ٿي. موت جو ته اسانجي دل ۾ ايترو ڊپ ويهي ويو آهي جو اهڙو شايد ئي ڪنهن ٻئي هنڌ هوندو. هن ۾ ڪو شڪ ئي ڪونهي ته وڏي عرصي جي غلاميءَ جوئي هيءُ نتيجو آهي. ليڪن هيءَ ڳالهه به ڀلجڻ نه گهرجي ته هن غلاميءَ جو ڪارڻ به اهوئي آهي.

موت جو اکر به اسانکي نٿو وڻي؛ موت جو ته نالو به اسانکي اپسوڻ پيو لڳي. گيان ديو کي وڏي ڏک سان لکڻو پيو "موت اکر نٿا سهي سگهن، مرڻيو تي تا روئن پٽن." جي ڪو مري ٿو ته ڪيترو نه روئڻ پٽڻ! ڪيترو نه سياپو! ڄڻ ته اهو اسانجو هڪ فرض آهي. پاڙي تي سياپو ڪندڙ گهرائڻ تائين وڃي ماجرا پهتي آهي. مرڻيو نزديڪ اچڻ تي به مريض کي نه ٻڌائيندا. جيڪڏهن ڊاڪٽر چيو ته هيءُ بيمار نه بچندو ته به مريض کي اوندهه ۾ ئي رکندا. خود ڊاڪٽر به صاف صاف نه چوندو، آخري دم تائين پيٽ ۾ دوائن جون شيشيون اوتيندو رهندو. انهيءَ بدران جي سچي ڳالهه ٻڌائي، ڌيرج جو دلاسو ڏيئي، ڪيس ايشور سمرڻ طرف لڳايو وڃي ته ڪيترو نه چڱو ٿئي. مگر ڪين ڊپ ٿو لڳي ته هن ڏڪ کي سان هيءُ

تون آهين؟ اُهو گندو، تون انکي صاف ڪندڙ؛ اُهو روڳي، تون هنکي دوا پاڻي ڏيندڙ؛ هوُ ساين ٽن هٿن جي جڳهه گهيريندڙ، تون ٽن لوڪن ۾ وسندڙ؛ هو هميشه بدلجندڙ، تون انجي تبديل ڏسندڙ؛ هو مرندڙ، تون انجي موت جو انتظام ڪندڙ؛ تنهنڪري انجو پيڙ ايترو صاف هوندي به، تون ايترو تنگدل ڇو ٿو بڻجين؟ ائين ڪيئن ٿو چوين ته هن ديهه سان ناتو رکندڙ ئي صرف منهنجا آهن ۽ هن ديهه جي مرتيو لاءِ ايترو دکه به ڇا لاءِ ٿو ڪرين؟ پيگوان پڇي ٿو ته "اڙي ديهه جو ناس ٿيڻ ڇا اها دکه ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي؟"

ديهه ته ڪپڙي وانگيان آهي، پراڻو ڦاٽي وڃي ٿو انکري ئي ته نئون پهرجي ٿو. جي هڪ ئي شرير آتما سان دائم قائم هجي ته آتما جو جيڪر برو حال ٿي پوي. ساري ترقي جيڪر روڪجي وڃي. آنند گم ٿي وڃي ۽ گيان جي جوت جهڪي ٿي وڃي. انکري ديهه جو ناس دکدائي ناهي. ها جي آتما جو ناس ٿي سگهندو هجي ها ته البت اها چنتا جي ڳالهه هجي ها. ليڪن هوءَ ته ابناسي آهي. هوءَ جڻ ته هڪ اکنڊ وهندڙ جهرڻو آهي. مٿس انيڪ ديهن جا ٽهه لهن ۽ چڙهن ٿا. انکري ديهه جي چڪر ۾ پئي دکه ڪرڻ يا هيءُ منهنجو هيءُ پرائو، اهڙا پيڊ جا ڀاڱا ڪرڻ غير واجب آهي. هيءُ سارو برهماند هڪ سندر اڻيل چادر وانگر آهي. جئن ڪو ننڍو ٻالڪ ڪئنچي کڻي چادر جا ٽڪرا ڪتري ڇڏي

ته سچ پچ ڪجهه نه هوندي به انجو ملهه وڌي سگهي ٿو ۽ انکي اهميت ملي سگهي ٿي.

مگر اسين ديهه کي ڪم ڪرڻ جو ذريعو نه سمجهي ان جي موهه ۾ ڦاسي وڃون ٿا ۽ آتم سنڪوچ ڪريون ٿا. لنهنڪري هيءَ ديهه جا اڳي ئي ناچيز آهي سا اڃا به وڌيڪ ننڍي بڻجي وڃي ٿي. انلاءِ سنت درد سان چون ٿا: ديهه ۽ ديهه سنبنڌي ننڍا لائق پر سوئر، ڪتا به وندنا لائق آهن. اڙي! تون هن ديهه جي ۽ ديهه سان جنجو سنبنڌ ٿيو آهي تن جي ڏينهن رات پوڄا نه ڪر. ٻين کي به سڃاڻڻ سک. سنت هن ريت اسانکي وياپڪ ٿيڻ جي سکيا ڏين ٿا. اسين ڇا پنهنجن مٽن مائٽن کانسواءِ ٻين وٽ پنهنجي آتما توري به ڪٽي وڃون ٿا؟ ”جيو جيو ۾ سمايو، آتما آتما ۾ ملايو.“ ائين اسين ڪريون ٿا ڇا؟ ڇا لنهنجي من ۾ ڪڏهن ائين ايندو آهي ته ڪالهه پنهنجي جاتل دائري کي ٽپي مون ڏهه نوان دوست بنايا، اڄ پندرهن ٿيا، سڀان پنجاهه ٿيندا ۽ ائين ڪندي ڪندي هڪ ڏينهن هيءُ سارو سنسار منهنجو ۽ مان سنسار جو، اهڙيءَ طرح انڀو ڪرڻ لڳندس؟ اسين جيل مان پنهنجن عزيزن خويشن کي خط لکون ٿا. ليڪن ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه؟ پر جيل مان ڇٽڻ بعد ڪنهن لڱين راجنيتي متر کي نه، پر چور قيديءَ کي خط لکندا سين؟

سچ ته هيءُ آهي ته اسانجي آتما وياپڪ ٿيڻ لاءِ ترڦندي ٿي رهي. اها چاهي ٿي ته ساري جڳت سان

پاندو نه پڇي پوي. پر ڇا رتيل وقت کان پهرين هيءُ
پاندو پڪٽو آهي؟ پر جو پاندو به ڪلاڪ ڏير سان پڪٽو
آهي اهو تورو پهرين پڪو ته ان ۾ بگڙيو ڇا؟ هن جو مطلب
اهو نه آهي ته اسين ڪنور دل ۽ پريم رهت ٿي وڃون.
مگر ديهه جي موهه کي به پريم نه سمجهڻ گهرجي. الٽو
ائين سمجهڻ گهرجي ته ديهه جي موهه کي دور ڪرڻ
کانسواءِ سچو پريم پيدائي نٿو ٿي سگهي.

جڏهن ديهه جو موهه دور ٿي ويندو تڏهن هيءُ ڳالهه
معلوم ٿي ويندي، ته ديهه سيوا جو هڪ ذريعو آهي ۽
۽ ديهه کي مناسب درجو به حاصل ٿي ويندو. ليڪن اڄ
ته اسين ديهه پوڄا ئي پنهنجو اُديش سمجهي وينا آهيون.
اسين هيءُ ڳالهه ئي ڀلجي ويا آهيون ته سؤدرم پالڻ ئي
اُديش آهي. ديهه کي سنڀالڻ جي ۽ ان کي پالڻ پوشڻ
جي جيڪڏهن ضرورت آهي ته اها سؤدرم پالڻ جي
لاءِ ۽ نه صرف زبان جي ذائقي پوري ڪرڻ لاءِ. چمچي
سان ڪٽي کيرڻي پرچيون يا دال ڇانور، هنکي ان جو
ڪوئي سک دک ڪونهي. اهڙي حالت زبان جي هئڻ
گهرجي. ان کي رس گيان ته هئڻ گهرجي پر سک دک نه.
شرير جو ڪاڌو شرير کي مليو، بس ختم. چرخي سان سٽ
ڪٽڻو آهي انکري تيل ڏيڻ ضروري آهي. اهڙيءَ
طرح شرير کان ڪم وٺڻو آهي. انکري ان ۾ ڪوئلا وجهڻ
ضروري آهي. انهيءَ طرح جي اسين ديهه کم آڻيون

ٻالڪ لاءِ ئي استعمال ڪري. جڏهين ضرورت ٻوي ته انکي سؤ ڌرم پالڪ لاءِ ئي ختم ڪري. (٣) آتما جي اکنڊتا ۽ وياپڪتا جو گيان سدائين جاڳرت رکي ۽ چت مان "پنهنجو-پرائو" ڀيد ڪڍي ڇڏي. ڀڳوان جيون جا اِهي مکيه سڌانت ٻڌايا آهن. جيڪوان موجب عمل ڪندو اهو بيشڪ هڪ ڏينهن "منش جولي ۾ جاتو، سچو آنند روپ سچاتو" انهيءَ آزمودي کي حاصل ڪندو.

٨

ٻئي سڌانت عمل ۾ آڻڻ جي تجويز - ڦل ڏياڳه

ڀڳوان جيون جا هي سڌانت ته ٻڌايا مگر صرف سڌانتن ٻڌائڻ سان ڪجهه نه ٿيندو. گيتا ۾ آيل هي سڌانت اپنشدن ۽ سرتين ۾ ٻهرين ئي موجود آهن. جيڪڏهن گيتا وري انهن جو ورڻن ڪيو ته گيتا جي ان ۾ خاصيت ئي ڪهڙي؟ ان جي خاصيت ته ان ٻڌائڻ ۾ آهي ته انهن سڌانتن کي عمل ۾ ڪيئن آڻجي. هن وڏي سوال کي حل ڪرڻ ۾ ئي گيتا جي وڏائي آهي.

جيون جي سڌانتن کي وهنوار ۾ آڻڻ جي جا ريت يا ڪلا آهي ان کي يوگ چوندا آهن. "سانکيه جوارث آهي سڌانت يا شاستر ۽ يوگ معنيٰ ڪلا." گياني ساکي ڏني آهي ته "يوگين جيون جي ڪلا ساڌي آهي." گيتا سانکيه ۽ يوگ، جيون ۽ ڪلا سان پورن آهي. شاستر ۽ ڪلا ٻنهي جي ميلاپ سان جيون جي سوڀيا وڌي ٿي.

هڪ ٿي وڃي. ليڪن اسين انکي چوطرف گهيري،
دٻائي ڇڏيون ٿا. آتما کي اسان قيدي بڻائي رکيو آهي.
ان جي ته اسانکي ياد به ڪانه رهي. صبح کان سانجهيءَ
تائين ديهه جي شيوا ۾ لڳا رهون ٿا. ڏينهن رات هي
ويچار ته منهنجو هيءُ شرير ڪيترو موٽو تازو ٿيو ۽ ڪيترو
ڏٻرو ٿيو. جڻ ته سنسار ۾ ٻيو ڪو آنند ئي ڪونهي.
پوڄ ۽ سواد جو آنند ته حيوان به وٺندا آهن. هاڻي ٻڌايو
۽ اسواد جو آنند به وٺندين يا نه؟ خود بکيو رهي به ٻيا
ٿالهي ٻين بکايلن کي ڏيڻ ۾ ڪهڙو آنند آهي، ان جو
انڀو وٺ. ان جي سواد کي چک. ماتا جڏهين ٻچي لاءِ
ڪشٽ سهندي آهي تڏهين ان سواد جو ٿورو گهڻو
مزو کيس ملي ٿو. انسان پنهنجو مٽي جو تمام تنگ دائرو
بڻائيندو رهي ٿو. ان ۾ ٻڌ سندس اديش اٽڪائيءَ وڃان
آتم وڪاس جو، مناس چڪڻ جو هوندو آهي. جو ته ان
سان ديهه ۾ قاتل آتما ڪجهه دير لاءِ ٿورو گهڻو ديهه کان
ٻاهر نڪري ٿي، مگر هي ٻاهر اچڻ جو ڪهڙو نمونو؟
جئن جيل ۾ قيدي ڪوٺڙيءَ کان ڪم سانگي نڪري
جيل جي اڱڻ ۾ ايندو آهي. مگر آتما جو ڪم ايتري ۾
پورو نٿو ٿئي. آتما کي ته مڪتيءَ جو آنند گهرجي.

تاتپرج ته (١) ساڌڪ کي گهرجي ته اڌرم ۽ پرڌرم
جي ڏنگي رستي کي ڇڏي سوڌرم جو سڌو ۽ سولو
رستو پڪڙي. سوڌرم جو آسرو ڪڏهين نه ڇڏي.
(٢) هيءُ ياد رکي ته ديهه فاني آهي ۽ انکي سوڌرم

ڪيترا ڀيرا جڏهن چوڻي ته قل جي آشا نه رکو ته ان تي به زور ڏني ٿي ته ڪرم پورا ڪرڻ جي قابليت سان ڪرڻ گهرجي. سڪام پرش جي ڪرم جي ڀيٽ ۾ نشڪام پرش جو ڪرم بهتر هئڻ گهرجي. هيءَ تقاضا مناسب به آهي. ڇو ته سڪام پرش ته قل چاهيندڙ آهي. انڪري قل جي سپنن ۽ ويچارن ۾ سندس ٿوري گهڻي شڪتي ۽ وقت اوس لڳندو. ليڪن نشڪام پرش جو هر هڪ پل ۽ سموري شڪتي ڪرم ۾ لڳي رهندي. نديءَ کي آرام ڪونهي. هوا کي شانت ڪانهي. سورج کي سدائين ٻرڻ جي ئي ڄاڻ آهي. اهڙيءَ طرح نشڪام پرش هميشه سيوا ڪرم کي ئي ڄاڻي ٿو. هاڻي جي اهڙي ڪرميه پرش جو ڪرم اتم نه ٿيندو ته ڪنهنجو ٿيندو؟ وري چت جي استرتا به هڪ وڏو گڻ آهي ۽ اهو ته نشڪام پرش جو ورثو آهي. ڪنهن ٻاهرين ڪاريگريءَ کي ڄاچيو ته ان ۾ به دست ڪلا سان گڏ ڄڏهين من جي استرتا ملي ٿي ته پوءِ اهو ڪم اڃا به وڌيڪ سندر بڻجي ٿو. تنهن ڪانسواءِ سڪام ۽ نشڪام پرش جي ڪرم درشٽيءَ ۾ جو فرق آهي اهو به نشڪام پرش جي ڪرم لاءِ زياده موافق آهي. سڪام پرش ڪرم جي طرف سوارٿ جي نظر سان ڏسندو آهي. "منهنجوئي ڪرم ۽ منهنجوئي قل" ان نظر سبب جي سندس ذيان ٿورو به ڪرم کان هٽيو ته ان ۾ ڪيس اخلاقي دوش معلوم نٿو ٿئي. گهڻي ۾ گهڻو ته وهنواري دوش

صرف شاستر هوائي محل آهي. سمجهو ته سنگيت شاستر جو گيان تي ويو، پر جي ڳائڻ جي ڪلا نه ملي ته ايشوري سنگيت جو گيان بلڪل نه ملندو. اهوئي ڪارڻ آهي جو ڀڳوان سدانتن سان گڏوگڏ عمل ۾ آڻڻ جي ڪلا به ٻڌائي آهي. اها ڪلا ڀلا ڪهڙي آهي؟ ديهه کي تڇ سمجهي آتما جي امرتا ۽ اکنڊتا تي نظر رکي سڌرم جي پيروي ڪرڻ جي اها ڪلا ڪهڙي آهي؟

جي ماڻهو ڪرم ڪن ٿا انهن جي ٻئي ڀاونا هوندي آهي. هڪ ته پنهنجي ڪرم جو ڦل اسين اوس چکنداسين. اهو اسانجو حق آهي. ان جي ابتڙ ڀيو ته جي اسانکي ڦل نه ملندو ته اسين ڪرم ئي نه ڪنداسين. گيتا انهن ٻنهي کان نرالي ٽين ڀاونا يا ورتي ٻڌائي ٿي. هوءَ چوي ٿي، ”ڪرم ته اوس ڪريو مگر ڦل تي پنهنجو حق نه سمجهو.“ جو ڪرم ڪري ٿو ان کي ڦل تي اوس حق آهي، ليڪن توهين ان حق کي خود ئي ڇڏي ڏيو. رجوگڻ چوي ٿو، ”ڪرم ڪندس ته ڦل به وٺندس“ ۽ تموگڻ چوي ٿو، ”ڦل ڇڏيندس ته ڪرم به ڇڏيندس.“ هي ٻئي هڪ ٻئي جا ڀائر آهن. انهيءَ ڪري توهين هنن ٻنهي کان مٿي وڃي شد ستوگڻي ٻڻجو. يعني ڪرم ته ڪريو پر ڦل کي ڇڏي ڏيو ۽ ڦل کي ڇڏي ڪرم ڪريو. ڀرين چاهي پوءِ، ڪڏهن به ڦل جي آشا نه رکو.

گيتا جڏهين منش جي نظر ڪرم ڦل کان هٽائي ونئي ٿي ته هوءِ هن تدبير سان ڪرم ۾ سندس من جي شڪتي صد بار وڌائي ٿي. ڦل نه چاهيندڙ جي ڪرم لاءِ لڳن سماڌيءَ جهڙي هوندي آهي، تنهنڪري سندس آنند سئوڻو وڌيڪ هوندو آهي. اهڙيطرح ڏسندا سين ته هيءَ ڳالهه جلد سمجهي سگهنداسين ته نشڪام ڪرم خود ئي مهان ڦل آهي. گياني نيڪ ئي ٻيو آهي ته ونڻ ۾ ڦل لڳا آهن پر ڦل ۾ اجا ڪهڙا ڦل لڳندا؟ هن ديهه روپي ونڻ ۾ نشڪام سئوڌرم آچرڻ جهڙا سندر ڦل لڳي چڪڻ بعد اجا ڪهڙي ڦل جي آشا رکون ٿا ڇو؟ هاري زمين ۾ ڪڻڪ وڪڻي جوئر جي روٽي ڇو کائي؟ سوادي ڪيلا لڳائي ٿو اهي وڪڻي مرچ ڇو کائي؟ اڙي پاپي تون ڪيلا ئي ڪاءِ نه! ليڪن دنيوي ماڻهن کي هي قبول نه آهي. ڏسو ته ڪيلا کائڻ جو پاپ هوندي به وينا مرچ کائين. انڪري گيتا چوي ٿي ته توهين ائين نه ڪريو. ڪرم کي ئي کائو، ڪرم کي ئي پيئو، ڪرم کي ئي ڳچايو. بس ڪرم ڪرڻ ۾ ئي سيکڻهه اچي وڃي ٿو. بالڪ راند ڪرڻ جي آنند لاءِ کيڏندو آهي. انڪري کيس ورزش جو ڦل نه پنهنجو پاڻ ملي ويندو آهي. مگر سندس ڌيان ڦل طرف نه رهندو آهي. سندس سارو آنند ان راند ۾ ئي هوندو آهي.

معلوم ٿئي ٿو. پر نشڪام پرش جو نه پنهنجي ڪرم جي ٻارِي ۾ اخلاقي ۽ فرضي ويچار رهي ٿو. انڪري هو تمام خبرداري رکيتو نه سندس ڪرم ۾ توري به اوڻائي نه رهجي وڃي. انڪري به انجو ڪرم وڌيڪ نردوش ٿئي ٿو. کهڙي به نموني ۾ ڏسبو نه ڦل تياڳ بلڪل اوچ ۽ شاندار ويچار سڌ ٿئي ٿو. تنهنڪري ڦل تياڳ کي يوڳ يا جيون ڪلا چوڻ گهرجي.

جيڪڏهن نشڪام ڪرم جي ڳالهه ڇڏي ڏجي ته به ڪرم ۾ جو آنند آهي اهو ان جي ڦل ۾ ڪونهي. پنهنجو ڪرم ڪندي جو هڪ قسم جي مستي اچي ٿي اها آنند جوئي هڪ جهرڻو آهي. نقاش کي چئو، "مورت نه چٽ، ان جي بدلي توکي جيترا پئسا گهرجن اوترا وٺ" ته هُو ڪين مڃيندو. هاري کي چئو، "تون زمين تي نه وڃ، ڳائيون نه چار، نار نه هلاءِ، تون جيترو اناج چوندين اوترو توکي ڏينداسين." جي هُو سچو هاري هوندو ته اهو سؤدو مور نه قبوليندو. هاري پرهه ڦٽيءَ کيت تي ويندو. سورج سندس مرحبا ڪريندو. پکي سندس لاءِ گيت آلاپين ٿا. ڳايون ڏاند سندس اردگرد گهيريا ٿا رهن. هي پريم سان مٺن هنڌا گهمائي ٿو. لڳايل پوکيل وڻن ٽڻن کي پيار جي نظر سان ڏسي ٿو. انهن سڀني ڪمن ۾ هڪ ساتوڪ آنند آهي ۽ اهو آنند ئي ان ڪرم جو مکيه ۽ سچو ڦل آهي. انجي ڀيٽ ۾ سندس ٻاهريون ڦل بلڪل خسيس آهي.

پنډليڪ جو جيون چرتر، قل ليائه جو آدرش هن ڪان ٻه گهڻو وڌيڪ گهرو ۽ ڏيکاري ٿو. پنڊليڪ پنهنجي ماءُ پيءُ جي شيوا ڪري رهيو هو. سندس شيوا مان پرسن ٿي پانڊورنگ ساڻس ملڻ لاءِ ڊوڙي آيو. مگر پنڊليڪ پانڊورنگ جي چڪر ۾ پئجي شيوا ڇڏڻ کان انڪار ڪيو. پنهنجي ماءُ پيءُ جي شيوا سندس لاءِ ڌلي ايشور ڀڳتي هئي. ڪو جيڪڏهن بين کي قري لٽي پنهنجي ماءُ پيءُ کي سک پهچائيندو هجي يا ڪو ديش سيوڪ ٿي ديش سان دوھ ڪري پنهنجي ديش جو ڀلو چاهيندو هجي ته ٻنهي جي هن ڳالهه کي ڀڳتي ڪين چئبو. هيءَ ته ممتا چئبي. پنڊليڪ اهڙي موھ ۾ نه ڦاٿو. هن چيو ته ڀڳوان جيڪو روپ اختيار ڪري منهنجي سامهون آيو آهي، ڇا هو ايترو ئي آهي؟ سندس هيءَ روپ ڏسڻ کان پهرين هيءَ سرشٽي مردو هئي ڇا؟ هو ڀڳوان کي چوڻ لڳو، "ڀڳوان توهين خود مون کي درشن ڏيڻ آيا آهيو، مگر مان ٻه 'سدانت' ڄاڻان ٿو. مان لٿو مڃان ته توهين نه صرف ڀڳوان آهيو. مون لاءِ اوهين ٻه ڀڳوان آهيو ۽ هي ماتا پتا ٻه. انهن جي شيوا ۾ لڳي رهڻ ڪارڻ مان اوهان ڏانهن ڏيان نٿو ڏيئي سگهان. ان لاءِ ڪميا ڪريو." ايترو چئي هن ڀڳوان جي ٻيهڻ لاءِ هڪ سِر سيرهي رکي ۽ خود شيوا ۾ لڳي ويو. تڪارام هي پرسنگ ڏسي اچرج ۽ مذاق ۾ چوي ٿو:-

"ڪهڙو نه آهين پاڳل پريمي، ڪڙو ڪيو تو وٺل کي!
اهڙي تنهنجي بي ادبي، سر سيرهي ڏني تو وٺل کي!!"

٩

قل تياڳ جا ٻه مثال

سنتن پنهنجي جيون دوران هيءَ ڳالهه سڌ ڪري ڇڏي آهي. سنت تڪارام جو مثال وٺو. سندس ڀڳتي ڀاو کي ڏسي شواجي مهراج کي من ۾ تڪارام لاءِ ڏاڍي عزت ٿي ويئي هئي. هڪ دفعي هن تڪارام جي گهر پالڪي موڪلي سندس مرحبا جي تياري ڪئي. مگر تڪارام کي پنهنجي مرحبا لاءِ ايتري تياري ٿيل ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن پنهنجي من ۾ چيو، ”ڇا منهنجي ڀڳتيءَ جو هيءُ ڦل؟ ڇا هن لاءِ مان ايشور ڀڳتي ڪندو آهيان؟“ کيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته ڀڳوان ڄڻ شان ۽ عزت جو هي ڦل سندس هٿ ۾ رکي، کيس پاڻ کان دور ڪري رهيو آهي. هن چيو:-

’ڏسي ڀيد منهنجو ڀڄي دور ٿيندين،
هي ڀڳوان تنهنجيون ڏنگايون اجايون.‘

ڀڳوان، تنهنجي هيءَ عادت چڱي نه آهي؛ تون مونکي هيءَ لالچ ڏيئي ٺارڻ ٿو گهرين. من ۾ سوچيندو هوندين ته هن آفت کي ٺاري ٿي ڇڏيان. مگر مان به ڪچي گروءَ جو چيلو نه آهيان. تنهنجا چرن زور سان پڪڙي وهندس. ڀڳتي ئي ڀڳت جو سؤدرم آهي ۽ ڀڳتيءَ کي ٻين ڦلن جون ٺاريون ڦٽڻ نه ڏيڻ ئي انجي جيون ڪلا آهي.

جيو ته "ٻنهي جو چوڻ ٺيڪ آهي. جهڙي جنهنجي ڀاونا تهڙي تنهنجي وات. جهڙو جنهنجو سوال تهڙو تنهنجو جواب. گهر ڇڏڻ جي ضرورت آهي اهو به سچ آهي ۽ گهر ڇڏڻ جي ضرورت ناهي، اهو به سچ آهي."

پنڊليڪ جي مثال مان معلوم ٿئي ٿو ته قل تياڳ ڪهڙيءَ منزل تائين پهچڻ وارو آهي. تڪارام کي جنهن لالچ ۾ ڀڳوان وجهڻ چاهيو ٿي، ان کان پنڊليڪ جي لالچ گهڻو وڏيڪ موهڻي هئي. ليڪن هو ان تي به موهت نه ٿيو. جي موهت ٿئي ها ته ڦاسي وڃي ها. مطلب ته هڪ دفعو ساڌن جو نشچو ڪرڻ کانپوءِ آخر تائين ان تي ئي عمل ڪندو رهڻ گهرجي. وچ ۾ خود ڀڳوان جي درشن روپي رڪاوٽ اچي وڃي، ته به انلاءِ ان ساڌن ڇڏڻ جي ضرورت ناهي. ديهه جي بچي آهي ته اها ساڌنا لاءِ ئي آهي. ڀڳوان جو درشن ته هٿ ۾ آهي ئي. اهو ڪيڏانهن ويندو؟

سرو آتم ڀاو منهنجو ڪير ڇني ڪڍهن،
ڀڳتي تنهنجي ۾ من مست ٿيو جڏهن.

ان ڀڳتيءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ اسان کي جنم مليو آهي. هن لاءِ گيتا ايستائين چوي ٿي ته نشڪام ڪرم ڪندي اَڪرم جي يعني آخرين ڪرم مڪتي جي، يعني موڪش جي به واسنا نه رکو. واسنا کان ڇوٽڪارو ئي ته مڪتي آهي. مڪتيءَ جو واسنا سان ڪهڙو واسطو؟ جڏهن قل تياڳ هن منزل تائين پهچي وڃي ٿو تڏهن سمجهو ته جيون ڪلا جي پورنتا اچي ويئي.

پنڊليک جنهن سڌانت جي پيروي ڪئي اها ڦل تياڳ جي ترڪيب جو هڪ انگ آهي. ڦل تياڳي منش جي ڪرم سماڌي جهڙي گنڀير هوندي آهي، اهڙي ئي هن جي ورتي وياپڪ، اُدار، سمان ۽ اڏول هوندي آهي. ان سبب هو جدا جدا تتوگيان جي جنجهٽ ۾ نٿو ڦاسي ۽ نه پنهنجو سڌانت ڇڏي ٿو ڏئي.

هي ئي آهي باقي ٻيو ڪجهه به نه، اهڙو بحث هو پيدا ئي نٿو ڪري. مگر هي به برابر آهي هو به برابر آهي. پر مون لاءِ هي ئي برابر آهي. اهڙي سنڌس نهٺي ۽ پڪي ورتي رهندي آهي. هڪ دفعي هڪ گرهستي هڪ ساڌوءَ وٽ ويو ۽ انکان پڇيائين، ”ڇا مڪتيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ گهر بار ڇڏڻ جي ضرورت آهي؟“ ساڌوءَ چيو، ”نه. جڏهين جنڪ جهڙن راج محلن ۾ رهي مڪتي حاصل ڪئي ته پوءِ توکي گهر ڇڏڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ وري ٻيو شخص آيو ۽ انهي ساڌوءَ کان کان پڇيائين، ”سوامي گهر بار ڇڏڻ بنا ڇا مڪتي ملي سگهندي؟“ ساڌوءَ چيو، ”ڪير ٿو چوي؟ ائين گهر ۾ رهي سولائيءَ سان مڪتي ملندي هجي ها ته شڪديو جهڙن جو گهر بار ڇڏيو ته ڇا هو مورک هئا؟“ ڪجهه عرصي کانپوءِ جڏهن انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي ته ٻنهي ۾ وڏو جهڳڙو متو. هڪ چيو ته ساڌوءَ گهر بار ڇڏڻ لاءِ چيو آهي. ٻيو چوڻ لڳو ته ساڌوءَ چيو ته گهر بار ڇڏڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. ٻئي ساڌوءَ وٽ آيا. ساڌوءَ

جڻ ته هنن ١٨ سلوڪن ۾ گيتا جي ١٨ اڌيائن جو سار
ڪٺو ڪيل آهي.

اسٿر ٻڌيءَ وارو ڌير پرش گيتا جي آدرش مورتي
آهي. هي اکر به گيتا جو پنهنجو آهي. اڳتي پنجين اڌياءَ
۾ جيون مڪتي جو، ١٢ ۾ ڀڳتي جو، ١٤ ۾ گڻن کان ڇٽل
جو ۽ ١٨ ۾ گيان وان جو اهڙوئي ذڪر آيو آهي. مگر
اسٿر ٻڌيءَ واري جو ورڻن سڀني کان وڌيڪ وستار سان
۽ صاف ڪيو ويو آهي. ان ۾ سڌ لڇڻن سان گڏوگڏ
سادڪ لڇڻ به ٻڌايل آهن. هزارين ستياگرهي شام جو
پرارٿنا ۾ انهن لڇڻن جو پاٺ ڪن ٿا. جي هر هڪ گهر
۾ هر هڪ ڳوٺ ۾ اهي پڇايا وڃن ته ڪيترو نه آنند ٿئي!
مگر پهرين جڏهين اهي اسانجي من ۾ ويهي وڃن ته پوءِ
باهر پنهنجو پاڻ پڇي ويندا. نت پاٺ جو ساڌن جي
ڪل وانگر ٿي وڃي ته پوءِ اهو چت ۾ چنبڙڻ بدران
هيڪاري ميسار جي ويندو. هيءَ اوڻائي نت پاٺ جي
ناهي پر ان جو چنتن نه ڪرڻ جي آهي. نت پاٺ سان
گڏ نت چنتن ڪرڻ ۽ نت آتم سڃاڻڻ جي ضرورت آهي.

اسٿر ٻڌيءَ وارو چوندا ڌير ٻڌيءَ واري کي. اهو ته
سندس نالي مان ئي ظاهر آهي. مگر سنجم ڪانسواءِ ٻڌي
ڪيئن اسٿر ٿيندي؟ تنهنڪري اسٿر ٻڌيءَ واري کي
سنجم مورتي چيل آهي. ٻڌي ته هجي آتم- وشواسي ۽
اندريون باهريون اِندريون ٻڌيءَ جي اڌين هجن. هيءَ
آهي سنجم جي معنيٰ. ڌير پرش سڀني اندرين کي لغام

١٠

آدرش گروءَ جو روپ

شاستر ٻڌايو ويو. ڪلا ٻه ٻڌائي ويئي. ٻر ايتري ۾ سارو نقشو اکين اڳيان ڪڙو نٿو ٿئي. شاستر نرگڻ آهي. ڪلا سگڻ. ليڪن سگڻ ٻه ساڪار هئڻ ڪانسواءِ ظاهر نٿو ٿئي. نرگڻ جئن صرف هوا ۾ رهي ٿو، اهڙيءَ طرح نراڪار سگڻ جي حالت ٻه ٿي سگهي ٿي. ان جو اپاءُ آهي ته جنهن گڻيءَ ۾ گڻ ظاهر ٿيو آهي ان جو درشن ڪجي. ان لاءِ ارجن چويٿو ته "ڀڳوان، اوهان جيون جا مکيه سدانت ٻڌايا. انهن سدانتن کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪلا ٻه ٻڌائي. تڏهن ٻه ان جو صاف چتر منهنجي سامهون نٿو اچي. تنهنڪري مونکي ان جو مثال ڏيو ءَ چتر ٻڌايو. اهڙن ماڻهن جون نشانيون ٻڌايو جنهنجي ٻڌيءَ ۾ سانکيه وشواس استر ٿي ويو هجي. ڦل تياڳ روپي يوگ جنهنجي رڳ رڳ ۾ پيهي ويو هجي. جن کي اسين استر ٻڌيءَ وارا چئون ٿا. جي ڦل تياڳ جي پوري گهرائي ڏيکارين ٿا. ڪرم سماڌيءَ ۾ مگن آهن. نشچيه جا پڪا آهن. اهي ڪيئن ٿا ڳالهائين، ڪيئن ٿا هلن، هي سڀ مونکي ٻڌايو. اها مورتي ڪيئن هوندي آهي. ان کي ڪيئن سڃاڻون؟ هي سڀ ٻڌايو ڀڳوان!"

انڪاءِ، ٻئي اڌياءَ جي آخرين ارڙهن سلوڪن ۾ ڀڳوان استر ٻڌيءَ واري جو گنيهر ءَ نرمل چتر چٽيو آهي.

لڇڻ جو وستار سان ورڻن اسانکي اڄ ڪٿي نه ڪرڻو آهي، مگر پنهنجي ساري ساڌنا ۾ ڀڳتيءَ جي پنهنجي نيڪ اهميت ڪٿي پلجي نه وڃون، انلاءِ ان طرف ڌيان ڇڪيو ويو آهي. پورڻ استر ٻڌيءَ وارو هن سنسار ۾ ڪيرٿي ويو آهي، اهو ته ڀڳوان جاڻي. مگر سيواءِ استر ٻڌيءَ واري پنڊليڪ جي مورت سدائين منهنجي اکين سامهون ايندي آهي ۽ اها مون توهانجي اڳيان به رکي آهي. چگو استر ٻڌي جا لڇڻ پورا ٿيا ۽ ٻيو اڌيائي به ختم ٿيو.

(نرگڻ) سانکيه ٻڌي | (سگڻ) يوگ ٻڌي جيون ڪلا | (ساڪار) استر ٻڌي

ملائي

پورڻ جيون شاستر

هن مان ٻوهر نرواڻ يا موڪش ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو ڦل نڪري سگهي ٿو؟

آرتوار: ٢٨-٢-٣٢ع

لڳائي انهن کي ڪرم يوگ ۾ جوٽي ٿو. اِندرين روپي روپي ڏاندن سان هو نشڪام سؤڌرم آچار جي کيتي چڱيءَ طرح ڪرائي ٿو. پنهنجو هرهڪ پراڻ هو پرمارٿ ۾ خرچ ڪريٿو.

هيءُ اِندري سنجم آسان نہ آهي. اِندرين کان بلڪل ئي ڪم نہ وٺڻ هڪ طرح آسان ٿي سگهي ٿو. شانتيءَ، نرآهار وغيره ڳالهيون ايتريون ڏکيون ناهن. بلڪ اِندرين کي ڪليو ڇڏڻ تہ سڀ لاءِ سولو آهي. مگر جئن ڪڇون خطري جي جڳهہ تي پنهنجي سڀني عضون کي اندر لڪائي ڇڏيندو آهي ۽ بي خطري جي جڳهہ تي اِندرين کان ڪم وٺندو آهي، تئن وشيہ يوڳہ کان اِندرين کي سميٽڻ ۽ پرمارٿ جي ڪمن ۾ انهن جو واجب استعمال ڪرڻ اهو سنجم مشڪل آهي. انلاءِ ڏاڍي محنت جي ضرورت آهي. گيان بہ گهرجي. مگر ايترو هوندي بہ ائين ناهي تہ اهو ڪو هميشہ چڱيءَ طرح پراپت ٿي سگهندو. تہ ڇا اسين نراس ٿي وڃون؟ نہ. ساڌڪ کي ڪڏهن بہ نراس ٿيڻ نہ گهرجي. هوُ ساڌڪ جا سڀ وسيلا ڪم ۾ آڻي. جي پوءِ بہ ڪمي رهجي وڃي تہ ان ۾ ڀڳتيءَ کي جوڙي ڇڏي. هيءُ ڏاڍو قيمتي ويچار ڀڳوان، ڏير پرش جي ليکڻ ۾ ڏنو آهي. ها، اهو تمام ٿورن لفظن ۾ ڏنو اٿائين، ليڪن پوٿين جي ڀريل گاڏيءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻو قيمتي آهي. ڇو تہ جتي ڀڳتيءَ جي بلڪل گهرج آهي اُتي اُها ڏني ويئي آهي. ڏير پرش جي

وهي آهي. "جو نہ چاهي ان جي تيندي رما داسي"
اهائي نہ ٿيوي آهي.

رواجي آدمي پنهنجي ميوي جي وڻ جي آسپاس کندن جو لوڙهو لڳائيندو آهي. پر ان کري هو اننت روپ سان ملندڙ قل وڃائي وهي ٿو. سنساري منش اپار کرم کري ٿورو قل حاصل کري ٿو. مگر کرم يوڳي ٿورو کرم کري بہ اننت قل حاصل کري ٿو. هيءَ فرق صرف چاهنا کري ٿئي ٿو. ٽالسٽاءِ هڪ هنڌ چيو آهي، "لوڪ يسوع مسيح جي بليدان جي ڏاڍي مهما ٿا ڳائين. پر هي سنساري جيو نہ خبر ناهي روز ڪيترو خون ٿا سڪائين. ڪيڏي دک ڊوڙ ٿا ڪن! پورن ٻن ڳڌهن جو بار پنهنجي پٺيءَ تي رکي چڪر هڻڻ وارا هيءَ سنساري جيو، انهن کي عيسيٰ کان ڪيترو گهڻو دک، ڪيڏي سندن بري حالت! جي هي ان جو اڌ دک ڀڳوان لاءِ ڀوڳين نہ سچ پچ عيسيٰ کان بہ وڏي وڃن."

سنساري منش جي تپسيا سچ پچ گهور آهي. ليڪن اها ڪئي وڃي ٿي خسيس قل لاءِ. ڇهڙي واسنا اهڙو قل. پنهنجي چيز جو ملهہ جو اسين ڪٿيون ٿا، ان کان زياده قيمت سنسار ڪو نہ ڏيندي. سڌامون چانور ڪٺي ڀڳوان وٽ ويو. انهن مٺ ڀر چانورن جي قيمت شايد آڌ پئي بہ نہ هجي. مگر سڌامي کي اهي املهہ معلوم ٿي ٿيا، چو تہ انهن ۾ ڀڳتي ڀاو هو. اهي دل جي شردا سان ڀريل هئا. انهن جي داڻي داڻي ۾ ڀاو ڀريل هئي. چيز پلي خسيس

اڌياءُ ٽيون
ڪرم يوگ

١١

ڦل ٽياڳيءَ کي اننت ڦل ملندو آهي

ڀائرو! ٻئي اڌياءَ ۾ اسان سچي جيون شاستر تي نظر وڌي. هاڻي هن ٽئين اڌياءَ ۾ جيون شاستر کي چٽو ڪرڻو آهي. پهريائين اسان تتون جو ويچار ڪيو. هاڻي انهن جي تفصيلن ۾ وينداسين. اڳئين اڌياءَ ۾ ڪرم يوگ بنسبت اشار ڪئي ويئي هئي. ڪرم يوگ ۾ مکيه ڳالهه آهي ڦل ٽياڳ جي. ان ۾ ڦل ٽياڳ ته آهي مگر سوال آهي ته ڦل ملندو به آهي ڪين نه؟ ٽئين اڌياءَ ۾ ٻڌايل آهي ته ڪرم ڦل ٽياڳ ڪرڻ سان ڪرم يوگي هيڪاري اننت ڦل حاصل ڪري ٿو.

هتي مونکي لڪشميءَ جي ڪٿا ياد اچي ٿي. هن جو سويمبر هو. سڀ ديوءُ دئت وڏيون اميدون رکي آيا هئا. لڪشميءَ پنهنجو پڻ ظاهر نه ڪيو هو. سڀا منڊپ ۾ اچي هن چيو، ”مان ان جي گلي ۾ مالها وجهنديس جنهنکي مونکي پراپت ڪرڻ جي خواهش نه هوندي.“ هاڻي هو ته سڀ هئا لالچي. لڪشمي اهڙو نرلوڀي ڀتار ڳولڻ لڳي. ايتري ۾ شيش ناگ تي شانت ڀاءَ سان ليٽيل ڀڳوان وشنو جي مورتي هن کي ڏسڻ ۾ آئي. هن جي گلي ۾ مالها وجهي هوءَ اڄ تائين سندس پير مهٽيندي

قيمت لڳائي ڪيس مزدوري ڏيون ٿا. مگر پيتا جي حالت ۾ اها ڳالهه ناهي. پيتا ڀاونا سان ملائي ڏني وڃي ٿي. پيتا بنسبت اهو سوال ئي نٿو اٿي، ته ڪيتري ڏني وڃي. بلڪ اهو ڏٺو ويندو آهي ته اها ڀاونا سان ڏني وڃي آهي يا نه. منوسمرتيءَ ۾ هڪ ڏاڍي مزيدار ڳالهه چيل آهي. هڪ شش ٻارهن سال گرو گهر ۾ رهي پڙهڻ کان منش بڻيو. هاڻي هو گروءَ کي ڪهڙي پيتا ڏئي؟ پراچين سمي ۾ فيءِ ڀرڻ نه ورتي ويندي هئي. ٻارهن سالن جي پڙهڻ پڇڪاڻ ڪانپوءِ گروءَ کي جو ڏنو هجي سو ڏنو ويندو هو. منو چوي ٿو ته ”گروءَ کي ڪجهه ڦل ڦاڙهه، هڪ وڻو يا چاڪڙيون، ڏي پاڻيءَ جو گلاس.“ ان کي توهين مذاق نه سمجهو. ڇوته جيڪي ڏنو آهي سو شردا جي پيتا سمجهي ڏنو آهي. گل ۾ ڀلا ڪهڙو وزن آهي. پر ان ڀڳتي ڀاو ۾ برهمانڊ جي برابر وزن آهي.

’رڪمڻي هڪڙي تلسيءَ پن سان ٺوريو پريو گرڌر کي.‘

ستيه ڀاما جي مڻين گهڻن سان ڪم نه ٿيو. پر ڀاو ڀڳتيءَ سان ڀرپور هڪ تلسي پن جڏهن رڪمڻي ماتا ٻڌو وڌو ته سارو ڪم ٿي ويو. اهو تلسيءَ جو پن ڀاونا سان ڀريل هو. اهو پن ڪين هو. ڪرم يوگ جي ڪرم جي به اهائي ڳالهه آهي.

ڪلپنا ڪريو ته ٻه ماڻهو گنگا سنان ڪرڻ ويا آهن. انهن مان هڪ چوي ٿو ته ماڻهو جو گنگا ماتا، گنگا ماتا پيا چون، ان ۾ آهي ڇا؟ ٻه حصا هائيڊروجن ۽ هڪ حصو

چونه هجي، پر شرڌا سان ان جو ملهه، انجي شڪتي وڌي وڃي ٿي. نوٽ جو وزن پلا ڪيترو هوندو. انڪي جلائڻ سان هڪ بوند پاڻي به شايد گرم نه ٿئي، پر ان تي هڪ مهر لڳي رهي ٿي. ان مهر ڪري ان جي قيمت ٿئي ٿي.

ڪرم يوگ ۾ به اهائي خوبي آهي. ڪرم کي نوٽ ٿي سمجهو. ياونا روپي مهر جي قيمت آهي ۽ نه ڪرم روپي ڪاغذ جي ٽڪر جي. هڪ نموني مان هي مورتي پوڄا جوئي مطلب ٻڌائي رهيو آهيان. مورتي پوڄا جي ڪلپنا ۾ ڏاڍي سندر تا آهي. هن مورتيءَ کي ڪير ڀڃي پوري سگهندو؟ هيءَ مورتي شروع ۾ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرُ ته هئي. مون ان ۾ پران وڌو. پنهنجي ياونا وڌي. پلا ان ياونا جا ڪو ٽڪر ڪري سگهندو؟ پيچ پور ته پٿر جي ٿيندي آهي، نه ياونا جي. جڏهن مان پنهنجي ياونا مورتيءَ مان ڪڍي وٺندس تڏهن باقي پٿرُ ئي رهجي ويندو ۽ پوءِ ان جا ٽڪر ٿي سگهندا.

ڪرم يعني پٿر يا ڪاغذ جو ٽڪر. منهنجي ماتا ڪاغذ جي هڪ ٽڪر تي به چار ڏنگيون ڦڏيون سٽون ڪڍي موڪلي ۽ ٻيو ڪير پنجاهه پنا پري سٽن اکرن ۾ لکي وڏو لفافو موڪلي، ته ٻنهي مان وڌيڪ وزن ڪنهنجو؟ پر ماتا جي انهن ٻن چئن سٽن ۾ جو ياوُ آهي اهو املهه آهي، پوتر آهي. انجي برابري هوردي ڪاغذ نه ڪري سگهندا. ڪرم کي پاڻي گهرجي، ياوُ گهرجي. اسين مزدور جي ڪم جي

ان مان سندس پيٽ پورتي ٿيندي. پر هو ڪو انلاءِ ڪرم ڪين ٿو ڪري ته سندس پيٽ پوڄا ٿئي. بلڪ پوڄن کي هو هڪ وسيلو سمجهندو جنهن سان سندس شرير ڪرم ڪرڻ لائق رهي ٿو. سؤڌرم سندس مقصد ۽ پوڄن ان جو ذريعو آهي. مگر جو ٻيو هاري هوندو انلاءِ اُدر پورنا مقصد ۽ کيتي روپي سؤڌرم انجو وسيلو هوندو. اهڙي طرح هيءَ هڪ ٻئي جي ابتڙ حالت آهي.

ٻئي اڌياءَ ۾ ڌيرپرش جا لڇڻ ٻڌائيندي هيءَ ڳالهه مزيدار ڍنگ سان چئي وئي آهي. جتي ٻيا ماڻهو جاڳن ٿا اتي ڪرم يوگي سمهيا رهن ٿا. جتي ٻيا ماڻهو سمهيا رهن ٿا، اتي ڪرم يوگي سجاڳ رهن ٿا. اسين اُدر پورنا لاءِ سجاڳ رهنداسين ته ڪرم يوگي انلاءِ سجاڳ رهندو ته سندس هڪ پل به ڪرم بنا نه وڃي. هو ڪائي به ٿو مجبور ٿي ڪري. هن پيٽ جي هنڊيءَ ۾ انڪري ڪجهه وجهي ٿو ڇو ته وجهڻ ضروري آهي. سنساري منش کي پوڄن ڪندي آنند اچي ٿو. يوگيءَ کي پوڄن ڪندي ڪشٽ ٿئي ٿو. انڪري هو چسڪي لاءِ پوڄن نه ڪندو. سنجم کان ڪم وٺندو. هڪ جي رات، اهو ٻئي جو ڏينهن. هڪ جو ڏينهن، اها ٻئي جي رات. يعني جو هڪ جو آنند، اهو ٻئي جو دک ۽ جو هڪ جو دک، اهو ٻئي جو آنند ٿي وڃي ٿو. سنساري ۽ ڪرم يوگي ٻنهي جا ڪرم ته هڪجهڙا آهن. پر ڪرم يوگيءَ جي خاصيت هيءَ آهي ته هو ڦل آشا ڇڏي ڪرم ۾ ئي رتل رهندو آهي.

آڪسيجن. هي ٻئي گڏسون گڏيون ته هيءَ گنگا ٻٽي. هن کان وڌيڪ ان ۾ ڇا آهي؟ ٻيو چوڻو ته ڀڳوان وشنوءَ جي چرن ڪملن مان اِها نڪتي آهي. شنڪر جي جٽائن ۾ ان جو واسو آهي. هزارين رشين منين ان جي ڪناري تي تپسيا ڪئي آهي. بيشمار پوتر ڪاريه ان جي ڪناري تي ٿيا آهن. اهڙي پوتر هيءَ گنگا ماتا آهي. ان پاونا سان پوجي هوا ۾ سنان ڪريتو. هو آڪسيجن هئڊروجن وارو به سنان ڪريتو. هاڻي شرير شڌيءَ جو قل ته ٻنهي کي مليو مگر ان ڀڳت کي ڏيهه شڌيءَ سان گڏوگڏ چت شڌيءَ جو قل به مليو. ائين ته گنگا ۾ ڏيڱا به سنان ڪندا ته انهن کي به ڏيهه شڌي حاصل ٿيندي. شرير جي گندگي نڪري ويندي پر من جو ميل ڪيئن ڌوپندو؟ هڪ کي ڏيهه شڌي جو خسيس قل مليو. ٻئي کي ڏيهه شڌيءَ سان گڏ چت شڌيءَ جو به املهه قل مليو.

سنان ڪري سورج نمسڪار ڪندڙ کي ورزش جو قل ته ملندو ئي. پر هو تندرستيءَ لاءِ نمسڪار نٿو ڪري. ان سان هن جي شرير کي تندرستيءَ جو لاڀ ته ملي ٿي ٿو، مگر ٻڌيءَ جي چمڪ به وڌي ٿي. صحت سان گڏوگڏ اتساهه ۽ ٻڌي به ان کي سورج ديوتا کان ملي ٿي.

ڪرم ته اهوئي آهي پر ڀاونا جي ڪري ان ۾ فرق پئجي وڃي ٿو. پرمارٿيءَ جو ڪرم آتم وڪاس وارو ٿئي ٿو. سنساريءَ جو ڪرم آتم ٻنڌن وارو ٿئي ٿو. ڪرم يوگي جي هاري هوندو ته هو سؤڌرم سمجهي کيتي ڪندو.

ٿو. ڪروڌ هٽي ٿو. انهن جي شرير مان تير ڪڍي ٿو. ان شيوا ۾ ڀڳوان کي ڪيڏو آنند اچي ٿو! ڪوي ته هيءَ ورڻن ڪندي ڏاڍي ئي ٿڪو. پنهنجي پيتامبر ۾ داڻو آڻي گهوڙن کي ڏيندڙ ان ارجن جي ڪوچوان جو چٽر پنهنجي اکين جي سامهون ڪڙو ڪريو ۽ ڪرم يوگ جي آنند جي ڪلپنا ڪريو. هر هڪ ڪرم يعني روحاني ۽ تمام اوچو پرمارٿي ڪرم! ڪاديءَ جي ئي ڪم کي وٺو. ڪلهي تي ڪاديءَ جو ٻڪو کڻي ڦيري ڪندڙ ڇا ڪک نٿو ٿئي؟ نه، چوڻ هوا ن ويچار ۾ مست رهي ٿو ته ديش ۾ جي ننگا بکيا پائر پينر آهن، مونکي انهن کي به روٽيون ڪارائڻيون آهن. انهو هڪ وال ڪادي وڪڻڻ ڪري جڻ نه پوري دريدر نارائڻ سان ناتو ٿي وڃي ٿو.

۱۲

ڪرم يوگ جا اديش

نشڪام ڪرم يوگ ۾ عجيب شڪتي آهي. اهڙي ڪرم سان شخص ۽ سماج ٻنهي جو فائدو ٿيندو آهي. سؤ ڌرم پالن ڪندڙ ڪرم يوگيءَ جي شرير ياترا ته هلي ئي ٿي ۽ سداءِ ڪم ۾ مشغول رهڻ سبب سندس شرير نروگي ۽ صاف رهندو آهي. مگر هن ڪرم جي ڪري سندس سماج جو به، جنهن ۾ هو رهي ٿو، چڱيءَ طرح واڌارو ٿئي ٿو. ڪرم يوگي هاري ٻنسا وڌ ٻڪ ملڪ جي لوپ ۾ آفيم يا تماڪ نه پوکيندو ڇو ته هن پنهنجي ڪرم

سنساريءَ وانگيان يوڳي کائيندو، پيئندو، سمهندو مگر انلاءِ سندس ڀاونا نرالي هوندي. انڪري ته شروع ۾ ئي ڏيرپرش جي سنجهہ مورتي کڙي ڪئي ويئي آهي. جيتوڻيڪ اڃا ١٦ اڌيائ رهيل آهن. سنساري آدمي ۽ ڪرم يوڳي ٻنهي جي ڪرمن جا ڳڻ اوڳڻ هڪدم ظاهر ٿي پون ٿا. فرض ڪريو ته ڪرم يوڳي ڳئو رکيا جو ڪم ڪري رهيو آهي ته هو ڪهڙيءَ نظر سان ڪندو؟ ان جي هيءَ ڀاونا رهندي ته ڳئوسيوا ڪرڻ سان سماج کي ڀرپور کير ملندو. ڳانءِ جي ڀهاني انسان کان گهٽ درجي واري وشو سرشٽيءَ سان پريم پيدا ٿيندو. انڪري نه ته ڪيس ڀڳهار ملندي. ڀڳهار ته ملندي. ڀڳهار ڪيڏانهن ڀڄي ڪين ٿو وڃي. پر اصلي آنند، سچو سک هن آتمڪ ڀاونا ۾ آهي.

ڪرم يوڳيءَ جو ڪرم هنڪيءَ هن دنيا سان هڪ رس ڪري ڇڏي ٿو. سمجهو ته اسان نيم ناهي ڇڏيو ته تلسيءَ کي پاڻي ڏيڻ بنا ڀوڄن نه ڪنداسين. ائين ڪرڻ سان اسين ونسپتي سرشٽيءَ سان پنهنجو پريم وار و لاڳاپو ڳنڍيون ٿا. تلسيءَ کي ٻکيو رکي مان ڀهرين ڪيئن ڪان؟ اهڙي طرح ڳانءِ سان هڪ روپ، ونسپتيءَ سان هڪ روپ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي ڪندي، ساري جڳهہ سان هڪ ٿيڻو اٿئون. ڏسو مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ شام ٿيندي ئي سڀ ماڻهو سنڌيا وغيره ڪرڻ هليا وڃن ٿا. مگر ڀڳوان ڪرشن رٿ جا گهوڙا ڇوڙي انهن کي پاڻي پياري

هڪ قسم جو عيب نٿي سمجهو. ان مان سندس چت شڌي
ٿيندي آهي ۽ نرمل چت ۾ گيان جي ڇايا پوندي آهي.
پنهنجي جدا جدا ڪرمن سان ڪرم يوگي آخر ۾ گيان
حاصل ڪن ٿا. تارازي جي ڳاني سان تلاڌار کي سمورتي
پراپت ٿي. سئنو حجام وار ڪتريندو هو. ٻين جي مٿي
جي ميل ڪڍندي ڪڍندي کيس گيان مليو: ڏسو!
"مان ٻين جي مٿي جي ته ميل ڪڍان ٿو. مگر ڇا ڪڏهن
غور پنهنجي مٿي جي، پنهنجي بڌيءَ جي ميل ٻه مون
ڪڍي آهي؟" اهڙي روحاني ٻولي کيس ان ڪرم
مان سمجهڻ لڳي. ٻنيءَ مان ڪچرو ڪڍندي ڪڍندي
ڪرم يوگيءَ کي پنهنجي من جي وڪار واسنائن روپي
ڪچري ڪڍڻ جو خيال پيدا ٿئي ٿو. ڪچي مٽيءَ کي
ڳوهي ڳوهي سماج کي پڪا ٿانو ڏيندڙ گوري ڪنڀار
هيءَ سکيا حاصل ڪئي ته مونکي پنهنجي جيون جا ٿانو
ٻه اهڙيءَ طرح پڪا ٻڻائڻ گهرجن. اهڙيءَ طرح هو هٿ
۾ ٺيڪي کڻي: "ٿانو ڪچا آهن يا پڪا" ائين سڻڻ جي
پريکيا وٺندڙ، پرک ڪندڙ ٻڻجي ويو. هن مان هيءَ
سڌ ٿئي ٿي ته ڪرم يوگي جيڪي به ڪرم يا ڌنڌا ڪندو
آهي انهن جي ئي ٻوليءَ مان کيس لاثاني گيان حاصل ٿيو
آهي. اهي ڪرم يا ڌنڌا ڇا هئا؟ جڻ ته سندس روحاني
مڪتب هئا. انهن جا اهي ڪرم پوڄا ۽ شيوا سان ڀر
هئا. اهي ڏسڻ ۾ ته وهنواري هئا پر سچ پچ اندران
آڌياتمڪ هئا.

جو لاڳاپو سماج جي سک سان ڳنڍيل ڇڏيو آهي. سؤ ڌرم روپي ڪرم، سماج لاءِ فائديمند ٿي ٿيندو. جو واپاري ڄميءِ ٿو ته منهنجو هي وهنوار روپي ڪرم سماج جي فائدي لاءِ آهي سو ڪڏهن به وديشي ڪپڙو نه وڪڻندو. سندس واپار سماج جي اپڪار وارو هوندو. پاڻ کي وساري پنهنجي آس پاس جي سماج سان هڪ رس ٿيندڙ ڪرم يوگي جنهن سماج ۾ پيدا ٿين ٿا، ان سماج ۾ انتظام، آسودگي ۽ آنند رهي ٿو.

ڪرم يوگيءَ جي ڪرم سبب ۽ سندس شرير ياترا هلڻ سبب هنجي ديهه ۽ بڌي طاقتور رهن ٿا ۽ سماج جو به ڪلياڻ ٿئي ٿو. انهن ٻن ڦلن کانسواءِ چت شڌيءَ جو وڏو ڦل به کيس ملي ٿو. ”ڪرم سان شڌي“ ائين چيو ويو آهي. ڪرم چت شڌيءَ جو ساڌن آهي. مگر اهو سيني ماڻهن جو معمولي ڪرم ناهي. ڪرم يوگي جو ڀاونا سان ڪرم ڪري ٿو، ان سان چت شڌي ٿئي ٿي. مهاڀارت ۾ تلاڌار وئش جي ڪٿا آهي. جاجل نالي وارو هڪ براهمڻ تلاڌار وٽ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ ويٺو. تلاڌار کيس چيو، ”ڀائي هن تارازيءَ جي ڏنڊي کي هميشه سڌو رکڻو پوندو.“ ان ٻاهرئين ڪرم کي ڪندي ڪندي تلاڌار جو من به سڌو سادو ٿي ويو. دڪان ۾ ننڍو اچي خواهه وڏو، ته به سندس تارازيءَ جي ڏنڊي سڀ لاءِ هڪجهڙي رهي ٿي. نه هيٺ، نه مٿي. ڏنڊي جو اثر من تي به پوندو آهي. ڪرم يوگيءَ جي ڪرم کي

عادت ٻڌجي ٿي وڃي. اهڙي طرح هو سوڌرڻ روپي سيوا جي ڏاڪڻ جي اهميت سماج کي سمجهائيندو ٿو رهي.

سماج مان ڍونگ کي مٽائڻ تمام وڏو ڪرم آهي. ڍونگ پاکنڊ جي ڪري سماج ٻڏي ويندي آهي. گياني جي اکيون ٻُڌجي وڃي ته ڪيس ڏسي ٻيا به همت ٻڌي وهڻ لڳندا. گياني ته سدا ترپت هئڻ ڪارڻ اندروني سک ۾ مگهن رهي شانت رهندو آهي، پر ٻيا اندر ۾ رڙندي به بيڪار ٿي وهندا. هڪ اندر جي شانتي هوندي ڪم ڪانسواءِ رهي ٿو، ته ٻيو من ۾ ڪڙهندي ڪم ڪانسواءِ رهي ٿو. اهڙي حالت ڀيانڪ آهي. ان مان ڍونگ پاکنڊ وڌندو. تنهن ڪري ئي سڀ سنت منزل تي پهچي به ساڌنا جو ٻلو انساهه سان پڪڙيندا رهيا. مرندي تائين پنهنجا ڪرم ڪندا رهيا. ماتا ٻچن جي گڏن گڏين جي راند ۾ چاهه وٺندي آهي. اهو سمجهندي به ته اهي بناوٽي آهن، تڏهين به ان ۾ شريڪ ٿي انهن جي راندين ۾ مزو پيدا ڪري ٿي. پر جي ماتا انهن راندين ۾ شريڪ نه ٿئي ته ٻارن کي ان مان مزو ئي نه اچي. اهڙيءَ طرح ڪرم يوگي ترپت ٿي جيڪڏهن ڪرم ڇڏي ڏيندو ته ٻيا اڻ ترپت هوندي به ڪرم ڇڏي ڏيندا، جيتوڻيڪ من ۾ بکيا ۽ دکي هوندا.

مطلب ته ڪرم يوگي رواجي آدميءَ وانگر ئي ڪرم ڪندو رهندو. هو اهو نٿو مڃي ته مان ڪو خاص ماڻهو آهيان. ٻين جي ڀيٽ ۾ هو بيحد گهٽي محنت ڪري ٿو.

ڪرم يوگيءَ جي ڪرم مان هڪ ٻيو به اتم ڦل ملي ٿو ۽ اهو آهي سماج لاءِ هڪ آدرش جو ملڻ. سماج ۾ اهو ڀيد ته آهي ئي ته هي ڀهرين جائو آهي ۽ هوُ پوءِ. جن جو جنم ڀهرين ٿيو آهي انهن جي ذمي پوءِ پيدا ٿيلن کي سکيا ڏيڻ جو، انهن لاءِ مثال بڻجڻ جو، ڪم رهندو آهي. وڏي ڀاءُ تي ننڍي ڀاءُ، ماتا پتا تي بالڪ، اڳوان تي پوئلڳن، گروءَ تي شش اڳيان پنهنجي آچار ڪرم دوارا پنهنجو نمونو، آدرش مثال رکڻ جي جوابداري آهي. اهڙو مثال ڪرم يوگين کانسواءِ ٻيو ڪير پيدا ڪري سگهندو؟

ڪرم يوگي هميشه ڪرم ۾ لين رهندو آهي؛ ڇو ته ڪرم ۾ ئي کيس آنند معلوم ٿيندو آهي. انڪري سماج ۾ ڍونگ پاکنڊ نٿو وڌي. جيتوٽيڪ ڪرم يوگي خود ترپت رهندو آهي ته به هوُ ڪرم ڪرڻ کانسواءِ رهي نه سگهندو آهي. تڪارام چيو ٿو ”ڀڄن سان ڀڳوان ملي ويو ته ڇا انڪري مان ڀڄن ڇڏي ڏيان؟ ڀڄن ته منهنجو سڀاويڪ ڌرم ٿي ويو آهي.“

”ڀهرين کيو ست سنگ. تڪا پاتو پانڊورنگ،
ڀڄن جي تار ٽٽي ڇو؟ مول سڀاو ڇٽي ڇو؟“

ڪرم جي ڏاڪڻ چڙهي ڪرم يوگي چوٽيءَ تي پهچي ويٺو. مگر تڏهن به هو ڏاڪڻ نٿو ڇڏي. هو ان کان ڇٽي ئي نٿو سگهي. سندس اندرين کي انهن ڪرمن جي

ڦل آهي؟ جو يوڳ جي لاءِ پوڄا ڪندو تنهن کي پرساد
جو حصو نہ ملندو. پر ڪرم يوڳي پوڄا ڪرم سان پرميشور
درشن جو ڦل چاهيندو آهي. صرف پرساد ئي ملي، هو
پنهنجي ڪرم جي ايتري توري قيمت لڳائڻ لاءِ تيار
ناهي. پنهنجي ڪرم جي توري بہ قيمت گهٽائڻ لاءِ هو
تيار نہ آهي. معمولي ماپ سان هو پنهنجن ڪرمن کي
نٿو ماپي. جنهن جي معمولي نظر آهي تنهن کي ڦل بہ
معمولي ملندو. ڪيتيءَ جي باري ۾ هڪ چوڻي آهي تہ
”ڳهرو پوکہ پر آلو پوکہ.“ صرف اونهي هر ڏيڻ سان
ڪم نہ هلندو. اندر آلاڻ بہ هئڻ گهرجي. ڳهرائيءَ آلاڻ
بني هونديون تہ داڻو وڏو ۽ پيل ايندو. تنهنڪري
ڪرم ڳهرو ۽ اُتم هئڻ گهرجي. ان ۾ ايشور ڀڳتي، ايشور
ارپڻا روپي آلاڻ بہ هئڻ گهرجي. ڪرم يوڳي ڳهرو ڪرم
ڪري اهو ايشور ارپڻ ڪري ڇڏي ٿو.

پرمارٿ بنسبت ڪجهہ واهيات خيال اسان جي دماغ
۾ ويهي ويا آهن. ماڻهو سمجهندا آهن تہ جو پرمارٿي ٿي
ويو انکي هٿ پير هلائڻ جي ضرورت ناهي. ڪم ڪار
ڪرڻ جي ضرورت ناهي. چوندا آهن تہ جو ڪيتي ڪري ٿو،
ڪادي اُٺي ٿو، اهو ڇا جو پرمارٿي؟ مگر ڪو اهو نٿو پڇي
تہ جو پوڄن ڪري ٿو اهو ڪيئن پرمارٿي آهي؟ ڪرم
يوڳين جو پرميشور تہ ڪٺي ڳهوڙن کي ڪرڙو هڻي ٿو،
راجسوءِ يگيہ وقت جوٺيون پاتلون ڪڻي ٿو؛ جهنگ ۾ ڳايون
چارڻ وڃي ٿو؛ اهو دوارڪانات جي وري گوڪل ۾

فلاڻو ڪم پرمارت جو آهي اهڙو نيو لڳائڻ جي ضرورت ناهي. ڪرم جي پڌرائي ڪرڻ جي ضرورت ناهي. جي توهين اتم برهمچاري آهيو ته پنهنجي ڪرمن ۾ بين جي ييمت ۾ صد بار وڌ يڪ اتساه ڏيکاريو. تورو ڪاڌ و ملڻ تي به ٿيڻو ڪم ٿيڻ ڏيو. سماج جي شيوا پنهنجي هٿان گهٽ ٿيڻ ڏيو. پنهنجو برهمچريه پنهنجي هلت چلت ۾ ظاهر ٿيڻ ڏيو. چندن جي سگند باهر پکڙڻ ڏيو.

تت هي آهي ته ڪرم يوگي قل آشا ڇڏڻ سان اهڙا انيڪ قل پراپت ڪندو. سندس شرير ياترا هلندي رهندي. شرير ۽ بدي تيز ۽ طاقتور رهنديون. جنهن سماج ۾ هو هوندو اها سماج سکي ٿيندي. سندس چت شڌي ٿيندي. ڪيس گيان به ملندو، سماج مان يو ونگه پاڪنڊ نکري ويندو ۽ سماج کي پوتر آدرش هٿ لڳندو. هيءُ ڪرم يوگيءَ جي مهما آهي. انجو سنتن به انيڻ ڪيو آهي.

١٣

ڪرم يوگ ورت ۾ رنڊڪون

ڪرم يوگيءَ جو ڪرم بين جي ييمت ۾ اتم ٿيندو، ڇو ته سندس لاءِ ڪرم ئي پرارٿنا آهي. ڪرم ئي ته پوڄا آهي. مون ڀڳوان جي پوڄا ڪئي. پوءِ پوڄا جو پوڄڻ پرساد روپ ۾ پاتو. مگر ڇا هي پرساد ان پوڄا جو

اڌياءُ چوٿون

ڪرم يوڳ سان گڏ - وڪرم

١۴

ڪرم کي وڪرم جي ضرورت

ڀائرو! اڳئين اڌياءَ ۾ اسان نشڪام ڪرم جو بيان ڪيو آهي. سؤڌرم کي ڇڏي ٻيو ڪو ڌرم سويڪار ڪنداسين ته نشڪامتا جو ڦل ناممڪن ٿي ٿيندو. سوديشي مال وڪڻڻ واپاريءَ جو سؤڌرم آهي. مگر هن سؤڌرم کي ڇڏي جڏهن هو ست سمنڊ پار جو وديشي ڪپڙو يا مال وڪڻڻ لڳي ٿو تڏهن ان جي سامهون هيءَ ئي خيال رهي ٿو ته وڌيڪ نفعو ملي. ته پوءِ ان ڪرم ۾ نشڪامتا ڪٿان ايندي؟ تنهنڪري ڪرم کي نشڪام بڻائڻ لاءِ سؤڌرم پالڻ جي سخت ضرورت آهي. پر هيءَ سؤڌرم آچرڻ به نشڪام ٿي سگهي ٿو. اهنسا جوئي مثال اسين وٺون. جو اهنسا جو پوڄاري آهي انلاءِ هنسا نه ڪرڻ واجب ٿي آهي.. پر ممڪن آهي ته هو ٻاهران اهنسڪ هوندي به حقيقت ۾ هنسا سان ڀريل هجي. ڇوته هنسا من جو هڪ ڌرم آهي. ائين ناهي ته صرف ٻاهران هنسڪ ڪرم نه ڪرڻ سان من اهنسڪ ٿي ويندو. تلوار هٿ ۾ کڻڻ سان هنسا ورتي اوس ظاهر ٿيندي آهي. مگر ائين ناهي ته تلوار ڇڏڻ سان من اهنسڪ ٿي ويندو.

وڃي تہ مستيءَ ۾ اچي بنسري وڄائي ڳايون چاريندو. سنتن تہ گهوڙن کي ڪرڙو هڪيندڙ، ڳايون چاريندڙ، رٿ هلائيندڙ، پاتل ڪٽيندڙ، ليپو پائيندڙ ڪرم يوگي پرميشور ڪڙو ڪيو آهي ۽ سنتن خود بہ ڪنهن درزيءَ جو ڪم تہ ڪنهن ڪنڀر جو، ڪنهن ڪوريءَ جو ڪم تہ ڪنهن مالهيءَ جو، ڪنهن اناج ڇڙڻ پيهڻ جو ڪم تہ ڪنهن واڻئي جو، ڪنهن حجام جو، تہ ڪنهن چماڙ جو ڪم ڪندي ڪندي مڪتي حاصل ڪئي.

هن پوتر ڪرم يوگ جي ورت ڪان منش ٻن سببن ڪان ڪري ٿو. هن سلسلي ۾ اسانکي اِندرين جو خاص سڀاو خاص ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. اسانجون اِندريون هميشہ هي گهرجي ۽ هُو نہ گهرجي، اهڙين ڳالهين ۾ ڦاٿيون رهن ٿيون. جو گهرجي ان لاءِ راڳ يعني پريت ۽ جو نہ گهرجي ان لاءِ من ۾ دويش پيدا ٿئي ٿو. اهڙا هي راڳ دويش، ڪام ڪروڌ منش کي ٽڪر ٽڪر ڪري کائين ٿا. ڪرم يوگ ڪيترو سهڻو، ڪيترو موهڻو ۽ ڪيترو گهڻو قلدائڪ آهي! مگر هي ڪام ڪروڌ ”هي وٺ، هي ڇڏ“ اهڙا جهڳڙا اسان جي گلي ۾ وجهي ڏينهن رات اسان جي پٺ وٺيو رهن ٿا. تنهنڪري ڀڳوان هن اڌياءَ جي آخر ۾ خطري کان خبردار ڪندي چوي ٿو تہ انهن جو سنگ ڇڏيو، انهن کان بچو. ڌير پرش جئن سنجم جي مورتي هوندو آهي، تئن ڪرم يوگيءَ کي بہ ٻڌجڻ گهرجي.

آرتوار، ٦-٣-١٩٣٢ع.

اڪرم ھي ٽي اکر چوٿين اڌياءَ ۾ وڏي اھميت وارا آھن.

ڪرم جي معنيٰ آھي سؤڌرم آچرڻ جي ٻاھرين اسٿول ڪريا. ھن ٻاھرينءَ ڪريا ۾ چت کي لڳائڻ ئي وڪرم آھي. ٻاھران اسين ڪنھن کي نمسڪار ڪندا آھيون. پر ان ٻاھرين مٿي ٽيڪڻ جي ڪريا سان گڏ جي اندروني من نہ جھڪندو تہ ٻاھرين ڪريا اجائي آھي. اندر ٻاھر ٻئي ھڪ ھئڻ گھرجن. ٻاھران مان شِو پنڊ تي دائمي جل ڌارا اوتي پوڄا ڪريان ٿو. مگر ھن جل ڌارا سان گڏ ئي جي مانسڪ چنتن جي ڌارا بہ اکنڊ نہ ملندي رھي تہ ھن پوڄا جي قيمت ڪھڙي؟ اھڙيءَ حالت ۾ ھي شوپنڊ بہ پٿر ۽ مان بہ پٿر. پٿر جي اڳيان پٿر ويٺو، اھو ئي انجوارت ٿيندو. نشڪام ڪرم يوگ تڏھن ئي سڌ ٿيندو آھي جڏھن اسانجي ٻاھرين ڪرم سان گڏ چت شڌي روپي ڪرم جو بہ ميلاپ ھوندو آھي.

”نشڪام ڪرم“ اکر ڪم آڻڻ ۾ ”ڪرم“ لفظ جي ڀيٽ ۾ نشڪام لفظ ۾ وڏيڪ وزن آھي. جيئن ’اھنسڪ اسھيوگ‘ لفظ ڪم آڻڻ ۾ اسھيوگ جي بنسبت اھنسڪ صفت جو ئي وڏيڪ وزن آھي. اھنسا کي ڇڏي جي فقط اسھيوگ جو آسرو وٺبو تہ اھا ھڪ خوفناڪ چيز بڻجي سگھي ٿي. تيئن سؤڌرم آچرڻ روپي ڪرم ڪندي جي من جو وڪرم ان ۾ نہ سمايل آھي تہ انکي دوکو سمجھڻ گھرجي.

ئيڪ اهڙي ئي حالت سؤڌرم آچرڻ جي آهي. نشڪام ٿيڻ لاءِ پرڌرم ڪان ته بچڻو ئي پوندو. پر هيءَ ته نشڪامتا جي شروعات ئي آهي. ان سان اسين مقصد تائين پهچي نه ويندا سين. نشڪامتا من جو ڌرم آهي. ان جي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ سوڌرم آچرڻ روپي وسيلو ئي ڪافي ناهي. ٻين وسيلن جو به سهارو وٺڻو پوندو. اڪيلي ٿيل ۽ ٻتيءَ سان ڏيئو نٿو جلي. ان لاءِ جوت جي ضرورت پوندي آهي. جوت هوندي تڏهين ئي اونده دور ٿيندي. هيءَ جوت ڪيئن جڳايون؟ انلاءِ مانسڪ ڪوج ضروري آهي. آتم ڪوج وسيلي چت جو ميل، ڪچرو، ڌوئي ڇڏڻ گهرجي. ٿئين اڌياءَ جي پڇاڙيءَ ۾ اِها ئي اهم ڳالهه پڱوان چئي آهي. ان مان چوٿين اڌياءَ جو جنم ٿيو آهي.

گيتا ۾ ”ڪرم“ اکر سؤڌرم جي ارٿ ۾ ڪم آندو ويو آهي. اسانجو کائڻ، پيئڻ، سمهڻ هي ڪرم ئي آهن پر گيتا جي ”ڪرم“ اکر سان هي ڪريائون ظاهر نٿيون ٿين. ڪرم سان اُتي مطلب آهي سؤڌرم آچرڻ. مگر سؤڌرم آچار روپي ڪرم سان نشڪامتا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻي به هڪ چيز جي مدد ضروري آهي. اها آهي ڪام ۽ ڪروڌ کي جيتڻ جي. چت جيستائين گنگا جل وانگر نرمل ۽ نشچل نه ٿيو آهي، تيستائين نشڪامتا نٿي اچي سگهي. اهڙي طرح چت شڌيءَ لاءِ جي ڪرم ڪيا وڃن تا انهن کي گيتا وڪرم چوي ٿي. ڪرم، وڪرم ۽

اڌياءِ ۾ ڪيو ويو آهي. هن خاص ڪرم جو، هن مانڪ
جاچ پرتال جو يوڳ جڏهين اسين ڪنداسين لڏهين ان ۾
نشڪامتا جي جوت جڳندي. ڪرم سان جڏهين وڪرم
ملندو آهي ته پوءِ ڏيري ڏيري نشڪامتا اسانجي اندر
ايندي رهندي آهي. جي شرير ۽ من جدا جدا چيزون
آهن ته ٻنهي لاءِ ساڌن به جدا جدا هوندا. پر جڏهين
انهن ٻنهي جو ميل ٿئي ٿو ته مقصد اسانجي هٿ ۾ اچي
وڃي ٿو. پر من هڪ طرف ۽ شرير ٻئي طرف نه وڃي
انڪري ودوانن ٻنهي رستو ٻڌايو آهي. ڀڳتي يوڳ ۾ باهران
تپ اندران جپ ٻڌايو ويو آهي. اُپواس وغيره باهرين
تپ هلندي جي اندريون مانڪ جپ نه رهيو ته اهو سارو
تپ فضول ويندو. تپ بنسبت منهنجي ڀاونا هر گهڙي،
هر پل موجود رهڻ گهرجي. اپواس شبد جو ارٿ آهي
ڀڳوان جي ڀرسان وهڻ. پرماتما جي نزديڪ اسانجو چت
رهي، انهيءَ لاءِ باهرين ڀوڳن جو دروازو بند ڪرڻ جي
ضرورت آهي. مگر باهران وشيه ڀوڳن کي ڇڏي جي من
۾ ڀڳوان جو چنتن نه هوندو ته پوءِ هن باهرين اپواس جي
قيمت ڪهڙي؟ ايشور چنتن نه ڪندي جي ان وقت
ڪاڏي پيٽي جي شين جو چنتن ڪريون ته پوءِ اهو ڏاڍو
ڀيانڪ ڀوڄن ٿيندو. هيءُ جو من ۾ ڀوڄن ٿيو، من ۾ وشيه
چنتن رهيو، ان کان وڌيڪ خوفناڪ چيز ٻي ڪانهي.
تنتر سان گڏ منتر هئڻ گهرجي. صرف باهرين تنتر جي
ڪائي اهميت ڪانهي، ۽ نه صرف ڪرمهيڻ منتر جي

اڄ جي ماڻهو لوڪ سيوا ڪن ٿا اهي سؤ ڌرم جوئي آچرڻ ڪن ٿا. جڏهن لوڪ غريب، ڪنگال، دکي ۽ مصيبت ۾ آهن تڏهن انهن جي شيوا ڪري انهن کي سکي بڻائڻ اسانجو سياويڪ ڌرم آهي. مگر هن مان اهوانومان نه ڪيڻ گهرجي ته جيڪي به ماڻهو لوڪ سيوا ڪن ٿا سي سڀ ڪرم يوگي آهن. لوڪ سيوا ڪندي جي من ۾ شڌ ڀاونا نه هوندي ته امڪان آهي ته اها لوڪ سيوا ڀيانڪ روپ اختيار ڪري. پنهنجي ڪتنب جي سيوا ڪندي اسان ۾ جيترو اهنڪار، جيتري ڪاوڙ، غصو، جيترو سوارٿ وغيره وڪار پيدا ٿين ٿا، اوترائي سڀ وڪار لوڪ سيوا ۾ به پيدا ٿين ٿا ۽ ان جو ظاهر ظهور روپ اسانکي اڄڪلهه جي لوڪ سيوا جي سنستائن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

١٥

كرم- وكرم جو قل اكرم

ڪرم سان گڏ من جو ميل هئڻ گهرجي. هن من جي ميلاپ کي ئي گيتا وڪرم چوئي ٿي. ٻاهريون ڪرم يعني رواجي ڪرم ۽ هيءُ اندريون ڪرم يعني خاص ڪرم. هي خاص ڪرم پنهنجي پنهنجي مانسڪ ضرورت انوسار الڳ الڳ ٿئي ٿو. وڪرم جا اهڙا گهڻيئي نمونا مثال طور چوٿين اڌياءَ ۾ ٻڌايا ويا آهن. ان جو وستار اڳتي ڇهين

بارود کي تيلي لڳائڻ سان ڌڪاءُ ٿئي ٿو. ان بارود ۾ هڪ شڪتي پيدا ٿئي ٿي. ڪرم کي بندوق جي بارود وانگيان سمجهو. ان ۾ وڪرم جي بتي يا باهه لڳندي ته ڪم راس ٿيندو. جيستائين ان ۾ وڪرم نٿو ملي تيستائين اهو ڪورو ڪرم رڳو جڙ آهي، چيتن ناهي. هڪ دفعي جي وڪرم جي چڻنگ ان ۾ پئي ته پوءِ ان ڪرم ۾ جا طاقت پيدا ٿئي ٿي اها بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. بارود جي چپٽي ئي کيسي ۾ پئي هوندي آهي يا هٿ ۾ هوندي آهي پر جڏهن ئي ان کي باهه لڳندي تڏهن شرير ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو. سؤڌرم آچرڻ مان پيدا ٿيندڙ اننت طاقت اهڙيءَ طرح لڪل رهندي آهي. ان ۾ وڪرم کي گڏيو، پوءِ ڏسو ته ڪهڙا نه رنگ ٿا رچجن. ان جي ڦاٽڻ سان اهنڪار، ڪام، ڪروڌ جا پراڻ نڪري ويندا ۽ ان مان پرمگيان جي پراپتي ٿي ويندي.

ڪرم گيان جو پليتو آهي. هڪ ڪاٺ جو بنڊ ڪٿي پيو آهي. ان کي لوهين جلايو. اهو ٻرندڙ ٽانڊو ٿي ويندو آهي. ان ڪاٺيءَ ۽ ٽانڊي ۾ ڪيترو نه فرق آهي. مگر اها باهه ان ڪاٺيءَ جي ئي ٿيندي آهي. ڪرم ۾ وڪرم وجهڻ سان اهو ڪرم لاثاني ڏسڻ ۾ ايندو. ماتا ٻچي جي پٺيءَ تي هٿ گهمائيندي آهي. هڪ پٺي آهي جنهن تي هڪ هٿ ائين ئي ڦري ويو. مگر ان معمولي ڪرم سان ان ماءُ پٽ جي من ۾ جي ڀاوناٿون اٿنديون آهن، انهن جو بيان ڪير ڪري سگهندو؟ جي ڪو

ئي قيمت آهي. هت ۾ سيوا هجي ۽ هردي ۾ ب سيوا
هجي، تڏهين ئي سچي سيوا اسانجي هٿان ٿيندي.

جيڪڏهن ٻاهرين ڪرم ۾ هردي جو ساٿ نہ رهيو
تہ اسانجو سؤڌ رم آچرڻ رکو سکو رهجي ويندو. ان ۾
نشڪامتا روپي گل قل نہ لڳندا. فرض ڪريو تہ اسان
ڪنهن مريض جي سيوا ٽهل شروع ڪريون ٿا. مگر ان
سيوا ڪرڻ سان گڏ جي من ۾ ڪومل ديا ڀاؤ نہ هوندو
تہ اها مريض جي سيوا بي جسي معلوم ٿيندي ۽ ان مان
دل بيزار ٿي پوندي. اها هڪ ٻار محسوس ٿيندي.
روڳيءَ کي ب اها سيوا ٻار محسوس ٿيندي. ان ۾ جي
من جو سهڪار نہ هوندو تہ ان مان اهنڪار پيدا ٿيندو.
مون اڄ هن جو ڪم ڪيو آهي. هنکي ضرورت وقت
منهنجي مدد ڪرڻ گهرجي. منهنجي تعريف ڪرڻ
گهرجي. منهنجي وڏائي ڪرڻ گهرجي وغيره چاهنائون
من ۾ پيدا ٿينديون يا اسين ڪڪ ٿي ڇونداسين، ”اسان
هن جي هيتري سيوا ڪريون ٿا تڏهين ب هي ٻڪ ٻڪ
ڪندو رهيٿو.“ بيمار آدمي ائين ئي چيڙاڪ ٿي پوندو
آهي. سندس اهڙي سياءَ ڪري اهو شيوڪ جنهن جي
من ۾ سيوا ڀاو نہ هوندو سو ڪڪ ٿي پوندو.

ڪرم سان گڏ جڏهين اندروني ميل ٿي وڃيٿو تہ اهو
ڪرم ڪجهہ نرالو ٿي وڃيٿو. تيل ۽ بتيءَ سان گڏ جڏهين
جوت جو ميل ٿئي ٿو تہ روشني پيدا ٿئي ٿي. ڪرم
سان گڏ وڪرم جو ميل ٿيندو تہ نشڪامتا ايندي.

هاڻي ”ڪرم ۾ وڪرم وجهڻ سان اڪرم ٿئي ٿو“، ان جو مطلب ڇا؟ ان جو مطلب اهين نہ معلوم ٿي نٿو ٿئي نہ ڪو ڪرم ڪيو ويو آهي. ان ڪرم جو بوجهہ معلوم نٿو ٿئي. ڪندي بہ اڪرتا ٿجي ٿو. گيتا چوي ٿي نہ ماريندي بہ توهين ماريو نٿا. ماءُ ٻار کي مار ڏيندي آهي انڪري توهين نہ ان کي مار ڏيئي ڏسو. توهانجي مار ٻار نہ سهندو. ماءُ مار ڏيندي آهي. تڏهين بہ ٻار انجي گود ۾ منهن لڪائيندو آهي. ڇو نہ ماءُ جي ٻاهرين ڪرم ۾ چت شديءَ جو ميل آهي. انجو هيءُ مارڻ ڪٽڻ نشڪام پاونا سان آهي. ان ڪرم ۾ انجو سوارٿ نہ آهي. وڪرم جي ڪارڻ من جي پوترتائيءَ جي ڪارڻ ڪرم جو ڪرمپڻو اُڏي وڃي ٿو. رام جـي اها نظر اندروني وڪرم ڪارڻ، فقط پريم ڌارا ٿي وئي هئي. مگر رام کي ان ڪرم لاءِ ڪا محنت ڪانہ ڪرڻي پئي. چت شديءَ سان ڪيل ڪم نرليپ رهندو آهي. ان جو پاپ پنج باقي ڪجهہ نٿو رهي.

نہ نہ ڪرم جو ڪيترو بوجهہ، ڪيترو زور اسانجي ٻڌيءَ ۽ هردي تي پوي ٿو. جيڪڏهن اڄ هيءَ خبر ٢ ٻجي ڦهلجي تہ سيان سڀ ئي راجنيتي قيدي ڇٽڻ وارا آهن تہ پوءِ ڏسو تہ ڪيتري نہ چوطرف پيڙ ڪني تي وڃيٿي. چوطرف هلچل ۽ گڙ ٻڙ مچي ويندي. اسين ڪرم جي پلي ٻري هڻڻ سان جڻ تہ وياڪل ٿي وڃون ٿا. ڪرم اسان کي چوطرف گهيري ڇڏي ٿو. جڻ تہ ڪرم اسانجو گلو دٻائي رکيو آهي.

اهڙي پيٽ ڪرڻ ويهي ته هيٺري ٻ گهي ويڪريءَ
پنيءَ ٿي هيٺري وزن جو هڪ ملايم هٿ گهمايو ويو ۽
پوءِ هيٺرو آنند حاصل ٿيو ته اهو هڪ مخول ٿيندو.
هٿ ڦيرڻ جي هيءَ ڪريا بلڪل خسيس آهي پر ان ۾
ماءُ جي دل اوتيل آهي، وڪرم اوتيل آهي. ان ڪري ئي
بيحد آنند حاصل ٿئي ٿو. تلسي رامائڻ ۾ هڪ پرسنگ آيو
آهي. راڪشن سان لڙڻ بعد باندر اچن ٿا. اهي زخمجي
پيا آهن. هنن جي بدن مان خون وهي رهيو آهي. پر پريو
رامچندر جي هڪ پيار جي نظر سان انهن باندرن جي پيڙا
گم ٿي وڃي ٿي. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن آدميءَ رام
جي اڪين جوان وقت جو فوٽو يا نظارو ڇڪي ڪنهن تي
اهڙوئي اکيون ڦاڙي نهاريو هجي ها ته ڇا ان جو اهڙو
اثر پوي ها؟ ائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ئي ڪل
جهڙي ڳالهه آهي.

ڪرم سان جيڪڏهن وڪرم جو ميل ملي. وڃي ٿو ته
طاقت ڦاٽ ڪائي نڪري ٿي ۽ ان مان اڪرم پيدا ٿئي
ٿو. ڪاٺي ٻرڻ سان رک ٿي وڃي ٿي. ايڏو وڏو ڪاٺيءَ
جو ٽڪر آخر چپٽيءَ ڀر رک ٿي وڃيٿو. خوشيءَ سان ان
کي هٿ ۾ ڪٺو ۽ ساري بدن تي مليو. ان طرح ڪرم ۾
وڪرم جي جوت جلائڻ سان آخر ۾ اڪرم ٿي وڃيٿو.
ڪٿي ڪاٺي ۽ ڪٿي رک! انهن جي گڻن ۾ هاڻي بلڪل
ساڳيائي نه رهي. ليڪن ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اها
رک ان ڪاٺيءَ جي ئي آهي.

لي ايندڙ به شانت آهي. اهڙيءَ طرح سنت به هزارين ڪرم ڪندي رليءَ جيتري دک جي لهر پنهنجي مانسرور ۾ اٿڻ نٿا ڏين. هيءَ خوبي سنت سماگم ڪرڻ بنا سمجهه ۾ نه ٿي اچي سگهي.

اڄوڪي زماني ۾ پستڪ تمام سستا ٿي پيا آهن. هڪ ٻن آنن ۾ گيتا جا شلوڪ وغيره ملن ٿا. گرن جي به ڪمي ڪانهي. سکيا به سولي ۽ سستي آهي. وشو وديالي نه جڻ گيان جي خيرات وراهي رهيا آهن. مگر گيان روپي امرت پوڄن جي اوڳرائي ڪنهن کي به نٿي اچي. پستڪن جي پهاڙ کي ڏسي سنت سيوا جي ضرورت ڏينهون ڏينهن زياده ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پستڪن جي مضبوط ڪپڙي جي جلد کان ٻاهر انهن جو گيان نٿو اچي. اهڙي موقعي تي مونکي هميشه هڪ سلوڪ ياد ايندو آهي. "ڪام ڪروڌ جو ڪڙو آهي پهاڙ- رهجي ويو اننت پرئين پار."

ڪام ڪروڌ روپي پهاڙ جي ٻئي طرف نارائڻ رهيتو. اهڙيءَ طرح انهن پستڪن جي پوير پنيان گيان راجا لڪو وينو آهي. پستڪالين جي چوطرف چانئجڻ ٿي به اچا ٿائين انسان هر هنڌ ستڪار هيڻ ۽ اگياني باندر وانگر پيو ڏسجي. ٿوري ۾ تمام وڏي لئبرري آهي. هڪ دفعي هڪ سڄڻ هڪ وڏو پستڪ کڻيو پئي ويو. ان ۾ مورلون هيون. هو ائين سمجهي کڻيون ٿي ويو ته انگريزي پستڪ آهي. مون پڇيومانس کهڙو ڪتاب آهي؟ هن ڪتاب ڪري منهنجي اگيان رکيو. مون چيومانس، "هيءَ

جيئن سمنڊ جو وهڪرو زور سان زمين ۾ گهڙي ڪاريون ٻٽائي ڇڏيندو آهي، اهڙيءَ طرح ڪرم جو هيءُ ياري ڦهلاءُ چت ۾ گهڙي گهور گهمسان پيدا ڪريٿو. سک دک جا جهڳڙا پيدا ٿين ٿا. سڀ شانتي ناس ٿي وڃيٿي. ڪرم چت تي قبضو ڪري ڇڏي ٿو ۽ پوءِ انجي ننڊ حرام ٿي وڃيٿي.

مگر اوتري هن اڪرم ۾ جي وڪرم ڪي ملايو وڃي تہ پوءِ توهين چاهي جيترا بہ ڪرم ڪريو تہ بہ انهن جو بوجهہ يا بار محسوس نہ ٿيندو. من ڌروءَ وانگيان شانت، استر ۽ تيجسوي بڻيو رهندو. ڪرم ۾ وڪرم وجهڻ سان اُهو اڪرم ٿي وڃيٿو. جڻ ڪرم ڪري پوءِ انکي اگهي ڇڏيو ويو آهي.

١٦

اڪرم جي ڪلا سنتن وٽ

هيءُ ڪرم مان اڪرم ڪيئن ٿئي ٿو؟ هيءَ ڪلا ڪنهن وٽان ملندي؟ سنتن وٽان. هن اڌياءَ جي آخر ۾ ڀڳوان چيو آهي: ”سنتن وٽ وڃي ويهو ۽ انهن کان سکيا وٺو.“ ڪرم مان اڪرم ڪئن ٿيندو آهي، انجو بيان ڪندي ڪندي ٻولي ئي ختم ٿي وڃيٿي. انجي صحيح ويچار ڪرڻ لاءِ تہ سنتن وٽ وڃڻ گهرجي. پرميشور جو ورڻن بہ تہ آهي. پرميشر هزار ڦڻن واري شيش ناگ

اڌيايُ پنجون

ٻئي ڪرم اوسٿا - يوڳ ۽ سنياس

١٧

اندر جي آرسي - ٻاهران ڪرم

سنسار ڏاڍي ڀيانڪ چيز آهي. گهڻيئي ڀيرا انکي سمنڊ سان مشابهت ڏيندا آهن. سمنڊ ۾ جتي ڏسو اتي پاڻي ئي پاڻي پيو ڏسجي. اهوئي حال سنسار جو آهي. جيڏانهن نهار تيڏانهن سنسار ڀريو پيو ڏسجي. جيڪڏهن ڪوئي گهر ٻار ڇڏي لوڪ سيوا ۾ لڳي وڃيٿو ته اتي به سندس من ۾ سنسار پنهنجو ٺڪاڻو ڪيو ڇڏي ٿو. جي ڪو ڪٿي غفا ۾ وڃي وهي ٿو ته به سندس ڳرانٺ پر لنگوٽيءَ ۾ سنسار ٽاڃي ٻيٺي ڀريو رهي ٿو. اها لنگوٽي سندس ممتا جو سارو مال متاع ٻڌجي وڃي ٿي. جڏهن ننڍڙي نوٽ ۾ هزار رپيا ڀريل هوندا آهن، تڏهن ئي ان ننڍڙي لنگوٽيءَ ۾ به اپار موهه ڀريو رهي ٿو. گهر جنجال ٽوڙي ڇڏيو. جهنجهٽ گهٽ ڪري ڇڏيو. تڏهن به پرپنچ گهٽ ڪين ٿو ٿئي. ١/٢ حصو يا ٢/٥ حصو. ٻنهي جو مطلب ته هڪ ئي آهي. ڳهر ۾ رهو خواه ٻر ۾، ممتا ته اوڏو آهيئي. سنسار جو پرپنچ ذرو به گهٽجي نٿو. ٻه يوڳي پڻ هماليه جي غفا ۾ وڃي وهن. پر اتي به جي

۽ فرينچ پستڪ آهي." ۽ هن جواب ڏنو "اڙي فرينچ پستڪ آهي؟ پوئر رومن لپي، سندر مورتون، سندر جلد، باقي گيان جي کهڙي کمي؟"

انگريزيءَ ۾ هر سال ڏهه هزار نوان ڪتاب تيار ٿين ٿا. اهوئي حال ٻين ٻولين جو به آهي. گيان جي اهتري ڦهلاءُ هوندي به انسان جو دماغ ڪيئن نه هيلڻائين ڪوڪلو رهيو آهي؟ ڪو چويٿو ته حافظو ڪمزور ٿي ويو آهي. ڪو جواب ڏئي ٿو ته ايڪاگرتا نٿي ٿئي. ڪنهن جو چوڻ آهي ته جو ڪجهه پڙهون ٿا سو سڀ سچ ٿي معلوم ٿئي ٿو ۽ ڪو ته وري ائين پيو چوي ته پائي ويچار ڪرڻ جي فرصت ئي نٿي ملي. شري ڪرشن چويٿو: "ارجن، گهڻوئي ڪجهه پڙهي پڙهائي، تنهنجي بدي چڪر ۾ پئجي ويئي آهي. اها جيسين استر نه ٿيندي تيسين توکي يوگ پراپت نه ٿي سگهندو." پڙهڻ ۽ پڙهڻ هاڻي بند ڪري سننڻ جي شرن وٺ. اتي توکي جيون گرنٿ پڙهڻ لاءِ ملندو. اتان جي سائنٽيڪي تقرير پڙهي ڪري تون نرشڪاميه ٿي ويندين. اتي وڃڻ سان توکي معلوم ٿيندو ته لڳاتار سيوا ڪرم ڪندي به من کهڙو نه تمام شانت رهي سگهيٿو. ٻاهران ڪرم جو زور رهندي به هردي ۾ ڪيئن نه اکنڊ سنگيت جي ستار وڄندي رهي ٿي.

آرتوار ١٣-٣-٣٢

۾ ٻنهنجو ٻار موڪلين ٿا. هو اٿي سوير اٿي ٿو. سورج کي نمسڪار ڪري ٿو. ڇانهه ٿو پيئي. مگر گهر ايندي ئي ٻن ڇڻن ڏينهن ۾ هو سڀ ڇڏي ڏئي ٿو. اهڙا مثال ته روز پيا ملن. انسان کو مٿيءَ جو ڳوڙهو نه ڪونهي. سندس من کي جو روپ اسين ڏيڻ چاهيون ٿا اهو سندس من کي ڪٿڻ گهرجي. جي من کي اهو روپ نه مليو ته ٻاهرين هيءَ ساري تعليم اجائي ڇٽبي. انڪري ساڌنا ۾ مانسڪ سهڪار جي ڏاڍي ضرورت آهي.

ساڌن جي روپ ۾ ٻاهران سؤ ڌرم آچرڻ ۽ اندران وڪرم ٻئي گهرجن. ٻاهرين ڪرم جي به ضرورت آهي ئي، ڇو ته ڪرم ڪنان سواءِ من جي پريکيا نٿي ٿئي. پره قٽيءَ جي ساٿيڪي وقت اسانکي پنهنجو من ڏاڍو شانت معلوم ٿئي ٿو. پر جي ٻالڪ تورو رنو ته پوءِ اسان جي من جي شانتيءَ جي اصلي قيمت معلوم ٿي ويندي. تنهنڪري ٻاهرين ڪرمن کي ٽارڻ سان ڪم نه هلندو. ٻاهرين ڪرمن سان اسانجي من جو سچو روپ ٿو ظاهر ٿئي. ٻاڙي مٿان صاف ٿو ڏسڻ ۾ اچي، مگر ان ۾ پٿر وجهو ته ترت ئي اندر جي گندگي مٿي تري ايندي. اهڙي ئي حالت اسانجي من جي آهي. من جي اندرئين تلاءَ ۾ گندگي گوڏن تائين موجود رهي ٿي. ٻاهرين وستن کي ڇهندي ئي اها ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اسين چوندا آهيون هنکي ڪاوڙ آئي. ته ڇا، هيءَ ڪاوڙ ڪٿان ٻاهران آئي؟

هڪٻئي جي ساراهه سندن ڪنن تي پيئي ته جلي پچي ويندا. لوڪ سيوا جي ميدان ۾ به اهوئي نظارو پيو ڏسجي.

اهڙي نموني هي سنسار جو پرپنچ هٿ ڌوئي اسانجي پٺيان پيل آهي. ان ڪري سؤڌرم آچرڻ جي مريادا ۾ رهندي به سنسار کان ڇوٽڪارو نٿو ٿئي. گهڻي ڏاهه ٻاهه ڪرڻ ڇڏي ڏيو ۽ جهنجهٽ به گهٽ ڪريو ۽ پنهنجو سنساري پرپنچ به ٿالهي ماتر ڪري ڇڏيو. تڏهن به اتي ممتا پٺ لٿي ڇڏي. جئن راڪاس ڪڏهين ننڍا ٿي ويندا آهن ته ڪڏهن وڏا، تئن هي سنسار به پنهنجا روپ ٻڌائي ٿو. اهي ننڍا هجن چاهي وڏا، پر آهن ته راڪاس ئي نه. اهڙيءَ طرح هي ميڇڏو محلن ۾ هجي خواه جهوپڙين ۾، آهي هڪ جهڙوئي. جي سؤڌرم جو بندن وجهي سنسار کي محدود ڪري رکو تڏهين به اتي انيڪ جهڳڙا پيدا ٿي ويندا ۽ توهانجو من اتان به بيزار ٿي پوندو. اتي به گهڻن ئي سنستائن ۽ گهڻن ئي ماڻهن سان توهانجو لاڳاپو ٿيندو ۽ توهين اتي به ڪڪ ٿي پوندا. توهين ڇوڙ لڳندا ته ڪٿان هن آفت ۾ اچي اڙياسين. تڏهن ئي توهانجي من جي ڪسوٽي آهي. فقط سؤڌرم آچار جي استعمال سان ئي الپتا نٿي اچي. ڪرم جي دائري کي سوڙهو ڪرڻ الپت ٿيڻ ناهي.

ته پوءِ الپتا ڪيئن حاصل ٿئي؟ الله دل سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي. من جو سهڪار جيسين نه هوندو تيسين ڪا به ڳالهه سڌ ٿي نه سگهندي. ماٺا پنا ڪنهن سنستا

بلڪل شانت ٿي ويو آهيان. مگر غفا ڇڏي ڪيس ڪٿي بڪيا پنهنجي لاءِ موڪليو، اتي ڪو ڪيڏ ينداڙ ٻار دروازي جو ڪڙو کڙڪائي ٿو. هو ٻالڪ نه ان ايشوري سنگيت ۾ لين ٿي وڃي ٿو. مگر ان پولي پالي ٻالڪ جو ڪڙو کڙڪائڻ پوڳيءَ ڪان سنو نٿو وڃي. هو چوي ٿو، ”اڙي دشت! ڪهڙي ڪڙ ڪڙ لڳائي وينو آهين؟“ غفا ۾ رهي ڪري ان پنهنجي من کي اينترو ڪمزور بڻائي ڇڏيو آهي جو ذرو به کڙڪو سهي نٿو سگهي. ذرا کڙڪو ٿيو نه بس شانتي ڀنگ ٿيڻ لڳي ٿي. من جي اهڙي ڪمزور حالت چڱي نه آهي.

مطلب هيءُ نه پنهنجي من جي سروپ سمجهڻ لاءِ ڪرم ڏاڍي ڪمائتي چيز آهي. جڏهين دوش ڏسڻ ۾ ايندا نه اهي دور به ڪري سگهبا. جي دوش معلوم نه ٿيندا نه ترقي روڪجي ويندي. وڪاس ختم ٿيندو. ڪرم ڪندا سين نه دوش ڏسڻ ۾ ايندا. انهن کي دور ڪرڻ لاءِ وڪرم جي تجويز ڪرڻي پوندي. اندران جڏهن وڪرم جي ڪوشش ڏينهن رات جاري رهندي نه پوءِ سؤ ڌرم جو استعمال ڪندي به اليپت ڪيئن رهون، اڪامي، اڪرودي، نرلوڀي، نرموهي ڪيئن ٿيون، اهي سڀ ڳالهيون وقت تي خيال ۾ اچي وينديون. ڪرم کي نرمل رکڻ جي لڳاتار ڪوشش هوندي نه پوءِ اڳتي هلي نرمل ڪرم پنهنجو پاڻ ٿيندو ويندو. نروڪار ڪرم جڏهين هڪبئي پٺيان سهنجائيءَ سان ٿيڻ لڳن

اها ته اندرئي هئي. جي من ۾ نه هوندي ته ٻاهر ڏسڻ ۾ ئي نه ايندي.

ماڻهو چوندا آهن ته ”اڇي ڪادي نه گهرجي. اها ميري ٿيو ٿي وڃي. رنگين ڪادي ميري لڳي ٿي.“ پر ميري ته اها به ٿيندي آهي. ها، البت اها ميري ڏسڻ ۾ نٿي اچي. اڇي ڪاديءَ جي ميل ڏسڻ ۾ اچيٿي. اها چويٿي، ”مان ميري آهيان. مونکي ڌوئي ڇڏ.“ هاڻي هيءَ زبان سان ٻوليندڙ ڪادي ماڻهن کي نٿي وڻي. اهڙيءَ طرح اسانجو ڪرم به ٻوليندو آهي. ڪرم ٻڌائي ٿو ته توهين ڪروڌي آهيو. سوارٿي آهيو يا ٻيو ڪجهه آهيو. ڪرم اها آرسي آهي جا اسانکي پنهنجو سروپ ڏيکاري ٿي. تنهن ڪري اسان کي ڪرم جو احسانمند ٿيڻ گهرجي. آرسيءَ ۾ جي اسانجو منهن گندو غليظ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڇا اسين آرسيءَ کي ڀڃي ڇڏيندا سين؟ نه، اٽلو ان جو اَحسان مڃيندا سين. منهن ڌوئي پوءِ وري ان ۾ شڪل ڏسندا سين. اهڙيءَ طرح جي ڪرم سبب اسانجو پاپ دوش ٻاهر ٿئي ٿو ته ڇا انڪري اسين ڪرم ڪان ڀڄڻ چاهيندا سين؟ ڪرم ڪان ئي جي اسين ڀڄندا رهون ته ڇا اسان جو من نرمل ٿي ويندو؟ تنهنڪري ٺيڪ ته ائين آهي ته ڪرم ڪندا رهون ۽ درجي بدرجي نرمل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا رهون.

ڪومنش وڃي غفا ۾ وهي ٿو. اتي نه انجو ڪنهن سان به لاڳاپو نٿو ٿئي. هو سمجهڻ لڳي ٿو ته آءٌ هاڻي

جڏهين ٻهراڻ لوڻ سگهندو آهي ته ڪيتري نه تڪليف ڏيندي اٿس. ٻهرين نه سهڪو اچي ڏيندو اٿس. پر پوءِ نه هيڪاري جڏهين ٻي محنت مان ٿڪجي پوندو آهي ته چوندو آهي: "هلو ٿورو لري اچون ته ٿڪاوٽ دور ٿئي." پوءِ ان لوڻ ۾ تڪليف معلوم ٿئي ٿئي. شرير سولائيءَ سان پاڻيءَ ۾ لرندو رهندو آهي.

محنت ڪرڻ من جو ڌرم آهي. من جڏهن ڪم ۾ رڌل رهي ٿو ته محنت معلوم ٿئي ٿي. مگر ڪرم جڏهن سياويڪ ٿيڻ لڳن ٿا ته پوءِ انهن جو بوجو معلوم نٿو ٿئي. ڪرم جڏهن اڪرم ٿي وڃي ٿو. ڪرم آنند دايڪ ٿي وڃيٿو.

ڪرم کي اڪرم ڪرڻ اسانجو مقصد آهي. انلاءِ سؤڌرم آچرڻ روپي ڪرم اسانکي ڪرڻو آهي. ائين ڪندي اسانکي پنهنجا دوش نظر ايندا. انهن کي دور ڪرڻ لاءِ وڪرم جو پلؤ پڪڙڻو پوندو. اهڙو اڀياس ڪرڻ سان من جي پوءِ اهڙي حالت ٿي وڃي ٿي جو ڪرم ۾ تڪليف يا ڪشٽ بلڪل معلوم نٿو ٿئي. هزارين ڪرم هٿن سان ٿيندي به من بلڪل نرمل ۽ شانت رهي ٿو. توهين آسمان کان پڇو: ڀائي آسمان، ڇا تون گرميءَ کان سڪي سڙي نٿو وڃين؟ پاڻيءَ سان پسجي نٿو پئين؟ سرديءَ ڪري سڪي نٿو وڃين؟ ته هو ڇا جواب ڏيندو؟ هو چوندو: "مونکي جو ڪجهه ٿئيٿو، ان جو فيصلو تون ڪر. مان ڪجهه نٿو ڄاڻان!"

تہ پوءِ اها ڪم ئي نٿي رهي نہ ڪرم ڪنهن مهل تي
ويو. جڏهين ڪرم سياويڪ ٿي وڃي ٿو تہ اڪرم ٿي
پوي ٿو. سياويڪ ڪرم کي ئي اڪرم چوندا آهن. هيءُ
اسان چوٿين اڌياءَ ۾ ڏنو آهي. ڪرم مان اڪرم ڪيئن
ٿيندو آهي، اهو سنت چرنن ۾ وهڻ سان معلوم ٿيندو.
اهو بہ ڀڳوان چوٿين اڌياءَ جي آخر ۾ ٻڌايو آهي. ان
اڪرم اسٿتيءَ جو بيان ڪرڻ اسانجي زبان کان ٻاهر آهي.

۱۸

اڪرم اوستا جو سروپ

ڪرم جي سياوڪتا سمجهڻ لاءِ اسين پنهنجو ڏنل
مثال وٺون. ننڍڙو ٻالڪ جڏهين پهرين هلڻ سکندو آهي،
ان وقت کيس ڪيتري تڪليف ٿيندي آهي! مگر ان
ليلا ۾ اسانکي آنند ايندو آهي. اسين چوندا آهيون،
”ڏسو، ٻالڪ هلڻ لڳو.“ پر بعد ۾ اهو هلڻ سياويڪ
ٿي ويندو آهي. هو هلندو رهي ٿو، ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪندو
رهي ٿو. هلڻ جي طرف سندس ڌيان بہ نٿو رهي.
ساڳي ڳالهہ کائڻ بنسبت. اسين ٻارن کي ان - پراشن *
ڪرائيندا آهيون. جڻ کائڻ ڪوئي وڏو ڪم آهي. مگر
اهوئي کائڻ پوءِ سياويڪ ڪرم ٿي ويندو آهي. ماڻهو

* ٻار کي پهرين ان کارائڻ جي رسم.

ڪندي آهي ته ڇا انجي رپورٽ ڇپائڻ ويندي آهي؟ جي رپورٽ ڇپائڻ لڳي ته انجو ”ٿئنڪ يو“ چئي انجو ٿورو لاهي سگهبو؟ پر ماتا رپورٽ نٿي لکي. هوءَ چوندي آهي، ”مون ڪيو ڇا؟ مون ڪجهه نه ڪيو. هي ڇا مون لئي بار ٿيو آهي؟“ وڪرم جي مدد سان من لڳائي هردو پلٽي جڏهن منش ڪرم ڪري ٿو تڏهن اُهو ڪرم ئي نٿو رهي. اڪرم ٿي وڃي ٿو. انئي ڪليش، ڪشٽ، ڇڪتاڻ وغيره ڪجهه نٿو رهي.

ان حالت جو بيان نٿو ڪري سگهجي پر جهڪي ڪلپنا ڪرائي سگهجي ٿي. سورج اُڀري ٿو. پر ڇا سندس من ۾ ڪڏهين انئين ايندو آهي ته مان اوندهه مٽائيندس؟ پکين کي اُٿڻ لاءِ آگاه ڪندس؟ لوڪن ۾ ڪرم ڪرڻ لاءِ چاهنا پيدا ڪندس؟ هو جتي اُڀري ٿو اتئي بيٺو رهندو آهي. انجي هستي ئي جڳت کي هلائي ٿي. مگر سورج کي ته انجي خبر ئي ڪانهي. توهين جيڪڏهين سورج کي چوندا ته ”سورج ناراڻ، توهانجا انيڪ ٿورا آهن. توهان ڪيتري اوندهه دور ڪري ڇڏي.“ ته هو چڪر ۾ پئجي ويندو. ”چوندو ته ٿوري اوندهه ته مون کي آڻي ڏيکاريو. جي مان انکي دور ڪري سگهيس ته چوندس ته برابر مون ڪجهه ڪيو.“ ڇا اوندهه سورج جي اڳيان ڪٿي وڃي سگهي؟ سورج جي هستيءَ سان انڌڪار دور ٿيندو هوندو. ان پرڪاش ۾ ڪو ستو پستڪ ته ڪو خراب پستڪ پڙهندو هوندو. ڪو باهه لڳائيندو هوندو ته ڪو ڪنهن جو ڀلو به ڪري

”پاڳل آهي، ننگو يا ڀهريل- ان ڪي لوڪ ڏسي ڪن فيصل.“

پاڳل اگهاڙو آهي يا ڍڪيل، اُن جو فيصلو ماڻهو ڪن. پاڳل کي ان جي ڪهڙي خبر!

انجو مطلب هيءُ آهي ته سؤڌرم آچرڻ وارا ڪرم، وڪرم جي مدد سان نروڪار بڻائڻ جي عادت پوندي پوندي، سهاويڪ ٿي ويندا آهن. وڏا وڏا پيچيدا پرسنگ به پوءِ مشڪل نٿا معلوم ٿين. ڪرم يوگ جي اِهائي چابي آهي. چابي نه هوندي ته تالي کي ڦوريندي ڦوريندي هٿن ۾ ڦلوڻ پئجي ويندا. مگر ڪنجي هٿ لڳڻ سان اک ڇنڀ ۾ ڪم راس ٿي ويندو. ڪرم يوگيءَ جي هن چابيءَ سبب سڀ ڪرم شانت معلوم ٿين ٿا. هيءَ ڪنجي من جيتڻ سان ملندي آهي. انڪري من جيتڻ جي لڳاتار ڪوشش هئڻ گهرجي. ڪرم ڪندي جيڪا به من جي ميل ڏسڻ ۾ اچي، اُن کي ڌوئي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پوءِ ٻاهرين ڪرمن جو جنجهٽ معلوم نٿو ٿئي. ڪرم جو اهنڪار ئي مٽجي وڃي ٿو. ڪرم جو احساس به نٿو رهي.

هڪ دفعي مونکي هڪ سکر ماڻهوءَ خط لکيو:

”هيترا دفعا رام نام جو جپ ڪرڻو آهي. توهين به اُن ۾ شريڪ ٿيو ۽ ٻڌايو ته اوهين روز ڪيترا جپ ڪندا؟“

هو شخص ٻڌيءَ انوسار ڪوشش ڪري رهيو هو. ان کي ٻرو چوڻ جي خيال کان آءٌ هي نٿو چوان. مگر رام نام ڪا ڳڻڻ ماپڻ جي چيز ناهي. ماءُ ٻار جي سيوا

ڪرڻ سياويڪ ڌرم آهي. سُرن جي واقفيت ڏيندي پڳوان پاڻني ڪڪڙ جي آواز جو مثال ڏنو آهي. پاڻنيءَ جي وقت کان اج تائين ڪڪڙ صبح جو ٻوليندو آهي. پر ڇا ان لاءِ ڪنهن کيس ماڻهن ڏنو آهي؟ ڪڪڙ جو اِهو سياويڪ ڌرم آهي. اهڙي طرح سج ٻولڻ، جيوديا، ڪنهن جو به عيب نه ڪيڻ، سڀ جي شيوا ٽهل ڪرڻ وغيره ست پرشن جا ڪرم سياويڪ ٿيندا آهن. انهيءَ ڪئي بنا هو جيئرا نه رهي سگهندا. رسوئي کائڻ لاءِ ڇا اسين فخر وٺندا آهيون؟ کائڻ پيئڻ سمهڻ جيئڻ سنسارين جو سياويڪ ڪرم آهي تيئن ئي سيوا ڪرم گيانين جي لاءِ سياويڪ ڪرم آهي. اپڪار ڪرڻ انهن جو سياو ٿي ويندو آهي. هو جي چوندو نه مان نه ڪندس ته اهو هن لاءِ ناممڪن آهي. اهڙي گياني پرش جو اهو ڪرم اڪرم جي درجي تي پهچي ويو آهي، ائين سمجهڻ گهرجي. ان درجي کي "سنياس" نالي جي تمام پوتر پدوي ڏني ويئي آهي. سنياس معنيٰ اتم ۽ اعليٰ اڪرم جي اوستا. ان اوستا کي ڪرم يوگ به چوڻ گهرجي. ڪرم ڪندو رهيئو، تنهنڪري اهو يوگ آهي. پر ڪندي به هو ڪري ٿو ائين نٿو لڳي، انڪري اهو سنياس آهي. هو اهڙيءَ سياڻپ سان ڪرم ڪري ٿو، جو انهو ڪيس ليپ نٿو لڳي. انڪري اهو يوگ آهي. ۽ ڪرم ڪندي به هو ڪجهه نٿو ڪري، انڪري اهو سنياس آهي.

رهيو هوندو. پر ان پاپ پڇ لاءِ سورج جوابدار ڪونهي.
سورج چوي ٿو، ”پرڪاش منهنجو سڀاويڪ ڌرم آهي.
مون وٽ جي پرڪاش نه هوندو ته باقي هوندو ڇا؟
مان ڄاڻان ئي نٿو ته مان پرڪاش ڏيئي رهيو آهيان.
منهنجو هئڻ ئي پرڪاش آهي. پرڪاش ڏيڻ جي ڪريا
جو ڪشٽ مون کي ڪونهي. مون کي اهو به محسوس
نٿو ٿئي ته مان ڪجهه ڪري رهيو آهيان.“ سورج جو
پرڪاش ڏيڻ جهڙو سڀاويڪ آهي تهڙو حال سنتن جو
به آهي. انهن جو زنده رهڻ ئي پرڪاش ڏيڻ آهي.
جي ڪنهن گياني پرش کي چئو، ”توهين مهان سنتيوادي
آهيو،“ ته هو چوندو، ”مان جي ستيه تي نه هلان
ته باقي ڪريان ڇا؟ مان خاص ڪريان ڇا ٿو؟“ گياني
پرش ۾ ڪوڙ ته ٽڪي نٿو سگهي.

اڪرم جي هيءَ اهڙي يوڪا آهي. ڪرم اهڙا
قدرتي ۽ سڀاويڪ ٿي ويندا آهن جو انهن جي اچ وڃ
معلوم نٿي ٿئي. اندريون ان جون سڀاويڪ عادتي ٿي
وڃن ٿيون. ”سڀاويڪ بولڻ لاءِ سکيا“ واري حالت
ٿي وڃي ٿي. جڏهين اهڙي حالت حاصل ٿي وڃي ٿي
تڏهين ڪرم اڪرم ٿي وڃيٿو. گيانيءَ لاءِ ست ڪرم
سنهنجا ٿي وڃن ٿا. ڇين ڇين ڪرڻ جهرڪين جو
سڀاويڪ ڌرم آهي. ماءُ جي يادگيري ٻچن جو سڀاويڪ
ڌرم آهي. اهڙي طرح ايشور سمرن سنتن جو سڀاويڪ ڌرم
آهي. صبح ٿيڻ تي ئي ڪڪڙن جو ”ڪڪڙو ڪوُ“

۾ بند رکڻ چاهيو ٿي. نوڪر هڪ وڏي لوهہ جي صندوق ٺهرائي آيو. اها ڏسي ان شخص نوڪر کي چيو، ”تون ڪهڙو نہ بيوقوف آهين! ڳنوار آهين! تون سونهن جهڙي چيز بہ سمجهندو آهين يا نہ؟ جي اهڙا املهہ زيور رکڻا آهن تہ ڇا هن ردي لوهہ جي پيتيءَ ۾ رکيا ويندا؟ وڃ وڃي سڄي سون جي صندوق ٺهرائي اچ.“ نوڪر سون جي صندوق ٺهرائي آيو. ”هاڻي تالو بہ سون جو وٺي اچ. سون جي صندوق کي سونو تالو سهندو.“ هن شخص چاهيو ٿي تہ سون لڪائڻ. سون کي ڍڪڻ. پر اهو سون لڪل ٿيو يا ظاهر؟ چورن کي زيورن ڳولڻ جي ضرورت نہ پيئي. صندوق کنيائون تہ ڪم خلاص. مطلب تہ ڪرم نہ ڪرڻ بہ ڪرڻ جو هڪ نمونو ٿي وڃي ٿو. اهڙو جو وياپڪ ڪرم آهي. انجو سنياس ڪئن ڪجي؟

اهڙن ڪرمن جو سنياس ڪرڻ جي ريت هيءَ آهي تہ اهڙي تدبير ڪئي وڃي، جنهن سان ساريءَ دنيا جا ڪم ڪندي بہ اهي ڌوپجي وڃن. جڏهن ائين ٿيندو تڏهن چئبو ”سنياس“ حاصل ٿيندو. ڪرم ڪندي بہ انهن سڀني جو ختم ٿي وڃڻ، هي ماجرا آخر آهي ڪهڙي؟ سورج جهڙي ئي آهي. سورج رات ڏينهن ڪرم ڪري رهيو آهي. رات جو بہ هو ڪرم ڪندو ئي رهي ٿو. سندس پرڪاش ڌرتيءَ جي ٻئي اڌ گول ۾ ڪم ڪندو رهي ٿو. مگر ايترو ڪم ڪندي بہ ائين چيو ويندو

۱۹

اڪرم جو هڪ روپ-سنياس

سنياس جي آخر ڪلپنا ڇا آهي؟ ڪجهه ڪرم ڪرڻ، ڪجهه ڇڏڻ، هيءَ ڪلپنا آهي ڇا؟ نه، ائين نه آهي. سنياس جي وصف آهي، سڀني ڪرمن کي ڇڏڻ. سڀني ڪرمن کان مڪت ٿيڻ، ڪرم ذرو به نه ڪرڻ اهو سنياس آهي. پر ڪرم نه ڪرڻ جو مطلب ڇا؟ ڪرم ڏاڍي وچتر وستو آهي. سڀني ڪرمن جو سنياس ڪيئن ٿيندو؟ ڪرم ته اڳيان پٺيان هيٺان هوڏانهن ۽ هر طرف وياپڪ ٿي رهيو آهي. ڀائي، وهڻ به ته ڪريا ئي آهي نه؟ 'وهڻ' فعل آهي. صرف وياڪرڻ جي خيال کان اهو فعل نه آهي. پر سرشٽي شاستر ۾ به وهڻ فعل ئي آهي. لڳاتار وهڻ سان به پير ڏکڻ لڳندا آهن. ويهڻ ۾ به محنت ته آهيئي. جنهن نه ڪرڻ سان به ڪرم سڌ ٿئي ٿو، اتي ڪرم سنياس ڪيئن ٿيندو؟ ڀڳوان ارجن کي وشو روپ ڏيکاريو. اهو چوطرف ڦهليل وشو روپ ڏسي ارجن ڊڄي ويو ۽ گهبرائجي اکيون بند ڪري ڇڏيائين پر اکين بند ڪرڻ تي به هو اندر ۾ اهوئي روپ ڏسڻ لڳو. هاڻي ان کان ڪيئن بچي؟ نه ڪرڻ سان به جو ٿئي ٿو انکي ڪيئن ٽاريو وڃي؟

هڪ شخص جي ڳالهه آهي. هن وٽ سون جا تمام گهڻا قيمتي ڳهڻا هوا. هن انهن کي هڪ وڏيءَ صندوق

ڪرم ڪندي به نه ڪرڻ، هيءُ جيئن سورج جو هڪ روپ ٿيو ٿيئن ڪجهه نه ڪندي رات ڏينهن بيشمار ڪرم ڪرڻ هيءَ بيو روپ ٿيو. سنياس انهن ٻنهي نمونن سان سينگاريل آهي.

ٻئي غير رواجي آهن. هڪ نموني ۾ ڪرم ظاهر هوندو آهي ۽ اڪرم اوستا لڪل هوندي آهي. ٻئي نموني ۾ اڪرم اوستا ظاهر ڏسڻ ۾ اچي ٿي پر ان جي ڪري بيشمار ڪرم ٿيندا رهن ٿا. هن حالت ۾ اڪرم ۾ ڪرم تار پريل رهيتو ۽ ان سان ڀاري ڪرم ٿئي ٿو. اهڙيءَ حالت کي پهتل شخص ۽ ڪنهن آلسي آدميءَ ۾ وڏو تفاوت آهي. آلسي انسان ٽڪجي پوندو، ڪک ٿي پوندو. پر هي اڪرمي سنياسي ڪرم شڪتيءَ کي روڪي رکي ٿو. ذرو به ڪرم نٿو ڪري. هو هٿ پير يا ڪنهن به اندريءَ سان ڪرم نٿو ڪري. مگر ڪجهه نه ڪندي به هو اننت ڪرم ڪندو رهيتو.

ڪنهن ماڻهوءَ کي غصو آيو. جي اسانجي ڪنهن پل سان هو غصي ٿيو آهي ته اسين وٽس وڃون ٿا، هو چپ رهيتو، ڳالهائي نٿو. هاڻ ان نه ڳالهائڻ جو، ان ڪرم ٿياڳ جو ڪيترو نه ڀاري اثر ٿئي ٿو! بيو ٻڙ ٻڙ ڪندو ڳالهائيندو هليو ويندو. ٻئي آهن ته غصي ۾ ئي. مگر هڪ شانت آهي، بيو ٻڙ ٻڙ ڪندو ٿو رهي. ٻئي آهن غصي جا نمونا. نه ٻولڻ به نه آهي ڪروڌ جو هڪ روپ. پر ان سان به ڪم ٿئي ٿو. ماءُ يا پيءُ ٻار سان

آهي ته هو ڪجهه نٿو ڪري. اڪري ئي چوٿين اڌياءَ ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته مون هي يوگ پهرين سورج کي ٻڌايو. پوءِ سورج ڪان ويچار ڪندڙ ۽ منن ڪندڙ منوءَ سڪي ور تو. چوويهه ڪلاڪ ڪرم ڪندي به سورج ڏرو به ڪم نٿو ڪري. سچ پچ هيءَ حالت عجيب آهي!

٣٠

اڪرم جو ٻيو روپ- يوگ.

پر هيءُ ته سنياس جو صرف هڪ نمونو ٿيو. "ڪرم ڪندي به نٿو ڪري،" هيءُ ان حالت جو هڪ پاسو آهي. هوُ ڪجهه به ڪرم نٿو ڪري. تڏهين به ساري سنسار کي ڪرم ڪرڻ لاءِ اتساهه ڏئي ٿو. هي هن جو ٻيو پاسو آهي. ان ۾ اپار اتساهه ڏيڻ جي شڪتي آهي. اڪرم جي ته خوبي به اهائي آهي. اڪرم ۾ ئي اننت ڪاريه جي لاءِ گهربل شڪتي ڀريل رهي ٿي. ٻاڦ به ائين آهي نه! ٻاڦ کي روڪي رکو ته ڏسو ته ڪيڏا وڏا ڪم ٿي ڪري. ان روڪيل ٻاڦ ۾ اپار شڪتي اچي وڃي ٿي. هوءَ وڏي جهاز ۽ ريل گاڏيءَ کي ڏسندي ڏسندي ڇڪي وڃي ٿي. سورج جي به اهڙي ئي ڳالهه آهي. هو رتيءَ ماتر به ڪرم نٿو ڪري. مگر چوويهه ڪلاڪ سانده ڪم ڪندو رهي ٿو. ڪانٽس پڇندا ته چوندوَ "مان ڪجهه نٿو ڪريان." رات ڏينهن

آهي. سورج خود آواز نٿو ڪري. پر ان کي ڏسندي ئي پکي اُڏامڻ لڳن ٿا. مور نچڻ لڳن ٿا. ڳايون ٻن ۾ چرڻ وڃن ٿيون. واپاري شاهوڪار دوڪان کولين ٿا. هاري ٻنيءَ تي وڃن ٿا. سنسار جا جدا جدا وهنوار شروع ٿي وڃن ٿا. سورج موجود هجي، اهوئي بس آهي. ان سان ئي اننت ڪرم شروع ٿي وڃن ٿا. ان اڪرم حالت ۾ اننت ڪرمن ڪرڻ جو اتساهه ڀريو رهيو. ڪرم ڪرڻ جي شڪتي ڀرپور رهي ٿي. اهڙو هي سنياس جو ٻيو نمونو آهي.

٢١

ٻنهي جي ڀيٽ، ٻيان کان ٻاهر.

پنجين اڌياءِ ۾ سنياس جي ٻن پرڪارن جي ڀيٽ ڪيل آهي. هڪ چوويهه ڪلاڪ ڪرم ڪري به نٿو ڪري؛ ٻيو هڪ گهڙي به ڪرم نه ڪندي به سڀ ڪجهه ڪري ٿو. هڪ ڳالهائي نه ڳالهائڻ جو نمونو، ته ٻيو نه ڳالهائي ڳالهائڻ جو نمونو. انهن ٻن نمونن جي هتي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. اچو ته هنن ٻنهي پوتر نمونن جي جاچ پرتال ڪريون. انهن جو ويچار ڪريون. منن ڪريون. ان ۾ لاثاني آنند آهي.

هيءَ وشيه ئي لاثاني ۽ اُتم آهي. سچ پچ ته سنياس جي هيءَ ڪلپنا پوتر ۽ شاندار آهي. جنهن هيءَ ويچار،

ٻولڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي ته انجو اثر ڪيترو نه ڀاري ٿيندو آهي. ان ڳالهائڻ جي ڪرم کي ڇڏي ڏيڻ سان، ان ڪرم کي نه ڪرڻ سان ايترو ڀاري ڪرم ٿئي ٿو جو ظاهر ظهور ڪرم ڪندي به انجو ايترو اثر نه ٿي سگهي ها. ان نه ڳالهائڻ سان جو اثر ٿيو اهو ڇوڻ سان ٿي نه سگهي ها. گياني پرش جي اِهڙي حالت ٿيندي آهي. سندس اڪرم ئي، سندس خاموش وهڻ ئي ڀاري ڪم ڪندو رهيٿو، زبردست شڪتي پيدا ڪندو رهيٿو. اڪرمي رهي هو ايترا ڪرم ڪري ٿو جو اُهي سڀ ڪريائن دواران ظاهر نٿا ٿي سگهن. اهڙي طرح هي سنياس جو ٻيو نمونو آهي.

اهڙي سنياس جا سارا ڪرم سڀ ڪوششون هڪ آسڻ تي اچي ويهن ٿيون.

”ختم ٿي ڪرم جي دڪ دوڙ منهنجي،
ڪيم پاڻ پنهنجو پريوءَ جي حوالي.
ٿيم آس آڌر ويئي جهانءَ جهوري،
جنم ۽ مرڻ ڪان ڇٽي جند منهنجي.
جيئان ڪين تو مان، جيئاري تو سائين.
ڪيو دور اهنڪار پريوءَ ديا سان.
تڪارام سائين جياري تو ماري،
مان سڪٽو ۽ خالي سدا وس پرڀوءَ جي.“

سڀ ڪوششون ختم ٿي ويئون، تڪارام خالي ٿي ويو. پر ان خالي ڪوکي ۾ زبردست اتساهه ڏيندڙ طاقت

هتي اکرم حالت جي ٻن نمونن جي ظاهر پيٽ ڪئي
وئي آهي. هتي ٻولي پڙهي ڏيو پوي. ڪرم يوگ، چڱو
يا ڪرم سنياس چڱو؟ ڪرم ڪير زياده ڪندو آهي،
اهو چئي نٿو سگهجي. سڀ ڪندي به ڪجهه نه ڪرڻ
۽ ڪجهه نه ڪندي به سڀ ڪجهه ڪرڻ. اهي ٻئي
سنياس آهن، يوگ آهن. پر مشابهت لاءِ هڪ کي يوگ،
ٻيو اتن ۽ ٻئي کي سنياس.

٢٢

جاميٽريءَ ۽ تتوگيانين جا مثال.

هاڻ انهي مشابهت ڪيئن ڪئي وڃي؟ انلاءِ مثال
کان ئي ڪم وٺڻو پوندو. جڏهين مثال ڏيڻ وڃون ٿا ته
معلوم ٿئي ٿو ته جڻ هيئن ڪري رهيا آهيون. مگر هيئن
ته لهڻوئي پوندو. سچ پڇو ته پورڻ ڪرم سنياس يا
پورڻ ڪرم يوگ، اهي ڪلپنائون اهڙيون آهن جي هن
شرير ۾ سمائجي نٿيون سگهن. اهي هن ديهه کي ٽوڙي
ڇڏينديون. پر جي مهاپرش هنجي نزديڪ پهچي ويا
آهن، انهن جي مثال سان اسانکي وٺڻو پوندو. مثال ته
هميشه اڌوراڻي رهڻ وارا آهن. مگر ٿوري دير لاءِ اهو
قبول ڪرڻو پوندو ته اهي پورن آهن.

جاميٽريءَ ۾ جئن چوندا آهن ته سمجهه ته 'الف. ب. ت'
هڪ ٽڪنڊو آهي. پلا سمجهون ڇا لاءِ؟ چو ته هن ٽڪنڊي

هيءَ ڪلپنا ڳولي لڌي انکي ڪيتري نه ڌ نيواڌ ڌ جي. هيءَ ڏاڍي سندر ڪلپنا آهي. انساني ٻڌيءَ، انساني ويچار هيستائين جيڪا به اوچي اڏام ماري آهي انهن سڀني ۾ اوچي سنياس تائين پهتي آهي. انکان اڳتي اچا تائين ڪو ڪونه وڃي سگهيو آهي. اُڏامڻ ته جاري آهي. مگر مان نٿو چئي سگهان ته ويچار ۽ انيؤ ۾ ايتري اوچي اڏام ڪنهن لڳائي هوندي. انهن ٻن نمونن سان گڏيل سنياس جي رڱي ڪلپنائي اکين جي سامهون اچڻ سان بيحد آنند ٿئي ٿو. پر ٻولي ۽ وهنوار جي هن جڳت ۾ اچون ٿا ته اهو آنند گهٽجي وڃي ٿو. ڌسڻ ۾ اچي ٿو ته هيٺ ڪري رهيا آهيون. مان پنهنجن مترن سان هن ٻاري ۾ هميشه ڳالهائيندو آهيان. اڄ تاءِ ڪيترن سالن کان مان انهن پوتر ويچارن جو منن ڪري رهيو آهيان. هتي ڀاشا اڻپوري ٿي پوي ٿي. اکرن جي اندر هي اچي ئي نٿو.

ڪرم نه ڪندي به سڀ ڪرم ڪريو ۽ سڀ ڪرم ڪندي به ڪجهه ڪرم نه ڪريو. ڪيتري نه اوچي، رسيلي ۽ شاعراڻي هيءَ ڪلپنا آهي! ڪوتا ۾ باقي ڪهڙي ڪمي رهي؟ جو ڪجهه ڪوتا جي نالي سان مشهور آهي اهو سڀ هن ڪوتا جي اڳيان ڦڪو آهي. هن ڪلپنا ۾ جو آنند جو اُتساهه جا ڦڙتي ۽ جا پوترتائي آهي، اها ڪنهن به ڪوتا ۾ نه آهي. اهڙيءَ طرح هي پنجون اڌ ياءُ اوچي، تمام اوچي ڀومڪا تي بيهاريل آهي. چوٿين اڌ ياءُ ۾ ڪرم، وڪرم ٻڌائي هتي خوب اوچي اُڏام لڳائي ويئي آهي.

سنياسي آهي، جنهن جي سدائين سماڌي لڳي رهي ٿي،
جو بلڪل نرويڪار آهي اهڙو سنياسي اسان جي وچ ۾
ڏهه ڏينهن ئي رهڻ ڏيو، ڏسو ته ڪيتري روشني،
ڪيترو آنند هن وٽان ملندو ٿو رهي. انيڪ سالن کان
ڪم جا پير لڳائيندي به جو نه ٿيو سو صرف سندس
درشن، سندس موجودگيءَ سان ٿي ويندو. فوٽو ڏسي
جي من ۾ پوترتائي پيدا ٿيندي آهي، مري ويل ماڻهن
جي مورتن سان پڳتي، پريم، پوترتا هردي ۾ اتپن ٿيندي
آهي ته جيئري جاڳندي سنياسيءَ جي ملڻ سان ڪيترو
آنند ملندو! سنياسي ۽ يوگي ٻئي شبوا ڪندا آهن. هڪ
هند، جي باهران ڪرم تياڳ ڏسڻ ۾ آيو ته به ان ڪرم تياڳ
۾ ڪرم ڪرڻ تاءِ ڀريل آهي. انهم اننت آنند ڀريل آهي.
گياني سنياسي ۽ گياني ڪرم يوگي ٻئي هڪ ئي سنگهاسن
تي وهندڙ جيو آهن. انهن جا نالا جدا جدا هوندي به
مطلب هڪ ئي اٿن. هڪ تنءِ جا هي به پاسا يا نمونا آهن.
مشين جڏهن تيزيءَ سان گهمندي آهي ته ائين ڏسڻ ۾
ايندي آهي جڻ بيٺي آهي، گهمي ئي نه رهي آهي.
سنياسيءَ جي به حالت اهڙي آهي. سندس شانتيءَ
مان، استرتا مان، اننت طاقت، اپار آنند نڪري ٿو.
مهاوير، ٻڌ نور لناٿ اهڙيون ئي شخصيتون هيون.
سنياسيءَ جي سيني مڪنن جي ڊڪ ڊوڙ هڪ جڳهه تي
اچي استر ٿئي، ته به هو زبردست ڪرم ڪندو آهي.
مطلب هيءُ ته يوگي ئي سنياسي آهي ۽ سنياسي ئي

جون ليڪون سڀ ڀڃ ليڪون ٿاهن. ليڪ جي وصف ئي
آهي تہ انکي ٻگهائي آهي پر ويڪرائي نہ. تہ هاڻي
تختي تي بنا ويڪرائيءَ جي ٻگهائي ڪيئن ڏيکار جي؟
ٻگهائي ڪڍيسين تہ ويڪرائي اچي وينديل. جا بہ ليڪ
اسين ڪڍنداسين ان ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ويڪرائي تہ رهندي ئي.
ان ڪري جاميٽريءَ ۾ ليڪ مڙط ڪانسواءِ چاروئي ڪونهي.
ويدانتي شاستر ۾ بہ اهائي ڳالهہ آهي. اتي ويدانت چويٿو، هن
ننڍڙي پٿر جي سالگرام ۾ اکنڊ برهمانند پتي آهي، ائين
سمجهہ. جي ڪو چوي تہ هيءَ ڪهڙي بيوقوفي لڳائي
اٿوَ؟ تہ ان کي چئو توهانجي هيءَ جاميٽري ڇا بيوقوفي
نہ آهي؟ بلڪل صاف ٿلهي ليڪ ڏسجي ٿي ۽ چئو ٿا
تہ سمجهو تہ انکي ويڪر نہ آهي. هيءَ ڪهڙي بيوقوفي
آهي؟ خوردبيني سان ڏسندا تہ اها اڌ انچ ويڪري
ڏسڻ ۾ ايندي. جيئن توهين جاميٽريءَ ۾ مڃو ٿا، تيئن ئي
ويدانتي شاستر چويٿو تہ سمجهہ تہ هن پٿر ۾ پرميشور آهي.
هاڻي جي ڪو چئي تہ پرميشور نہ ٽُنڊو آهي نہ ڀڃندو
آهي، توهانجو هيءُ پٿر تہ ڀڄي پوندو. هتان هڪ ڏڪ؟
تہ هيءَ سمجهداري نہ چئي ويندي. ڇو تہ جڏهن
جاميٽريءَ ۾ "سمجهو تہ" هلي ٿو تہ ڀلا ويدانتي شاستر ۾
ڇو نہ هلڻ گهرجي؟ ٻڙيءَ کي چوندا آهن "خيالي" ۽
تختي تي ظاهر ظهور ٻڙي ڪڍندا آهن. ٻڙي بہ هڪ
خاصو گول ٽڪي ٿو. ٻڙيءَ جي وصف ئي برهم جي وصف
آهي. ٻڙيءَ کي نہ ڊيگهہ نہ ويڪر، نہ ٿلهائي، ڪجهہ بہ

آهي ته منزل ٻه. پر سنياسي ته آخرين منزل تي آهي. رستي ۾ نه آهي. ان سبب سنياس جي ڀيٽ ۾ ڪرم يوڳ ساڌڪ جي نظر کان وڌيڪ چڱو آهي.

ان ئي خيال کان ڀڳوان اڳتي ٻارهين اڌياءِ ۾ نرگڻ جي ڀيٽ ۾ سگڻ کي چڱو سمجهو آهي. سگڻ ۾ سيني اندرين لاءِ ڪم آهي. پر نرگڻ ۾ ناهي. نرگڻ ۾ هٿ بيڪار، پير بيڪار، سڀ اندريون بيڪار رهن ٿيون. ساڌڪ کان هي سڀ ٿي نٿو سگهي، پر سگڻ ۾ اهڙي ڳالهه ناهي. اکين سان روپ ڏسي سگهن ٿا، ڪنن سان ڪيرتن ٻڌي سگهن ٿا، هٿن سان پوڄا ڪري سگهن ٿا. لوڪن جي سيوا ڪري سگهن ٿا. پيرن سان تيرٿ ياترا ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح هر هڪ اندريءَ کي ڪم ڏيئي ان کان اهڙو ڪم ڪرائيندي آهستي آهستي هري ۾ لڳائي سگهجي، اهو سگڻ ۾ ممڪن آهي، پر نرگڻ ۾ هي سڀ بند آهي. زبان بند، ڪن بند، هٿ پير بند، هي سڄو بندي جو نمونو ڏسي وچارو ساڌڪ ته گهٻرائجي وڃي ٿو. سندس چت ۾ نرگڻ وهندو ڪيئن؟ هو جي خاموش ويٺو رهندو ته سندس چت ۾ اجايا سجايا ويچار اچڻ لڳندا. اندرين جو اهو سڀاءُ آهي ته انهن کي جي ڇٽو نه ڪريو، ته ضرور ڪنديون. اشتهار بازيءَ ۾ ڇا اِئين نه ٿيندو آهي؟ مٿان لکندا آهن ته هي نه پڙهو! ٻالڪ من ۾ چوندو آهي هيءَ جو 'نه پڙهو' لکيل آهي پهرين ته انکي پڙهان. پر هي لکڻ ته 'نه پڙهو' انهيءَ مطلب سان ئي ته لکيل هوندو

يوگي آهي. ٻنهي ۾ ڪو به ڀيد ڪونهي. ناﻻ نيارا آهن پر مطلب نه هڪ ئي آهي. جڻ پٽر معنيٰ پهڻ ۽ پهڻ معنيٰ پٽر. تيئن ئي ڪرم يوگي معنيٰ سنياسي ۽ سنياسي معنيٰ ڪرم يوگي.

٢٤

سنياس کان ڪرم يوگ بهتر

جيتوڻيڪ ڳالهه اهڙي آهي تڏهن به ڀڳوان ان ۾ ڪجهه تفاوت ڪري ڇڏيو آهي. ڀڳوان چوي ٿو ته سنياس کان ڪرم يوگ وڌيڪ چڱو آهي. جڏهن ٻئي هڪ جهڙا آهن ته پوءِ ڀڳوان ائين ڇو ٿو چوي؟ وري هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي؟ جڏهين ڀڳوان چوي ٿو ته ڪرم يوگ وڌيڪ چڱو آهي ته هو ساڌڪ جي ويچار کان چوي ٿو. بلڪل ڪرم نه ڪندي سڀ ڪرمن جي ڪرڻ جي وات هڪ پهتل شخص لاءِ ممڪن آهي. پر ساڌڪ لاءِ نه. پر سڀ ڪرم ڪري به ڪجهه نه ڪرڻ، اهڙيءَ طرح ان جي توري گهڻي پيروي ڪري سگهجي ٿي. هڪ وات اهڙي آهي جا ساڌڪ لاءِ ناممڪن آهي پر صرف پهتل لاءِ ئي ممڪن آهي. ساڌڪ لاءِ به ٻي وات توري گهڻي ممڪن آهي. بلڪل ڪرم نه ڪندي به ڪرم ڪيئن ڪرڻ، هيءَ ساڌڪ لاءِ هڪ پرولي رهندي. هيءَ سندس سمجهه ۾ نٿي اچي. ڪرم يوگ ساڌڪ لاءِ هڪ رستو

نه آهن. وصف ته اهڙي ڪندا آهن. ٻه لڪيءَ لي
ڪنڊي به نه ٻکار ڀندا آهن. ٻر ٻڙي نه حقيقت ۾ خيالي
هستي آهي. تنهي ماهن کان رهت. مطلب ته سچو
تڪنڊو سچي ٻڙي وصف ۾ ئي رهندي آهي. مگر
اسين انهن کي مڃي اڳتي هلندا آهيون. ڀڳتي شاستر ۾
به اڻ تننڊڙ اڻ ڀڇندڙ وارو سرووياپڪ پرميشور مڃيو
پوندو آهي. اسين به اهڙائي خيالي مثال وٺي ان جي
مشابهت ڪنداسين.

فيلسوفن هڪ مزي جي ڳالهه ڪئي آهي. پرميشور
ڪٿي آهي؟ انجا ترڪ دليل ڪندي انهن ڏاڍو سندر
ورڻن ڪيو آهي. ويدن ۾ اندر، اگني، ورڻ وغيره
ديوتائون اچنتا. انهن ديوتائن جو ويچار ڪندي اتي
هڪ اهڙو سوال پڇيو ويندو آهي ته هي اندر ڪيئن آهي؟
انجو روپ ڪيئن آهي؟ اندر شبد ۾ ئي، هو رهيتو.*
'ا' ۽ اُن پٺيان 'ن' ۽ 'در' هي انجو سروپ آهي. هي انجي
مورت، هي انجو ماپ. 'ورڻ' ديوتا ڪيئن؟ اُهن ۾ ئي.
پهرين 'و' 'ر' ۽ پوءِ 'ڻ' - ورڻ. هي ٿيو ورڻ جو روپ.
اهڙيءَ طرح اگني وغيره ديوتائن لاءِ سمجهو. هي سڀ
ديوتا اکر روپ ڌاري آهن. ديوتا سڀ اکر مورتي
آهن. هن ڪلپنا، هن ويچار ۾ وڏو مناس آهي. ديو
جي ڪلپنا - ديو جهڙي شيءِ ڪنهن آڪار ۾ سمائجڻ
واري ناهي. ان ڪلپنا کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اکر جهڙي
نشاني ئي ڪافي ٿيندي. ايشور ڪيئن آهي؟ ته پهرين

آهي ته پاڻک ضرور پڙهن. ماڻهو اوس ئي انکي اڻ ترڻ
سان پڙهندا آهن. نرگڻ ۾ من پٽڪندو رهندو. پر سگڻ
پگتيءَ جي ڳالهه ائين نه آهي. اتي آرتي آهي، پوڄا آهي،
سيوا آهي، جيو ديا آهي، اِندرين لاءِ اتي ڪم آهي.
انهن اِندرين کي نيڪ ڪم ۾ لڳائي پوءِ من کي چئو
"هاڻي وڃ جتي دل چاهيئي." پر تڏهن من وڃڻ جو
ناهي، اتيئي رهڻ لڳندو. لکه نه پوندي ئي ايڪاگر
ٿي ويندو. پر جي جاڻي ٻجهي ڪيس هڪ هنڌ وهارڻ
چاهيندا ته هو پڄي ئي ويندو. جدا جدا اندرين کي
اتم سندر ڪم ۾ لڳايو. پوءِ من کي خوشيءَ سان پٽڪڻ
ڏيو. هو پٽڪندو ئي نه. انکي وڃڻ جي بلڪل اجازت
ڏيو ته چوندو، وتو آءُ هتي ئي وڻنو آهيان. جي انکي
چوندا ته بس ڪري ويهه ته چوندوَ "اجهو مان هليس."

ڏيهه ڌاريءَ لاءِ سولائيءَ جي خيال کان نرگڻ کان
سگڻ وڌيڪ چڱو آهي. ڪرم ڪندي رهندي به
انکيِ ناس ڪرڻ جي ريت ڪرم نه ڪندي ڪرم
ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اوچي آهي. چو ته ان ۾
آساني ٿئي ٿي. ڪرم يوگ ۾ ڪوشش، ابياس لاءِ جاءِ
آهي. سڀني اِندرين کي پنهنجي اڌين ڪري ڏبري
ڏيري سڀ ڪنهن کان من هٽائڻ جو ابياس ڪرم يوگ
۾ ڪري سگهبو آهي. هيءَ تدبير اڄ نه ٿي سگهي ته
به ٿيڻ جهڙي آهي. ڪرم يوگ جي پيروي سولي آهي،
سنياس جي ڀيٽ ۾ هيءَ ئي انهي خاصيت آهي. پر

رهسيه" ۾ هڪ لسٽ ڏني آهي. جنڪ، شري ڪرشن
وغيره هن رستي ڪان ويا. شڪ، ياگيه والڪيه وغيره
هن رستي ڪان ويا. پر ٿوري ويچار ڪرڻ سان هيءَ
ياداشت، جيئن آلي هٿ سان لکيل ڏانو ويندو آهي،
ليئن مٿائي ويندي. ياگيه والڪيه سنياسي هو، جنڪ
ڪرم يوگي. انجوارٽ هي آهي ته ياگيه والڪيه سنياسيءَ
جو، جنڪ ڪرم يوگي شش هو. وري ان جنڪ جو شش
شڪديو سنياسي ٿيو. ياگيه والڪيه جو شش جنڪ ۽
جنڪ جو شش شڪديو. سنياسي، پوءِ ڪرم يوگي ۽ وري
سنياسي. اهڙي طرح هيءُ سلسلو ٻڌجي ٿو. يوگ ۽
سنياس هڪ ئي سلسلي ۾ اچي وڃن ٿا.

شڪديو کي وياس چيو، پٽ شڪ، تون گياني ته
آهين پر گروءَ جي مهر اڃا توتي نه لڳي آهي. انڪري
تون جنڪ وٽ وڃ. شڪ ويو. جنڪ ته ماڙي پنهنجي
وڏي محلات ۾ وينو هو. شڪ ته بنواسي هو. شهر
ڏسندو گهمندو هليو. جنڪ شڪديو کان پڇيو، "ڪيئن آيو
آهين؟" شڪ جواب ڏنو، "گيان وٺڻ لاءِ." "ڪنهن
موڪليءَ؟" "واسديو." "ڪٿان آئين؟" "آشرم ڪان."
"ايندي بزار ۾ ڇا ڏٺءِ؟" "چوطرف ساڳي ئي کنڊ جي
مٺائي سجيل ڏسڻ ۾ آئي." "بيو ڇا ڏٺءِ؟" "ڏهمندڙ
ڦرندڙ کنڊ جا پتلا ڏٺم." "پوءِ ڇا ڏٺءِ؟" "هتي ايندي
کنڊ جون سخت ڏاڪڻيون ڏٺم." "پوءِ ڇا ڏٺءِ؟"
"کنڊ جون صورتون هتي به چوطرف ڏسڻ ۾ آيون."

'اي'، پوءِ 'شو'، پوءِ 'ر'. آخر ۾ 'اوم' ته ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. اوم اکر ئي ايشور تي ويو آهي. ايشور جي ۽ اهو هڪ نالو ئي بڻجي ويو آهي. اهڙا نالا ناهڻا ئي پون ٿا. ڇوته مورتيءَ ۾، آڪار ۾ هي وشال ڪلپنائون سمائجي نٿيون سگهن. پر انسان جي اڇا ڏاڍي زبردست ٿئي ٿي. هو انهن ڪلپنائن کي مورتيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بنا رهي نٿو سگهي.

٢٣

سنياسي ۽ يوگي - شڪديو ۽ جنڪ جا مثال

سنياس ۽ يوگ هي ڏاڍيون اُتم ڪلپنائون آهن. پورن سنياس يا پورن يوگ جي ڪلپنا هن ديهه ۾ نٿي سمائجي سگهي. پلي هن ديهه ۾ هي ڪلپنائون نه سمائجي سگهن پر تڏهن به ويچارن ۾ ضرور سمائجي سگهجن ٿيون. پورڻ سنياس ۽ پورن يوگ نه وصف جي روپ ۾ ئي رهندا. خيالي وستو ۽ اڻ لڀ ئي رهندا. مگر مثال طور اهڙا شخص وٺڻا پوندا جي انهن ڪلپنائن کي گهڻي ۾ گهڻو ويجهو پهتا هوندا. ۽ پوءِ جاميٽريءَ وانگيان چوڻو پوندو ته هنکي پورن يوگي ۽ هنکي پورن سنياسي سمجهو. شڪ، ياگيه ويڪيه جا نالا سنياسين ۾ ڳڻيا وڃن ٿا. ڪرم يوگيءَ جي روپ ۾ جنڪ ۽ شري ڪرشن جو نالو خود ڀڳوت گيتا ۾ ئي ورتو ويو آهي. لوڪمانيه تلڪ " گيتا

پورن حالت ۾ ڪرم يوگ ۽ سنياس ٻئي هڪجهڙا آهن. پورن سنياسي ۽ پورن ڪرم يوگي ٻئي هڪجهڙا آهن. نالا ٻه آهن، ڏسڻ ۾ جدا جدا آهن، پر حقيقت ۾ ٻئي هڪجهڙا آهن. هڪ نموني ۾ ڪرم جو پورت ٻاهر نچندو ڏسجي ٿو پر اندر ۾ شانت آهي. ٻئي نموني ۾ ڪجهه نه ڪندي به ٽن لوڪن کي لرزش ۾ آڻڻ جي شڪتي آهي. جو ڏسجي ٿو اهو نه آهي. اهوئي ٻنهي جو روپ آهي. پورن ڪرم يوگ سنياس آهي، ۽ پورن سنياس ڪرم يوگ آهي. ڪوئي تفاوت ڪونهي. پر سادڪ جي لاءِ ڪرم يوگ سولو آهي، پورن اوستا ۾ ٻئي هڪ ئي آهن.

* گياڻديو کي چانگديو هڪ خط لکيو، اهو صرف ڪورو ڪاغذ هو. چانگديو کان گياڻديو عمر ۾ ننڍو هو. جي ’نور چشم‘ ٿو لکي ته گياڻديو گيان ۾ وڏيڪ هو. پوڄيه لکي ته عمر ۾ ننڍو هو. وري مضمون به ڇا لکي، ڪجهه سمجهي نٿي سگهيو. آخر چانگديو ڪورو ڪاغذ ئي موڪلي ڏنو. اهو پهرين نورتيناٿ جي هٿ ۾ آيو، ان اهو گياڻديو کي ڏنو، گياڻديو پڙهيو ۽ مڪتا بائيءَ کي ڏنو. مڪتا بائيءَ پڙهي چيو، ”ايڏو وڏو ٿيو آهي ته به ڪوري جو ڪورو.“ نورتيناٿ ته پهرئي ارٿ پڙهيو هو. انهيءَ چيو چانگديو ڪورو آهي. نرمل

---

* گياڻديو، چانگديو، نورتيناٿ، مڪتا بائي سڀ مهاراشٽرا جا سنت ٿي گذريا آهن.

”هاڻي ڇا ڏسي رهيو آهين؟“ ”هڪ ڪنب جو پتلو ٻئي ڪنب جي پتلي سان ڳالهائي رهيو آهي.“ جنڪ چيو، ”وڃ توکي سڀ گيان ملي چڪو.“ جنڪ کان انکي گهربل سرٽيفڪيٽ ملي ويو. مطلب ته ڪرم يوگي جنڪ سنياسي شڪديو کي شش جي روپ ۾ سرٽيفڪيٽ ڏنو. شڪ ته سنياسي ئي هو پر سنگ کهڙو نه مزيدار آهي. پريڪشت کي سراپ مليو. سٺن ڏينهن ۾ تنهنجو موت ٿيندو. پريڪشت کي مرڻ جي تياري ڪرڻي هئي. ڪيس اهڙو گرو گهربل هو جو ڪيس سيکاري ته هو مري ڪيئن؟ هن شڪ آچاريه کي گهرايو. شڪ آچاريه اچي وينو ۽ ١٦٨=٧x٢٤ ڪلاڪ پلٿي ماري ڀاڳوت ٻڌائيندو رهيو. جو جئن وينو هو وري ڪين اٿيو، ساندهه ڪٿا ڪندو رهيو، ته ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته ست ڏينهن ساندهه ڪيس محنت ڪرڻي پيئي، تڏهن به ڪيس ڪجهه ڪشٽ معلوم ڪين ٿيو. لڳاتار ڪرم ڪندي به جڻ هو ڪرم ڪري ئي نه رهيو هو. محنت جي ته ڀاونا ئي ڪين هئي. مطلب ته سنياس ۽ ڪرم يوگ ٻئي نيارا نه آهن. انڪري ئي ڀڳوان چوٿو:-

جو درجو ملي سانکيه يوگيءَ کي، ڪرم يوگيءَ کي به سو؛
ٻنهي کي هڪ روپ جو جاڻي، پسي سوئي نيڪ تو. (٥-٥)

سنياس ۽ يوگ ۾ جو هيڪڙائي ڏسندو، ڇئي سگهبو ته ان ئي سچو مطلب سمجهيو آهي. هڪ نه ڪندي ڪريٿو ۽ ٻيو ڪندي به نٿو ڪري. جو سڄ ۾ انم

لڳاھ سان ڏٺو وڃي ته ٻنهي جي قيمت هڪ جهڙي آهي. منزل تي پهچي وڃڻ لئي گيان + ڪرم = گيان + ڪرم اپاءُ. پر گيان کي ٻنهي طرفن کان هٽائي ڇڏجي ته پوءِ ڪرم جي اپاءَ جي نسبت ۾ ڪرم ئي ساڌڪ لاءِ بهتر ثابت ٿيندو. ڪرم نه ڪري ڪرڻ، ساڌڪ جي سمجهه ۾ ئي نٿو اچي سگهي. ليڪن ڪرم ڪري نه ڪرڻ اهو سمجهي سگهي ٿو. ڪرم يوڳ رستي ۾ به آهي ته منزل تي به، پر سنياس صرف منزل تي ئي آهي. رستي ۾ نه آهي. هيءَ ڳالهه شاستري ٻوليءَ ۾ چوڻي هجي ته ڪرم يوڳ ساڌن به آهي ته نشٺا به آهي. مگر سنياس صرف نشٺا آهي. نشٺا جي معنيٰ آهي آخرين اوستا.

آرتوار: ٣٢-٣-٢٠

آهي، شڌ آهي، اپديش ڏيڻ جي لائق آهي. پوءِ گيانديو کي ڇيو ويو تہ توهين جواب ڏيو. گيانديو ڪوٽا ۾ هن کي خط لکي موڪليو. ان کي 'گيانديو پاسشٽي' چوندا آهن. ان خط جي اهڙي وڏنڊر ڪٿا آهي. لکيل خط پڙهڻ سولو آهي، پر نہ لکيل خط پڙهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انهو پڙهڻ کڌهن ختم ئي نٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح سنياس بلڪل خالي ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ بہ اُن ۾ پرپور ڪلا ڀريل رهي ٿي.

سنياس ۽ ڪرم يوڳ جي پورن روپ ۾ قيمت هڪ جهڙي آهي، پر ڪرم يوڳيءَ جي وهنوار جي قيمت اڃا بہ وڌيڪ آهي. هڪ نوٽ جي قيمت پنج روپيہ آهي. سون جو سڪو بہ پنجين روپين جو هوندو آهي. پر جي سرڪار بدلجي وڃي تہ پوءِ وهنوار ۾ نوٽ جي قيمت هڪ پئسو بہ نہ ملندي. پر سون جي قيمت ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي ويندي، ڇو تہ آخر اهو سون آهي. پورن اوستا ۾ ڪرم تياڳ ۽ ڪرم يوڳ ٻنهي جي قيمت هڪ جهڙي آهي، ڇو تہ گيان ٻنهي ۾ هڪ جيترو آهي. گيان جي قيمت اننت آهي. اننت ۾ ڪجهہ ملايو تہ بہ قيمت اننت ئي رهيٿي. حسابي شاستر جو هي سڌانت آهي. ڪرم تياڳ ۽ ڪرم يوڳ جڏهن پورن گيان ۾ ملي وڃن ٿا تہ ٻنهي جي قيمت برابر ٿي وڃيٿي. پر جي ٻنهي مان گيان کي هٽائي ڇڏيو تہ ڪرم تياڳ جي ڀيٽ ۾ ڪرم يوڳ ئي سادڪ لاءِ وڌيڪ چڱو سڌ ٿيندو. شڌ گيان جي

ڪيترن ماڻهن جو هي ڀرم آهي ته پرمارٿ، گيتا
وغيره گرنٿ ساڌن جي لاءِ آهن. هڪ سڄڻ چيو،
”مان ڪو ساڌو ڪونه آهيان.“ انجو ارٿ هي ٿيو ته ساڌو
نالي وارا ڪي جيو آهن جن مان هي سڄڻ نه آهي، جيئن
گهوڙا، شينهن، باندر، ڳانءِ وغيره پراڻي آهن تيئن
ئي ساڌو نالي به ڪي جيو آهن، ۽ پرمارٿ صرف انهن
لاءِ ئي رتيل آهي. باقي جي وهنواري سنسار ۾ رهندا
آهن سي ڄڻ ڪنهن ٻي ذات جا آهن. انهن جا ويچار
الڳ، آچار الڳ. هن ڪلپنا، وهنواري لوڪ ۽ ساڌو
سنت اهڙيون الڳ الڳ جاتيون ٺاهي ڇڏيون آهن.
’گيتا رهسيه‘ ۾ تلڪ مهراج هن ڳالهه طرف اسانجو ڌيان
ڇڪايو آهي. ”گيتا سڀني رواجي وهنواري لوڪن لاءِ
آهي.“ تلڪ مهراج جو هي چوڻ مان اکر به اکر صحيح ٿو
سمجهان. ڀڳوت گيتا سڄي سنسار لاءِ آهي. سڀ پرمارٿي
ساڌن هر هڪ وهنواري آدميءَ لاءِ آهن. پرمارٿ سيکاري ٿو
ته پنهنجو وهنوار شڌ نرمل رکي، من جو سنتوش ۽ شانتي
ڪيئن حاصل ڪجي. وهنوار شڌ ڪيئن ڪيو وڃي،
انهيءَ سيکارڻ لاءِ گيتا آهي. لنهنڪري جتي جتي توهين
وهنوار ڪريو ٿا، اتي اتي گيتا ته اچڻي ٿي. پر هوءَ
توهان کي اتي ئي رکڻ نٿي چاهي، بلڪ اوهان جو هٿ
پڪڙي توهان کي آخرين منزل تائين وٺي وڃي ٿي. هڪ
مشهور چوڻي آهي ته ’جبل جي محمد وٽ نه ايندو ته
محمد جبل وٽ ويندو.‘ محمد کي اها چنتا آهي ته

ادياءُ ڇهون

چت جي ورتين کي روڪڻ

٢٥

آتم اُڌار جي ابلاکا

پنجين ادياءَ ۾ اسين ويچار ۽ ڪلپنا ڌواران ڏسي سگهياسين ته انسان ڪيتري تائين اوچي ۾ اوچو وڃي سگهي ٿو. ڪرم، وڪرم ۽ اڪرم ملي سڃي ساڌنا پوري ٿئي ٿي. ڪرم اسٿول چيز آهي. جي جي سوڌرم ڪرم اسين ڪريون، انهن ۾ اسان جي من جو ميلاپ هئڻ گهرجي. مانسڪ سکيا لاءِ جو ڪرم ڪيو وڃي اهو وڪرم، خاص ڪرم يا سوکيم ڪرم آهي. ڪرم ۽ وڪرم ٻنهي جي ئي ضرورت آهي. انهن ٻنهي کي ڪندي اڪرم جي ڀومڪا تيار ٿئي ٿي. اسان اڳئين ادياءَ ۾ ڏسي ورتو ته هن ڀومڪا ۾ ڪرم ۽ سنياس ٻئي هڪ روپ ٿي وڃن ٿا. هاڻي ڇهين ادياءَ جي شروعات ۾ وري چيو ويو آهي ته ڪرم يوگ جي ڀومڪا سنياس جي ڀومڪا کان الڳ ڏسجڻ تي به اکري طور هڪ روپ آهي. صرف درشٽيءَ ۾ فرق آهي. پنجين ادياءَ ۾ جنهن حالت جو ورنن ڪيل آهي انلاءِ ساڌن ڳولهڻ هن ڇهين ادياءَ جي وشيه آهي.

آهي ته آءُ سورج ديوتا تائين اُڏي ويندس. اهڙو ئي اوچو آدرش سامهون رکڻ گهرجي. پنهنجي ڪمزور ڪنڌن سان چنبول ويچارو ڪيترو به اڏامي تڏهن به سورج تائين ڪيئن پهچندو؟ مگر پنهنجي ڪلپنا شڪتيءَ دواران هو سورج کي ضرور پهچي سگهي ٿو. اسانجي هلت ان جي اُبتڙ آهي. اسين جيترو اوچا وڃي سگهون ٿا، اوترو به نه وڃي پنهنجن ڪلپنائن ۽ ڀاونائن کي روڪي پاڻ کي اڃا به هيٺ ڪيرايون ٿا. جيتري شڪتي اٿئون انکي به پنهنجي ڀاونا سان ناس ڪري ڇڏيون ٿا. جتي ڪلپنا جا پير ئي نٿي پيا ته پوءِ هيٺ ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪهڙو چارو هوندو؟ تنهن ڪري ڪلپنا جو رخ هميشه اوچي طرف هئڻ گهرجي. ڪلپنا جي مدد سان ئي منش اڳتي وڌي ٿو. تنهن ڪري ڪلپنا کي سوڙهو نه ڪري ڇڏيو.

'وهنواري جيون ڪين ڇڏيو؛

پر وهنوار ۾ ڦاسي اَٽڪي، هِت هُت توهين نا ڀٽڪو.'

اهڙو روئڻو نه روئو. آتما جو اپمان نه ڪندا رهو. ساتڪ وت جي وشال ڪلپنا هوندي، آتم وشواس هوندو، تڏهين ئي هو ٽڪاءُ ڪري سگهندو. اُن سان سندس اُڌار ٿيندو. 'پر ڌرم نه ساتو سنتن لاءِ ئي آهي. ساتو سنتن وت ويا به نه سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ نه توهين جنهن حالت ۾ آهيو، ان ۾ اهو ئي وهنوار واجب آهي.' اهڙا خيال ڇڏي ڏيو. اهڙيون فرق ڪندڙ ڪلپنائون

سندس سنڌيش ٻيجان جبل تائين به پهچي. جبل ٻيجان آهي انڪري محمد انهي اچڻ جي واٽ نهاريندو ته رهندو. اهائي ڳالهه گيتا گرنٿ جي آهي. ڪهڙو به ڪمزور محتاج هجي، ڳنوار هجي گيتا ان وٽ پهچي ويندي. مگر ان لاءِ نه، ته ڪو انکي جتي جو تتي رکي ڇڏي، بلڪ انلاءِ ته سندس همٿ پڪڙي ڪيس اڳتي وٺي وڃي، مٿي کڻي وڃي. گيتا چاهي ٿي ته منش پنهنجا وهنوار شڌ ڪري، اوچي منزل کي پراپت ڪري. انلاءِ ئي گيتا جو جنم ٿيو آهي.

تنهن ڪري مان جڙ آهيان، وهنواري آهيان، سنساري ماڻهو آهيان ائين چئي پنهنجي آسپاس لوڙهو نه لڳايو. ائين نه چئو ته منهنجي هٿان ڇا ٿيندو؟ "هن ساڍن ٽن هٿن جي شرير ۾ ئي منهنجو سڀ ڪجهه آهي." توهين پسون نه بڻجو. اهڙن بنڌنن ۽ ديوارين کي پنهنجي چوگرد ڪڙو ڪري ننڍو بڻجي رهڻ پسونءَ کي ئي ٿو سونهين. توهين ته اڳتي وڌڻ، مٿي چڙهڻ جي همٿ رکو.

پنهنجي آتما سان انسان پنهنجو اڌار ڪري؛
انهيءَ جي بري گت نه ڪري. (گيتا ٦-٥)

اهڙي همٿ رکو ته مان پاڻ کي ضرور مٿي چاڙهيندس. ائين چئي ته آءٌ فاني سنساري آدمي آهيان، پنهنجي من جي طاقت کي ماري نه ڇڏيو. ڪلپنا جا پر ڪتري نه ڇڏيو. پنهنجي ڪلپنا کي وسيع بنايو. چنبول جو مثال پنهنجي سامهون رکو. پره ڦٽيءَ چنبول چوندو

مريادا. (٣) ساميه دشا يا سمان درشٽي. انهن ٽن ڳالهين بنا سچي ساڌنا ٿي نٿي سگهي. چت جي ايڪاگرتا جو ارٿ آهي چت جي چنچلتا کي روڪ. جيون جي مريادا جي معنيٰ آهي سڀني ڪريائن کي ماپي توري ڪرڻ. سم درشٽي جو مطلب آهي، سنسار جي طرف ڌسڻ جي اُدار درشٽي. انهن ٽن ڳالهين سان ڌيان يوگ ٻڌجي وڃيٿو. انهن ٽنهي رستن جا ٻه وري ٻيا رستا آهن، اهي آهن ابياس ۽ وئراڳ. انهن پنهنجي ڳالهين جي توري چرچا هتي ڪريون.

پهرين چت جي ايڪاگرتا کي وٺو. هرهڪ ڪم ۾ چت جي ايڪاگرتا ضروري آهي. وهنواري ڳالهين ۾ به چت جي ايڪاگرتا گهرجي. ائين ناهي ته وهنوار ۾ الڳه گڻن جي ضرورت آهي ۽ پرمارٿ ۾ الڳه. وهنوار کي شڌ ڪرڻ جي معنيٰ ئي آهي پرمارٿ. ڪٿي به ڪهڙو به وهنوار هجي ته انجي جس اپجس، ڪاميابي ناڪاميابي اوهانجي ايڪاگرتا تي مدار ٿي رکي. واپار وهنوار شاستر کوج، راجنيتي ڪنهن کي به وٺو. انهن سڀني ۾ جو ڪجهه جس ملندو اهو انهن پرشن جي ايڪاگرتا انوسار ملندو. نيپولين لاءِ چيو ويندو آهي ته يڌ جو انتظام هڪ بار ٺيڪ ڪري پوءِ جنگ جي ميدان تي حسابي سڌانت حل ڪندو هو. ڌيرن يا تنبن تي گولا ڪرن، سپاهي مرندا رهن، پر نيپولين جو چت پنهنجي حساب ۾ ئي مگهن. مان ائين ڪين تو چوان ته نيپولين جي ايڪاگرتا تمام گهري هئي. ان کان به وڌيڪ اوچي درجي جي ايڪاگرتا

ڪري ڪري پاڻ کي ٻنڌن ۾ نہ وجهو. جي اوچي ابلاڪا نہ رکندا تہ هڪ قدم بہ اڳتي نہ وڌي سگهندا.

هيءَ درشٽي، هيءَ خواهش ۽ اهڙي ڀاونا جيڪڏهن هجي لڌهن تہ ساڌنن جي پيچ ڏاهہ بہ ضروري آهي، نہ نہ پوءِ قصوئي ختم. ٻاهرئين ڪرم جي مدد جي لاءِ مانسڪ ساڌن روپي وڪرم ٻڌايو ويو آهي. ڪرم جي مدد لاءِ وڪرم هميشه هئڻ گهرجي. انهن ٻنهي جي مدد سان جا اڪرم ٿالي واري الوڪڪ حالت ٿيندي، اها ۽ انجا نمونا پنجين اڌياءَ ۾ ٻڌايل آهن. هن ڇهين اڌياءَ ۾ وڪرم جا نمونا ٻڌايا ويا آهن. مانسڪ ساڌنا ٻڌائي ويئي آهي. هن مانسڪ ساڌنا کي سمجهائڻ کان پهرين گيتا چويٿي: 'ڀائي جيو، تون ديوتا ٿي سگهين ٿو. تون اهڙي ئي اوچي چاهنا رک. من کي وسيع ۽ اُدار ڪري انهي ڪنهن کي مضبوط ڪر.' ساڌنا جا، وڪرم جا الڳہ الڳہ نمونا آهن. ڀڳتي يوگہ، گيان، وگيان، گڻ وڪاس آتما - انڻ آتمڪ وويڪ گهڻيئي پرڪار آهن. ڇهين اڌياءَ ۾ ڌيان يوگہ ٿالي وارو ساڌنا جو نمونو ٻڌايو ويو آهي.

٢٦

چت جي ايڪاگرتا

ڌيان يوگہ ۾ ٽي ڳالهيون مکيہ آهن. (١) چت جي ايڪاگرتا. (٢) چت جي ايڪاگرتا لاءِ لائق جيون جي

توهين ست ورهين جي عمر جا هوندا ته ٻه ڪنهن نوجوان والڪر اوهان ۾ اتساهه ۽ طاقت ڏسڻ ۾ ايندي. انسان جيئن جيئن ٻڍو ٿيندو وڃي ٿو تيئن تيئن انجو من زيادهه مضبوط ٿيڻ گهرجي. ڦل کي ئي ڏسو. پهرين اهو سائو هوندو آهي. پوءِ پچندو آهي. پوءِ سڙندو آهي ۽ ختم ٿي ويندو آهي. مگر تيئن ئي انجو اندر جو ٻج زيادهه سخت ٿيندو ويندو آهي. هيءُ ٻاهريون شرير ته سڙي ويندو، ڪري پوندو. مگر ٻاهريون شرير ئي ڦل جو سڀ ڪجهه ناهي. ان جو سڀ ڪجهه، ان جي آتما ته آهي ٻج. هيءَ ڳالهه شرير جي آهي. شرير ڀلي ئي ٻڍو ٿيندو وڃي مگر حافظي جي شڪتي ته وڌندي ئي رهڻ گهرجي. ٻڌي تيجسوي ٿيڻ گهرجي. مگر ائين ٿئي نٿو. منش چوندو آهي ”اڄڪلهه منهنجي يادگيري گهٽجي ويئي آهي.“ ”ڇو؟“ ”هاڻي ٻڍاپو اچي ويو آهي.“ مگر سچ ته اهو آهي ته تنهنجو گيان وديا يا حافظو ٻج آهي. شرير جيئن ٻڍو ٿيندو ويندو تيئن ڍلو پوندو ويندو. مگر تيئن تيئن آتما بلوان ٿيندي وڃڻ گهرجي. ۽ هيءُ بنا ايڪاگرتا جي نه ٿي سگهندو.

٢٧

ايڪاگرتا ڪيئن حاصل ڪريون

هاڻي ايڪاگرتا ته هئڻ گهرجي. پر اها ٿئي ڪيئن؟ اِنلاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڀڳوان چوي ٿو:

جا مثال ڏيئي سگهبا. پر ڪيتري ايڪاگرتا هن وقت هئي، اها ڏسو. خليفي عمر جي ٻه اهڙي ئي ڳالهه ڪندا آهن. تيز لڙائيءَ ۾ ٻه نماز جو وقت ٿيندو هو ته هو اتي ئي جنگ جي ميدان ۾ چت ايڪاگر ڪري گوڏا کوڙي نماز پڙهڻ لڳندو هو؛ سندس چت اهڙو ايڪاگر ٿي ويندو هو جو کيس اها به خبر نه رهندي هئي ته ڪتي منهنجا آدمي قتل ٿي رهيا آهن. اڳين مسلمانن جي هن ايشور ويساه جي ڪري ئي، هن ايڪاگرتا جي ڪارڻ ئي اسلام مذهب ايترو ڦهليو.

ان ڏينهن مون هڪ ڪهاڻي ٻڌي. هڪ فقير هو. سندس شرير ۾ تير چڀي ويو. کيس ڏاڍو درد ٿي رهيو هو. تير ڪڍڻ سان پيڙا اڃا به وڌي ٿي ويئي. انڪري اهو تير ٻاهر ڇڪي به نٿي سگهيا. ڪلوروفارم جهڙي بيهوش ڪرڻ جي دوا ان وقت نه هئي ڪانه. ڏکيو سوال کڙو ٿي پيو. ڪي آدمي ان فقير کي سڃاڻندا هئا. انهن اڳتي وڌي چيو، ”تير هاڻي نه ڪڍو. هيءُ نماز پڙهڻ وهندو ته ڪڍي وٺنداسين.“ شام جي نماز جو وقت ٿيو. فقير نماز پڙهڻ لڳو. گهڙيءَ ۾ ئي انجو چت ايترو ايڪاگر ٿي ويو جو تير سندس بدن مان ڪڍيو ويو ته به کيس معلوم ڪين ٿيو. ڪهڙي نه گهري آهي هيءَ ايڪاگرتا!

تاتپرج هيءَ ته وهنوار خواهه پرمارٿ ۾ چت جي ايڪاگرتا بنا ان ۾ ڪاميابي ملڻ ڪٺن آهي. جي ايڪاگر وهندو ته شڪتيءَ جي ڪڏهين به ڪمي نه رهندي.

ان ۾ لوڻ گهٽ آهي. سيرو زياده مٺو ٿي ويو آهي. اڙي پاڻي ڪيترو لوڻ گهٽ ٿي پيو؟ هڪ اڌ ڪٽو گهٽ پئجي ويو. ان مهان خيال ۾ ٿي اسان جو گيان غرق ٿئي ٿو. ٻارن کي اسڪول جي چئن ديوارين جي اندر ٿي ڦاسائي پڙهائيون ٿا. جو نه چوندا آهن ته جي ٻاهر وڻن ٽڻن هيٺان پڙهائينداسين ته ڪانءَ بلبلين ۽ جهرڪيون ڏسي من ايڪاگر نه ٿيندن. ٻار جو ٿيا. ڪانءَ ۽ جهرڪيون نه ڏسڻ ۾ آيون ته ايڪاگرتا اچي ويئي! پر اسين هاڻي ٿي ويا آهيون گهوڙن برابر. اسان جا هاڻ سڱ نڪري آيا آهن. جي اسان کي ستن ديوارين اندر بند ڪري ڇڏيو ته به اسان جي من جي ايڪاگرتا نه ٿيڻ واري آهي. جو نه اسان کي دنيا ۾ هر ڪنهن ننڍي وڏي چيز جي اپنار ڪرڻ جي عادت پئجي ويئي آهي. جو گيان پرماتما کي حاصل ڪري سگهي ٿو ان کي اسين ساڳ ڀاڄيءَ جي اپنار ڪرڻ ۾ وڃائي ڇڏيون ٿا. ۽ ان ۾ پنهنجي فرض بجا آوري مڃون ٿا.

ڏينهن رات هي ڀيانڪ سنسار اسانجي چوطرف اندر ٻاهر ڏوڪ ڪري رهيو آهي. پرارٿنا يا پوڄن ڪرڻ ۾ به اسان جو ارادو ٻاهريون ٿي رهندو آهي. پرميشور ۾ لين ٿي هڪ ڪن لاءِ به سنسار کي ڀلجڻ جي ڀاونا نٿي رهي. پرارٿنا ۾ به جتي ڏيکاءُ آهي، اهڙي جڏهن من جي اوسنا آهي، اتي آسڻ ڄمائي ۽ اکيون بند ڪري ويهڻ اجايو آهي. من جي ڊوڙ هميشه ٻاهر

"آتما ۾ من کي روڪ
ٻي ڪجهه به چنتا نه ڪر." (گيتا ٦-٢٥)

مگر هي ٿئي ڪيئن؟ من کي روڪي شانت رکڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. ويچارن جي چڪر کي زور سان روڪڻ کانسواءِ ايڪاگرتا ڪيئن ٿيندي. ٻاهريون چڪر نه ڪنهن طرح روڪي به وٺجي پر اندر نه چڪر هلندو ئي رهي ٿو. چت جي ايڪاگرتا لاءِ هي ٻاهريان ساڌن جيئن ڪم ۾ لڳايا وڃن تيئن تيئن اندر جا چڪر زياده رفتار سان هلڻ لڳن ٿا. توهين آسن جمائي ويهي وڃو. اکيون استر ڪري وٺو. پر اينتري سان من ايڪاگر نه ٿي سگهندو. مکيه ڳالهه آهي نه من جو چڪر هلڻ بند ٿي وڃي.

مگر مکيه ڳالهه آهي نه هي ٻاهريون اپرنپار سنسار جو اسانجي من ۾ پيل رهيتو، ان کي بند ڪرڻ کانسواءِ ايڪاگرتا ناممڪن آهي. پنهنجي آتما جي اَپار گيان شڪتي اسين ٻاهرين ٻي بقا چيزن ۾ خرچ ڪري ڇڏيون ٿا. ائين نه ٿيڻ گهرجي. جهڙيءَ طرح ٻين ڪان نه ڪسيندي خود پنهنجي محنت سان شاهوڪار ٿي ويندڙ پرش بنا ضرورت خرچ نٿو ڪري، تهڙيءَ طرح اسان کي به پنهنجي آتما جي گيان شڪتي خسيس ڳالهين جي چنتائن ۾ خرچ ڪرڻ نه گهرجي. هيءَ گيان شڪتي اسان جي اَملهه دولت آهي. مگر اسين ان کي خسيس وشين ۾ خرچ ڪري ڇڏيون ٿا. هيءَ ڪا چڱي نه ٿي آهي.

سان نند اچي وڃي ٿي. اهو تموگڻ ٿيو. ڪلي رڪڻ سان نظر سڀ طرف وڃي ٿي. اهو رجوگڻ ٿيو. ان ڪري وچ واري حالت ڇٽي ويئي آهي. تاپرج ته من جي حالت بدلائڻ بنا ايڪاگرتا نٿي ٿي سگهي. من جي حالت نيڪ ۽ شڌ هئڻ گهرجي. صرف آسڻ جمائي ويهڻ سان اها نٿي حاصل ٿي سگهي. ان لاءِ اسان جا سڀ وهنوار شڌ هئڻ گهرجن. وهنوار شڌ ڪرڻ لاءِ ان جو مقصد بدلجڻ گهرجي. وهنوار اسان کي شخصي لاڀ لاءِ، واسنا ترپتي لاءِ يا باهرين ڳالهين لاءِ نه ڪرڻ گهرجي.

وهنوار ته اسين سڀ ڏينهن پيا ڪريون. آخر سڄي ڏينهن جي هن جفاڪشيءَ جو مطلب ڪهڙو آهي؟

"هن ڪارڻ منهنجي ساري محنت،
سڦلي گهڙي ٿئي منهنجي انت."

هيءَ ساري جفاڪشي، هيءَ ساري ڊڪ ڊوڙ، ان لاءِ نه، ته اسان جا آخرين ڏينهن سکيا ٿين. زندگي ڀر ڪوڙو زهر ڇو ڪاڏو وڃي؟ ان لاءِ ته اسان جو انت ڪال، اسان جو موت پوتر ٿئي. ڏينهن جي آخرين گهڙي شام جو ايندي آهي. اڄ ڏينهن جو سارو ڪم جي پوتر ڀاونا سان ڪيو ويو ته رات جي پرارٿنا اهڙي ئي مڌر ٿيندي. اهو ڏينهن جو آخرين پل جي مڌر ٿيو ته ڏينهن جو سارو ڪرم سڦل سمجهو. تڏهن منهنجو من ايڪاگر ٿيندو.

ايڪاگرتا لاءِ اهڙي جيون شڌيءَ جي ضرورت آهي. باهرين ڳالهين جو چنتن ختم ٿيڻ گهرجي. انسان

ٿي هوندي رهڻ سان، انسان جي ساري طاقت ناس ٿي وڃي ٿي. ڪنهن به نموني جو انتظام، سنجم انسان ۾ نٿو رهي. انجو انيڙو اسان جي ديش ۾ اڄ ڪالهه قدم قدم تي ملي رهيو آهي. حقيقت ۾ پارت ورش ته پرمارٿ پوڄي ئي آهي. هتان جا ماڻهو شروع کان ئي اوچي هوا ۾ اڏامڻ وارا سمجهيا ويندا آهن. پر اهڙي ديس ۾ توهان جي ۽ اسان جي ڪهڙي حالت آهي؟ بلڪل ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين جي ايتري چنتا سان پچار ۽ پنيرائي ڪندا آهيون جو ڏسي دک ٿئي ٿو. تڇ ڳالهين ۾ ئي اسان جو چت ٻڌل رهيٿو.

"ست سنگ ڪتا ۾ ننڊ تي ورائي،
مگر ليٽندي ئي تي چنتا ستائي،
عجب ڪرم پرولي روئڻ سان نه پڄي."

ڪتا پراڻ ٻڌڻ وڃون ته اتي ننڊ پيئي اچي ۽ ننڊ ڪرڻ وڃون ته اتي چنتا ۽ ويچارن جا چڪر اچيو گهيرين. هڪ طرف شونيه گرتا (بي خيالي) ٻئي طرف انيڪاگرتا (گهڻ خيالي). ايڪاگرتا جو ته ڪٿي پتو به ڪونهي. ايترو هي منش اندرين جو غلام ٿي ويو آهي. هڪ دفعي ڪنهن پڇيو ته پرارٿنا وقت اکيون اڌ بوٽيل ڇو رکڻ گهرجن؟ مون ڇيو سولو جواب آهي: اکيون بلڪل بوٽي ٿا ڇڏيون ته ننڊ ٿي اچي، کولي ٿا رکون ته چوطرف نظر وڃڻ سان ايڪاگرتا نٿي ٿئي. اکين بوٽڻ

ڇو ٻراڙا ڪڻ اوڳڻ ڏسان، ڇا مان دوش ٻڌان آهيان؟ خود مون ۾ ڇا اوڳڻ گهٽ آهن؟ جي مان سدائين ٻين جي ڳالهين ڏسڻ ۾ ئي مگهن رهيس ته پوءِ منهنجي چت جي ايڪاگرتا ٿيندي ڪيئن؟ پوءِ منهنجون ٻئي حالتون ٿينديون. هڪ ته شونيه اوستا (بي خيالي) يعني لنبءِ بي انيڪ گرتا. ٻيو اوڳڻ ۽ جوڳڻ ۾ ئي مان اٽڪيو رهندس.

يڳوان هي ضرور چيو آهي ته چت جي ايڪاگرتا لاءِ هن طرح وهوءِ هن طرح اکيون رکو، هن طرح آسڻ ڄمايو وغيره. مگر هن سڀ مان فائدو تڏهن ٿيندو جڏهن پهرين پهرين چت جي ايڪاگرتا جا اسين خواهشمند هجون. هي لشچيه هئڻ ضروري آهي ته چت جي ايڪاگرتا انسان کي کپي. پوءِ ته منش خود ئي انجو وسيلو ڳولي ڪڍندو.

٢٨

جيون ۾ سڀ ڪجھ حد اندر

چت جي ايڪاگرتا ۾ ٻي مددگار چيز آهي، جيون کي نت نيم ۾ رکڻ جي عادت. اسان جو سڀ ڪم نيمائتو هئڻ گهرجي. حسابي اصول اسانجي سيني ڪمن ۾ اچڻ گهرجي. دوا جيئن ماپي توري وٺبي آهي تيئن ئي کائڻ پيئڻ، گهمڻ، سمهڻ به ماپ تي هئڻ گهرجي. جيون ۾ سڀ جڳهه ماپ تور ڪرڻ گهرجي. هر هڪ اندريءَ تي پهرو ٻيهارڻ گهرجي. مان زياده ته نتو کان، وڌيڪ ته

جي عمر گهٽي ڪا نهي مگر هن توري عمر ۾ به پرميشوري سک جو سواد وٺڻ جي طاقت آهي. ٻه منش بلڪل هڪ ئي سانچي ۾ ٺهيل، هڪ جهڙي ڇاپ لڳل، ٻه اکيون انهن جي وچ ۾ هڪ نڪ ۽ ان نڪ جون ٻه ناسون، اهڙيءَ طرح بلڪل هڪجهڙا هوندي به هڪ انسان ديو سمان ته ٻيو پسوءَ سمان. ائين ڇو ٿو ٿئي؟ هڪ ئي پرميشور جا سڀ ٻار، سڀ هڪئي ڪاڻ جا هيرا! پوءِ هي فرق ڇو ٿو ٿئي؟ انهن ٻنهي شخص جي ذات هڪ آهي. اهڙو يقين نٿو ٿئي. هڪ نر جو نارائڻ ٻيو نر جو باندر.

منش ڪيترو به مٿي چڙهي سگهي ٿو، انجو نمونو ڏيکارڻ وارا انسان اڳي به ٿي ويا آهن ۽ اڄ به اسان جي وچ ۾ آهن. هي انيءَ جي ڳالهه آهي. هن منش ديهه ۾ ڪيتري شڪتي آهي اهو ڏيکارڻ لاءِ سنت اڳ به ٿيا آهن. اهي اڄ به آهن. هن ديهه ۾ رهي منش اهڙو پراڪرم ڪري سگهي ٿو ته پوءِ مان ڇو نه ڪري سگهندس؟ مان پنهنجي ڪلپنا کي ڇو حد ۾ ٻڌان؟ جنهن منش ديهه ۾ رهي ٻيا منش وير ٿي ويا اهائي منش ديهه مونکي به ملي آهي. پوءِ منهنجي اهڙي حالت ڇو؟

ڪٿي نه ڪٿي مون ڪان ڀل ٿي رهي آهي. منهنجو هيءُ چت سدائين ٻاهر ويندو رهندو آهي. ٻئي جي گڻ دوش ڏسڻ ۾ هو ڏاڍو واهيات ٿي ويو آهي. پر مونکي ٻئي جي گڻ اوگڻ ڏسڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي.

شراب، پڪوڙا، جهڙوڻ نه ڇانو ۽ سنگترو، ڪيلو، موسمي ۽ کٽو نه کائڻ گهرجي. جيڀ جي چروائي اندرين مالڪ کي برداشت نه ڪرڻ گهرجي. اندرين لي هيءَ دباءَ هئڻ گهرجي نه جي اسين ڪڙ ڪنداسين نه اندريون مالڪ ضرور اسان کي سزا ڏيندو. نيمائتي رهڻ کي جيون جي مريادا چون ٿا.

۲۹

سڀ ۾ چڱائي!

ٽين ڳالهه آهي سمدرشتي ڌارڻ. سمدرشتي جو ارٿ آهي سڀ درشتي هئڻ ڪان سواءِ چٽ ايڪاگر ٿي نه سگهندو. شينهن هيڏو وڏو جهنگل جو راجا آهي مگر چار قدم هلي ورِي پٺتي نهاريندو آهي. ان هنسڪ شينهن کي ايڪاگرتا ڪٿان پراپت ٿيندي؟ شير، ڪانءُ، ٻلي جون اکيون ڦرنديون رهن ٿيون. انهيءَ جي نظر خبردار ۽ گهٻرايل هوندي آهي. هنسڪ پراڻين جو اهڙو ئي حال رهندو. سم-درشتي اچڻ گهرجي. هي سارو سنسار ڪلياڻ ڪاري معلوم ٿيڻ گهرجي. هتي ڊڄڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ سڀ ڪجهه شب ۽ سُندر آهي. هي جڳ منگل ڪاري آهي، ڇو ته ايشور انجي نگهباني ڪري رهيو آهي. انگريز ڪوي براؤننگ به ائين چيو آهي: ايشور آڪاش ۾ براجمان آهي ۽ سنسار سڀ

ننڍو سمهڻ، فضول نه ننڍو ڊسان يا ڳالهايان، هميشه باريڪيءَ سان اهڙو ڏيان رکڻ گهرجي.

هڪ صاحب کنهن ماڻهو لاءِ چئي رهيو هو ته هو کنهن جي ڪمري ۾ ويندو هو ته اک ڇنڀ ۾ سندس نظر ۾ اچي ويندو هو ته ڪمري ۾ ڇا ڇا آهي ۽ ڪٿي رکيو آهي. مون من ۾ چيو ته ڀڳوان شل هيءَ وڏائي مونکي حاصل نه ٿئي. مان ڇا سندس منشي آهيان جو پنجاه سٽ شين جي يادداشت من ۾ رکان؟ اتان ڇا مونکي چوري ڪرڻي آهي؟ صاٻڻ هتي هو، گهڙي هتي هئي. ان سان مونکي ڇا ڪرڻو آهي؟ هن گيان جي مونکي ڪهڙي ضرورت؟ اکين جي هيءَ فضول استعمال مونکي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ڪنن لي به پهرو رکڻ گهرجي. ڪي ماڻهو ائين چاهيندا آهن ته ڪنن وانگر اسان جا ڪن هجن ها ته ڪيترو نه چڱو ٿئي ها. جيڏانهن چاهيون اوڏانهن انهن کي ڦيرائي سگهون ها. منش جي ڪن ۾ ڀڳوان هيءَ ڪمي رکي ڇڏي. مگر ڪن جي هيءَ فضول طاقت اسان کي نه گهرجي. تيئن هيءُ من به ڏاڍو زبردست آهي. ٿورو ڪٿي ڪڙڪو ٿيو، آهٽ آئي ويو اتي ڏيان. تنهنڪري جيون کي مريادا ۽ انتظام رکون ۽ خراب چيز ڏسون ئي نه، خراب ڪتاب پڙهون ئي نه، نندا يا ساراه سڻون ئي نه. خراب چيزون نه ڇڏ پر سٺين چيزن جو به ضرورت کان زياده استعمال ڪريون. لالچ ڪنهن به پرڪار جي نه هئڻ گهرجي

جي نظر سان چوطرف نهاريندو رهندس. ڪوئي پکين جي آزاديءَ جا گيت ڳائيندا آهن. انهن کي چوڌاري گهر جي ذرا هڪ دفعو پڪي ٿي ته ڏسو. پوءِ انهن جي آزاديءَ جي ٺيڪ قيمت معلوم ٿي ويندي. پکين جي ٻچي اڳتي پوئتي لڳاتار نچندي رهندي آهي. انهن کي هميشه پيٽ جو ڏپ لڳو رهندو آهي. جهرڪيءَ کي آسڻ تي آٽي وهاريو. ڇا هوءَ ايڪاگر ٿي ويندي؟ منهنجي تورو ويجهو وڃڻ تي جهٽ ٿي ڦڙ ڦڙ ڪري اڏامي ويندي. هوءَ ڄڻندي ته هي مونکي مارڻ نه اچي رهيو آهي. جن جي اندر ۾ اهڙي امنگل ڪلپنا هوندي ته هيءَ سڄي دنيا شڪاري آهي، مارينڌڙ آهي، انهن کي شانتي ڪٿي؟ جيستائين هي خيال مغز مان نه نڪرندو ته "پنهنجو رکيڪ مان آهيان" باقي ٻيا سڀ شڪاري آهن، ليستائين ايڪاگرتا نه ملي سگهندي. سمدرشتيءَ جي ڀاونائي ان جو الم ۽ سڀ کان سٺو رستو آهي. توهين هر هنڌ شڀ ڏسڻ لڳو ته چت پنهنجو پاڻ شانت ٿي ويندو.

ڪنهن دکي انسان کي ڪل ڪل ڪري وهندڙ نديءَ جي ڪناري وٺي وڃو. انجي صاف ۽ شانت وهڪري کي ڏسي سندس ٻي چنتي دور ٿي ويندي. هو پنهنجو دک ڀلجي ويندو. ان جهرڻي ۾، ان وهڪري ۾ اهڙي شڪتي ڪٿان آئي؟ پرميشور جي پولر شڪتي ان ۾ ٿي ظاهر ٿي آهي. ويدن ۾ جهرڻن جو ڏاڍو سندر بيان آهي. اهڙو هي جهرڻي جو گڻ آهي. جهرڻو اکنڊ وهندڙ آهي.

نيڪ طرح هلي رهيو آهي. سنسار ۾ ڪجهہ بہ برائي ڪانهي. جيڪڏهن ڪٿي بہ برائي آهي تہ اها منهنجي نظر ۾ آهي. جهڙي درشٽي اهڙي هيءَ سرشٽي. جي مان ڳاڙهي رنگ جي عينڪ پائيندس تہ سارو سنسار ڳاڙهو نظر ايندو، پرندو نظر ايندو هو.

رامداس رامائڻ لکندو ويندو هو ۽ ششن کي پڙهي ٻڌائيندو ويندو هو. هنومان بہ ان کي ٻڌڻ لاءِ لڪي اچي ويهندو هو. سمرٿ رامداس لکيو هو، "هنومان جڏهن اشوڪ بن ۾ ويو تہ اتي ان اڇا گل ڏٺا." اهو ٻڌندي ئي اتي جهٽ هنومان ظاهر ٿيو ۽ چوڻ لڳو، "مون اڇا گل نہ پر ڳاڙها گل ڏٺا." توهان غلط لکيو آهي. ان کي درست ڪريو. سمرٿ چيو، "مون ٺيڪ لکيو آهي. توهان اڇا گل ئي ڏٺا هئا." هنومان چيو مان خود اتي ويو هوس. مان ئي ڪوڙو؟ آخر جهڳڙو رامچندر جي وٽ ويو. انهيءَ چيو گل تہ اڇا هوا پر هنومان جون اکيون ڪروڌ ڪري ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. ان ڪري ڪيس گل اڇن بدران ڳاڙها ڏسڻ ۾ آيا. هن منوهر ڪٿا جو تاتپرج هي آهي تہ سنسار کي ڏسڻ جي جهڙي اسان جي ڀاونا هوندي، سنسار بہ اسان کي تهڙو ئي ڏسڻ ۾ ايندو.

جيڪڏهن اسان کي هن ڳالهہ جي پڪ نہ هجي تہ هيءَ سرشٽي پوتر آهي تہ چت جي ايڪاگرتا نہ ملي سگهندي. جيسين تائين مان سمجهندو رهندس تہ هيءَ سرشٽي بري آهي، خراب آهي تيسين تائين مان گمان

لڳندا. پر ۽ مٿي جي سڀني چيز ڏسي جيڪڏهن چت
شانت ئي وڃي ته ته پوءِ اندروني دنيا ڏسي ڪيئن نه
ٿيندو؟ هڪ دفعي ٽراونڪور ويو هوس. هڪ ڏينهن
سمنڊ جي ڪناري تي ويٺو هوس. اهو اپار سمنڊ، سندس
گرجنا، سانجهي جي ويل، مان بلڪل چپ ۽ شانت ويٺو
هوس. منهنجي هڪ مترالي سمنڊ جي ڪناري ڪجهه
ڦل وغيره کائڻ لاءِ آڻي ڏنا. ان وقت اهو سالوڪ کاڌو
به مونکي زهر سمان لڳو. سمنڊ جي اها "اوم،" "اوم"
گرجنا مونکي ان گيتا وچن "منهنجو سمرڻ ڪر ۽ يڌ به
ڪندو رهه" جي ياد ڏياري رهي هئي. سمندر سانده
اوم جو سمرڻ ڪري رهيو هو ۽ ڪرم به ڪري رهيو
هو. هڪ لهر آئي، اها ويئي ۽ ٻي آئي. ڪيس هڪ گهڙيءَ
لاءِ به آرام ڪين هو. اهو نظارو ڏسي منهنجي بک پياس
اڏامي ويئي. آخر ان سمندر ۾ اهڙو ڇا هو؟ کاري پاڻيءَ
جي لهرن کي نچندو ڏسي جي منهنجو من به نچڻ لڳو
هو ته پوءِ گيان ۽ پريم جي اٿاهه ساگر جي هردي ۾ ڇوليون
مارڻ تي مان ڪيترو نه نچڻ لڳندس! ويدڪ رشيءَ
جي هردي ۾ اهڙو ئي سمندر ڇوليون ماريندو هو. هن
ايشوري ٻوليءَ تي ٽيڪا ڪندڙ بهار ڪاني وينا. آها!
کهڙي نه اها گيهه جي ڌارا! کهڙي نه اها ماکيءَ جي
ڌارا!! ڇا منهنجي اندر جي سمنڊ ۾، اهي کاريون لهرون
اٿنديون؟ نه نه منهنجي هردي ۾ ته کير، ماکي ۽ گيهه جون
لهرون ڇوليون ماري رهيون آهن.

سندس پنهنجو ڪو گهر ٻار ڪونهي. هو سنياسي آهي. اهڙو پوتر جهرڻو ڪن پل ۾ منهنجي من کي ايڪاگر بنائي ڇڏيندو. اهڙي سندر جهرڻي کي ڏسي منهنجي من مان پريم جو، گيان جو چشمو ڇو نه ڦاٽي نڪرندو!

هي دنيا جو بيجان پاڻي به جي منهنجي من کي شانتي بخشي سگهي ٿو ته پوءِ منهنجي من جي اندر ۾ جي پيغتي ۽ گيان جو جهرڻو وهڻ لڳي ته منهنجي من کي ڪيتري نه شانتي حاصل ٿئي! منهنجو هڪ دوست، همالیہ ۾ ڪشمير ۾ گهڻو رهيو هو. اتان جي پوتر پهاڙن، سندر جل ۽ وهڪرن جو احوال لکي موڪليندو هو. مون کيس جواب ڏنو ته جي پاڻيءَ جا چشما، جي پهاڙن جون قطارون، جي پوتر هوائون توکي لاثاني آنند ڏين ٿيون، انهن سڀني جو انڀؤ مونکي پنهنجي هردي ۾ ٿي سگهي ٿو. پنهنجي اندر جي دنيا ۾ هميشه انهن سڀني منوهر نظارن کي ڏسندو آهيان. تنهنڪري تنهنجي دعوت ٿي به مان پنهنجي هردي جي هن لاثاني ايشوري همالیہ کي ڇڏي نه ايندس.
"استرن ۾ مان همالیہ." (گيتا ١٠-٥)

استرتا جي مورتيءَ جي روپ ۾ جنهن همالیہ جي پوڄا استرتا آڻڻ لاءِ ڪرڻي آهي ان جو بيان سڻي جيڪڏهن مون پنهنجو فرض ڇڏي ڏنو ته هيءَ الٽي ڳالهه ٿيندي.

تاتپرج ته چت کي ذرا شانت ڪريو. سرشٽيءَ کي منگل درشٽيءَ سان ڏسو. ته پوءِ توهان جي هردي ۾ جهرڻا وهڻ لڳندا. ڪلپنا جا لاثاني تارا هردي ۾ چمڪڻ

مصالح آهن. ٻوءِ جي سکيا کي ٻاهريون رنگ، ٻاهريون پردو سمجهو. صابڻ لڳائڻ سان ٻاهريون داغ، مٽي وغيره لڪري ويندي پر چمڙيءَ جو رنگ ڪيئن لهي ويندو؟ اهڙيءَ طرح جي سنسڪار وغيره شروع ۾ ئي پئجي وڃن ٿا، انهن جو لڪرڻ مشڪل ٿي پوندو.

نه ٻوءِ اهي شروعاتي سنسڪار ٻلوان ڇو؟ ٻوءِ جا سنسڪار ڪمزور ڇو؟ انڪري نه ٻال اوستا ۾ چت جي ايڪاگرتا قدرتي رهي ٿي. ايڪاگرتا هئڻ جي ڪارڻ جي سنسڪار پون ٿا سي وري ناس نٿا ٿين. چت جي ايڪاگرتا جي ايڏي مهما آهي. جنهنکي اها ايڪاگرتا ملي ويئي ان لاءِ سنسار ۾ ڇا ناممڪن آهي.

اسان جو سارو جيون اڄڪلهه نقلي ٿي پيو آهي. اسان جي ٻالڪ ورتي ختم ٿي ويئي آهي، ناس ٿي ويئي آهي. جيون ۾ سچو ميناج ئي ڪونهي. اهو خشڪ ٿي ويو آهي. اسين جڻن اڄي ئي ٻڍا هلون. نه ڊاروِن صاحب، پر اسين پنهنجن ڪرتوتن سان پاڻ ست ڪري رهيا آهيون نه اسان جا وڏا ٻاندر هئا.

ننڍڙو ٻار وشواسي آهي. جيڪي ماءُ چويس سوئي سندس لاءِ سچ آهي. جيڪي آکاڻيون کيس ٻڌايون وينديون آهن اهي کيس ڪوڙيون نه لڳنديون آهن. طوطي ٻوليو، مٽنا ڳايو، اهو کيس سچو محسوس ٿيندو آهي. هن وشواسي ورتيءَ ڪري، هن منگل ورتيءَ ڪري ٻار ترت ايڪاگر ٿين ٿا.

٣٠

ٻالڪ گرو!

پنهنجي هردي جي هن سمنڊ ۾ نهارڻ سڪو. ٻاهرين منوهر نيري آسمان کي ڏسي چت کي به نرمل ۽ نرليپ بڻايو. سچ پڇو ته چت جي ايڪاگرتا هڪ کيل آهي. رواجي ڳالهه آهي. چت جي چنچلتائي اسڀاويڪ، نقلي آهي. ننڍڙي ٻار جي اکين ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريو. ننڍڙو ٻار سانده يڪ ٽڪ نهاريندو آهي، پر توهين ڏهه دفعا اک ڇنڀيندا. ٻارن جو من ترت ايڪاگر ٿي ويندو آهي. ڇهن پنجن مهنن جي ٻار کي ٻاهرين سر سبز سرشٽي جو ديدار ڪرايو، هو سانده نهاريندو رهندو. استرين جو ته ايتري قدر چوڻ آهي ته ٻاهرين سبز دنيا ڏسي سندس وشنا به سائي ٿي وڃيٿي. ڄڻڪ ته سيني اندرين کي اکيون ٻڻائي هو ڏسي ٿو. ننڍڙي ٻار جي من تي ڪنهن به ڳالهه جو گهرو اثر پوندو آهي. تعليمي ماهر چون ٿا ته شروع جي ٻن ڇهن سالن ۾ جا سکيا ٻار کي ملندي آهي اهائي سچي سکيا آهي. توهان ڪيترائي سڪول، ڪاليج سنسٿائون قائم ڪريو. پر شروع ۾ جا سکيا ملي آهي اها وري ڪڏهن نه ملي سگهندي. سکيا وشيه سان منهنجو خاصو لاڳاپو آهي. ڏينهون ڏينهن مون کي اهو يقين ٿيندو ٿو وڃي ته ان ٻاهرين سکيا جو اثر ڪجهه به نه آهي. شروعاتي سنسڪارئي مضبوط بڻائيندڙ

هن ڏيان يوڳ جو بيان ڪندي ڀڳوان هڪ تمام اهم ڳالهه شروع ۾ ٻڌائي آهي. اها هيءَ ته منش کي اهڙو پڪو ارادو ڪرڻ گهرجي ته مون کي خود پنهنجو اُڌار ڪرڻو آهي. مان اڪيلي وڏ الدس. مان اوچو اُڏامندس. مان هن منش ديهه ۾ ئي پيو ڪونه رهندس. مان پرميشور وٽ وڃڻ جي همت ڪندس ۽ اهڙي ڪوشش به ڪندس.

هي سڀ ٻڌي ارجن جي من ۾ شنڪا اٿي ته: "ڀڳوان، هاڻ ته منهنجي عمر گذري چڪي آهي. ڪجهه ڏينهن بعد مان مري ويندس ته پوءِ هيءَ ساڌنا ڪهڙي ڪم جي؟" ڀڳوان چيو، "موت جي معنيٰ ته آهي ڊگهي ننڊ. روز ڪم ڪري اسين ست اٺ ڪلاڪ سمهون ٿا. ان ننڊ کان ڪوئي ڊڄندو آهي؟ بلڪ ننڊ نه اچي ته چنتا ٿي پوندي آهي. جيئن ننڊ ضروري آهي تيئن موت به ضروري آهي. جيئن ننڊ مان جاڳي وري اسين ڪم شروع ڪندا آهيون تيئن ئي مرڻ کان پوءِ به ٻهرين کيل هيءَ ساري ساڌنا اسان جي ڪم اچي ٿي. گياڻديو هينئين ڪوئتا ۾ جڻ پنهنجو آتم چرتر ئي لکيو آهي.

بالپڻ ۾ ئي سارو گيان حاصل ٿئي ٿو،
سندس مکه مان نڪرن شاستر، ڪامل ٿيئٿو.

انهن سلوڪن ۾ انهن ئي ڏسجي پيو. اڳين جنم جو اپياس اسان کي ڇڪي وٺي ٿو. ڪنهن جو چت واسنائن

٣١

اپياس، ويراڳ ۽ شرڌا.

تاتپرج تہ ڌيان يوگ لاءِ چت جي ايڪاگرتا، جيون جي مريادا ۽ پورڻ سامي دِرشٽيءَ جي ضرورت آهي. تنهن کان سواءِ ٻيا ٻہ ٻہ ساڌن ٻڌايا ويا آهن. ويراڳ ۽ اپياس. هڪ آهي ڌاهيندڙ تہ ٻيو آهي اڏيندڙ. ٻنيءَ مان گاهہ لاٻارو ڪري اڇلڻ ٿيو ڌاهيندڙ ڪم. ان کي چئون ٿا ويراڳ. ان ۾ ٻج ڇٽڻ آهي اڏيندڙ ڪم. من ۾ سٺن ويچارن جو وري وري چنتن ڪرڻ کي اپياس چئبو آهي. ويراڳ، ڌاهيندڙ ڪريا آهي. اپياس، ٺاهيندڙ ڪريا آهي. هاڻي ويراڳ اچي ڪيئن؟ اسين چوندا آهيون انب مٺو آهي. پر ڇا، هي ميٺاج رڳو انب ۾ ئي آهي؟ نہ، رڳو انب ۾ نہ آهي. اسين پنهنجي آتما جو ميٺاج چيز ۾ وجهون ٿا ۽ پوءِ اها چيز مٺي لڳي ٿي. تنهنڪري اندروني ميٺاج چکڻ سکو. صرف ٻاهرين چيز ۾ ميٺاج ناهي. بلڪ اهو رَسن جو رَسُ، ميٺاج جو ساگر آتما مون وٽ ئي آهي. انهي ئي ڪارڻ مٺين چيزن ۾ ميٺاج آيو آهي. اهڙي ڀاوَنا ڪندو رهڻ سان من ۾ ويراڳ جي پيدائش ٿئي ٿي. سيتا ماتا، هنومان کي موتين جو هار انعام ڏنو. هنومان موتين کي چٻاڙيندو، ڏسندو، اڇليندو ويو. انهن ۾ ان کي ڪٿي بہ رام ڏسڻ ۾ نہ آيو. رام تہ سندس دل ۾ هو. مگر انهن موتين لاءِ مورکہ تہ لکين رپيا ڏين ٿا.

اڌياءُ ستون

ايشور جي شرڻ ۾

٣٢

ڀڳتيءَ جو شاندار درشن

ڀائرو، ارجن جي سامهون جڏهن سؤڌرم پالڻ جو سوال کڙو ٿيو ته سندس من ۾ پنهنجي پرائي جو موه پيدا ٿيو ۽ هو سؤڌرم آچرڻ کان بچڻ لاءِ اُپاءَ سوچڻ لڳو. سندس هي اجايو موه پهرين اڌياءَ ۾ ڏيکاريو ويو. هن موه کي مٽائڻ جي تجويز سان ٻيو اڌياءُ شروع ٿيو. ان ۾ هي ٽي سڌانت ٻڌايا ويا: (١) آتما امر آهي ۽ اها هر هنڌ وياپڪ آهي. (٢) ديه فاني آهي. (٣) سؤڌرم تياڳڻ ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. گڏوگڏ ڪرم ڦل تياڳڻ روپي طريقو به ٻڌايو ويو. جنهن جي مدد سان انهن سڌانتن تي عمل ڪرڻ جي ڪنجي هٿ اچي ٿي. ان ڪرم يوگ جو بيان ڪندي اتمان ڪرم، وڪرم ۽ اڪرم، هي ٽي چيزون پيدا ٿيون. ڪرم ۽ وڪرم جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ٻن نمونن جا اڪرم پنجين اڌياءَ ۾ اسان ڏٺا. ڇهين اڌياءَ ۾ طرحين طرحين جا وڪرم ٻڌائڻ جي شروعات ڪئي وئي. ڇهين اڌياءَ ۾ ساڌنا جي لاءِ ضروري ايڪاگرتا جي اهميت ٻڌائي وئي آهي.

طرف نٿو وڃي. هو ڄاڻي ٿي نٿو ته موه ڪهڙي وٽ آهي. ڇو ته پنهنجي جنم ۾ هو اها ساڌنا ڪري چڪو آهي. ڀڳوان يقين ڏنو آهي.

”شيئي ڪرمي جو آهي، درگتي ڪڏهن نه پائي.“

جو منش ڪلياڻ مارگ تي هلي ٿو انهو نروبه پورهيو اجايو نٿو وڃي. آخر ۾ انهيءَ قسم جي شردا جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جو اپورڻ آهي، اهو آخر پورڻ تي رهندو. ڀڳوان جي هن اپديش جو مطلب گرهڻ ڪريو ۽ پنهنجو جيون سڦل ڪريو.

آرتوار: ٢٧-٣-٣٢.

ھن ڀتي مصالح مان ساري سرشتي پيدا ٿي آھي. اھا ڳالھہ شروع ۾ ئي ڀڳوان ٻڌائي آھي.

آتما ۽ ديھہ، پرا ۽ اپرا * پرڪرتي ساڳي آھي. پوءِ منش موھہ ۾ ڇو ٿو ڦاسي پوي؟ ڀيد ڇو ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟ پر ايمي منش جو چھرو وڻندڙ معلوم ٿيندو آھي. پر ڪنھن ٻئي کي ڏسي طبيعت بي مزي ٿيندي آھي. ھڪ سان گڏجڻ جي ۽ ٻئي کان دور رھڻ جي طبيعت ڇو ٿيندي آھي؟ ھڪ ئي پينسل، ھڪ ئي ڪاغذ، ھڪ ئي چترڪار مگر طرح طرح جي چترن سان طرح طرح جا ڀاوُ ظاھر ٿين ٿا. چترڪار جي ھيءَ چترائي آھي. چترڪار جي برش ۾، سازيندڙ جي آڱرين ۾ اھڙي چترائي آھي جو ھو اسان کي وقتي رئارين ٿا تہ وقتي کلائين ٿا. ھيءَ ساري چترائي انھن جي آڱرين ۾ آھي.

ھي ويجھو ھجي، ھو دور ھجي، ھي منھنجو ھو پرائو، اھڙا ئي ويچار من ۾ اچن ٿا ۽ جن جي ڪري ڪڏھن فرض کان پٺتي ھٽڻ جي پرورتي ٿئي ٿي. اُن جو ڪارڻ موھہ آھي. ان موھہ کان ڇٽو ھجي تہ سرشٽي پيدا ڪندڙ جي آڱر جي ڪرامت جو راز سمجھڻ گھرجي. برھدار ٽيڪ اپنشد ۾ نغاري جو مثال ڏنو ويو آھي. ھڪ ئي نغاري مان جدا جدا آواز نڪرن ٿا. ڪن آوازن

* پرا پرڪرتي = اوچي پرڪرتي. اپرا پرڪرتي = نيچي پرڪرتي.

اڄ ستون اڌ ياءُ آهي. اڌ ياءَ ۾ وڪرم جو هڪ نئون عمدو محل بڻايو ويو آهي. سرشٽي ديويءَ جي مندر ۾، ڪنهن وشال بڻ ۾ اسين نموني نموني جا منوهر نظارا ڏسون ٿا. اهڙائي انيڪ گيتا گرنٿ ۾ ٿين ٿا. ڇهين اڌ ياءَ ۾ ايڪاگرتا جو محل ڏٺوسين. اچو ته هاڻي ٻئي محل ۾ داخل ٿيون.

ان محل جو در کولڻ کان پهرين ڀڳوان هن موهه ڀريل جڳت رچنا جو راز سمجهايو آهي. هڪ ئي نموني جي ڪاغذ تي هڪ ئي برش سان چترڪار طرح طرح جا چتر چٽيندو آهي. سازيندو ستن سرن مان انيڪ راڳڻيون ڪڍندو آهي. ساهتيه ۾ اسين ٻاونجاهه (٥٢) اکرن جي مدد سان ڪيترن نمونن جا ويچار ۽ ڀاو ظاهر ڪندا آهيون. هن سرشٽيءَ کي به ائين سمجهو. سرشٽيءَ ۾ اننت شيون ۽ اننت ورتيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پر ساري اندرين ٻاهرين سرشٽي هڪ ئي اکنڊ آتما ۽ هڪ ئي اڻ ٽٽون واريءَ قدرت جي ٻنهي مصالح مان بڻيل آهي. ڪروڌيءَ جو ڪروڌ، پريميءَ جو پريم، دکيءَ جو درد، آننديءَ جو آنند، آلسيءَ جو ننڊ جي طرف جهڪاءُ، محنتيءَ جو ڪم ۾ اتساهه، اهي سڀ ساڳئي چيتن شڪتيءَ جا کيل آهن! هنن هڪ ٻئي جي ورودي ڀاونائن جي بنياد ۾ هڪ ئي چيتن شڪتي ڀريل آهي. اندرين چيتن شڪتي سڀ ۾ ساڳي آهي. ان طرح ٻاهرين پردي جو سروپ ساڳيو آهي. چيتن ميه آتما ۽ جڙ پرڪرتي (قدرت)

ان پرميشور کي سمجهڻ لاءِ هڪ مهان رستو، هڪ وڪرم ٻڌائڻ لاءِ ستين اٺ ياءِ ۾ پگهتيءَ جي اعليٰ عمارت کولي ويئي آهي. چت شديءَ لاءِ يگيه، دان، جپ تپ، ڌيان ڌارڻا، وغيره انيڪ وڪرم ٻڌايا ويا هئا. مگر انهن رستن کي مان سوڊا، صابڻ، آرسيءَ سان مشابهت ڏيندس. پر پگهتيءَ کي پاڻي چوندس. سوڊا صابڻ، آرينا صفائي ڪن ٿا، مگر پاڻيءَ کان سواءِ ڪم نٿو هلي سگهي. پاڻي نه هجي ته صرف آرينا وغيره ڪهڙو ڪم ڏيندا؟ انهي ابتڙ جي سوڊا، صابڻ، آرينا نه به هجن پر فقط پاڻي هجي ته به صفائي ته ضرور ٿيندي. ان پاڻيءَ سان گڏ جي هي شيون به هجن ته جڻ کير ۾ کنڊ پيئي. تنهنڪري يگيه، ڌيان، تپ ۾ من جو ميل نه هجي ته پوءِ چت شدي ڪيئن ٿيندي؟

سيني نمونن جي ساڌن لاءِ پگهتيءَ جي ضرورت آهي. پگهتي هڪ وياپڪ اپاءُ آهي. ڪوئي شيوا شاستر جو جاڻو علاج کان پليءَ پت واقف آدمي ڪنهن مريض جي شيوا ڏهل لاءِ وڃي ٿو. پر جي سندس من ۾ شيوا جي ڀاونا نه هجي ته ٻڌايو سچي شيوا ڪيئن ٿي سگهندي. ڍڳو پلي ئي ٿلهو متارو هجي، پر جي هنگي گاڏي ڇڪڻ جي اڇا نه هوندي نه هو ڪنڌ وجهي ويهي رهندو؛ ممڪن آهي ته گاڏيءَ کي وڃي ڪنهن کڏ ۾ ڪيرائيندو. تنهنڪري لگن کان سواءِ ڪيل ڪم مان نه سنتوش ٿو ملي ۽ نه ترقي ٿي ٿئي.

ڀڄڻ سان مان ٻ جي وڃان ٿو. ڪن کي ٻڌي نچڻ لڳان ٿو. انهن سڀني ڀاون کي جيڪڏهن جيتڻو آهي ته نغاري وڄائيندڙ کي پڪڙڻ گهرجي. ان کي هٿ ڪرڻ سان سڀ آواز قبضي ۾ اچي وڃن ٿا. ڀڳوان هڪ ٻي جملي ۾ چيو آهي ته جي مايا مان تري پار پهچڻ چاهين ٿا اهي منهنجي شرن ۾ اچن.

"جو منهنجي چرنن ۾ ايندو، جڳ ساگر مان پار ٿي ويندو؛
مايا چار ختم ٿي ويندس، آتم شانتي پراپت ٿيندس."

ته ڇا هيءَ مايا آهي؟ مايا چوندا آهن پرميشور جي شڪتيءَ کي. سندس ڪلا چترائيءَ کي. آتما ۽ پرڪرتي. جينن جي ٻوليءَ ۾ چئون ته جيو ۽ اجيو واري هن مصالح مان جنهن هيءَ اننت رنگن واري سرشتي رچي آهي، ان جي شڪتي يا ڪلا هيءَ مايا آهي. جيل ۾ جئن هڪ ٻي اناج جي روٽي ۽ هڪ ٻي سڀ رسن واري دال ٿيندي آهي، تيئن هڪ ٻي اکنڊ آتما ۽ هڪ ٻي ائن تتن جو شريو سمجهو. هن مان پرميشور طرح طرح جون چيزون بڻائيندو رهندو آهي. اسين هنن چيزن کي ڏسي جدا جدا ۽ هڪ ٻئي جي ورودي خراب ۽ سٺي ڀاونائن جو انيؤ ڪندا آهيون. ان کان دور ٿي جي اسين سچي شانتي پائڻ چاهيون ٿا، ته پوءِ انهن وستن پيدا ڪندڙ کي پڪڙڻ گهرجي. ان جي واقفيت ڪري وٺڻ گهرجي. ان جو گيان حاصل ٿيڻ کان پوءِ ٻي هن پيد پيدا ڪندڙ، ٻيائي پيدا ڪندڙ موه کان بچي سگهبو.

ته ان ۾ عجب ۽ آنند جي ڳالهه ئي ڪهڙي آهي؟ پر ماڻهن کي اهڙا آنند وڻندا آهن. هو ليمو آڻيندو، کنڊ آڻيندو، پاڻيءَ ۾ ان کي هلائيندو ۽ پوءِ وڏي سواد سان پي چوندو ته واه ڪهڙي نه عجيب شڪنجي ٺهي آهي! زبان جي ذائقي کان سواءِ ٻيو ڪم ئي ڪهڙو آهي؟ هي هن ۾ ملايو، هو هن ۾ ملايو. اهڙن سوادي کاڌن ۾ ئي سندن سڄو سک ۽ مزو آهي. ننڍي هوندي هڪ دفعه مان سئنيما ڏسڻ ويس. پاڻ سان هڪ فراسي به کڻي ويس. ان مطلب سان ته جي ننڊ اچي ته سمهي پوان. پردي تي اکين کي چوچو ڪندڙ اها روشني مان ڏسڻ لڳس. ٻن ٽن منٽن ۾ انهن اگني چٽرن کي ڏسي منهنجون اکيون ٿڪجڻ لڳيون. مان پنهنجي فراسيءَ تي سمهي پيس ۽ چيم ته جڏهن ناٽڪ پورو ٿئي ته جاڳائجو. رات جو ٻاهر کليءَ هوا ۾ آسمان جا چنڊ تارا چڙهي، شانت دنيا جو اهو پورو آنند ڇڏي، ان تنگ سئنيما گهر ۾ بجليءَ جي پتلين کي ليکندو ڏسي، اسين ٿاڪيون وڄائيندا آهيون. اهو سڀ مونکي سمجهه ۾ ئي نه ايندو آهي.

منش اهڙو آنند رهت ڪيئن؟ انهن ٻي جان پتلين کي ڏسي ويچارو ڪهڙيءَ به طرح ٿورو آنند حاصل ڪري ٿو. جيون ۾ جڏهن آنند ڪونهيس ته پوءِ اهڙو نقلي آنند ڳولهي ٿو. هڪ دفعي اسان جي پاڙي ۾ ڍم ڍم وڄڻ شروع ٿي. مون پڇيو "هي باجو ڇا لاءِ؟" ته چيائين "پٽ ڄائو آهي." ته ڇا دنيا ۾ صرف توکي ئي پٽ

٣٣

ڀڳتيءَ مان پوتر آنند جي پراپتي

جيڪڏهين هيءَ سچي ڀڳتي اسان ۾ اچي ويئي ته ان مهان چترڪار جي ڪلا کي اسين ڏسي سگهنداسين. سندس همٿ جي ان قلم کي به اسين ڏسي سگهنداسين. جنهن هڪ دفعو ان ايشوري جهرڻي کي ۽ ان جي عمدي مٺي رس کي چکيو ته باقي سڀ رس تنهن ۽ ڦڪا معلوم ٿيندس. جنهن سچا ڪيلا کائي ڏٺا، اهو ڪاٺ جا رنگين ڪيلا هٿ ۾ کڻندو؟ انهن جي سندر ٿا ڏسي هڪ طرف رکي ڇڏيندو. اصلي ڪيلن جو سواد وٺڻ سبب ڪيس هنن نقلي ڪيلن مان ڪو مزو نه ايندو. اهڙيءَ طرح جنهنکي اصلي جهرڻي جي ميٺاج جو مزو آيو آهي اهو ٻاهرين گلاب جي شربت لئي مست نه ٿيندو.

هڪ فيلسوف کي ماڻهن چيو ”مهراج، اڄ شهر ۾ هلو. اڄ شهر ڏاڍو سينگاريو ويو آهي.“ فيلسوف چيو ”اڙي ڀائي هي سجاوت ڇا ٿيندي آهي؟ هڪ ڏيئو، ان بعد ٻيو، پوءِ ٽيون، اهڙيءَ طرح ڏه لک، ڪروڙ؛ جيترا چاهيو اوترا؛ انهن جي هڪ قطار نه؟ ته مون اها سجاوت ڏٺي. انگي حساب ۾ هوندو آهي ١+٢+٣ اهڙيءَ طرح اننت تائين. عدد عدد جي تفاوت جو جي گيان ٿي وڃي، ته پوءِ سڀ انگ لکڻ جي ضرورت ڪهڙي؟ اهڙيءَ طرح جي اهي ڏيئا هڪ ٻئي پنيان ڪيترائي رکيا ويا

انسان هيٺ لهي اچي ٿو ۽ ويچارا پنجن اِندرين وارا انسان روئڻ لڳندا ۽ چوندا ”هن جي مقابلي ۾ اسين ڪهڙا نه ويچارا ۽ پنتي پيل آهيون.“

سنسار جو سارو راز انهن پنجن اِندرين سان ڪيئن معلوم ٿيندو؟ انهن پنجن چيزن ۾ ٻه هو چوندڙ ڪرڻو، ۽ انهن ۾ مست رهڻو. گدهه جي هينگ جي سندس ڪنن ني پيئي ته هو چوندو ته ڪتان هي اشي آواز آهو؟ ته ڇا تنهنجي درشن ڪرڻ سان ان گدهه جو ڪجهه بگاڙ نه ٿيندو. البت توکي ان مان نقصان ٿئي ٿو. ڇا پڻ جو ٻه تنهنجي ڪري ڪجهه نتو بگڙي؟ اها عام مڃتا آهي ته گدهه جي هينگ اشي آهي. هڪ دفعي بڙودي ڪاليج ۾ رهندي ڪي يورپين ڳائيندڙ آيا هئا. هئا ته هو سنا ڳائيندڙ. پنهنجي طرفان ته ڪمال ڪري رهيا هئا. مگر مان ته سوچي رهيو هوس ته ڪڏهن هتان جند ڇٽندي. ڇو ته مونکي اهڙي سنگيت ٻڌڻ جي عادت ڪانه هئي. مون انهن کي ناپاس ڪيو. اسان جي طرف جا ڳوئيا اوڏا انهن وٽ ته شايد هو به ناپاس ٿين. اهڙيءَ طرح سنگيت مان هڪ کي آنند ملي ٿو ته ٻئي کي نه. اُن کي سچو آنند نه چئي سگهبو. هيءَ ته دنيوي آنند آهي. جيستائين سچي آنند جو درشن نه ٿيندو، تيستائين هن ڪوڙي ۽ لوکي ڏيندڙ آنند ۾ مست رهنداسين. جيستائين اصلي کير نه مليو هوس تيستائين اشوٿاما اٽي مان ٺاهيل کير سچو سمجهي پيئندو هو. اهڙيءَ طرح جڏهين توهان

جاڳو آهي؟ ٻاجا وڄائي ماڻهن کي ٻڌائين ٿو ته پٽ ڄائو آهي؟ ناچ، گانا، کيل ٿيندا آهن انلاءِ ته پٽ ڄائو آهي؟ هي سڀ ٻاراڻي راند نه آهي ته ٻيو ڇا؟ جڻ ته آنند جو ڍڪر پٽجي ويو آهي. ڏڪار سمي جيئن اناج جو ڪو داڻو ڏسي ماڻهو هڪ ٻئي مٿان اچي ڪرندا آهن تيئن جتي پٽ ڄائو، سرڪس آئي، سنيما آئي ته هي آنند جا ٻکيا پياسا مڪڙن وانگيان اچي ٽا اُٿي ڪرن.

ڇا، هي سچو آنند آهي؟ گاني جون ڪڻن ۾ لهرون گهڙي دماغ تي هلڪا هلڪا ڌڪ لڳائن ٿيون، اکين ۾ روپ گهڙي دماغ کي ڌڪ هڻي ٿو. انهن ڌڪن لڳڻ ۾ ئي ويچارن جو اهو آنند سمايل رهيتو. ڪو تماڪ ڪٽي ان کي نڪ ۾ وجهيتو، ته ڪو ٻيڙي ناهي وات ۾ وجهيتو. ان سنگهڻ يا ان دواهي جو ڌڪ لڳو ته جڻ ساري دنيا جو آنند ملي ويو. ٻيڙيءَ جو ٽڪر ملنديئي سندن آنند جي حد نٿي رهي. ٽالسٽاء لکي ٿو ته ان سگريٽ جي خمار ۾ هو ڪڌهن ڪنهن جو خون به ڪري ڇڏي ته اچرج ڪوناهي. اهو هڪ قسم جو نشوئي سمجهو.

اهڙي آنند ۾ ماڻهو ڇو مست ٿي ويندو آهي؟ ڇو ته ڪيس قيمتي آنند جو پتو ڪونهي. منش پاڇي تي پاڳل ٿي پوي ٿو. اڄ ته هو پنجن گيان اندرين جو ئي آنند وٺي رهيو آهي. جيڪڏهن اک اندرين ڪيس نه هجي ها ته هو ڇئن اِندرين جو آنند سنسار ۾ مڃي ها. سياڻي جيڪڏهين منگل گره ٽان ڪو ڇهن اِندرين وارو

آهيون. مگر جي سچو رس ملي وڃي ته کهڙي نه بهاري ٿئي. ڀڳوان ڀڳتي روپي هڪ ساڌن بڌائي رهيو آهي . جنهن سان اسين اصلي رس کي پائي ۽ چکي سگهون ٿا .

٣٤

نشڪام ڀڳتيءَ جي اهميت

ڀڳوان ڀڳت جا ٽي پرڪار ٻڌايا ويا آهن: (١) سڪام ڀڳتي ڪندڙ، (٢) نشڪام پر ايڪانگي ڀڳتي ڪندڙ ۽ (٣) گياني يعني پورڻ ڀڳتي ڪندڙ. نشڪام مگر ايڪانگي ڀڳتي ڪندڙ جا ٣ نمونا آهن: (١) آرت، (٢) جگياسو ۽ آرٿارٿي. ڀڳتي روپي وڻ جون هي جدا جدا ٽاريون آهن.

هاڻي سڪام ڀڳتيءَ جو مطلب ڇا؟ ڪجهه ڪامنا من ۾ رکي ڀڳوان وٽ وڃڻ وارو. مان انهن ڇئي ان جي نندا نه ڪندس ته اها ڀڳتي هيٺئين درجي جي آهي.

آدمي لوڪ شيوا ۾ ان لاءِ ٿين ٿا ته مانُ عزت ملي. ان ۾ نقصان ڪهڙو آهي؟ اوهين انهن کي مانُ ڏيو. انهن جي خوب عزت ڪريو. ان عزت ڏيڻ مان ڪجهه ڪين بگڙندو. اهڙو مانُ ملندو رهڻ سان هو اڳتي هلي لوڪ شيوا ۾ پڪا ٿي ويندا. پوءِ انهيءَ ڪرم ۾ انهن کي آنند معلوم ٿيڻ لڳندو. مانُ پائڻ جي جا خواهش هوندي آهي ان جو به آخر مطلب ڇا؟ اهو ئي ته ان

سچو سروپ سمجهندا ۽ انجو آنند چکندا ته پوءِ ٻيون سڀ چيزون ڦڪيون لڳندوَ.

هن آنند کي ڳولهڻ لاءِ سچو رستو آهي ڀڳتي. ان رستي تي هلندي هلندي پرميشور جي ڪاريگري معلوم ٿي ويندي. ان ايشوري ڪلپنا جي اچڻ سان ٻيون سڀ ڪلپنائون پنهنجو پاڻ ختم ٿي وينديون. پوءِ خسيس ڳالهين ۾ ڪشش نه رهندي. پوءِ سنسار ۾ هڪ ئي آنند پريل نظر ايندو. مٺائيءَ جا دڪان پلي سوين هجن پر مٺاين جا نمونا ته سڀ هڪ جهڙا هوندا آهن. سو جيستائين اصل چيز هٿ نه لڳندي، تيستائين اسين چنچل جهرڪين وانگر هڪ چيز هٿان، ته ٻي هٿان جي پيا ڪائيندا سون. صبح جو مان تلسي رامائڻ پڙهي رهيو هوس. ڏيٺي جي پرسان جيت گڏ ٿي رهيا هئا. ايتري ۾ اٿي ڪرڙي آئي. ان کي منهنجي رامائڻ سان ڪهڙو واسطو هو؟ جيت ڏسي کيس ڪيترو نه آنند اچي رهيو هو. هوءَ جيتن لي جهٽڪو هڻڻ واري هئي ته مون هٿ وڌايو ۽ هوءَ پٺي ويئي. مگر ان جو ڌيان لڳاتار جيتن طرف هو. مون پنهنجي من ۾ چيو ته ”تون جيتن کي ڪائيندينءَ؟ تنهنجو وات پاٽي ٿو ٿئي؟“ منهنجو وات پاٽي پاٽي ڪين ٿيو. مگر جنهن رس جو آنند آءٌ لٽي رهيو هوس ان جو هن ويچاري ڪرڙيءَ کي ڪهڙو پتو؟ هوءَ رامائڻ جو رس چکي لٽي سگهي. ان ڪرڙيءَ وانگيان اسان جو حال آهي. اسين قسمين قسمين رسن ۾ مست

قسمين قسمين ورت رکنديون آهن، آرتي ڪنديون آهن، ڏيئا ٻاريندیون آهن، تلسيءَ جي پرڪرما ڏينديون آهن. ڇا لاءِ؟ مرڻ کان پوءِ پرميشور جي ديا حاصل ٿئي. پر من جي اهڙي ابوجهه سمجهه ٿي سگهي ٿي. پر ان لاءِ اهي ورت، جپ تپ، اپواس وغيره هو نيم سان ڪنديون آهن. اهڙن ورت نيم وارن گهرن ۾ مها پرشن جو جنم ٿيندو آهي. تلسيداس جي گهراڻي ۾ رام تيرٿ پيدا ٿيو. رام تيرٿ پارسي ٻوليءَ جو ماهر هو. ڪنهن کيس چيو، ”تلسيداس جي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا آهيو، توهين سنسڪرت نٿا ڄاڻو؟“ رام تيرٿ کي هيءَ ڳالهه چڀي ويئي. گهراڻي جي ياد جي ڪيڏي نه شڪتي! ان ڪري اتساهت ٿي هو سنسڪرت جي اڀياس ۾ لڳي ويو. تنهن ڪري استرين جو ڀڳتي ڀاو رکنديون آهن انهن تي ڇٿر نه ڪرڻ گهرجي. جتي ڀڳتيءَ جو ڪڻو ڪڻو گڏ ٿئي ٿو اتي تيجسوي سنتان پيدا ٿئي ٿي. انڪري ڀڳوان چوي ٿو، ”منهنجو ڀڳت سڪامي هوندو ته به آءٌ سندس ڀڳتيءَ کي درڍ ڪندس. سندس من ۾ الجهن هئڻ نه ڏيندس. جيڪڏهن هو سچيءَ دل سان مونکي پرارٿنا ڪندو ته منهنجي بيماري دور ڪر، ته مان سندس تندرستيءَ جي ڀاونا مضبوط ڪري سندس بيماري دور ڪري ڇڏيندس. ڪٿي ڪنهن به نمت هو مون وٽ ايندو ته مان سندس پٺيءَ تي هٿ ڦيري، کيس اوس پنهنجو ڪندس.“ ڌروءَ جوئي مثال وٺو. پتا جي هنج ۾ ويهي

عزت ۾ اسان کي وشواس ۽ يقين ٿي ويندو آهي ته جو
ڪم اسين ڪريون ٿا اهو چڱو آهي. منهنجي شيوا چڱي
آهي يا بري، ان سمجهڻ لاءِ وٽس ڪائي اندروني
ڪسوٽي ڪانهي. تنهنڪري هو انهن ٻاهرين رستن جو
آسرو وٺي ٿو. جڏهن ماتا ٻار جي پٺي ٺپري شاباس
ڇوندي آهي ته ٻار جي دل ٿيندي آهي ته ماءُ جو ٻيو
ٻه ڪجهه ڪم ڪريان. هيءَ ڳالهه ڀڳتيءَ جي آهي. سڪام
ڀڳت پرميشور وٽ وڃي چوندو آهي "ڏيو." سڀ ڪجهه
پرميشور کان گهرڻ جي عادت ڪا معمولي ڳالهه ناهي.
هيءَ غير رواجي ڳالهه آهي. گياناديو ناماديو کان پڇيو،
"تيرٿ ياترا تي هلندين؟" ناماديو پڇيو، "ڇا لاءِ؟"
"ساڌو سنتن جو سنگ ملندو" گياناديو چيو. ناماديو وراڻيو
ته "وٺوبا کان پڇي اچان ٿو." ناماديو مندر ۾ ويو.
وٺوبا جي اڳيان ويٺو. سندس اکين مان آنسون وهڻ لڳا.
وٺوبا جي انهن پوتر چرنن ڏانهن ئي هو ڏسڻ لڳو. آخر
روئندي روئندي هن پڇيو، "پريو! ڇا مان وڃان؟"
گياناديو پرسان ئي ويٺو هو. ناماديو کي ڇا اوهين پاڳل
چوندا؟ اهڙا ماڻهو ٿورا نه آهن جي استري گهر ۾ نه
هئڻ ڪري روئندا آهن. مگر پرميشور جي اڳيان روئندڙ
ڀڳت، پوءِ هو ڀلي سڪام ئي ڇو نه هجي، پر لاثاني آهي.
اهو ڀڳت جو اڳيان آهي جو هو گهرڻ جهڙي چيز نٿو
گهري. پر ان ڪري سندس سڪام ڀڳتي ڇڏي ڏيڻ
لائق آهي، اهو درست نه آهي. استريون صبح جو اٿي

اتم ۽ بهتر آهي. مندر ۾ ڪيئون ۽ ننڍي ٻڍي جون مورتون هونديون آهن. مگر ان ٻڍي کي به سڀ نمسڪار ڪندا آهن. ڇو ته هو رواجي ٻڍو ڪين آهي. هو ڀڳوان جي سامهون رهندو آهي. ٻڍو هوندي به اهو ڀلجي نٿو سگهجي ته هو پرميشور جو آهي. وڏن وڏن سياڻن جي ڀيٽ ۾ هو بهتر آهي. ڪو پاڳل ئي ڇو نه هجي. پر جيڪڏهن ڀڳوان جو سمرڻ ڪري ته ته هو به پوڄيه ٿي وڃي ٿو.

هڪ دفعي ريل ۾ وڃي رهيو هوس. جمنا جي پل تي گاڏي آئي. پوءِ واري ماڻهوءَ ڏاڍي اتساهه سان هڪ آڌيلو اُن ۾ وڌو. پوءِ سان هڪ نڪته چين مهاشيه وينو هو. چوڻ لڳو، ”ديش ڀرين ڪنگال ٿي رهيو آهي ۽ هي ماڻهو اجايا پئسا پيا نديءَ ۾ اڇلين.“ مون چيو ”توهان انجو مقصد سمجهيو ئي ڪونه. جنهن ڀاوَنا سان هن پئسو، آڌيلو اڇليو، ان جي قيمت به چار پئسا ٿي سگهي ٿي يا نه؟ جيڪڏهن ٻئي ڪنهن سٺي ڪارڻ لاءِ اهي پئسا دان ڏنا وڃن ها ته اڃا به وڌيڪ چڱو ٿئي ها. مگر ان ڳالهه جو ويچار پوءِ ڪنداسون، مگر ان ڀاوڪ آدمي ته ان ڀاوَنا سان اتساهت ٿي هيءُ تياڳ ڪيو آهي، نه هيءَ نديءَ جڙ ايشوري ديا جي ندي وهي رهي آهي. ان ڀاونا لاءِ ڇا توهان جي ارٿ شاستر ۾ ڪا جڳهه آهي؟ ديش جي هڪ نديءَ کي ڏسي سندس هردو ڪومل ٿي ويو. جيڪڏهن توهين هن ڀاونا جو قدر ڪري سگهو ته

ڪين سگهيو ته ماتا چيس ته ايشور کان اها ڄڃها گهر. هو پوڄا ۾ لڳي ويو. ڀڳوان کيس اچل ڄڃها ڏني. من جيڪڏهن نشڪام نه هجي ته به ڇا ٿي پيو؟ اصل ڳالهه ته هيءَ آهي ته منش وٽي ڪيڏانهن ٿو، گهري ڪنهن کان ٿو. سنسار جي اڳيان هٿ نه ٽنگي، ايشور کان ئي گهرڻ جي ورتيءَ جي اهميت وڏي آهي.

ڪنهن به نموني توهين ڀڳتي مندر ۾ وڃو ته سهين. شروع ۾ جي ڪامنا رکي آيا هوندا ته اڳتي هلي نشڪام ٿيندا. نماءُ ڪيو ويندو آهي. ان جا ڪم هلائيندڙ چوندا آهن: صاحب، توهين ڏسو ته اچي ڪهڙي نه عمدي رنگين کادي ٺهڻ لڳي آهي. ذرا نمونو ته ڏسو. گراهڪ اچي ٿو. ان تي اثر پوي ٿو. هيءَ ڳالهه ڀڳتيءَ جي آهي. ڀڳتي مندر ۾ هڪ دفعو داخل ته ٿيو. پوءِ اتان جي سوڀيا ۽ شڪتي پنهنجو پاڻ معلوم ٿي ويندو. سرڳ ويندي يڌشٽر سان گڏ آخر هڪ ڪتو وڃي رهيو هو. ڀيم، ارجن سڀ رستي ۾ ختم ٿي ويا. سرڳ جي در وٽ ڌرمراج کيس چيو، "توهين اچي سگهو ٿا پر هي ڪتو اچي نٿو سگهي." يڌشٽر چيو، "جي منهنجو ڪتو نه ٿو وڃي سگهي ته آءٌ به ڪين ويندس." ائين نه ڪتو نيچ پراڻي سمجهيو ويندو آهي پوءِ ڀلي ئي هو هڪ - مني شيوا ڪندڙ هجي. مگر هو ڀين 'مان، مان' ڪندڙن کان ته بهتر آهي ۽ هو ارجن ڀيم کان به سرشٽ ثابت ٿيو. پرميشور طرف نه ويندڙ وڏي ۾ وڏي شخص کان به

هو. پر اڄ مان ڇو نٿو نچي سگهان. ننڍپڻ واري جيون جو ميناج وڃائي آءٌ پٿر ته نه ٿي ويو آهيان؟

مطلب ته سڪام ڀڳتي يا گنوار انسان جي ڀاونائن جو به وڌو وزن، گهڻو ملهه ٿيندو آهي. آخر ۾ ان مان زبردست طاقت پيدا ٿيندي آهي. ساهه وارو ڪوبه، ڪهڙو به هجي، جڏهن هڪوار پرميشور جي دربار ۾ اچي ٿو ته پوءِ هو قابل ٿي وڃي ٿو. باهه ۾ ڪنهن به ڪاٺيءَ کي وجهو اها جلي ويندي. تيئن پرميشور جي ڀڳتي به لاثاني ساڌنا آهي. پرميشور سڪام ڀڳتيءَ جو به قدر ڪندو آهي، ڇو ته اڳتي هلي اها ڀڳتي نشڪامتا ۽ پورنتا ڏانهن وڌي ويندي.

٣٥

نشڪام ڀڳتيءَ جا نمونا

هي سڪامي ڀڳت جو نمونو ٿيو. هاڻي نشڪام ڀڳتي ڪندڙ سان ملون. انهن ۾ به ٻه نمونا آهن. ايڪانگي ۽ پورڻ ايڪانگي جا ٻه نمونا آهن. پهرين اچن ٿا آرت ڀڳت. آرت ڀڳت ٿيندو آهي ديا ڀنندڙ. ڀڳوان لاءِ روئندڙ، رڙندڙ ۽ ڦٿڪندڙ. جيئن نامديو. هو ان ڳالهه لاءِ اتسڪ، وياڪل، اڌير ۽ آتور رهندو آهي ته ڪڏهن ڀڳوان جي پريم رس جو مزو چکيندس. ڪڏهن سندس گلي ۾ ليپٽجي جيون سڦل ڪندس. ڪڏهن سندس چرنن ۾

مان توهان جي ديش ڀڳتيءَ کي سمجهي سگهندس. ديش ڀڳتيءَ جو مطلب ڇا رونئي آهي؟ ديش جي هڪ مهان نديءَ کي ڏسي جيڪڏهن هيءَ ڀاونا من ۾ جاڳي ته پنهنجي ساري جائداد هن ۾ ٻوڙي ڇڏيان، ان جي چرنن ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيان ته هيءَ ڪيتري نه اوچي ديش ڀڳتي آهي. اها سچي تن دولت، هي سڀ ساوا ڳاڙها پٿر، جيتن جي وشنا سان ٻڌيل هي موتي، ڪوئلي مان ٺهيل هيرا، انهن سڀني جي قيمت پاڻيءَ ۾ ڦٽي ڪرڻ لائق آهي. پرميشور جي چرنن اڳيان هي سڀ خسيس ڌوڙ، مٽي ئي سمجهو. توهان چوندا ته ”نديءَ جو ۽ پرميشور جي چرنن جو ڪهڙو لاڳاپو؟“ ته مان پڇانٿو ته ڇا توهان جي دنيا ۾ پرماتما کي ٻه ڪا جاءِ آهي؟ ندي آهي آڪسيجن ۽ هئڊروجن. سورج آهي گئس جي ٻٽيءَ جو هڪ وڏو گولو. ان کي نمسڪار ڇا لاءِ ڪريون؟ نمسڪار ڪرڻو پوندو صرف توهان جي رونئيءَ کي! پر اهڙيءَ رونئيءَ ۾ ڀلا ڪهڙي خوبي آهي؟ اها ٻه ته آخر هڪ اڇي مٽي ئي آهي. ان لاءِ چوٿا چپ چٽيو. ايڏو وڏو هي سورج نڪتو آهي. اهڙي هيءَ سندر ندي وهي رهي آهي. انهن مان جي پرميشور جو انڀئو نه ٿيندو ته ٻيو ڪٿي ٿيندو؟ انگريز ڪوي ورڊ سورٿ ڏاڍي دک سان چوي ٿو ته ”پهرين جڏهن مان الله لٿ ڏسندو هوس ته اچڻ لڳندو هوس. هردو لهرون هڻڻ لڳندو

سندس آنند آهي جو پريم جي نظر سان سڀني ڪريائن ڏانهن نهاريندڙ سو آرت، جو گيان جي نظر سان ڏسندڙ سو جگياسو، جو سڀ جي ڪلياڻ جي نظر سان ڏسندڙ آهي، اهو ارٿارٿي.

هي ٽيئي ڀڳت آهن ته نشڪام، پر ايڪانگي. هڪ ڪرم دواران، ٻيو هردي دواران، ٽيون بُڌيءَ دواران ايشور وٽ پهچي ٿو. هاڻي رهيا باقي پورڻ ڀڳت. انهن کي گياني ڀڳت به چئجي ٿو. هن ڀڳت کي جو ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو سو سڀ پرميشور جو روپ. بدزيبو، زيبائتو؛ فقير، امير؛ نر ناري؛ پسون پکي؛ سڀ ۾ پرماتما جوئي پوتر درشن.

'ٻارن وڏن ۾، ناريءَ نر ۾؛
ڏسان شال سائين، سندءِ روپ سندر.'

سنت تڪارام جي اهڙي پرارٿنا آهي. هندو ڌرم ۾ جڙن نانگ پوڄا، هاٿيءَ جي سونڍ رکندڙ ديوتا جي پوڄا وغيره جي جڙ پاڳلپڻي جا نمونا آهن، ان کان به وڌيڪ پاڳلپڻي جو ڪمال گياني ڀڳتن وٽ ٿو ڏسڻ ۾ اچي. انهن کي ڪير به چونه ملي. انهن کي ڪتيءَ کان وٺي چنڊ سورج تائين هر هنڌ هڪ ئي پرميشور ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ سندن هردو آنند کان ڇوليون مارڻ لڳندو آهي.

'پوءِ انهن جو سک اپار، آنند ساگر ۾ هو ٽٻين غار.'

اهڙي هن ايشور درشن کي ڀلي توهين پرم چئو. مگر اهو پرم سڄ پيچ سکن جو پيندار آهي. آنند جو گهر

پاڻ اڇلي ڏنيھ ٿيندس. ھر ھڪ ڪم ۾ ھو اھو ڏسندو تہ سچائي، لگن، وياڪلتا ۽ پريم آھي يا نہ؟ ٻيو قسم آھي جگياسين جو. في الحال اسان جي ديش ۾ ھن قسم جا ڀڳت گھٽا ڪونهن. ھن درجي جا ڀڳت گوري شنڪر ھماليہ جي چوٽيءَ تي بار بار چڙھندا ۽ مرندا، ڪي اتر ڌروءَ جي ڳولها ۾ نڪرندا ۽ پنهنجي کوج جو ڦل ڪاغذ تي لکي شيشي جي ٻاٽليءَ ۾ بند ڪري پاڻيءَ ۾ ڇڏي مري ويندا. ڪيئي جوالا مکيءَ جي منهن ۾ ويندا. اڄا تہ ھندستانين لاءِ موت جو ھڪ ھائُو آھي. ڪٽنب جي پالڻ پوشڻ کان سواءِ ڪو پرشارٿ ئي نہ رھيو آھي. مگر جگياسو ڀڳت وٽ زبردست جگياسا ٿيندي آھي. ھو ھرھڪ وستو جي ڳڻ ڌرم جي ڳولا ڪندو آھي. منش جيئن نديءَ وسيلي آخر سمندر تائين پهچندو آھي اھڙيءَ طرح جگياسو بہ انت ۾ پرميشور تائين پهچي ويندو آھي. ٽيون قسم آھي ارٿاٿين جو. ارٿاٿيءَ جو مطلب آھي ھرھڪ ڳالھہ ۾ ارٿ ڏسڻ وارو. ارٿ جو مطلب ھتي رپيا پئسا ناھي. بلڪ فائدو يا ڪلياڻ. ڪنهن بہ ڳالھہ جي جاچ ڪندي ھو ان کي ڪسوٽيءَ تي ڪسيندو تہ ھن دواران سماج جو ڪهڙو ڪلياڻ ٿيندو. ھو ڏسندو تہ مان جو ڪجھہ چوان، لکان ڪريان ٿو ان مان سنسار جو ڪهڙو ڪلياڻ ٿيندو. بيڪار يا بي فائدي وارو ڪم ڪيس منظور نہ ھوندو. سنسار جو ڀلو چاھيندڙ ڪيڏو وڏو مهاتما آھي. جگت جو ڪلياڻ ئي

اٺياءِ انون
ڪرم جو اڪنڊ يوگ

٣٦
شڀ سنسڪار

منش جو جيون اليڪ سنسڪارن سان ڀربل ٿئي ٿو. اسان کان انيڪ ڪريائون ٿينديون رهن ٿيون. جيڪڏهن اسين انهن جو حساب لڳايون ۽ ڪريائون ڏسڻ لڳون ته انهن جي ڳڻپ ڏکي ٿي پوندي. کائڻ، پيئڻ، ويهڻ، سمهڻ، گهمڻ، ڪرم ڪرڻ، لکڻ، ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ؛ انهن کان سواءِ گهڻن ئي قسمن جا سپنا؛ راڳ ديش، مان اپمان، سک دک وغيره اهڙا بيشمار نمونا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. انهن سڀني جا سنسڪار اسان جي من تي پوندا رهن ٿا. ان ڪري ڪير مون کان پڇي ته جيون ڇاکي چئجي ٿو؟ ته مان ان جي وصف ڪندس، سنسڪارن جو سنگره.

چڱا سنسڪار ۽ برا سنسڪار، ٻنهي جو اثر منش جي جيون تي پوندو آهي. ننڍي وهيءَ جي ڪريائن جي ته اسان کي ياد به ناهي. ساري ٻالڪپڻ اهڙيءَ طرح اُگهڙي وڃي ٿي جڻ سليٽ تي اکر اُگهي ڇڏيل هجن. اڳلي جنم جا سنسڪار ته بلڪل ئي مٽجي وڃن ٿا. اينري قدر جو هن ڳالهه ۾ به شڪ ٿئي ٿو ته اڳلو جنم به ڪو هو

۽ خزانو آهي. گنڀير ساگر ۾ ڪيس پرميشور جو آنند ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گئوماتا ۾ ڪيس ايشور جو سنيھ نظر اچي ٿو. پرٿويءَ ۾ ايشور جي طاقت پسڻ ۾ اچي ٿي. صاف آڪاش سندس نرملتا، سج چنڊ تارن ۾ سندس تيج ۽ شان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گل ۾ سندس ڪوملتا ڏسجي ٿي. ٻرن ماڻهن ۾ پريکيا ونندڙ اهو ايشور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ ئي پرماتما هر هنڌ حاضر ناظر آهي. هي ڏسڻ جو اڀياس گياني ڀڳت ڪندو آهي. ائين ڪندي ڪندي هو گياني ڀڳت هڪ ڏينهن ايشور ۾ ئي ملي ويندو.

آتوار: ٣-٤-٣٢.

اهڙيءَ طرح ٻوءِ ششماهي، سال، پنجن سالن جو
حساب لڳايون ته تمام تورڙيون ڳالهيون باقي بچنديون ۽
تمام مکيه ۽ اهم ڳالهيون ئي يادگيريءَ ۾ اينديون ۽ انهن
جا سنسڪار باقي رهندا. بي انداز ڪريائن ۽ بي انت
گيانن جي ٿي وڃڻ تي به آخر من تي باقي تورڙيون ڳالهيون
رهجي وڃن ٿيون. اهي جدا جدا ڪرم ۽ گيان آيا ۽ پنهنجو
پنهنجو ڪرم ڪري هليا ويا. هاڻي انهن سڀني ڪرمن
جا پنج ڏهه پڪا سنسڪار ئي باقي رهجي وڃن ٿا. هي
سنسڪار ئي اسان جي پونجي آهن. اسين جيئون روپي
واپار ڪري صرف سنسار روپي پونجي ناهيون ٿا. جيون جو
حال هڪ واپاريءَ وانگر آهي. جيئن واپاري روزانو، ماهوار
۽ ساليانو پوتاميل ڪري آخر ۾ نفعي نقصان جو انگ ڪيندو
آهي. جيون جو به هوبهو اهڙو ئي حال آهي. انيڪ
سنسڪارن جو جمع خرچ ٿيندي ٿيندي آخر هڪ مايدار
تت جهڙي چيز باقي بچي رهندي. جڏهن جيون جي
آخرين گهڙي اچي ٿي تڏهن جيون جي باقي روڪڙ آتما
ياد ڪرڻ لڳي ٿي. ساري زندگيءَ پر ڇا ڇا ڪيوسين،
ان جي جڏهن ياد ڪندا آهيون ته ساري ڪمائيءَ جي
روپ ۾ ٻه چار ڳالهيون ئي نظر اينديون آهن. انجو هي
مطلب ناهي ته باقي سڀ ڪرم ۽ گيان ونڃي ويا. پر
انهن جو ڪم پورو ٿي ويو آهي. هزارن نمونن جي ليج گهڙ
ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ ڪل چار پنج هزار نفعو يا ڏهه
ٻارهن هزار نقصان ايترو ئي واپاريءَ جي هٿ لڳندو

يا نه. جڏهن هن جنم جو ٻالپڻ ئي وسري وڃي ٿو ته پوءِ اڳلي جنم جي ڪهڙي ڳالهه؟ اڳلي جنم کي ڇڏيو. اسين هن جنم جو ويچار ڪريون. جيتريون ڪريائون اسان کي ياد رهن ٿيون اوتريون ئي ٿينديون آهن، ائين ناهي. ڪريائون به انيڪ ۽ گيان به انيڪ. مگر هي ڪريائون ۽ گيان ته ختم ٿي وڃن ٿا. پڇاڙيءَ ۾ صرف سنسڪار ئي بچن ٿا. رات جو سمهڻ وقت جي ڏينهن جون شپ ڪريائون ياد ڪرڻ لڳون ته به ياد نٿيون اچن. ياد به ڪهڙيون ڪهڙيون ڪريائون ايندريون آهن؟ اهي ئي ڪريائون اکين سامهون ايندريون آهن جي تمام صاف اثرائتيون هونديون آهن. جيڪڏهن اسان جو ڪنهن سان لڙائي جهڳڙو ٿيو هجي ته اهو ياد رهندو آهي. ڇو ته ان ڏينهن جي اهائي مکيه ڪمائي هوندي آهي. مکيه ۽ صاف ڪريائن جا سنسڪار من تي ڏاڍا گهرا پوندا آهن. مکيه ڪريا ياد رهندي آهي. باقي سڀ ڪريائون ڦڪيون پئجي وينديون آهن. جيڪڏهن روزنامچو لکڻ وهون ٿا ته به چار ڳالهيون لکي وٺون ٿا. جيڪڏهن هر هڪ ڏينهن جي اهڙن سنسڪارن کي وٺي هفتي جو حساب لڳائڻ وهون ته ٻيون به ڳالهيون اُن مان نڪري وينديون ۽ هفتي جون مکيه گهٽنائون ئي قائم رهجي وينديون. وري مهني کان بعد اسين پنهنجن گذريل ڪمن جو حساب لڳائڻ وهون ته اوتريون ڳالهيون ئي سامهون ايندريون رهنديون جيڪي ان مهني ۾ خاص مکيه رهيون هونديون.

سوال پڇيو ويندو آهي. ان کي سامهون رکي جواب ڏيندا آهيون. اهڙي نموني سان ڪم وٺڻو پوندو آهي. تنهنڪري مرڻ وقت ڪهڙا سنسڪار پڪا رهن يا ٿين، ان خواهش کي ڄاڻي، ان انوسار ئي سڄي جيون جو وهڪرو موڙڻ گهرجي. ڏينهن رات ان طرف ئي اسان جو جهڪاءُ هئڻ گهرجي.

٣٧

موت نه وسار

هن اٺين اڌياءَ ۾ هي سڌانت ٻڌايو ويو آهي ته ويچار مرڻ وقت ئي ٻلوان رهن ٿا. اهي ئي ٻئي جنم ۾ طاقتوارا ثابت ٿين ٿا. اهو سمر ڪٽي ياترا لاءِ نڪرڻ جي ٿو. اڄ جي ڏينهن جي ڪمائي وٺي ننڊ ڪان پوءِ اسين ٻيو ڏينهن سڀاڻي شروع ڪريون ٿا. اهڙيءَ طرح هن جنم جي پونجي ڪٽي مؤت روپي ننڊ ڪان پوءِ وري اسان جي ياترا شروع ٿئي ٿي. هن جنم جي جيڪا پڇاڙي آهي اها ئي ٻئي جنم جي شروعات آهي. تنهن ڪري سدائين مرڻ جي ياد رکي هلو.

مرڻ جي ياد رکڻ جي ضرورت ان ڪري به آهي ته موت جي ڀيانڪ حالت جو مقابلو ڪري سگهجي ۽ ان جو رستو ڳولهي سگهجي. ايڪنات مهراج جي ڳالهه ٻڌو. هڪ سڄڻ ڪانئن پڇيو، ”مهراج! اوهان جو جيون

آهي. نقصان آيو ته دل ٿي لهي ويندي آهي، پر نفعو آيو ته دل ڦولهڻ لڳندي آهي.

اسان جي جيون جي به اهڙي ڳالهه آهي. مرڻ وقت جي ڪاڻ جي واسنا ٿئي ته سمجهو ساري زندگي سوادي ڪاڻ جو ئي اڀياس پئي ڪيو اٿئون. ڪاڻ يا سواد جي واسنا ئي اسان جي زندگي ڀر جي ڪمائي سمجهڻ گهرجي. ڪنهن ماتا کي مرڻ وقت جي ٻار جي ياد آئي ته سندس پتر پريم ئي ٻلوان سمجهڻ گهرجي. باقي جيڪي ٻي انداز ڪرم هن ڪيا سي سڀ رواجي هوا. حسابن ۾ اٽڪور جا سوال هوندا آهن. ڪيترا نه وڏا وڏا انگ! مگر انهن کي سادي صورت ۾ آڻيندي آخر ۾ هڪ يا ٻڙي جواب ايندو آهي. اهڙيءَ طرح جيون ۾ سنسڪارن جا انيڪ انداز هلندي هلندي آخر ۾ هڪ ٻلوان سنسڪار ئي سار روپ ۾ رهجي ويندو آهي. جيون روپي سوال جو اهو ئي جواب ٿيندو آهي. آخرين گهڙيءَ جي ياد ئي ساري جيون جو ڦل ٿيندي آهي.

جيون جو هي آخرين سار سنڌر هئڻ گهرجي. پڇاڙيءَ جي هيءَ گهڙي مڌر، سُهيلي ٿئي، ان نظر کان جيون جا سڀ ڪم هئڻ گهرجن. 'جنهن جي پڇاڙي سرهي تنهنجي اڳياڙي سرهي.' آخر چڱو سوئي چڱو. ان آخرين جواب تي ڌيان رکي سڄي جيون جو سوال حل ڪرڻ گهرجي. ان مقصد کي نظر ۾ رکي سڄي جيون جي تجويز ٺاهيو. جيڪو سوال حل ڪندا آهيون ته ان جو خاص

سمجهندو؟ پاپ ڪرڻ لاءِ ٻه واندڪائي گهرجي. ٿنهنڪري مرڻ کي سدائين ياد ڪرڻ مرڻ کان مڪت ٿيڻ جو اپاءُ آهي. جيڪڏهن موت هميشه سامهون پيو ڏسجي ته منش کهڙي طاقت سان پاپ ڪندو."

پر منش مرڻ جي ياد ٽاريندو آهي. پاسڪل هڪ فرينچ فيلسوف ٿي گذريو آهي. سندس هڪ 'پانسي' ڪتاب آهي. پانسي معنيٰ ويچار. هن ان ڪتاب ۾ جدا جدا اوچ ويچار ڏنا آهن. انهن ۾ هو هڪ هنڌ چوي ٿو، "موت سدائين پٺيان ڪڙو بيٺو آهي. مگر منش جي هيءَ ڪوشش سدائين چالو آهي ته هن کي ڪيئن ڀلجي وڃان. ليڪن هو اِها ڳالهه پنهنجي سامهون نٿو رکي ته موت ياد ڪري ڪيئن هلان."

انسان کي موت جو ته اکر به نٿو وڻي. ڪائڻ وقت جي ڪنهن موت جو ٽالو ڪٽي ورتو ته چوندا آهن ڪيتري نه اشڀ ڳالهه وات مان ٿو ڪرين. مگر ايترو ٿيندي به اسان جو هر هڪ قدم موت جي طرف ئي ته وڌي رهيو آهي. بمبئيءَ جي ٽڪيٽ وٺي جڏهن هڪ دفعي اسين ريل ۾ ويناسين ته اسين ڀلي ئي ويٺا هجون ته به گاڏي ته اسان کي بمبئيءَ وٺي هلي ڇڏيندي. جنم ٿيندئي اسان موت جي ٽڪيٽ وٺي رکي آهي. هاڻي اوهين ويٺا رهو يا ڊوڙندا رهو. ويٺا رهندا ته به موت ايندو. توهين موت جو ويچار ڪريو، خواهه نه ڪيو، اهو اچڻ کان نه رهندو. مرڻ ته نشچيه ئي آهي باقي ڳالهيون ڀلي انشچت هجن. سورج اوله

ڪھڙو نہ سڌو ساڌو، ڪيترو نہ نشپاپ! اسان جو جيون اهڙو ڇو نہ ٿو ٿئي؟ توهين ڪڏهن ڪنهن تي ڪاوڙ ڪو نہ ڪريو، نہ ڪنهن سان جهيڙو جهٽو، نہ ڪو گوڙ گهمسان، ڪھڙو نہ شانت، ڪيترو نہ پريم پريو ءُ پوتر اوهان جو سڀاءُ!" ايڪناٿ چيو، "في الحال منهنجي ڳالهہ ڇڏي ڏي. تنهنجي باري ۾ مونکي هڪ ڳالهہ معلوم ٿي آهي. اڄ کان ستين ڏينهن تنهنجو موت ٿيڻو آهي." هاڻي ايڪناٿ جي ڇيل ڳالهہ کي ڪوڙو ڪير سمجهندو. ستن ڏينهن ۾ موت! باقي فقط ١٦٨ ڪلاڪ ئي رهيا آهن. هي ڀڳوان! هي ڪھڙو انياءُ! هو آدمي جلدي جلدي گهر ويو. ڪجهہ سجهيس ئي نہ. آخري وقت جي سمپتڻ جون ڳالهيون ڪري رهيو هو. هاڻي بيمار ٿي پيو. بستري تي ليٽي پيو. ڇهہ ڏينهن گذريا. ستين ڏينهن ايڪناٿ کيس ملڻ آيو. هن آخرين پاونا سان نمسڪار ڪيو. ايڪناٿ پڇيس، "ڪھڙو حال آهي؟" جواب ڏنائين: بس، هاڻي هلبو. ايڪناٿ پڇيس، "هنن ڇهن ڏينهن ۾ ڪيترو پاپ ڪيئہ؟ پاپ جا ويچار من ۾ ڪيترا آيا؟" هو مرڻ جي ڪنڌيءَ تي پيل چوڻ لڳو، "ناٿ، پاپ جي ويچار ڪرڻ جي تہ بلڪل واندڪائي نہ ملي. موت لڳاتار اکين سامهون ڪڙو رهيو ٿي." ايڪناٿ چيو، "منهنجو جيون ايترو نشپاپ ڪيئن آهي ان جو جواب هاڻي ملي ويُءَ نہ؟ موت روپي شينهن جي هميشہ سامهون وهي تہ پوءِ پاپ ڪنهن کي

۾ آهيان. ٻئي سال وري پڇندا ته چوندو، ”پهرين انٽر پاس ڪرڻ ڏيو پوءِ ڏسنداسين.“ اهوئي سلسلو هلي ٿو. جو آئينده ٿيڻ وارو آهي، انجو ويچار ڇا پهرين نه ڪرڻ گهرجي؟ اڳيئين قدم جي باري ۾ پهرين سوچي وٺڻ گهرجي. نه ته هو ڪڏ ۾ ڪري سگهي ٿو. مگر وديارٿي ان کي ٽاريندو آهي. ويچاري جي سکيا ئي اهڙي اندڪار واري هوندي آهي جو ڪيس ٻئي پاسي جو آئينده ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي. تنهنڪري هو آئينده جو احوال اڳيان اچڻ ئي نٿو ڏئي. ڇو ته ڪيس چوطرف اندڪار ئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. مگر سچ پڇو ته آئينده ٽاري ئي نٿو سگهجي. اهو ته سر تي سوار اچي ٿئي ئي ٿو.

ڪاليج ۾ ماستر ترڪ شاستر پڙهائيندا آهن: ”منش فاني آهي. سقراط منش آهي. تنهنڪري سقراط مرندو.“ اهڙيءَ طرح اهو انومان ڪرڻ سيکاريندا آهن. هو سقراط جو مثال ڏيندا آهن. خود پنهنجو ڇو نه ٿا ڏين؟ ماستر به ته فاني آهي. مگر هو نه سيکاريندو ته منش ناسونت آهي. تنهنڪري مان، ماستر ۽ توهين شاگرد به ناسونت آهيو. هو ان موت کي سقراط مٿان اڇلي ڇڏين ٿا. ڇو ته سقراط مري چڪو آهي. هو اوهان سان لڙڻ نه ايندو. شاگرد ۽ استاد ٻئي سقراط کي موت سونپي پنهنجي لاءِ به مانن ته توهان لاءِ به مانن، اهڙو فيصلو ڪري وٺن ٿا. ڄڻ هو اهو سمجهي وينا آهن ته اسين بلڪل سلامت آهيون.

طرف هليو ۽ مغني اسانجي عمر جو هڪ حصو ڪائي ويو. جيون جا ڏينهن ائين ڪٽجي رهيا آهن. جيون گهٽجي رهيو آهي. هڪ هڪ ڦڙو گهٽجي رهيو آهي. تڏهن به انسان کي ان جو ويچار نٿو ٿئي. گيانيشور چويٿو، "عجيب ڏسجي ٿو." گيانيشور مهراج کي عجب ٿو لڳي ته انسان ايترو بيفڪر ڇو آهي؟ منش کي مرڻ جو ايترو ڀؤ ٿو لڳي، جوهو مرڻ جو ويچار به سهي نٿو سگهي. هو سدائين ان جي ويچار کان ته ڇا، خيال کان ئي ڀڄندو رهڻ چاهيٿو. اکين تي پردو وجهي ويهي رهي ٿو، مرڻ جو خيال نه اچي ان لاءِ لڙائيءَ ۾ ويندڙ سپاهي راند ڪندا آهن، نچندا ڳائيندا آهن، سگريٽ ڇڪيندا آهن. پاسڪل چويٿو ته، "مرڻ هرهنڌ ظاهر ڏسندي به هي سپاهي ان کي ڀلجڻ لاءِ کائڻ پيئڻ ۾ ئي، ڳائڻ وڄائڻ ۾ ئي مست رهندو آهي."

اسين سڀ هن سپاهيءَ وانگر آهيون. ڇهري کي گول ڪلمڪ بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ، سڪل هڏي ته تيل پائوڊر لڳائڻ، وار صفيد ٿي ويا هجن ته خضاب لڳائڻ وغيره جون ڪوششون انسان ڪري ٿو. ڇاتيءَ تي موت نچي رهيو آهي، پوءِ به اسين سپاهيءَ وانگر انکي وسارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. بيون ڇا هي ڪهڙيون به ڳالهيون ڪريو پر موت جي ڳالهه نه ڪيو. جيڪڏهن مئٽرڪ پاس ٿيل ڇوڪري کان پڇو ته اڳتي ڇا ڪندين؟ ته هو چوندو آهي، هاڻي ته نه پڇو. اڇا ته پهرين سال

نٿو. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿو، باقي نالو الک جو. اهڙوئي
اسان جو حال سمجهو. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته
اسين ان ڳالهه کي ياد ڪريون ته جيون جو هڪ سرو موت
جي طرف ويل آهي. ان ڪري آخرين گهڙيءَ کي پڄوان،
پوتر ۽ منوهر بڻائڻ جو اڀياس جيون ڀر ڪرڻ گهرجي. اڄ
کان ئي ان ڳالهه جو ويچار ڪندو رهڻ گهرجي ته من تي
اوچي ۾ اوچا ۽ سندر ۾ سندر سنسڪار ڪيئن پون؟ مگر
چڱن سنسڪارن جي اڀياس جي ڪنهن کي پئي آهي؟ ان
جي ابتو برين ڳالهين جو اڀياس البت ڏينهن رات ٿيندو
رهي ٿو. جيڀ، اک ۽ ڪن کي اسين چسڪو سيکاري
رهيا آهيون. تنهن ڪري چت کي ان کان الڳ اڀياس ۾
لڳائڻ گهرجي. چڱين ڳالهين ۾ چت لڳائڻ گهرجي. انهن
۾ ڪيس مست ٿي وڃڻ گهرجي. جتي ٻه پل معلوم ٿئي
ته هڪدم ان کي سڌارڻ ۾ لڳي وڃڻ گهرجي. پل معلوم
ٿيڻ تي ڇا اسين الين جو ائين ڪندا رهنداسين؟ جنهن
وقت اسان کي پل معلوم ٿئي، ان وقت اسان جو پنر
جنم ٿيو. ان کي پنهنجي نئين بالپڻ، پنهنجي جيون جي
نئين پربات سمجهو. هاڻي توهين سڀ پڇ سجاڳ ٿيا
آهيو. هاڻي ڏينهن رات جيون جي جاچ پڙتال ڪندا
رهو ۽ خبردار رهو. ائين نه ڪندا ته وري ٿڙ ڪندا.
وري برين ڳالهين جو چسڪو لڳي ويندو.

گهڻا ڏينهن اڳ مان پنهنجي ڏاڏيءَ سان ملڻ ويو
هوس. ڏاڏي ٻڍي ٿي ويئي هئي. مونکي چوڻ لڳي،

اهڙيءَ طرح ائين موت کي ڀلجڻ جي ڪوشش هرهند ۽ هميشہ ٿي رهي آهي. مگر ان ڪري مرتيو ٽري ويندو ڇا؟ سياڻي جڏهن ماءُ مٽي نہ موت اچي سامهون بيٺو. نريٽتا سان موت جو ويچار ڪري ان مان رستو ڪيڻ جي همت ئي نٿو ڪري. جڻ ڪنهن هرڻ جي پنيان شينهن پيو آهي. هرڻ تيز هٿڻ ڪري خوب ڀڄندو آهي. سندس شڪتي گهٽجي وڃي ٿي ۽ آخر ٿڪجي پوي ٿو. پٺيان هو موت روپي شينهن ڊوڙندو اچي رهيو آهي. اُن وقت اُن هرڻ جي ڪهڙي حالت هوندي آهي؟ هو ان شينهن طرف ڏسي بہ نہ سگهندو آهي. هو مٽيءَ ۾ سگهہ ۽ منهن وجهي بيهي رهندو آهي. جڻ لڏڪو ٿي چوندو آهي، ”اچي مونکي هڙپ ڪر.“ ائين ئي اسين بہ موت طرف ڏسي نٿا سگهون. ان کان بچڻ لاءِ اسان هزارين تجويزون ڪنداسين تڏهن بہ آخر ۾ اچي تو ڳنڍڻ کان جهلي.

جڏهن موت ايندو آهي تہ انسان پنهنجي جيون جي باقي روڪڙ ڏسندو آهي. امتحان ۾ ويٺل آلسي ۽ موڳو ودیارٿي ڪُپڙيءَ ۾ قلم وجهي ٿو ۽ ٻاهر ڪيدي ٿو. پر لکڻ جي همت نٿي ٿئيس. اڙي ڀائي ڪجهہ لکندين يا نہ؟ وديا جي ديوي سرسوتي تورؤئي اچي جواب لکي ويندي؟ ٽي ڪلاڪ ختم ٿي وڃن ٿا. هو ڪورو ڪاغذ ڏيئي ڇڏي ٿو يا آخر ڪجهہ نہ ڪجهہ انگڙا پائي ڏئي ٿو. سوال کي حل ڪرڻ، جواب لکڻ سجهيس ئي

ائين ڇوڙڻ سان ڪم نه ٿيندو. جيڪڏهين سيني کي
اهڙي ڇوٽ آزادي ڏيندا وڃا ته آخر ڦاسي پوندا. پوءِ
سچا سنسڪار توهان ۾ اڀري نه سگهندا. ڪٺو ڪٺو
ڪري لڪشمي ڀنڊار ڪٺو ڪرڻو پوي ٿو. هڪ هڪ
گهڙيءَ کي اجايو وڃڻ نه ڏيئي وديا پراپتيءَ ۾ لڳائڻو
پوي ٿو. ان ڳالهه جو ڌيان رکو ته هر هڪ گهڙيءَ سنسڪار
چڱا ٿي پئجي رهيا آهن يا نه؟ خراب ڳالهه ڇئجي ته ان
وقت برو سنسڪار پوندو. اسان جي هر هڪ ڪريا ڇيڻي
بڻجي اسان جي جيون روپي پٿر کي شڪل ڏئي ٿي.
ڏينهن چڱيءَ ريت گذريو تڏهن به سپني ۾ خراب ويچار
اچن ٿا. ڏهن بارهن ڏينهن جا ويچار سپني ۾ اچن ٿا،
ائين ناهي. ڪيترائي برا سنسڪار غفلت ڪارڻ پئجي
ويندا آهن. ڇئي نٿو سگهجي ته اهي ڪڏهين جاڳي
اٿندا. انڪري خسيس ۾ خسيس ڳالهه ۾ به سڄاڳ رهڻ
کپي. ٻڏندڙ کي ڪک جو به سهارو ملي ويندو آهي. اسين
سمنڊ ۾ ٻڏي رهيا آهيون. جيڪڏهن اسين ٿورو به
چڱو ٻوليون ته اهو اسان لاءِ سهارو ٿي پوندو آهي. چڱو
ڪم وئرٿ نٿو وڃي. اهو اسان کي تاري ڇڏيندو.
تنهن ڪري ذرو به برو سنسڪار نه هڻڻ گهرجي. هميشه
اهڙائي ڪم ڪريون جنهن سان اکيون پوتر رهن، ڪن
گلا نه سڻن، چڱو ٻوليون. جيڪڏهن اهڙي زبردست
خبرداري رکنداسين ته آخر سمي اسان جو ئي حڪم
هلندو. اسين پنهنجي مرڻ جا سوامي ٿي رهنداسين.

”وڌيا، هاڻي ته مونکي يادگيري ئي نٿي رهي. گهڻو ڪجهه جو دڙو ڪٽڻ وجهان ته ائين ئي واپس هليو اچان. مگر پنجاهه سال اڳ جي گهٽنائن جي هڪ ڳالهه مونکي چوندي رهندي هئي. پنج منٽ اڄ جي ڳالهه ياد نٿي رهي پر پنجاهه سال اڳ جو ٻلوان سنسڪار اڃا تائين تيز هو. ان جو ڪارڻ ڇا؟ اِن زيورن واري ڳالهه جو هميشه پاٺ ٿيندو رهيو. تنهن ڪري اها جيون سان ڇهٽي پيئي رهي. جيون سان هڪ روپ ٿي ويئي. مون من ۾ چيو: ڀڳوان ڪري ڏاڏيءَ کي مرندي ويل انهن زيورن جي ياد نه اچي ته چڱو.

٣٨

مرتيو ياد ۾ سدا مست

جنهن جو اسين ڏينهن رات اڀياس ڪريون ٿا، اها اسان سان ڪيئن نه چنبڙي رهندي. اجاميل جي ڪٿا پڙهي ڀرم ۾ نه پئجو. هو ٻاهران پاپي هو. مگر سندس جيون جي اندر مان پڀو جي ڌارا وهيٖ رهي هئي. اهو پڀو آخر جاڳي اٿيو. سدا هر هنڌ پاپ ڪندي آخر ۾ رام نام ٻنا غلطيءَ ياد اچي ويندو، ان دوکي ۾ نه رهجي وڃجو. نندي وهيءَ کان ئي من لڳائي اڀياس ڪريو. اهڙي چنتا رکو ته هميشه چڱا سنسڪار ئي گڏ ٿيندا رهن. ائين نه چئو ته هِن مان ڇا ٿيندو؟ هن مان ڇا ٿيندو. ڇئين ٻجي ڇو اٿون؟ ستين ٻجي اٿياسين ته ڇا بگڙندو؟

جي ڌارا لڳاتار ٻوڻ ئي پوڄا آهي. هڪ جهڙن سنسڪارن جي لڳاتار ڌارا وهڻ گهرجي. جيڪي سنسڪار صبح، اهي ئي منجهند، اهي ئي. ڏينهن جو ته اهي ئي رات جو؛ جيڪي اڄ ته سڀان به اهي ئي، جي سڀان اهي ئي هڪ سال کان پوءِ؛ جيڪي هن جنم ۾، اهوئي ٻئي جنم ۾؛ جيڪي جيون ۾ سوئي مرتيوءَ ۾. ائين هڪ هڪ ست سنسڪار جي ايشوري ڌارا سڄي جيون ۾ هميشه وهندي رهڻ گهرجي. اهڙو وهڪرو اکنڊ چالو رهندو تڏهن آخر جيتي سگهنداسين. تڏهن ئي اسين هلي منزل تي پنهنجو جهنڊو ڦڙڪائي سگهنداسين. سنسڪارن جو وهڪرو هڪ ئي طرف وهڻ گهرجي. نه ته جبل تي ڪريل پاڻي جي سڀني طرف وهڻ لڳو ته پوءِ ان مان ندي نه بڻجي سگهندي. ان جي ابتو جي سڀ پاڻي هڪ ئي طرف وهندو ته ان ڌارا مان وهڪرو، وهڪري مان، ندي، نديءَ مان گنگا بڻجي وڃي سمنڊ ۾ ملندي. جو پاڻي هڪ ئي طرف وهيو اهو ئي وڃي سمنڊ ۾ مليو. مگر جو چئني طرف وهيو سو ڪٿي اٽڪي وڃي ختم ٿيو. اهڙوئي حال سنسڪارن جو آهي. سنسڪار جي ايندا ويا ۽ هلندا ويا ته فائدو ڪهڙو؟ جيڪڏهن جيون ۾ سنسڪارن جو پوتر وهڪرو سالده وهندو رهيو تڏهن ئي پڇاڙيءَ ۾ موت، آنند جو پندار معلوم ٿيندو. جو ياتري رستي ۾ گهڻو نه ترسندي، رستي جي موه ۽ لالچ کان بچندي، ڏکي چاڙهي قدم جمائي چڙهندي چوٽيءَ تي پهتو ۽ مٿي پهچي دل جو

پوتر سنسڪار وجهڻ لاءِ من ۾ اوچ ويچار جوڙڻ گهرجن. هٿ پوتر ڪم ڪندا رهن. 'هٿ هاج ۾، دل يار ڏي.' اندر من سان ايشور ڀڳتي، ٻاهران سؤڌرم آچرڻ. هٿن سان شيوا روپي ڪرم؛ من سان وڪرم. ائين هميشه ڪندو رهڻ گهرجي. گانڌيجيءَ کي ڏسو روز چرخو هلائيندو آهي. هو روز ڪتڻ تي ٻه زور ڏيندو آهي. ته پلا روز ڇو ڪتيون؟ ڪپڙي لاءِ ضرورت پيئي، ڪتيوسين، ته ڇا اهو ٺيڪ نه ٿيندو؟ مگر هي ته وهنوار ٿيو. روز ڪتڻ ۾ روحاني راز آهي. ديش لاءِ مونکي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو آهي. ان ڳالهه جو اهو چنهن آهي. اهو سٽ اسان کي هميشه دريدر نارائڻ سان ڳنڍي ٿو. اهو سنسڪار پڪو ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر روز دوا پيئڻ لاءِ چيو. پر اسين هڪ ڏينهن ٻي اها ڇو نه پيئون، ته اها اڻ نگي ڳالهه ٿيندي. دوا جو مقصد ان مان پورو نه ٿيندو. روز بروز دوا جو اثر وجهي طبيعت جو روڳ دور ڪرڻ گهرجي. اهڙي ڳالهه جيون جي آهي. شنڪر تي ڏيري بوند بوند ڪري جل چاڙهيو آهي. منهنجو هي دلپسند درشٽانت آهي. ننڍي هوندي مان هميشه هن ڪريا کي ڏسندو هوس. ڇوويهن ڪلاڪن ۾ گهڙو ٿيو، ته ٻه ٻه بالٽيون پاڻي ٿيندو هوندو. پوءِ شو شنڪر تي هڪدم ٻه بالٽيون پاڻي ڇو نه وجهون؟ ان جو جواب مونکي بالپڻي ۾ ئي ملي ويو. پاڻي هڪدم وجهڻ سان اهو ڪرم سڦلو ٿي نٿو سگهي. هڪ هڪ بوند

اندر باهر ٻي انت دنيا پريل آهي. هن دنيا سان من جو جهيڙو هميشه جاري آهي. هن جهيڙي ۾ هميشه جيت ئي ٿيندي، ائين چئي نه سگهبو. جو آخر ۾ کٽندو سوئي سچو سوڀارو. آخر ۾ جو فيصلو ٿيو اهوئي سچ. ڪڏهن جس ملندو ته ڪڏهن اپجس. اپجس يا اسڦلتا ملي ته به نراس ٿيڻ جو ڪارڻ ڪونهي. پٽ تي اٺويهه ڏڪ هڻڻ سان جي اهو نه پڳو ته ويهين ڏڪ سان ضرور پڳندو. ته ڇا اهي پهريان اٺويهه ڏڪ اجايا ويا؟ سچي ڳالهه نه هيءَ آهي ته ان ويهين ڏڪ جي سڦلتا جي تياري پهريان اٺويهه ڏڪ ڪري رهيا هئا. نراس ٿيڻ جي معنيٰ آهي ناستڪ ٿيڻ. وشواس ڪريو ته پرميشور اسان جو رکوال آهي. ٻار جي همت وڌائڻ لاءِ ماءُ کيس هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ ڏئي ٿي. مگر اها کيس ڪِرڻ نٿي ڏئي. جڏهن ڪِرڻ لڳي ٿو ته جهٽ اچي کيس سهارو ڏئي ٿي. ايشور تولي هميشه نگاهه رکي ٿو. تنهنجي جيون روپي لغڙ جي ڏوري سندس هٿ ۾ آهي. ڪڏهن اها ڏوري ڇڪي ٿو ته ڪڏهن ڍلي ڇڏي ٿو. مگر اهو وشواس رکو ته ڏور آهي سندس هٿ ۾. گنگا جي گهاٽ تي ترڻ سيکاريندا آهن. ڏوري يا ڪڙي چيله ۾ ٻڌي آدميءَ کي پاڻيءَ ۾ ڇڏي ڏيندا آهن. مگر استاد پاڻيءَ ۾ ئي رهندا آهن. اهو نئون سکندڙ پهرين ته ٻه چار دفعا ٻڏندو چڙهندو آهي. مگر آخر هو ترڻ جي ڪلا سکي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح پرميشور اسان کي جيون ڪلا سيکاري رهيو آهي.

بار هلڪو ڪري ۽ ٻنڌن ٽوڙي اتي جي ڪليءَ هوا جو انڀؤ ڪرڻ لڳو ته سندس آنند جو اندازو ٻيا ماڻهو ڇا لڳائي سگهندا؟ مگر جو مسافر رستي ۾ ئي روڪجي پيو ان لاءِ سورج نٿو ٻيهي.

٣٩

رات ڏينهن يڌ ڇالو

ٽاٽپرج هيءَ آهي ته ٻاهران هميشه سؤڌرم آچرڻ ۽ اندران هري سمرڻ روپي ڇت شڌي جي ڪريا، اهڙيءَ طرح جڏهن اندر ٻاهر ڪرم وڪرم جا وهڪرا ڪم ڪندا تڏهن موت آنند دايڪ معلوم ٿيندو. انڪري ڀڳوان چوي ٿو، 'مونکي ياد ڪري سمرڻ ڪر ۽ يڌ ڪر.' ان ۾ ئي هميشه رهندو رهه. سدائين ايشور ۾ لين رهه. ايشور پريم ۾ جڏهن اندر ٻاهر رڱجي ويندين ته اهو رنگ سڄي جيون پر نه هٽندو. تڏهن پوتر ڳالهين ۾ سدائين آنند معلوم ٿيندو. تڏهن بريون ڳالهيون سامهون ئي نه ايندون. سندر ۽ اتم منشائن جا انگور هن ۾ ايرندا. چڱا ڪرم پنهنجو پاڻ ٿيڻ لڳندا.

هي ته ٺيڪ آهي ته ايشور سمرڻ مان چڱا ڪم سپاويڪ ٿيڻ لڳندا. مگر ڀڳوان جي هيءَ به آگيا آهي ته هميشه لڙندو رهه. تڪارام مهراج چوي ٿو:-

”ڏينهن رات اسان کي يڌ جي ڏن، اندر ٻاهر جڳ ۽ من.“

ٻڙھي رھيا ھجون، لکي رھيا ھجون، ڪوئي ڪم ڪري رھيا ھجون، اھڙيءَ حالت ۾ مان مري ويس تہ مان سڀاڳو. باہ جلي رھي آھي انجو اھو مطلب تہ مرڻ وقت بہ ڪرم ڪندا رھون. ھيءَ اگنيءَ جي ڪرپا آھي. سورج جي ڪرپا آھي تہ ٻڌيءَ جي چمڪ آخر تائين تيز رھڻ گھرجي. چندرما جي ڪرپا جو مطلب آھي تہ موت سمي پوتر ڀاونا ھميشہ وڌندي رھي. چنڊ من جي ڀاونا جو ديوتا آھي. شڪل پکيہ جي چندر وانگر من جو پريم، ڀڳتي، انساہ پراپڪار، ديا وغيرہ شڌ ڀاونائن جو پورو واڌارو ٿيڻ گھرجي. آسمان جي ڪرپا يعني ھرديہ آسمان ۾، موہ روپي بادل بلڪل نہ رھڻ گھرجن. ھڪ دفعي گانڌيجيءَ چيو مان ڏينھن رات چرخو چرخو ڪري رھيو آھيان ڇو تہ چرخي کي پوتر چيز سمجھان ٿو. مگر آخر گھڙيءَ ان جي واسنا نہ رھڻ گھرجي. جنھن مونکي چرخي لاءِ انساھت ڪيو آھي، اھو خود چرخي جي چنتا ڪرڻ ۾ پورن سمرٿ آھي. چرخو ھاڻي ٻين چڱن چڱن ماڻھن جي ھٿ ۾ ھليو ويو آھي. چرخي جي چنتا ڇڏي مونکي پرماتما جي درشن جي تياري ڪرڻ گھرجي.. مطلب ھي تہ اترائڻ جي معنيٰ تہ ھردي ۾ موہ روپي ڪکر نہ ھجن.

آخر دم تائين ڪجھہ نہ ڪجھہ سيوا ڪاريہ بہ ٿي رھيو آھي، ڀاونا جي پورن ماسي چمڪي رھي آھي، ھرديہ ۽ آسمان ۾ ذرو بہ موہ ڪونھي، ٻڌي تيز آھي، اھڙيءَ

٤٠

اونداهي ۽ سهائي پکيہ جو مطلب

تنهنڪري پرميشور ۾ شرڌا رکي جيڪڏهن ڪرم، واٽيءَ ۽ من سان ڏينهن رات لڙندا رهندا تہ آخرين گهڙي تمام سندر ٿي پوندي. ان وقت سڀ ديوتائون پرسن ٿي ويندا. هيءَ ئي ڳالهہ هن اڌياءَ جي آخر ۾ هڪ مثال وسيلي ٻڌائي ويئي آهي. هن نظاري کي اوهين سڀ سمجهي وٺو. جنهن جي مرڻ وقت ٻاهہ ٻري رهي هجي، سورج چمڪي رهيو هجي، شڪل پکيہ جو چندرما وڌي رهيو هجي، اترائڻ ۾ سندر صاف آسمان ڦهليل هجي، اهو برهم ۾ لين ٿئي ٿو ۽ جنهن جي موت وقت دونهون ڦهليل هجي، اندر ٻاهر انڌيرو هجي، ڪرشن پکيہ جو چندرما گهٽجي رهيو هجي، دشائن ۾ ڪارو ۽ بادلن وارو آسمان ڦهليل هجي تہ اهو وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسي ٿو.

گهٽيئي ماڻهو هن بيان کي پڙهي چڪر ۾ اچي ويندا آهن. جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ سنو موت ٿئي تہ ان لاءِ اگني، سورج، چندر ۽ آسمان انهن ديوتائن جي ڪرپا ضروري آهي. اگني ڪرم جي نشاني آهي. يگيہ جي نشاني آهي. آخر گهڙيءَ بہ يگيہ جي جوالا جلندي رهڻ گهرجي. شري راڌا ٻڌي چوندو هو تہ لڳاتار فرض پاليندي جي موت اچي وڃي تہ اهو مبارڪ آهي. ڪجهہ نہ ڪجهہ

اڏهاڻو ناڻون

منش شيوا جي راج وديا - سمرپڻ يوگ

٤١

ساڪيات انڀو جي وديا

اج منهنجي گلي ۾ سور آهي. مونکي شڪ آهي ته منهنجو آواز اوهان سڀني تائين پهچي سگهندو يا نه. هن وقت ساڌو سياڻ واري وڏي ماڌوراءِ پيشوا جي آخرين گهڙي ياد اچي ٿي. هو مهاپرش مرڻ جي ڪنديءَ تي هو. بلغم ڏاڍو وڌي ويو هوس. بلغم کي اپسار ۾ بدلائي سگهجي ٿو. تنهنڪري ماڌوراءِ حڪيم کي چيو ته، ”ڪا اهڙي تجويز ڪريو جنهن سان منهنجو بلغم هٽي وڃي ۽ ان جي بدلي اپسار ٿي پوي. ان ڪري وات صاف ٿي پوندو ۽ مان رام نام جپي سگهندس. مان به اج پرماتما کي پرارٿنا ڪري رهيو هوس. ڀڳوان چيو، ”جهڙو گلو اٿيئي تنهن سان ئي ڳالهائيندو رهه. مان هٽي گيتا پڙهائي رهيو آهيان. اهو ڪنهن کي اپديش ڏيڻ لاءِ نه. جو ان مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهيندو ان کي ته اوس ملندو. پر مان ته گيتا رام نام سمجهي پڙهائي رهيو آهيان. گيتا جو ورنن ڪندي منهنجي پاونا هري نام ۾ رهندي آهي.

طرح جنهنجو موت ٿيندو، اهو پرماتما سان وڃي ملندو. اهڙي سڳوري پڇاڙي آڻڻ لاءِ ڏينهن رات خبردار ۽ هوشيار ٿي لڙندو رهڻ گهرجي. هڪ کن لاءِ به من تي اپوتر سنسڪار نه پوڻ گهرجي ۽ اهڙي طاقت ملندي رهي ان لاءِ پرميشور کي هميشه پرارٿنا ڪندو رهڻ گهرجي. نام سمرڻ ۽ تتو سمرڻ وري وري ڪندو رهڻ گهرجي.

آرتوار: ١٠-۴-٣٢.

مرڻ کان پوءِ ملندڙ سرڳ ۽ ان جي ڪتابن مان هتي ڪهڙو ڪم هلندو؟ ڪير چئي ٿو سگهي ته سرڳ ڏانهن ڪير ويندو يا نرڪ ڏانهن ڪير ويندو؟ جيڪڏهن سنسار ۾ چار ڏينهن رهڻو آهي ته رام جوئي غلام ٿي رهڻ ۾ آنند آهي. ائين تلسيداس چوي ٿو. رام جي غلام ٿي رهڻ جو مزو هن اڌياءَ ۾ ڏيکاريل آهي. بلڪ هن ڏيهه ۾ ئي اکين سان انيؤ ٿيندڙ ڦل، جيڪي ئي انيؤ ڪرڻ وارين ڳالهين هن اڌياءَ ۾ ٻڌايون ويئون آهن. جڏهن ڳڙ کائيندا آهيون ته ان جو مٺاج ظاهر معلوم ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح رام جو غلام ٿي رهڻ جو مزو هتي ڏنل آهي. اهڙيءَ طرح هن فاني دنيا ۾ جيئڻ جي مزي ظاهر ڏيکارڻ واري راج وديا هن اڌياءَ ۾ چئي ويئي آهي. اها هونءَ ته ڳوڙهي آهي. مگر ڀڳوان ان کي سڀ لاءِ سولي ڪري کولي ٻڌائي آهي.

٤٢

آسان رستو- راج مارگ

گيتا جنهن ڌرم جو سار آهي ان کي ويدڪ ڌرم چوندا آهن. ويدڪ ڌرم جو ارٿ آهي ويدن مان نڪتل ڌرم. هن دنيا جي تختي تي جيڪي به پراچين لکيتون آهن انهن ۾ ويد سڀني کان پهرين لکيل چيا وڃن ٿا. انهيءَ سبب ڀاوڪ لوڪ انهن کي انادي مڃين

مان جو ڪجهه اڄ چئي رهيو آهيان ان جو نائين اڌياءَ سان لاڳاپو آهي. هن اڌياءَ ۾ هري نام جي عجيب مهما بڌائي ويئي آهي. هي اڌياءُ گيتا جي وچ آهي. سچي مهاڀارت وچ گيتا ۽ گيتا جي وچ هيءُ نائون اڌياءُ آهي. گهڻن سببن ڪري هن اڌياءَ کي پوترتائي ملي آهي. چون ٿا ته گياننديو جڏهن آخرين سماڌي ورتي ته هن اڌياءَ جو پاٺ ڪندي پراڻ ڇڏيا هئائين. هن اڌياءَ جي صرف سمرڻ سان ئي منهنجون اکيون پرجي اچن ٿيون. دل به پرجي اچي ٿي. وياس ديو جو هي ڪيڏو نه وڏو اپڪار آهي. صرف ڀارت ورش تي ئي نه پر سڄي منش جاتيءَ تي انهو اپڪار آهي. جا لاثاني ڳالهه ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي، اها شبدن وسيلي ظاهر ڪرڻ لائق نه هئي. مگر ديا ڀاو سان اتساهت ٿي، وياس ديو ان کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيو. گپت چيز کي واڻيءَ جو روپ ڏنو. هن اڌياءَ جي شروع ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته "راج ودیا ڳوڙهي ۾ ڳوڙهي، آهه پوتر ۽ اتم."

هيءَ جا راج ودیا آهي، هيءَ جا عمدي چيز آهي، اها خود انڀؤ ڪرڻ جي آهي. خود گيتا به ائين چيو آهي. اکرن ۾ نه اچڻ واري، مگر انڀؤ جي ڪسوٽيءَ تي پرکيل، هيءَ ڳالهه هن اڌياءُ ۾ ٻڌايل آهي. ان ڪري هيءُ اڌياءُ ڏاڍو مٺو ٿي پيو آهي. تلسيداس چيو آهي:-

"سرڳ نرڪ جي ڪير تو جاڻي، آهه عجب اسرار سمور و
تلسي، رام غلام ٻڻي مان، ماڻيان جڳ جو آنند پورو."

انهن جدا جدا ڪريائن ۾ وري ڏاڍا باريڪ ويچار پيل هئا. عام لوڪن کي انهن جو گيان ڪيئن ملي؟ هڪ طرف ويد مارگ کان سواء مکتيءَ جو رستو ڪونهي. مگر ٻئي طرف ويدن سمجهڻ جي لياقت ڪانهي. تڏهن ٻين جو ڪم ڪيئن هلندو؟ ٺهنڪري دياوان سنتن اڳئي وڏي چيو، "اچو اسين ويدن جو رس ڪڍون. ويدن جو سار ٿوري ۾ ڪڍي ڪري سنسار کي ڏيون." ان ڪري تڪارام مهراج چوي ٿو:-

"ويد کي بي انت چيو، اهڙو سنتن ارٿ ڪيو."

اهو ارٿ ڇا آهي؟ هري نام ويدن جو سار آهي. رام نام سان مکتي نشچت آهي. استريون، ٻار، ڏنار، گنوار، ڪريل ڪمزور، روڳي پنگلا سڀ لاء مکتي سولي ٿي ويئي. ويدن جي ڪبٽ ۾ بند ٿيل مکتي، ڀڳوان چوسول ٿي آڻي رکي. موڪش جي هيءَ ڪيڏي نه سادي سودي تجويز! جنهن جهڙو ساد و سود وجيون، جيڪي ڪجهه سؤ ڌرم ڪرم آهي. سيوا ڪرم آهي، ڇو نه ان کي يگيه روپ بڻائجي. پوء ٻئي يگيه وغيره جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ توهانجو هميشه جو جيڪو سيوا ڪرم آهي ان کي يگيه روپ بڻائي ڇڏيو. بس هيءَ ئي راج ودّيا آهي.

هن رستي ئي جي اکيون ٻوٽي ڊوڙندا وڃو ته به ڪرڻ جو يا نوڪر کائڻ جو ڪو ڊپ ڪونهي. ٻيو رستو آهي تلوار جي ڌار وانگر. تلوار جي ڌار ته هڪ دفعو مڏي

ٿا. ان ڪري ويدن کي پوڄا جو پد ڏنو ويو آهي. جي تواريخ جي نقط نگاهه کان ڏنو وڃي ته به اهي اسان جي سماج جي پراچين ياوتائن جون تمام جهونيون نشانيون آهن. ٽامي جا پرچ، پٿر تي لکاوت، سڪا، برتن، ساهوارن جا هڏا وغيره کان به هي لکيتون وڌيڪ اهم آهن. سنسار ۾ جيڪڏهن ڪا پهرين تواريخي ثابتي آهي ته اها ويد آهي. انهن ويدن ۾ جو ڌرم، ٻج جي روپ ۾ ڏنل آهي، اهو وڻ وڌندي وڌندي آخر گيتا جي روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ ان ۾ مٺا ڦل لڳا آهن. ڦل کان سواءِ وڻ مان اسين ڪائون به ڇا؟ جڏهن وڻ ۾ ڦل لڳندو آهي، تڏهن اسان جي ڪائڻ جي چيز ان مان اسان کي ملي سگهندي آهي. ويد-ڌرم جي سار جو به سار هيءَ گيتا آهي.

جو ويدڪ ڌرم پراچين زماني کان هلندڙ هو ان ۾ قسمين قسمين يگيه ڪريائون، جدا جدا تپسيائون، انيڪ ساڌنائون ٻڌايون ويون آهن. هي جو ڪرم ڪانڊ آهي سو بيڪار نه آهي. تڏهن به ان لاءِ لياقت گهرجي. ڪرم ڪانڊ سڀ لاءِ سولو نه آهي. اوچي ناريل جي وڻ تي چڙهي ڪير ڦل ڇني، ڪير ڇلي ۽ ڪير پچي؟ مان ڪٽي ڪيترو به ٻکيوهجان پر اوچي وڻ تان جيڪر ناريل ڇنان؟ مان هينان بيهي اهن ڏانهن ڏسان ٿو. مٿان ناريل مونکي ڏسي ٿو. مگر ان مان بک ڪيئن لهندي؟ جيستائين ناريل منهنجي هٿ ۾ نه اچي تيستائين سڀ فضول. ويدن جي

بس پوءِ ته ڪم ٿي راس. توهين رام جا غلام ٿي وڃو. هي ڏکيو ويد مارگ، هي يگيه هي سواها، هي پترن کي اَن پاڻي ڏيڻ، هي شراڌ، هي سڀ ڀيتائن جون ڪريائون اسان کي موکش طرف وٺي وينديون. پر ان ۾ لائق ۽ نالائق جو تفاوت جوڙ و جهيڙو آهي. اسان کي ان جي ضرورت ڪانهي. صرف ايترو ڪريو جيڪي به ڪجهه ڪريو تا سو ايشور کي ارپڻ ڪري ڇڏيو. پنهنجي هرهڪ ڪرم جو سنبنڌ ايشور سان ڳنڍيو. هن نائين اڌياءَ جي هيءَ سکيا آهي. ان ڪري پگتن کي ڏاڍو پيارو آهي.

٤٣

مڪتي مارگ سڀ لاءِ کليل

ڪرشن جي سڄي جيون ۾ سندس بالپڻ ڏاڍو مڌر آهي. بالڪرشن جي خاص طرح پوڄا ڪئي ويندي آهي. هو بال گوالن سان ڳائيون چارڻ ويندو هو. انهن سان کائيندو پيئندو هو، کلندو ڳالهائيندو هو. اِندر جي پوڄا ڪرڻ لاءِ جڏهن بال گوال نڪتا ته هن انهن کي چيو، ”اِندر کي ڪنهن ڏٺو آهي؟ هن اسان تي ڪهڙو اپڪار ڪيو آهي؟ مگر هي گوردڻن پربت اسان کي صاف ڏيکاري ڏئي رهيو آهي. هن تي ڳائيون چرن ٿيون. ان مان پاڻيءَ جا چشما نڪرن ٿا. تنهن ڪري توهين ان جي پوڄا ڪريو.“ اهڙيون ڳالهيون هو انهن کي سيکاريندو

تي سگهي ٿي. پر هي ويدڪ رستو ان کان به وڌيڪ ڏکيو آهي. هن کان ته رام جو غلام ٿي رهڻ وڌيڪ سولو آهي. ڪو انجنير رستي جي اوچائي ڏيري ڏيري وڌائيندو مٿي کڻي ويندو آهي ۽ اسان کي اوچيءَ چوٽيءَ تي وڃي وهاريندو آهي. اسان کي پتو به نه پوندو آهي ته ايترو مٿي چڙهي رهيا آهيون. انجنير جي ان خوبيءَ وانگيان ئي هن راج مارگ (راج وديا) جي هيءَ خوبي آهي. منش جنهن جڳهه تي ڪرم ڪندي بيٺو آهي اتي ان سادي ڪرم سان، هن رستي وسيلي هو پرماتما کي حاصل ڪري سگهي ٿو. اهڙو هي مارگ آهي.

پرميشور ڇا ڪٿي لڪو ويٺو آهي؟ ڪنهن غار ۾، ڪنهن گهٽيءَ ۾، ڪنهن ندي ۾ يا ڪنهن سرڳ ۾ لڪي ويٺو آهي؟ لعل، نيلم، سون، چاندي زمين جي پيٽ ۾ لڪل رهندا آهن. موتي ۽ رتن سمنڊ ۾ لڪل رهندا آهن. اهڙيءَ طرح ڇاهي پرميشور روپي لعل رتن به ڪٿي لڪو ويٺو آهي؟ ڀڳوان کي ڪٿان کوٽي ٽوروئي ٻاهر ڪڍڻو آهي! هو ته دائما اسان سڀني سامهون هر هنڌ بيٺو آهي. هي سڀ جيترا به انسان آهن سي پرماتما جون ئي ته مورتون آهن. ڀڳوان چوي ٿو هن منش چولي ۾ ظاهر هن هري مورتيءَ جو اپمان نه ڪريو. ايشور ئي هر چيز ۾ وسي رهيو آهي. ڪيس ڳولڻ لاءِ نقلي اپاوَن جي ڪهڙي ضرورت؟ اُپاءُ ته صاف سولو آهي. توهين جو به ڪجهه شيوا ڪار نه ڪريو، ان سڀ جو لاڳاپو ڀڳوان سان ڳنڍيو.

ويچي ٿو. اوهين پڻ بحث ڪندا رهو تہ استريءَ کي
ويد پڙهڻ جو حق آهي يا نہ. مگر سليا تہ هتي جنڪ
راجا کي برهم وديا سيکاري رهي آهي. اها هئي هڪ
رواجي استري. مگر جنڪ ڪيڏو نہ سمرات ڪيترن
وديائن ۾ پڙ! مگر ان مها گيانيءَ جنڪ کي بہ اڃا موڪش
نہ مليو هو. ان ڪري وياس ديو ڪيس سليا جي چرنن
۾ موڪليو. اهڙي ئي ڳالهہ ان تلاڌار وئش جي آهي.
جاجل برهمڻ ان وٽ گيان پائڻ ويچي ٿو. تلاڌار چوي
ٿو تہ، تارازيءَ جي ڏنڊي سڌي رکڻ ۾ ئي منهنجو
سارو گيان سمايل آهي. اهڙي ئي ڪٿا وياڌ جي آهي.
وياڌ تہ هو ڪاسائي. پسن کي ماري هو سماج جي شيوا
ڪندو هو. هڪ اهنڪاري تپسوي برهمڻ کي سندس
گروءَ ان وياڌ وٽ وڃڻ لاءِ چيو. برهمڻ کي عجب لڳو
تہ هي ڪاسائي مونکي ڇا سيکاريندو. مگر هو وياڌ وٽ
ويو. وياڌ ڇا ڪري رهيو هو؟ ماس ڇيري ۽ صاف
ڪري وڪڻڻ لاءِ رکي رهيو هو. ان برهمڻ کي چيو،
”ڏس، هي منهنجو ڪرم جيترو پوتر ٿي سگهي ٿو،
اوترو ڪريان ٿو. پنهنجي آتما جيتري هن ڪرم ۾ وجهي
سگهجي ٿي اوتري وجهي مان هي ڪرم ڪريان ٿو. پنهنجي
ماءُ پيءُ جي شيوا ڪريان ٿو. اهڙيءَ طرح هن وياڌ جي
روپ ۾ وياسديو هڪ آدرش صورت کڙي ڪئي آهي.

مهاڀارت ۾ هي جو استرين، وئشن ۽ شودرن جون
ڪٿائون آيون آهن انهن جو مقصد هي آهي تہ سڀ کي

هو. جن گوپالن سان گڏ کيليائين، جن گوپين سان گڏ راند روند ڪيائين، جن ڳائين ڳابن سان گڏ رهيو، انهن سڀني لاءِ هن موڪش جو دروازو کولي ڇڏيو. ڪرشن پرماتما پنهنجي اپئو مان هي سولو رستو ٻڌايو آهي. بالپڻي ۾ سندس لاڳاپو ڳائين ڳابن سان ٿيو. وڏي هوندي گهوڙن سان. مرليءَ جي ڌن ٻڌي ئي ڳائيون گڏ گڏ ۽ ٻي سڌ ٿي وينديون هيون ۽ ڪرشڻ جي ٽپرڻ تي گهوڙا مست ٿيڻ لڳندا هئا. اهي ڳائيون ڳابا، اهي رٿ جا گهوڙا ڪرشن مئه ٿي ويندا هئا. پاپي جوڻ وارن انهن پسن کي به جڻ موڪش ملي ويندو هو. موڪش تي نه صرف منش جوئي حق آهي، بلڪ پسون پکين جو به آهي. هيءَ ڳالهه سري ڪرشن صاف ڪري ڇڏي آهي. پنهنجي جيون ۾ هن ان ڳالهه جو اپئو ڪيو هو.

جو آزمود و پڳوان کي ٿيو، اهوئي وياس ديو کي به ٿيو. ڪرشن ۽ وياس ٻئي هڪ ئي روپ آهن. ٻنهي جي جيون جو سار به هڪ ئي آهي. موڪش وديا تي، ڪرم ڇتراڻيءَ تي مدار ٿو رکي. ان لاءِ ته سادي سودي پڳتي ڪافي آهي. ”مان مان“ ڪرڻ وارا گياني ته ٻنتي ئي رهيا ۽ پورڙيون پاوڪ استريون انهن کان اڳتي وڌي ويئون. جيڪڏهن من پوتر آهي ۽ سڌو سادو پوتر ڀاو آهي ته پوءِ موڪش ڪٿي ناهي. مهاڀارت ۾ جنڪ سلڀا گفتگو هڪ باب آهي. ان ۾ وياس هڪ پرسنگ ڏنو آهي جنهن ۾ جنڪ راجا گيان جي پراپتي لاءِ هڪ استريءَ وٽ

يوڳ جو ارٿ آهي ڪرم نہ ڪرڻ پر ڦل جو تياڳ ڪرڻ. ڪرم اهڙي نموني ڪريو جو واسنا جو پٽو بہ نہ لڳي. هي اڪروٽ جي وڻ لڳائڻ وانگر آهي. اڪروٽ جي وڻ کي پنجويهن سالن کان پوء وڃي ميوو لڳندو آهي. پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪنهن کي شايد ڦل چکڻ لاء ئي نہ ملي. تنهن هوندي بہ اڪروٽ جا وڻ پوکڻا ئي آهن ۽ اُنهن کي ڏاڍي پريم سان پاڻي بہ ڏيڻو آهي. ڪرم يوڳ جي معنيٰ آهي وڻ لڳائڻ مگر ڦل جي اڇا نہ رکڻ. ڀڳتي يوڳ ڇاکي چوندا آهن؟ پريم سان ايشور ۾ ليِن ٿي وڃڻ کي ڀڳتي يوڳ چوندا آهن. راج يوڳ ۾ ڪرم يوڳ ۽ ڀڳتي يوڳ ٻئي گڏجي وڃن ٿا. راج يوڳ جون ماڻهن ڪيتريون ئي وصفون ڪيون آهن. مگر ان جي منهنجي ٺاهيل ننڍڙي وصف آهي ڪرم يوڳ ۽ ڀڳتي يوڳ جو سندر ميلاپ.

اسين ڪرم نہ ڪريون پر ڦل ڦٽو نہ ڪريون، بلڪ انکي پرماتما جي ارپڻ ڪري ڇڏيون. جڏهن چئون ٿا تہ ڦل ڇڏي ڏيو تہ انجو ارٿ ٿئي ٿو ڦل نہ ماڻڻ. مگر ڦل ارپڻ سان ائين نٿو ٿئي. هيءَ ڪهڙي نہ سندر ڳالهہ آهي. ڏاڍو آنند آهي ان ۾. ڦل ڇڏڻ جو ارٿ هي نہ آهي تہ ڦل گرهڻ ڪين ڪبو. ڪنهن نہ ڪنهن کي تہ اهو ضرور ملندو. اتي هي دليل ڏئي سگهجي ٿو تہ جو هن ڦل کي پائي ٿو اهو ان جي لائق بہ آهي ڪين نہ؟ ڪو بکاري گهر ايندو آهي تہ اسين چوندا آهيون، " نکمو ڪنهن جاء جو! پنندي شرم نٿو اچيئي. وڃ،

هي صاف صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته موڪش جو دروازو سڀ لاءِ کليل آهي. انهن ڪٿائن جو تتو هن نائين اڌياءَ ۾ ٻڌايل آهي. انهن ڪٿائن تي هن اڌياءَ ۾ ڇاپ لڳائي وئي آهي. رام جي غلام هئڻ ۾ جو مزو آهي، اهوئي هن وياڌ جي جيون ۾ آهي. سنت تڪارام اهنسڪ هو. پر هن وڏي شوق سان ورنن ڪيو آهي ته صدني ڪاسائيءَ ڪاسائڪو ڪم ڪري به موڪش پاتو. تڪارام پڇيو آهي: ڀڳوان، پسن جي هتيا ڪرڻ واري جي ڪهڙي گتي ٿيندي. پر صدنو ڪاسائي وڪڻندو آهي ماس. ائين لکندي ان چيو ته ڀڳوان صدني ڪاسائيءَ جي مدد ڪريٿو. نرسي مهتا جي هنڊي ڀريندڙ، ايڪنات جو پاڻي ڀريندڙ، داماجيءَ لاءِ ڪوتوال ٿيندڙ، مهاراشٽر جي پياري جنابائي جي ان ڪٽڻ ۽ پيسڻ ۾ مدد ڪندڙ ڀڳوان، صدني ڪاسائيءَ جي به اوتري ئي پريم سان مدد ڪندو هو. ائين تڪارام چيو آهي. تاتپرج هي آهي ته پنهنجي سهني ڪرمن جو سمبنڌ پرميشور سان جوڙڻ گهرجي. جي ڪرم شڌ ڀاونا سان پورڻ ۽ شيوا ميه هوندو ته اهو يگيه روپ ئي آهي.

۴۴

کرم ڦل ايشور ارپڻ

نائين اڌياءَ ۾ هڪ خاص ڳالهه چئي وئي آهي. ان ۾ ڪرم يوگ ۽ ڀڳتي يوگ جو منوهر ميلاپ آهي. ڪرم

تنهنجي ڪرم جو ڦل ڪنهن کي نه ڪنهن کي ته ملندو ئي. نه اهو ڀڳوان کي ڏيئي ڇڏيو. انهيءَ کي ٿي ارپڻ ڪري ڇڏيو. راج يوگ ارپڻ ڪرڻ جي مناسب جڳهه توهان کي ٻڌائي رهيو آهي. هتي ڦل تياڳ روپي منع ڪيل ڪرم به نه آهي، ڇو ته سڀ ڀڳوان کي ٿي ارپڻ ڪرڻو آهي. ان ڪري لائقي يا نالائقيءَ جو به سوال ڪين آهي. ڀڳوان کي جو دان ڏنو ويو آهي اهو هميشه پوتر هوندو، تنهنجي ڪرم ۾ جي دوش هوندو ته به ڀڳوان جي هٿن ۾ پوندي ئي اهو پوتر ٿي ويندو. اسين دوش دور ڪرڻ جي ڪيتري به ڪٺي ڪوشش ڪريون تڏهن به ٿورو گهڻو دوش نه رهجي وڃي ٿو. تنهن هوندي به جيترو شڌ ڪرم اسين ڪري سگهون اوترو شڌ ڪرم ڪرڻ گهرجي. ٻدي ايشور جي بخشش آهي. انڪي جيترو ٿي سگهي اوترو شڌ روپ ۾ ڪم آڻڻ اسان جو فرض آهي. ائين نه ڪرڻ ئي گناهه آهي. تنهن ڪري لائقي يا نالائقيءَ جو ڀيد نه ڪرڻ ئي گهرجي، مگر ڀڳوان جي ڀاونا رکڻ سان اهو سولو ٿيو پوي.

ڦل جو استعمال چت شڌيءَ لاءِ ڪرڻ گهرجي. جو ڪم جهڙو ٿي وڃي اهڙو ئي ڀڳوان جي ارپڻ ڪري ڇڏيو. ظاهر ظهور ڪريا جئن جئن ٿيندي وڃي تئن تئن ان کي ڀڳوان ارپڻ ڪري من جي شانتي پراپت ڪرڻ گهرجي. ڦل کي ڇڏڻو نه آهي، پر ان کي ڀڳوان کي ارپڻ ڪرڻو آهي. انڪري اهو ڇڱو ٿيندو ته اسين پنهنجي من ۾

ٻيو گهر وڃي ڳولهه.“ اسين ان ڳالهه جو ويچار نه ڪندا
آهيون ته سندس پنڻ مناسب آهي يا نه. ٻڪاري ويچارو
شرمندو ٿي ويندو آهي. اسان وٽ سندس لاءِ همدردي
بلڪل نه رهندي آهي. نه پوءِ اسين ڪيئن فيصلو
ڪنداسين ته هن کي پنڻ جو حق آهي يا نه؟ مون پنهنجي
ماتا کان ننڍي هوندي ٻڪارين جي باري ۾ سوال ڪيو
هو. ان جيڪو جواب ڏنو هو اهو اڄ تائين منهنجي ڪنن
۾ گونجي رهيو آهي. مون کانئس پڇيو ته ”هي ٻڪاري
ته ڏنو مٿو آهي. هن کي ٻکيا ڏيڻ سان سندس خراب
عادت ۽ آلس ئي نه وڌندا.“ گيتا جو هي سلوڪ ”هنڌ،
وقت، دان وٺندڙ جي جنهنکي پوري ڄاڻ“ ۾ مون کيس
ٻڌايو. هن جواب ڏنو، ”اڙي هو ٻڪاري ته پرميشور
هو.“ هاڻي ڪر لائق ۽ نالائق جو ويچار. ڀڳوان کي ڇا
تون نالائق چوندين؟ ان نالائقيءَ جي ويچار ڪرڻ جو
توکي مونکي حق ئي ڪهڙو آهي؟ وڌيڪ ويچار ڪرڻ
جي ضرورت ئي نه آهي. مون لاءِ هو ڀڳوان ئي آهي.
ماتا جي هن جواب کان ڪو سندر جواب اڄ تائين نه مليو اٿم.

ٻين کي پوڄڻ ڪرائيندي سندن لائقي ۽ نالائقيءَ جو
ويچار ڪريان ٿو. مگر پنهنجي پيٽ ۾ لنگهائيندي مونکي
ته خيال به نٿو اچي ته مونکي به ان جو حق آهي يا نه.
جو اسان جي در تي اچي ٿو، ان کي نڪمو ٻڪاري ئي
ڇو سمجهيو وڃي؟ جنهن کي اسين ڏيون ٿا اهو ڀڳوان ئي
آهي. اسين ائين ڇو نه سمجهون؟ راڄ يوگ چوي ٿو ته

شبري ۽ جي انهن ٻيرن وانگر. رام انهن کي کيڏي نه سواد سان چکيو. پرميشور جي پوڄا ڪرڻ لاءِ غفا ۾ وڃي رهڻ جي ضرورت ناهي. توهين جتي به، جو به ڪرم ڪريو؛ اهو پرميشور کي ارپڻ ڪريو. ماتا ٻچي کي سنڀاليندي آهي. جڏهن ڳئون کي سنڀاليندي آهي نه. ٻچي کي سنان ڪرائڻ جڏهن نه پرميشور تي شو ڌارا وهائيندي آهي. ٻالڪ پرميشور- ڪرپا جي بخشيش آهي. ائين جاڻي ماتا کي گهرجي ته هوءَ پرميشور پاونا سان ٻار جو پالڻ پوشڻ ڪري. ڪوشليا رام جي ۽ يشودا ڪرشن جي پرگهور ڪيتري نه لاڏ ڪوڏ سان ڪندي هئي. اهو بيان ڪندي شڪ، والميڪ، تلسيداس پاڻ کي ڌنيه سمجهيو. ان ڪرم ۾ انهن کي اپار آنند معلوم ٿئيتو. ماتا جي شيوا جي ڪرپا تمام اوچي آهي. اهو ٻالڪ پرميشور جي مورتي آهي. ان مورتيءَ جي شيوا ڪان وڌيڪ خوش نصيبي ڪهڙي ٿي سگهندي آهي؟ جي اسين هڪ ٻئي جي شيوا ڪرڻ وقت اهڙي ئي پاونا کي جڳهه ڏيون ته اسان جي ڪرمن ۾ ڪيتري تبديل ٿي وڃي. جنهنکي جا شيوا ملي وڃي اها ايشور جي ئي شيوا آهي. اهڙي پاونا ڪندو رهڻ گهرجي.

هاري پڳي جي شيوا ڪندو آهي؟ ان پڳي کي ڇا ليح سمجهڻ گهرجي. نه نه، ويدن ۾ واسديو شڪتي، روپ ڀڳت ۾ پريل جنهن پڳي جو بيان ڪيو آهي، اهوئي ان هاريءَ جي پڳي ۾ به موجود آهي.

اينديون واسنائون ۽ ڪام وغيره وڪار به پرميشور جي ارپڻ ڪري ڇڏيون ۽ ڇوٽڪارو پايون.

'ڪام ڪروڌ منهنجا ارپڻ پريوءَ ڪي'

هتي سنجهه اگنيءَ ۾ جلڻو پيٽو ڪونهي. جهت ارپڻ ڪري مڪت ٿيو. نه ڪنهنکي ڊ ٻائڻو نه مارڻو. 'تنهن کي ڪاتيءَ سان ڇو ڪپجي جو تنهن سان ڇجي.'

اندريون به ته ساڌن آهن. انهن کي به ته ايشور ارپڻ ڪري ڇڏيو. جونڌا آهن ته ڪَن اسان کي نتا ٻڌن. ته پوءِ ڇا ٻڌڻ ئي بند ڪريون؟ نه ٻڌو ضرور، پر هري ڪٿا ٻڌو. نه ٻڌڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، مگر هري ڪٿا روپي ٻڌڻ لاءِ ڪَن جو استعمال ڪرڻ وڏيڪ وڻندڙ ۽ لاڀدائڪ آهي. پنهنجا ڪن توهين رام کي ڏيئي ڇڏيو. مک سان رام نام وٺندا رهو. اندريون اسانجون دشمن نه آهن. اهي آهن به چڱيون. انهن جي طاقت جي ڪا حد ڪانهي. تنهنڪري ايشور ارپڻ ٻڌيءَ سان هرهڪ اندريءَ کان ڪم وٺڻ هيءُ ئي راج مارگ آهي. انکي تا ڇون راج يوگ.

٤٥

سڀ ڪرم ايشور ارپڻ

ائين ناهي ته اسين کي خاص ڪريائون ڀڳوان کي ارپڻ ڪريون. ذات ڪرم ئي ان کي سونپي ڇڏيون.

ٿيندي. اهڙيون ڪيتريون مائٽائون شيوا ڪندي ٿري ويون هونديون ۽ 'مان مان' ڪندڙ پنڊت ۽ گياني ڪنڌ ۾ ئي رهجي ويا هوندا.

٤٦

ساري جيون رام سان رڱيل

اسان جي روزاني گهڙيءَ گهڙيءَ جي جيون معمولي ڏسڻ ۾ ايندي آهي پر حقيقت ۾ اها اهڙي نه آهي. اها وڏي مطلب واري آهي. ساري جيون هڪ مهايگيه ڪرم ئي آهي. تنهنجي ننڊ به هڪ سماڌي آهي. سڀ پرڪارن جي يوڳن کي جي اسين ايشور ارپڻ ڪري ننڊ ڪنداسين ته اها سماڌي نه، ته ڇا ٿيندي؟ اسان ماڻهن ۾ سنان ڪرڻ وقت پرش سوڪت جي پاٺ ڪرڻ جي رسم هلندي آئي آهي. هاڻي سوچيو ته هن سنان جي ڪريا سان ان پرش سوڪت جو ڪهڙو لاڳاپو؟ ڏسڻ چاهيندا ته ضرور ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن ورات پرش جا هزارين هٿ ۽ هزارين اکيون آهن انجو مهنجي هن سنان سان ڪهڙو سنبنڌ؟ سنبنڌ هيءُ ته توهين جو لوٽو پاڻي جو مٿي تي وجهو ٿا ان ۾ هزارين بوندون آهن. اهي بوندون توهانجو مستڪ ڌوئي رهيون آهن. توهانکي نشپاپ بڻائي رهيون آهن. جڻ توهانجي سر تي ايشور جي آسيس وسي رهي آهي. جڻ پرميشور جي سهسين هٿن سان سهسين

جنهن جا چار سڱ آهن، ٽي پير آهن، ٻه منهن آهن، ست هٿ آهن، جو ٽن جڳهين ٻڌل آهي، جو مهاتيجسوي ٿي ۽ سڀ ناسونت چيزن ۾ پريل آهي، ان گرجنا ڪندڙ وشو وياپي ڍڳي جي پوڄا هاري ڪندو آهي. نڪتچيني ڪندڙن جي هن هڪ ئي ست جا پنج ست جدا جدا ارٿ ڏنا آهن. هي ڍڳو آهي ٻه وچتر. آسمان ۾ گرجنا ڪري جو ڍڳو برسات وسائي ٿو: اهوئي مل موتر جي بارش ڪري زمين ۾ فصل پيدا ڪندڙ ان هاريءَ جي ڍڳي ۾ موجود آهي. جيڪڏهن هاري ان اوچ ڀاونا سان پنهنجي ڍڳن جي شيوا ٽهل ڪندو ته سندس هيءَ رواجي شيوا ٻه ايشور جي ارپڻ ٿي ويندي.

ان طرح اسان جي گهر جي لڪشمي، جو چونڪو لڳائي رسوئي گهر کي صاف سٿرو رکندي آهي، چلهو جلائيندي آهي، صاف سٿرو ۽ پوتر ڀوڄن ناهيندي آهي ۽ هيءَ خواهش رکندي آهي ته هيءَ رسوئي منهنجي گهر جي سڀني ڀاتين کي ٻل پشٽي ڏيندڙ ٿئي ٿي ته هي سارو ڪرم يگيه روپ ٿي آهي. چلهو ڇا، ڄڻ ان ماتا هڪ ننڍڙو يگيه ئي شروع ڪيو آهي. پرميشور کي ترپت ڪرڻ جي ڀاونا من ۾ رکي جو ڀوڄن تيار ڪيو ويندو آهي، ڪيترو نه صاف ۽ پوتر هوندو. ذرا ان جي ڪلپنا ڪريو: جي ان گهر لڪشميءَ جي من ۾ اهڙي اوچ ڀاونا هجي ته پوءِ اها ڀاڳولت جي رشي استرين جهڙي ئي

اهڙي ڀاونا جي جيون ۾ هڪ وار اچي وڃي ته پوءِ جيون ڪيتري نه نرمل ٿي پوندي. اونده ۾ جڏهن ٻهلي ايندي آهي ته اها اونده هڪ ڪن ۾ پرڪاش ٻڻجي ويندي آهي. اها اونده ڇا ڏيري ڏيري پرڪاش ٻڻجندي آهي؟ نه، هڪ گهڙيءَ ۾ ئي اهو سارو اندر ٻاهر بدلجي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح هرهڪ ڪريا کي ايشور سان جوڙيندي ئي جيون ۾ هڪدم عجيب شڪتي ايندي آهي. هرهڪ ڪريا پوِتر ٿيڻ لڳندي آهي. اڄ اسان جي جيون ۾ اُتساه ڪٿي آهي. اڄ اسين جيئرا آهيون ڇاڪاڻ ته مرون نٿا. اُتساه جو ڇوڏاري ڏڪار پئجي ويو آهي. ڪلاءِ سندرتا کان خالي ڊکي جيون! مگر ٿوري ڀاونا من ۾ آڻيو ته اسان کي پنهنجون سڀ ڪريائون، سڀ وهنوار ايشور سان ڳنڍيل آهن. پوءِ ڏسندا ته اوهان جو جيون ڪيترو نه رمڻيڪ ۽ شاندار ٿي پوي ٿو.

پرميشور جي صرف نالي اچارڻ سان ئي هڪدم تبديل ٿي ٿئي. من ۾ شڪ جي ضرورت ئي نٿي ٿئي. ائين نه چئو ته رام چوڻ سان ڇا ٿيندو. ٿورو ڇئي ته ڏسو. ويچار ڪريو ته سانجهيءَ جو هاري ڪم ڪري گهر اچي رهيو آهي. رستي ۾ ڪو مسافر گڏجيس ٿو. هو ان مسافر کي چئي ٿو، ”ڀائي مسافر، او ناراڻ، ذرا ترس، هاڻي رات اچي پيئي آهي. ڀڳوان منهنجي گهر هلو.“ ان هاريءَ جي منهن مان اهڙا اکر نڪرن ته مسافر جي ڊاڪو يا ڦورو هوندو ته به پوِتر ٿي ويندو. هي ڀاونا جي ڪارڻ ٿيندو

ڏارائون توهان تي وسي رهيون آهن. انهن بوندن جي روپ ۾ جڻ پرميشور ئي توهانجي سر جي اندر جي ميل ڌوئي رهيو آهي. اهڙي عمدي ڀاونا ان سنان ۾ وجهو تڏهن اهو سنان ڪجهه ٻي شيءِ ٿي ويندو. ان سنان ۾ اننت شڪتي اچي ويندي.

ڪو به ڪم جڏهن هن ڀاونا سان ڪيو ويندو آهي ته اهو پرميشور جو آهي، ته معمولي هوندي به پوتر ٿي ويندو آهي. هيءَ ڳالهه انيؤ سڌ آهي. من ۾ ذرا هيءَ ڀاونا ڪري ڏسو ته جو شخص اسان جي گهر آيو آهي اهو ايشور روپ آهي. ڪو رواجي وڏو ماڻهو به جڏهن اسان جي گهر ايندو آهي ته اسين ڪيتري نه صفائي رکندا آهيون ۽ ڪهڙو نه سٺو کاڌو تيار ڪندا آهيون. پوءِ جي هيءَ ڀاونا ڪريون ته هو پرميشور آهي ته ٻڌايو ته اسان جي ڀاونا ۾ ڪيترو نه فرق پئجي ويندو؟ ڪبير ڪپڙو اُڻندو هو. ان ۾ مگهن ٿي هو ڳائيندو هو:

جهيني جهيني بيني چدريا ......

اهو ڳائيندي ڳائيندي هو جهولڻ لڳندو هو. جڻ ته پرميشور جي پائڻ لاءِ هو چادر اُڻي رهيو هو. رگ ويد ۾ رشي چوي ٿو: مان پنهنجو هي سلوڪ سندر هٿن سان اُڻيل ڪپڙي وانگر ايشور کي گرهڻ ڪرايان ٿو. ڪوي سلوڪ ٺاهي ٿو ايشور لاءِ. ڪوري جو ڪپڙو ٺاهي ٿو اهو به ايشور لاءِ. ڪهڙي نه دل ڇهائيندڙ ڪلپنا! ڪيترو نه چمت ڪي شڌ ڪرڻ وارو ۽ هردي ۾ لهرون اٿاريندڙ ويچار!

هو. ان مهل ٽائين ته هن ٻن نمونن جا شخص ڏٺا هئا.
هڪڙا ته سندس هٿيار ڏسي ڀڄي ويندڙ، ٻيا منهن
ڦيري مٿس حملو ڪندڙ. مگر نارد کيس ڏسي نڪو ڀڳو،
نه وري هن حملو ئي ڪيو. مگر شانتيءَ سان بيٺي رهيو.
ٻاليا جو تير ڪمان روڪجي ويو. نارد جي نه ڊرون ڏٺي،
نه اک ئي ڇنڀي. مٿر ٻڇن جيئن جو تيئن جاري رهيو.
نارد والميڪ کان پڇيو، "تنهنجو تير ڇو روڪجي ويو؟"
والميڪ چيو، "اوهان جي شانتيءَ کي ڏسي." نارد
والميڪ جو روپ ئي بدلي ڇڏيو. ڇا اها تبديل ڪوڙي
هئي يا سچي؟

سچ پچ سنسار ۾ ڪو دشٽ آهي به يا نه؟ ان جو فيصلو
آخر ڪير ڪري؟ سچ پچ ڪو دشٽ سامهون اچي ته
اهڙي ڀاونا ڪريو ته هو پرميشور آهي. جي هو دشٽ
هوندو ته به سنت ٿي پوندو. ته ڇا اهڙي اجائي سڄائي
ڀاونا ڪريون؟ مان چوندس ته ڇا ڪنهن کي خبر آهي
ته هو دشٽ ئي آهي؟ ڪي چوندا ته سڀ ماڻهو پاڻ چڱا
هوندا آهن. ان ڪري انهن کي سڀ چڱا لڳندا آهن.
مگر حقيقت ۾ ائين نٿو ٿئي. ته پوءِ جيڪي تو کي ڏسڻ
۾ اچي ٿو اهو به سچ ڪيئن؟ سرشٽيءَ جو سڀ گيان هٿڻ
جو ذريعو ڇا دشٽن وٽ ئي آهي؟ هيئن ڇو نه چيو وڃي
ته سرشٽي ته چڱي آهي. توهين دشٽ آهيو ان ڪري
اوهان کي دشٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڏسو سرشٽي ڇا آهي؟
هڪ آرسي آهي. توهين جهڙا هوندا، اهڙوئي توهان جو

آهي. ڀاونائن ۾ ئي سڀ ڪجهه ڀريل آهي. جيون ڀاونا سان ڀُرُ آهي. هڪ ويهن سالن جو ڏاريو جوان اسان جي گهر اچي ٿو. پتا ڪيس پنهنجي ڪنيا ڏئي ٿو. اهو جوان ويهن سالن جو آهي. پر پتا پنجاهه سالن جو هوندي به سندس پير ڌوئي ٿو. هي ڇا آهي؟ ڪنيا دان جو اهو ڪم ئي ڪيترو نه پوتر آهي. اها جنهنکي ڏني ويندي آهي اهو پرميشور ئي معلوم ٿيندو آهي. هيءَ جا ڀاونا گهوٽ يا ناٺيءَ لاءِ رکي ويندي آهي، ان کي اجا مٿي ڪٿي وڃو ۽ اڳتي وڌايو.

ڪو چوندو ته آخر اهڙي ڪوڙي ڪلپنا ڪرڻ مان فائدو ڇا؟ مان چوندس ته ڀورين ان کي ڪوڙو يا سچو نه چئو. ڀورين ابياس ڪريو، آزمودو ڪرايو تڏهن توهان کي ڪوڙ يا سچ معلوم ٿيندو. ان ڪنيا دان ۾ صرف اکري نه پر سچي ڀاونا وجهو ته هو ناٺي سچ پچ ئي پرماتما آهي. پوءِ ڏسندا ته ان ۾ ڪيترو فرق پئجي ويندو. ڀاونا جي اثر ڪري چيز جي ڀورين ۽ پوئين روپ ۾ زمين آسمان جو فرق پئجي ويندو. ڪپاڙ سپاڙ ٿي پوندو. جو دشت آهي اهو ديوتا ٿي پوندو. والميڪ (باليا ڀيل) جي به ڪايا پلٽ اهڙيءَ طرح ٿي وئي نه. سارنگيءَ ٿي آگريون لڳي رهيون آهن ۽ مک سان نارائڻ نارائڻ جو جاپ هلي رهيو آهي. ڪو مارڻ لاءِ ڊوڙي ٿو تڏهن به شانتيءَ ۾ ڀنگ نٿو پوي. اٽلو ان طرف پريم ڀري نگاهه سان نهاري ٿو. اهڙو نظارو والميڪ هن کان اڳ ڪڏهن ڪونه ڏٺو

ڪيو. ان وقت مندر جي مورتي ٽڪر ٽڪر ٿي پيئي. مورتي ڀڃي ڀري ڪري پيئي. مٿان مائيءَ کي وٺڻ لاءِ وهان آيو. مائيءَ اهو به ڪرشن ارپڻ ڪري ڇڏيو. وهان وڃي مندر سان لڳو. اهو به ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو. سرڳ سري ڪرشن جي ڏيان جي ڀيٽ ۾ بيڪار آهي.

مطلب هي ته جو ڪجهه به ڀلو ڀرو ڪم اسان کان ٿئي سو ايشور ارپڻ ڪري ڇڏڻ سان ان ۾ ڪجهه عجيب طاقت پيدا ٿي ٿئي. جوئر جو داڻو ٿورو پيلو ٿورو ڳاڙهو هوندو آهي. مگر ان کي پچڻ سان ڪهڙو نه سندر ڦلو ٿهي پوي ٿو؟ صاف، سفيد، اڻ ڪنڊو، سهڻو ءِ شاندار ڦلو ان داڻي جي سامهون رکي ڏسو. ڪيترو نه فرق آهي؟ مگر اهو ڦلو آهي ان داڻي جوئي. هي فرق صرف هڪ باهه جي سبب ئي ٿي ويو. اهڙيءَ طرح ان سخت داڻي کي چڪيءَ ۾ وجهي پيهون ته ان جو سنهو اٽو ٺهي وڃي ٿو. باهه جي لاڳاپي سان ڦلو ٺهي پيو، ته چڪيءَ ۾ وجهڻ سان سنهو اٽو ٺهي پيو. اهڙيءَ طرح اسان جي خسيس ۾ خسيس ڪريا ٿي به هري سمرڻ روپي سنسڪار ڪرڻ سان اها لاثاني ٿي ويندي. ڀاونا سان ان جي قيمت وڌي ويندي. اهي ياسمين جا رواجي گل، ان ڪانوڙيءَ جا پن، تلسيءَ جو ٻور ءِ گاهه جا پن. انهن کي خسيس نه ڄاڻو.

"ٽڪا ٽنهن کي مزو اچي ويو،

جنهن سان ڀاڻ ڀريو گڏجي ويو."

پاڇو سامهون ڏسڻ ۾ ايندو. جهڙي اسان جي درشٽي تهڙوئي روپ سرشٽيءَ جو. ان ڪري ائين سمجهو ته هيءَ سرشٽي چڱي آهي، پوتر آهي. پنهنجي هر روز جي وهنوار ۾ به اهڙي ڀاونا ڀريو. پوءِ ڏسو ته ڪهڙو نه تو چمتڪار ٿئي. ڀڳوان هيءَ ئي ڳالهه سمجهائڻ چاهي ٿو.

"اي ارجن، جيڪي ڪرين،
جيڪي کائين، هون ۾ وجهين؛
دان ڏين، تپسيا ڪرين،
سڀ ڪجهه مونکي تون ارپڻ ڪرين."

توهين جيڪي به ڪريو اهو ڀڳوان کي ارپڻ ڪريو.

منهنجي ماتا ٻالپڻ ۾ هڪ آکاڻي ٻڌائيندي هئي. ڪل جهڙي ڳالهه آهي. پر ان جو تت ڏاڍو قيمتي آهي. هڪ مائي هئي. ان جو نشچو هو ته جيڪي ڪجهه اهو ڪرشن ارپڻ ڪري ڇڏجي. هوءَ ڇا ڪندي هئي جو ليپو پائڻ بعد جيڪو ڇيڻو بچندو هو ان جو ڳوڙهو ٺاهي "ڪرشڻ ارپڻ" چئي ٻاهر اڇلائيندي هئي. ۽ ٿيندو ڇا هو جو اهو ڳوڙهو اتان ڪجهه مندر ۾ ڀڳوان جي مورتيءَ جي منهن تي وڃي چنبڙندو هو. پوڄاري ويچارو مورتيءَ کي ڌوئي تنگ ٿيو. مگر ڪو اُپاءُ ئي ڪونه هو. آخر معلوم ٿيو ته اها ڪرامت ان استريءَ جي آهي. جيسين اها مائي جيئري آهي تيسين اها مورتي صاف رهي نه سگهندي. هڪ ڏينهن اها مائي بيمار ٿي پيئي. مرڻ جي ڪنديءَ تي هئي. ان موت کي به ڪرشن ارپڻ

ڪهڙو نه سندر وچار! نه نه ڪنهن ٻوڙ نگه ۾ ڏسو. اُتي ٻارن کي رڙ ڪري اُٿاريندا آهن. اڙي! اُٿو ٿا يا نه؟ ٻرڀات جي منگل ويل. اهڙي وقت ڪنور واڻي ڇا ٿهي ٿي؟ وشوامتر جي آشرم ۾ رامچندر سمهي رهيو آهي. وشوامتر کيس اُٿاري رهيو آهي. والميڪ رامائڻ ۾ اهو هن نموني ورڻن آهي.

"پُٽ رام، ٻچا هاڻي اُٿ." اهڙيءَ طرح مِٺي واڻيءَ سان وشوامتر کيس اُٿاري رهيو آهي. ڪيترو نه سندر آهي هي ڪرم! ٻوڙ نگه جي اها رڙ بلڪل ڪنور آهي! وچاري سمهيل ٻالڪ کي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ته ڪو ستن جنمن جو ويري جاڳائڻ آيو آهي. ٻهر ٻن آهستي سڏ ڪريو. پوءِ ڪجهه زور سان آواز ڪريو. مگر ڪڙائي، ڪنورتا بلڪل نه هئڻ گهرجي. جي نه اُٿي ته وري ڏهن منٽن بعد وڃو. آشا رکو ته جي اڄ نه، ته سڀاڻ سوير اُٿندو. ان جي اُٿڻ لاءِ منوهر ڀڄن، پرڀاتي سلوڪ وغيره ڳايو. جاڳائڻ جو ڪم آهي ته رواجي، پر اسين ان کي ڪيترو نه منوهر ۽ سندر بڻائي سگهون ٿا. جڻ ته ڀڳوان کي ئي اُٿاري رهيا آهيون. پرميشور جي مورتيءَ کي آهستي جاڳائڻو آهي. ننڊ مان ڪيئن جاڳائجي اها به هڪ ڪلا آهي.

پنهنجي سڀني وهنوارن ۾ هن ڪلپنا کي داخل ڪريو. تعليم شاستر ۾ ته هن ڪلپنا جي ڏاڍي ضرورت آهي. ٻار ڇا آهن؟ ٻرڀوءَ جون مورتون آهن. گروءَ جي هيءَ

هرهڪ ڳالهہ ۾ ڀڳوان کي ملايو ۽ پورو انيئو ڪريو. توهين ڏسندا تہ هت رام روپي مصالح جي برابر ٻيو ڪو بہ مصالح ڪونهي. اهڙي ايشوري مصالح کان وڌيڪ بهتر توهين ٻيو ڪهڙو مصالح آڻيندا؟ هيءُ ئي ايشور روپي مصالح پنهنجي هرهڪ ڪريا ۾ ملايو پوءِ سڀ سندر ۽ وڻندڙ بڻجي پوندو.

رات جو انين بجي جڏهن مندر ۾ آرتي ٿي رهي هجي ۽ ڌوپ جي سڳند ڦهلجي رهي هجي، جوت جلائي ويٺي هجي، آرتي پوري ٿي رهي هجي، اهڙيءَ طرح سڀ ڪجھ اهو انيئو ٿيندو آهي تہ اسين پرماتما کي ڏسي رهيا آهيون. ڀڳوان سڄو ڏينهن جاڳيو. هاڻي ان جي سمهڻ جو وقت ٿيو. ڀڳت ڳائيندا آهن:

”سک جي لنب ڪر هاڻ شيام“

پر نڪتہچين پڇندو، ”اڙي ڀڳوان ائين سمهندو آهي ڇا؟“

اڙي ڀڳوان ڇا نٿو ڪري؟ ڀلا آدمي ڀڳوان، جي نٿو سمهي، نٿو جاڳي تہ ڇا هي پٿر سمهندو جاڳندو؟ ڀائي ڀڳوان ئي سمهي ٿو، ڀڳوان ئي جاڳي ٿو ۽ ڀڳوان ئي کائي پيئي ٿو. تلسيداس پرڀات جو ڀڳوان کي پرارٿنا ڪري اٿاري ٿو:

جاڳيئي رگهو ناٿ ڪنور، پنڇي بن بولي.

پنهنجن ڀائرن ڀينرن کي، استري پرشن کي رامچندر جي مورتي سمجهي ڇوي ٿو، منهنجا رامچندر هاڻي اٿو.

ڪريون، هي ۽ اخلاقي سکيا پنهنجو پاڻ اسان ۾ پيدا ٿيندي. ان لاءِ پستڪ پڙهڻ جي ضرورت ئي نہ رهندي. تڏهن سڀ دوش دور ٿي ويندا. پاپ ڀڄي ويندا. اوديا جي اونده هٽي ويندي. تڪارام چيو آهي:

اٺئي پاپ جي ڇوٽ، جپين نام هر هر،
ڪندو پاپ ڇا تو، ونين نام واهر.

چڱو هلو، توهان کي پاپ ڪرڻ جي ڇوٽي. مونکي ڏسڻو آهي تہ هاڻي توهين ٿا پاپ ڪرڻ کان ٿڪجو يا هري نام ٿو پاپ ناس ڪرڻ ۾ ٿڪجي. ڏسان تہ اهو کهڙو زبردست مغرور پاپ آهي جو رام نام اڳيان رهي ٿو سگهي؟ جيترا چاهيو اوترا پاپ ڪريو، جيترا ٿي سگهن اوترا پل ڪريو. توهان کي ڪلي موڪل آهي. پل لڳي رام نام ۽ پنهنجي پاپن جو ملاڪڙو. اڙي هن رام نام ۾ هن جنم جا تہ ڇا، پر بيشمار جنمن جا پاپ گهڙي ڪن ۾ ناس ڪرڻ جي طاقت آهي. غفا ۾ بي انت سمي کان اونده ڦهليل هجي تڏهن بہ هڪ تيلي ٻارڻ سان سڀ اونده ختم ٿي ويندي. ان انڌڪار مان، پرڪاش ٿي وڃي ٿو. ڇو تہ اهي ختم ٿيڻ لاءِ ئي ٻڇيل هوندا آهن. پراڻيون ڪانيون جلدي ٻري وينديون آهن.

رام نام جي ويجهو پاپ ٻهي نہ سگهندو. ٻار چوندا آهن نہ، تہ ڇا رام چوندي جن ڀوت ڀڄي ويندا آهن؟ اسين ٻالپڻي ۾ مساڻن ۾ ايندا ويندا هئاسين. مساڻن ۾ وڃي ڪلو هڻي اچڻ جي شرط لڳائيندا هئاسين.

پاونا هٺرط گهر جي تہ مان انهن ديوتائن جي شيوا ڪري رهيو آهيان. تڏهن هو ٻارن کي چڙٻون ڪونہ ڏيندو. ”هليو وڃ، پنهنجي گهر. اتي ٻيهہ ڪلاڪ. هٿ ايا ڪري ٻيهہ. کهڙا نہ گندا ڪپڙا اٿيئي! هٿ منهن کهڙا نہ گندا اٿيئي!“ بلڪ آرام سان هٿ سان ٻار جو نڪ صاف ڪندو. ميرا ڪپرا ڌوئندو. ڦاٽل ڪپڙا سبندو. جي ماستر ائين ڪن تہ ان جو کهڙو نہ اثر پوي ٿو. مار سان ڇا ڪو اهڙو لتيجو نڪري سگهندو؟ ٻارن کي بہ گهر جي تہ اهي بہ اهڙي ايشوري پاونا سان ماستر کي ڏسن. جي ماستر وديارٿيءَ کي هري مورتي سمجهي ۽ وديارٿي ماستر کي هري مورتي سمجهي، اهڙي پاونا پاڻ ۾ رکي هڪ ٻئي سان ملن تہ وديا ڪيتري نہ تيجسوي ٿي پوي! وديارٿي بہ ڀڳوان تہ ماستر بہ ڀڳوان. جي وديارٿين جو هي خيال ٿئي تہ هي ماستر نہ پر شنڪر جي مورتي آهي ۽ اسين ان کان سکيا امرت وٺي رهيا آهيون، انهن جي شيوا ڪندي گيان حاصل ڪري رهيا آهيون تہ پوءِ ٻڌايو تہ وديارٿي ساٽس کهڙو ورتاءُ ڪندا؟

۴۷

پاپ کان نہ ٻچو

هر هنڌ پرميشور براجمان آهي. اهڙيءَ پاونا چت ۾ ويهي وڃي تڏهن اسين هڪ ٻئي سان ڪيئن وهنوار

هجي نه هرج ڪونهي. فقط ان سان ڳنڍ پڳتي پاؤ گهرجي. ڪيترو ڏنو، ڪيترو چاڙهيءَ. هي ٻ سوال ناهي. ڪهڙي ڀاونا سان ڏنو، اهو سوال آهي. هڪ ڏينهن هڪ پروفيسر سان منهنجي گفتگو ٿي رهي هئي. اها تعليم بنسبت هئي. اسان ٻنهي جا ويچار نٿي مليا. آخر پروفيسر چوڻ لڳو، "پائي مان ارڙهن سالن کان ڪم ڪري رهيو آهيان." پروفيسر کي گهر بو هو ته مونکي محسوس ڪرائي. مگر ائين نه ڪندي جڏهن هن مونکي چيو ته مان هيترن سالن کان ودپا جو ڪم ڪري رهيو آهيان ته مون چرچو ڪري ڪيس چيو، "نه جيڪڏهن ڪو ڍڳو ارڙهن سالن تائين ڪنهن اوزار کي ڇڪيندو رهندو آهي ته ڇا هو ڪاريگر مستري ٿي ويندو آهي؟" ڪاريگر هڪ چيز آهي ۽ اهو اکيون ٻوٽي هلندڙ ڍڳو ٻي چيز آهي. سکيا شاستري هڪ چيز آهي ته سکيا جو بار ڍوئيندڙ ٻي چيز آهي. جو شاستر گياني هوندو اهو ته ڇهن مهنن ۾ ئي اهڙو آزمودو پرائيندو جو ويهن سالن تائين بوجو ڍوئيندڙ مزدور جي سمجهه ۾ ئي نه ايندو. مطلب هي ته ان پروفيسر مونکي پنهنجي ڏاڙهي ڏيکاري ته مان هيترن سالن کان ڪم ڪري رهيو آهيان. مگر ڏاڙهيءَ سان سچ سڌ نه ٿي سگهندو. اهڙيءَ طرح پرماتما جي اڳيان ڪيترا پيتائون چاڙهيءَ، ان جو وزن ڪونهي. سوال ناپي جو، انداز جو ۽ قيمت جو ناهي. سوال ڀاونا جو آهي. ڪيترا ڪم ارپڻ ڪيئه، ان سان واسطو ڪونهي؛ بلڪ ڪهڙي

رات جو نانگہ بہ هوندا، ڪنبا بہ هوندا ۽ چؤطرف انڌڪار بہ. تڏهن بہ ڪجهہ بہ معلوم نہ ٿيندو هو. جن پوت تہ ڪڏهن بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. پلا خيالي پوت ڏسبا ڪٿان؟ هڪ ڏهن ورهين جي ٻالڪ ۾ رات جو مساڻن ۾ وڃڻ جي جرئت ڪٿان آئي؟ رام نام مان. اها طاقت ۽ جرئت سنبہ روپ پرماتما جي هئي. جي هيءُ ياونا هجي تہ پرماتما مون وٽ آهي تہ ساري دنيا جي اونڌي ڏسڻ تي بہ هريءَ جو داس نہ ٻڇندو. ڪيس ڪهڙو راڪاس ڪائي سگهندو؟ راڪاس سندس تن بدن کي ڪائي بہ وڃي ۽ هضم بہ ڪري وڃي، پر راڪاس سنبہ کي ڪڏهن بہ هضم نہ ڪري سگهندو. سنبہ کي هضم ڪرڻ جي طاقت سنسار ۾ ڪٿي بہ ڪانہ آهي. ايشور نام اڳيان پاپ ٽورو بہ رهي نہ سگهندو. ان ڪري ايشور سان من لڳايو. ان جي ڪرپا حاصل ڪري وٺو. سڀ ڪرم ڪيس ارپڻ ڪري ڇڏيو. ان جا ٽي وچو. پنهنجن سيني ڪرمن جي پيتا پريوءَ کي ارپڻ ڪرڻي آهي. ان ياونا کي درجي بہ درجي وڌيڪ بلوان ڪندا هلندا تہ هيءُ فاني جيون ايشوري جيون ٿي ويندي. ملين جيون سندر ٿي ويندي.

۴۸

ڏورو بہ ٻڌو

پن، ڦل، ڦول ۽ جل انهن مان ڪجهہ بہ توهان وٽ

ڇڏيو. ڪرم يوڳ ۾ ڇڏيل ڦل، راڄ يوڳ ۾ ڳنڍيو ٿو وڃي.
پوکڻ ۽ اڇلڻ ۾ فرق آهي. ٽورو ۽ پوکيل بيشمار ٿي
ملندو آهي. پر اڇليل ائين ئي ناس ٿي ويندو آهي.
جو ڪرم ايشور کي ارپيو ويو آهي اهو پوکيو ويو آهي.
ان مان جيون ۾ انت آنند ۽ اپار پوترتائي اچي ويندي.

آرتوار: ١٧-٤-٣٢.

پاونا سان ڪيئي، اهو سوال آهي. گيتا ۾ ڪل ست سؤ سلوڪ ئي آهن. مگر اهڙا به گرنٿ آهن جن ۾ ڏه ڏه هزار سلوڪ آهن. چيز جي شڪل وڏي هجڻ سان انجو استعمال به ايترو وڏو ۽ وڌيڪ هوندو، ائين نه چئي سگهبو. ڏسڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته چيز ۾ تيج ڪيترو آهي، طاقت ڪيتري آهي. جيون ۾ ڪم ڪيترو ٿيو، ان جي اهميت ڪانه آهي. ايشور ارپڻ بڌيءَ سان جي هڪ به ڪم ٿئي ته اهو اسان کي پورو پورو لاڀ يا آزمودو ڏيندو. ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ ئي پوتر گهڙيءَ ۾ اسانکي ايترو آزمودو ملندو آهي جو جيڪر ٻارهن سالن ۾ به نه ملي سگهي.

تاتپرج هي آهي ته جيون جي رواجي ڪرمن ۽ ڪريائن کي ايشور ارپڻ ڪري ڇڏيون ته ان مان جيون ۾ عجيب شڪتي اچي ويندي. مڪتي ملي ويندي. ڪرم ڪندي ان جو ڦل نه ڇڏي اهو ايشور ارپڻ ڪرڻ، هي راج يوگ آهي. هي ڪرم يوگ کان به هڪ قدم اڳتي وڃي ٿو. ڪرم يوگ چوي ٿو ته ڪرم جي ڦلن کي ڇڏيو نه. بلڪ سڀ ڪرم ايشور ارپڻ ڪريو. اهي گل آهن. توکي مٺي چاڙهڻ واريون ڏاڪڻيون آهن. انهن کي انهيءَ مورتيءَ تي چاڙهي ڇڏيو. هڪ طرف کان ڪرم ٻئي طرف کان ڀڳتيءَ جو ميل ملائي جيون کي سندر بڻائيندا وڃو. ڦل کي تياڳيو نه. ڦل کي اڇليو به نه، بلڪ ڀڳوان سان ڳنڍيو

انيو تيڻ. اهڙيءَ طرح اڪرم حالت ٻن حالتن ۾ بدلجي وڃي ٿي. هي ٻه نمونا ائين ڏسڻ ۾ نه جدا جدا ٿا اچن تڏهن به آهن پورن روپ ۾ هڪ ئي. جيتوڻيڪ اُنهن جا نالا ڪرم يوگ ۽ سنياس جدا جدا ٻڌايا ويا آهن، تڏهن به اندروني مطلب ٻنهي جو هڪ ئي آهي. اڪرم اوستا آخرين منزل آهي. ان اوستا کي مڪتي نالو ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح گيتا جي ڀرين پنجن اڌيائن ۾ جيون جي ساري چنبچاڻ پوري ٿئي ٿي.

ان ڪان پوءِ ڇهين اڌياءَ ۾ اڪرم روپي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وڪرم جا جيڪي انيڪ ساڌن آهن، من کي اندران شڌ ڪرڻ جا جي انيڪ ساڌن آهن، انهن مان مکيه ساڌنن جي ٻڌائڻ جي شروعات ڪيل آهي. ڇهين اڌياءَ ۾ چت جي ايڪاگرتا لاءِ ڌيان يوگ ٻڌائي ابياس ۽ ويراڳ جي مدد انکي ڏني وئي آهي. ستين اڌياءَ ۾ وشال ڀڳتيءَ جا اوچ ساڌن ٻڌايا ويا آهن. اوهين ايشور جي طرف چاهي پريم ڀاو سان وڃو يا جگياسو بڌيءَ سان وڃو، سنسار جي ڪلياڻ جي چنتا سان وڃو يا شخصي ڪامنا سان وڃو، ڪنهن به طريقي سان وڃو، مگر هڪ دفعو سندس دربار ۾ وڃو ضرور. هن اڌياءَ جي وشيه جو نالو مون ”پرپتي يوگ“ يعني ايشور جي شرڻ ۾ وڃڻ جي لاءِ اتساهت ڪرڻ وارو يوگ نالو ڏنو آهي. ستين اڌياءَ ۾ پرپتي يوگ ٻڌائي، اٺين اڌياءَ ۾ ”ساتتيه يوگ“ چيو ويو آهي. مان جو هي نالا ٻڌائي رهيو آهيان، اهي

اڏياءُ ڏهون

وڀوتي چنتن

٤٩

گيتا جي ڀهرئين اڌ تي سرسري نظر

مترو، گيتا جو ڀهريون اڌ سماپت ٿيو. ٻئي اڌ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ڀهرئين حصي جو ٿوري ۾ سار ڏسي وٺون ته چڱو ٿيندو. ڀهرئين اڌ ياءَ ۾ اهو ٻڌايو ويو ته گيتا موهه ناس ڪرڻ ۽ سؤڌرم آچرڻ جي ورتي جاڳائڻ لاءِ آهي. ٻئي اڌ ياءَ ۾ جيون جا سدانت، ڪرم يوگ ۽ ڏير پرشن جو درشن اسان کي ٿيو. ٽئين، چوٿين ۽ پنجين اڌ ياءَ ۾ ڪرم، وڪرم ۽ اڪرم تي روشني وڌي وئي. ڪرم جو ارٿ آهي سؤڌرم آچرڻ. وڪرم جو ارٿ آهي اهو مانسڪ ڪرم جو سؤڌرم آچرڻ جي مدد لاءِ ڪيو ويو آهي. ڪرم ۽ وڪرم جي هڪ روپ ٿي وڃڻ تي جڏهن چت شڌي ٿيندي، وڪار شانت ٿي ويندا، ڀيد ڀاوَ مٽجي ويندا تڏهن اڪرم اوستا حاصل ٿيندي. هيءَ اڪرم اوستا ٻن قسمن جي آهي. انهو هڪ نمونو ته هيءُ آهي ته ڏينهن رات ڪرم ڪندي به ڄڻ ذرو به ڪرم نٿو ڪجي، اهڙو انڀؤ ٿيڻ. انجي ابتڙ ٻيو نمونو هيءُ آهي ته ڪجهه به نه ڪندي هميشه ڪرم ڪندو رهڻ. اهڙو

”گھڻي ست ڪرم سان پريو - پريم جاڳيو“

جڏھن گھڻن جنمن جي پڃ جي سٺي ڪمائي گڏجي ٿي تڏھن ايشور ڏانھن لاڙو ٿئي ٿو. اکين ۾ ڪجھ تورو ئي ٿئي ته اکين مان پاڻي وھي اچي. مگر ڀڳوان جو نالو وٺندي ئي اکين مان ٻه لڙڪ به ڪڏھن نٿا ڳرن. ان جو اپاءُ ڪھڙو؟ سنتن جي چوڻ موجب ھڪ نموني ھيءَ ساڌنا ڏاڍي سولي آھي. مگر ٻئي نموني اھا ڏکي به آھي ۽ ھاڻوڪي زماني ۾ ته اڃا به وڌيڪ ڏکي ٿي پيئي آھي.

اڄ ته جڙواد جو پردو اسان جي اکين تي پيل آھي. اڄ ته شروعات اتان ٿئي ٿي ته ڇا ايشور آھي سھين؟ ڪٿي به، ڪنھن کي به ان جو احساس نٿو ٿئي. ساري جيون وڪارن ڀري، وشئن ڀري، وير وروڌ سان ٽمٽار ٿي رھي آھي. اڄ ڪالھ جي وڏي ۾ وڏا فيلسوف آھن انھن جا به وچار ھن ڳالھ کان اڳتي وڌي نٿا سگھن ته سڀ کي پوري روٽي ڪيئن ملندي؟ ھن ۾ انھن جو دوش ڪونھي. ڇو ته اڄ حالت ئي اھڙي آھي جو گھڻن کي روٽي ئي نصيب نٿي ٿئي. اڄ جو وڏو مسئلو روٽيءَ جو آھي. ھن مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ئي سڀني جا دماغ منجھيل آھن. سايڻ آچاريه رودر جو بيان ڪيو آھي: ”بکايل ئي رودر جو اوتار آھن.“ انھن جي بک دور ڪرڻ لاءِ انيڪ فيلسوفيون ۽ الڳ الڳ راڄ نيتيون بڻجي پيئيون آھن. جدا جدا واد ان روٽيءَ لاءِ پيدا ٿيا آھن. انھن کان ڇٽڻ جي، بچڻ جي اڄ فرصت ئي ڪانھي.

ڪنهن پستڪ ۾ ڪين ملندا. پنهنجي لاءِ جي مناسب نالا معلوم ٿيا اٿي تن مون رکيا آهن. ساتنڪ يوگ جي معنيٰ انت ڪال تائين پنهنجي ساڌنا کي چالو رکڻ. جنهن رستي تي هڪ دفعو هلجي، ان تي هميشه قدم وڌائيندو رهڻ گهرجي. ڪڏهن هيڏانهن، ڪڏهن هوڏانهن وڃڻ سان منزل تي پهچڻ جي آشا ڪڏهن به نه ٿي سگهندي. ڪڪ ٿي، نراس ٿي، ڪڏهن به هيءُ خيال نه ڪرڻ گهرجي ته اڃا ڪيستائين ساڌنا ڪندا رهنداسون. جيستائين ڦل نه ظاهر ٿئي تيستائين ساڌنا جاري رکڻ گهرجي.

هن ساتنڪ يوگ جي واقفيت ڏيڻ لاءِ اڌياءُ ۾ رواجي پر جيون جو سڄو رنگ بدلي ڇڏڻ واري هڪ ڳالهه ٻڌائي آهي. اها آهي راج يوگ. نائون اڌياءُ چوي ٿو ته جيڪي به ڪرم هر گهڙيءَ ٿيا ٿين اهي سڀ ڪرشڻ جي ارپڻ ڪري ڇڏيو. هن هڪ ئي ڳالهه سان سڀ شاستر، ساڌن، سڀ ڪرم وڪرم پورا ٿي وڃن ٿا. سڀ ڪرم ساڌنا هن سمرپڻ يوگ ۾ سمائجي وڃن. سمرپڻ يوگ کي ئي راج يوگ چوندا آهن. هتي سڀ ساڌن پورا ٿي ويا. هي ويا پڪ ۽ ٻلوان ايشور ارپڻ روپي ساڌن تمام ساد و ۽ رواجي ڏسجي ٿو. پر آهي ڏاڍو ڏکيو. هيءَ سولو ان ڪري آهي جو هڪ ڳنوار ڪان وٺي هڪ ودوان تائين هر هڪ گهر ۾ ويهي به بنا ڪنهن خاص محنت جي هي ساڌن ساڌي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ اهو ڏاڍو سولو آهي، تڏهن به ان کي ساڌن لاءِ وڏي پڄ جي ضرورت آهي.

آهي. هي ظاهر پرميشور سمجهڻ ۾ اچي ويو ته هڪ پاڻيءَ جي بوند ۾، مٽيءَ جي هڪ ذري ۾ ساڳيو پرماتما پريل آهي، سمايل آهي، هي ته اڳتي هلي پاڻيهي سمجهه ۾ اچي ويندو. وڏي الف ۽ ننڍي الف ۾ ڪو فرق ڪونهي. جهڙو وڏو آهي تهڙو ننڍو آهي. هيءَ هڪ طريقو آهي. هاڻي ٻيو طريقو آهي ته پرماتما جي سولي روپ کي ڏسون ۽ پوءِ ان جي ڏکئي روپ کي. جنهن شخص ۾ شڌ پرميشوري ظهور سپاويڪ نموني ظاهر ٿيو آهي، پرماتما جو اهو ظهور جلد گرهڻ ڪري سگهجي ٿو. جيئن رام ۾ ظاهر ٿيل پرميشوري ظهور جلدي من ۾ جمي وڃي ٿو. رام هڪ سولو اکر آهي. اهو هڪ سولو پرميشوري روپ آهي. مگر راوڻ؟ هيءَ گڏيل اکر آهي. ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه گڏيل آهي. راوڻ جي تپسيا، ڪرم شڪتي مهان آهي. مگر ان ۾ ڪنور تا مليل آهي. پهرين رام روپي سولي اکر کي سکو. جنهن ۾ دَيا آهي، سک آهي، پريم ڀاو آهي. اهڙو رام سولو پرميشور آهي. اهو جلد ئي حاصل ٿيندو. راوڻ جي حالت ۾ پرميشور ڏسڻ ۾ ٿوري دير پوندي. پهرين سولو ۽ پوءِ گڏيل. پهرين سڄڻ ۾ پرماتما ڏسڻ ۽ پوءِ دشٽ ۾ به پرماتما ڏسڻ جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. سمنڊ وارو وشال پرميشور پاڻيءَ جي هڪ بوند ۾ به آهي. رامچندر وارو پرميشور راوڻ ۾ به آهي. جو استول ۾ آهي، اهوئي سوکيم ۾ به آهي. جو سولي ۾ آهي، اهوئي ڏکئي ۾ به.

اڄ اسان جون سڀ زبردست ڪوششون هن ڏس ۾ ٿي رهيون آهن ته هڪ ٻئي سان نه لڙنديون، نه جهڳڙنديون سک شانتي آنند سان رهي ڪيئن حاصل ڪريون؟ اهڙي عجيب سماج رچنا جنهن زماني ۾ ٿي رهي هجي، اتي ايشور ارپڻ جهڙي سڌي سادي ۽ سولي ڳالهه به ڏکي ٿي پوي ته ڪهڙو عجب! مگر ڪجي ڇا؟ ۽ هن ڏهين اڌياءَ ۾ اڄ اسين اهو ڏسنداسين ته ايشور ارپڻ يوگ ڪيئن پورو ڪجي، ڪيئن سولو بڻائجي.

۵۰

پرميشور درشن جو سولو رستو

ننڍن ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ جو طريقو اسين اختيار ڪندا آهيون، ساڳيو ئي طريقو پرماتما کي هر هنڌ ڏسڻ لاءِ هن اڌياءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي. ٻارن کي آئيوٽيا ٻن طريقن سان سيکاري وينديون آهي. هڪ ته پهرين وڏا اکر لکي ٻڌائڻ جو ۽ ٻيو انهن کي ننڍو ڪري ٻڌائڻ جو. ساڳي ساڳي ”ا“ ”ب“ پهرين وڏا هئا ۽ پوءِ ننڍا ٿي ويا. هي هڪ طريقو آهي ۽ ٻيو طريقو هيءُ آهي ته پهرين سولا سادا اکر سيکاريا وڃن ۽ پوءِ ڏکيا ۽ گڏيل اکر. ٺيڪ ائين ئي سکڻ گهرجي ته پرميشور ڪيئن ڏسجي. پهرين ظاهر پرميشور کي ڏسون. سمنڊ، جبل وغيره ويتين ۾ ظاهر ٿيل پرميشور جلدي ئي اکين ۾ سمائجي ويندو

۵۱

انسان ۾ براجمان پرميشور

پرميشور جي ڀرين مورت جا اسان وٽ آهي سا آهي اسان جي ماتا. سرتي چوي ٿي: پيدا ٿيندي ئي ٻار کي ماتا کان سواءِ ٻيو ڪير ڏسڻ ۾ ايندو آهي؟ ماتا جي پريم روپ ۾ پرميشور جي مورت ئي ڪيس ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان ماتا جي وياپڪتا کي اسين وڌايون ۽ وندي ماترم چئي راشٽريه ماتا جي ۽ پوءِ اکنڊ ڌرتي ماتا جي، پرٿويءَ جي پوڄا ڪريون. مگر شروع ۾ سڀ کان اوچي پرميشور جي ڀرين نشاني ٻارن جي سامهون ايندي آهي، اها ماتا جي روپ ۾. ماتا جي پوڄا سان مڪتي ملڻ ناممڪن ناهي. ماتا جي پوڄا ڇا آهي؟ جڻ ماءُ جي پريم ڪري ٻيڻل پرميشور جي ئي پوڄا آهي. ماءُ ته هڪ ذريعو آهي. پرميشور ان ۾ پنهنجو پريم اوتي، ڪيس نپائي رهيو آهي. ان ويچاريءَ کي معلوم به نٿو ٿئي ته هيتري ممتا اندر ۾ ڪٿان آئي. ڇا هوءَ حساب لڳائي ٻچي جو پالڻ پوشڻ ڪري ٿي ته ٻڍاپي ۾ هي ڪم ايندو؟ نه، نه. هن ٻالڪ کي جنم ڏنو آهي. هن ويم جا سور سٺا آهن. انهن سورن ڪيس ٻار لاءِ پاڳل بڻائي ڇڏيو آهي. اهي سور ڪيس ممتا وارو بڻائين ٿا. اها پيار ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهي. هوءَ مجبور آهي. اها ماءُ جڻ اپار شيوا جي مورتي آهي. پرميشور جي ڪا به بهترين پوڄا

انهن بن ريتين سان اسان کي هي سنسار روپي گرنٿ پڙهڻ گهرجي.

هيءُ اپار سرشٽي جڻ ايشور جو هڪ پستڪ آهي. اکين مٿان ٿلهو پردو پوڻ ڪري هيءُ پستڪ اسان کي بند معلوم ٿيندو آهي. هن سرشٽي روپي پستڪ ۾ سندر اکرن ۾ پرميشور هر جڳهه لکيل آهي. مگر اهو اسان کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ايشور جي درشن ٿيڻ ۾ هڪ وڏي رنڊڪ آهي. اها هيءَ آهي ته سولو ۽ ويجهائيءَ وارو ايشور سروپ منش جي سمجهه ۾ نٿو اچي ۽ پري جو زبردست تيج وارو روپ هو برداشت نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪيس چئون ته تون ماٿا ۾ ايشور ڏس ته هو چوندو ته ڇا ايشور اهڙو سولو آهي؟ مگر جي اهو زبردست پرماتما ظاهر ٿيو ته ان جو تيج توهين سهي سگهندا. ڪنتيءَ جي من ۾ آيو اهو پري وارو سورج مونکي ظاهر اچي ملي. مگر سورج جي نزديڪ ايندي ئي هوءَ جلڻ لڳي. انجو تيج هوءَ سهي نه سگهي. ايشور جي پنهنجي سموري تيج سان اچي سامهون بيهي ٿو ته اسان کان اهو برداشت نٿو ٿئي. جي ڪومل روپ ۾ اچي ٿو ته اسان کي آئڙي نٿو. پيڙا مائو هضم نٿا ٿين ۽ رواجي کير وٽي نٿو. هي نشانيون ليڇڻا، بدنصيبي ۽ موت جون آهن. اهڙي روڳي من جي حالت پرميشور درشن ۾ وڏي رنڊڪ آهي. من جي ان حالت کي مٽائڻ لاءِ ضروري آهي پهرين اسين پنهنجي ويجهو استول ۽ سولي ايشور کي سمجهون ۽ پوءِ سوکيم ۽ گڏيل پرماتما کي سمجهون.

هن ٻالڪ وانگر هوندا آهيئي ايشوري دربار ۾ پهچي سگهندا. عيسيٰ جو چوڻ بلڪل سچ هو. رامداس سوامي هڪ دفعي هڪ ٻار سان کيڏي رهيو هو. ٻار سان سمرٿ رامداس کيڏي رهيو آهي! اهو ڏسي ڪن پيرسن ماڻهن کي عجب لڳو. هڪ ڪانئس پڇيو، "اوهين اڄ هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟" سمرٿ جواب ڏنو:

"ٻڌيا سريشت جي نه ٻالڪ، ٻڌيا چور جي نه پوڙها هئا."

جئن جئن عمر وڌندي آهي، تئن تئن منش وڪاري ٿيندو ويندو آهي. پوءِ پرميشور جو سمرڻ ڪٿي؟ ننڍين ٻارن جي من تي ڪو پردو نٿو رهي. سندن ٻڌي نرمل رهندي آهي. ننڍڙن ٻارن کي اسين سيکاريندا آهيون، "ڪوڙ نه ڳالهايو." هو پڇندو آهي ڪوڙ ڇاکي چئبو آهي؟ تڏهن کيس سڏائنت ٻڌائيندا آهيون. ڳالهه جئن هجي تئن چوڻ گهرجي. ويچارو ٻار الجهن ۾ پوي ٿو ته ڇا جهڙو هجي تهڙو چوڻ کان سواءِ ڪو ٻيو به رستو آهي؟ جئن هجي تيئن نه ڪيئن چئون؟ اهو ٿيو چورس کي چورس چئو، گول نه چئو. ان ٻار کي عجب لڳندو آهي. ٻار ڇا آهن؟ پوتر پرماتما جون مورتون آهن. وڏا ڪين غلط سکيا ڏيندا آهن. ڪيئن به هجي ماءُ، پيءُ، گرو، سنت، ٻار انهن ۾ جي اسين پرماتما کي نه ڏسي سگهياسين ته پوءِ ڪهڙي روپ ۾ ڏسنداسين؟ انهيءَ کان وڌيڪ سندر روپ پرميشور جو ٻيو ڪونهي. پرميشور جي انهن سادن ۽ سندر روپن کي ڀورين سڃاڻو. انهن ۾ پرميشور صاف ۽ وڏن اکرن ۾ لکيل آهي.

آهي ته اها آهي ماتري پوڄا. ايشور کي ماءُ جي پوڄا
سان ئي پڪاريو. ماءُ کان وڌيڪ ٻيو شبد آهي ڪٿي؟
ماءُ جو پهريون اسٿول اکر آهي. ان ۾ ايشور پسڻ سکو.
پوءِ پتا ۽ گروءَ ۾ به ڏسو. گرو سکيا ڏئي ٿو. هو اسان
کي پسوءَ مان انسان بنائي ٿو. ڪيترا نه سندس ٿورا!
پهرين ماتا، پوءِ پتا، پوءِ گرو، پوءِ ديالو سنت. تمام
اسٿول روپ ۾ بيٺل ان پرميشور روپ کي ڏسو. جيڪڏهن
پرميشور هتي نه ڏسڻ ۾ آيو ته پوءِ ايندو ڪٿي؟ ماتا پتا
گرو سنت انهن ۾ پرماتما کي ڏسو. اهڙيءَ طرح جي
ننڍن ٻارن ۾ به اسين پرماتما کي ڏسي سگهون ته پوءِ
ڪيترو نه مزو اچي. ڌرو، پرهلاد، نچڪيتا، سنڪ
سندن سنتڪمار، هي سڀ ننڍا ٻار ئي ته هوا. مگر پراڻ
لکندڙن کي، وياس ديو کي به انهن سان ايترو پريم ٿي
ويو جو انهن لاءِ هيءُ مسئلو کڙو ٿي پيو ته انهن کي ڪٿي
رکن ۽ ڪٿي نه رکن. شڪ ديو، شنڪر آچاريه ٻالپڻ کان
ئي وئراڳي هئا. گيانديو جو به اهو ئي حال هو. گيانيشور
ته سورهن سترهن سالن جو ئي هو. آهن ته سڀئي ٻالڪ.
مگر انهن ۾ پرميشور جيترو شڌ روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي
اوترو ٻيو ڪٿي به نه. يسوع مسيح ٻارن کي ڏاڍو پيار
ڪندو هو. هڪ دفعي سندس شش کانئس پڇيو اوهين
هميشه ايشوري دربار جو ذڪر ڪندا آهيو ته ان ايشور
دربار ۾ آخر وڃي ڪير سگهندو؟ ڀرسان ئي هڪ ٻالڪ
ويٺو هو. عيسيٰ ان کي ميز تي ٻهاري چيو: جيڪي

اُتي ان پرميشور جي ڪلا کي ڏسو ته سهين. ان ايشور جي ڪلا لاءِ، ان جي انت سوڻهن لاءِ، پلا ڪنهن جي مٿا بهت ڏيئي سگهجي؟ مگر ڏسي ڪير ٿو. هتي هو سندر پيگوان در تي بيٺو آهي ۽ هتي هي منهن تي چادر چاڙهيو ننڊ ۾ ڪونگهرا هڻي رهيو آهي. سورج ديوتا چوي ٿو، ”اڙي آلسي نون نه هنڊ ۾ پيو رهڻ ٿو چاهين. مگر توکي ضرور اٿاريندس.“ ۽ هو پنهنجا جيون ڪرڻا درين کان موڪلي ان آلسيءَ کي جاڳائي ٿو.

سورج سڀني متحرڪ غير متحرڪ چيزن جي آتما آهي. چل اچل جو آڌار آهي. رشيءَ ڪيس منتر نالو ڏنو آهي. ”هي منتر لوڪن کي پڪاري ٿو. انهن کي ڪم ڪار ۾ لڳائي ٿو. ان سرشٽيءَ ۽ پرٿويءَ کي ڌارڻ ڪيو آهي. سچ پچ هي سورج جيون جو آڌار آهي. ان ۾ پرماتما جو درشن ڪريو.“

۽ هوءَ پوتر گنگا! جڏهن مان بنارس ۾ هوس ته گنگا جي ڪناري وڃي وهندو هوس. رات جو ايڪانت وقت ويندو هوس. ڪهڙو نه سندر ۽ منوهر سندس وهڪرو! سندس اهو عمدو، گنڀير وهڪرو! سندس اهو عمدو، گنڀير وهڪرو ۽ سندس پيٽ ۾ گڏ ٿيل آهن آسمان جا تارا. مان چپ ۽ خاموش ٿي ويندو هوس. شنڪر جي جٽائن مان يعني ان هماليه کان وهي ايندڙ اها گنگا، جنهن جي ڪناري تي راج ڀاڳ کي خسيس سمجهي ڦٽي ڪري راجا لوڪ تپ ڪرڻ لاءِ ايندا هئا.

٥٢

سرشٽيءَ ۾ براجمان پرميشور-خاص مثال

پهرين اسين انسان جي سندر ۽ پوتر مورتين ۾ پرماتما جو درشن ڪري سگهون. اهڙيءَ طرح هر وشال ۽ منوهر سرشٽيءَ ۾ جيڪي به وشال ۽ منوهر روپ آهن انهن ۾ ان جو درشن ڪريون.

پرڀات جو ئي مثال وٺو. سورج اڀرڻ کان پهرين اها ايشوري پرڀات. ان پرڀات ديويءَ جا گيت ڳائيندي رشي مست ٿي ڳائين ٿا، ”پرڀات تون پرميشور جو سنيهو آڻيندڙ ايشوري قاصد آهين. تون برف جي بوندن سان سنان ڪري آئي آهين. تون امرتا جو جهنڊو آهين.“ اهڙا سندر، وڻندڙ ورڻن رشين پرڀات جا ڪيا آهن. وئدڪ رشي چون ٿا، ”تنهنجي درشن سان، جا پرميشور جو روپ آهي، جيڪڏهن پرميشور جو روپ نه ڏسڻ ۾ اچي، نه سمجهه ۾ اچي ته پوءِ مونکي پرميشور جي واقفيت ڪير ڪرائيندو؟“ اهڙي سندرتا ۽ منوهرتا واري پرڀات سامهون بيٺي آهي. مگر اسان جي نگاه ان ڏائين پهچي به نه!

اهڙيءَ طرح سورج کي ڏسو. سندس درشن جڻ پرماتما جو ئي درشن آهي. اهو قسمين قسمين رنگ به رنگي چٽر آڪاش ۾ چٽي ٿو. چترڪار مهنن جا مهنا پينسل هيڏانهن هوڏانهن گهمائي سورج اڀرڻ جو نظارو ڪڍي ٿو. ۽ ان ۾ رنگ ڀري ٿو. مگر اوهين صبح جو

ڪم نصيب! ڇا رکيو آهي ان ڇتيءَ ۾؟ پرميشور جو هي پريم سنيهو هوا سان گڏ هردم اچي رهيو آهي، ان کي لوڻ پڻ.

ءَ اسانجي گهر ۾ هردم ڪم ڪار ۾ ايندڙ انهن پسن کي نه ڏسو! اها گئو ماتا ڪيتري نه موهيندڙ، ڪيتري نه ممتا ۽ پريم سان ڀريل! ٻن ٻن، ٽن ٽن ميلن تان جهنگل جهاڳيندي پنهنجن ٻچن لاءِ ڪيئن نه ڊوڙندي ويندي آهي! ويدڪ رشين کي پهاڙ تان صاف جل ڪڍي ڇل ڇل ڪنديون ايندڙ نديون ڏسي پنهنجن ٻچن لاءِ کير ڀريل ٿڻن سان رنڀنديون ايندڙ ڳائين جي ياد اچي ويندي آهي. هو رشي نديءَ کي چوندا آهن: ’هي ديوي! کير وانگر پوتر، پاون ڪندڙ، مٺي جل آڻڻ واري تون ڌينوءَ جهڙي آهين. جئن ڳانءِ جهنگل ۾ نڪي رهي سگهي تئن توهان ندين کان به جبل ۾ نٿو رهيو پئجي. توهين هڪدم ڊوڙنديون پياسي ٻارن کي ملڻ لاءِ اچو ٿيون.‘

هن منوهر ڳانءِ جي روپ ۾ ڀڳوان ئي اسان وٽ ڪڙو آهي ۽ ان گهوڙي کي ڏسو. ڪيترو نه ايماندار ۽ وفادار! عرب گهوڙن کي ڪيترو نه پيار ڪندا آهن. ان عرب جي آکاڻي ياد اٿو نه؟ هڪ مصيبت ۾ قاتل عرب هڪ سوداگر کي گهوڙو وڪڻڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو. هٿ ۾ رپين جي ٿيلهي وٺي هو ڪڙه ۾ وڃي ٿو. مگر گهوڙي جي ان گنڀير پريم ڀريل اکين ٿي سندس نظر پوي ٿي ته اهو ٿيلهي اڇلي ڇڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته ڀل ساهه ئي

ان گنگا جو درشن ڪري مونکي بيحد شانتي انڀؤ ٿي.
ان شانتيءَ جو مان ڪيئن بيان ڪريان؟ واڻيءَ جي ته حد
اچي ٿي وڃي. پوءِ ئي سمجهڻ ۾ اچڻ لڳو ته هندو ڇو
چاهيندا آهن ته مرڻ کان پوءِ اسان جون هانيون گنگا
۾ ئي پون. اوهين ڀلي کلو. اوهان جي کلڻ مان منهنجو
نقصان نٿو ٿئي. مگر مونکي هي ڀاونائون تمام پوتر ۽ ياد
ڪرڻ لائق معلوم ٿين ٿيون. مرڻ وقت گنگا جل وات
۾ وجهندا آهن. اهي به ڦڙا ڇا آهن؟ ڄڻ پرميشور ئي
اسان جي وات ۾ گهري وڃي ٿو. ان گنگا کي پرماتما
سمجهو. اها پرميشور جي ديا وهي رهي آهي. تنهنجو
سارو اندريون ٻاهريون ڪچرو اها ماتا ڌوئي رهي آهي،
وهائي ڪٽي رهي آهي. اهڙيءَ گنگا ماتا ۾ جيڪڏهن توهان
کي پرميشور ظاهر ڏسڻ ۾ نه اچي ته ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندو؟
سورج، نديون ڌون ڪري لهرون ماريندڙ اهو اپار
سمندر سڀ پرميشور جون ئي مورتون آهن.

۽ هوءَ هوا؟ ڪٿان ٿي اچي ۽ ڪيڏانهن ٿي وڃي،
ڪجهه پتو ئي ڪونهي. هي ڀڳوان جو دوت ئي آهي.
هندستان ۾ ڪجهه هوا اچل هماليه تان ايندي آهي ته
ڪجهه گنڀير سمندر مان. هيءَ پوتر هوا اسان جي هردي
کي ڇهي ٿي. اسان ۾ اتساه، جاڳرتا پيدا ڪندي آهي.
اسان جي ڪنن ۾ گونجندي آهي. مگر هن هوا جو سنديش
ٻڌي ڪير ٿو؟ جيلر جيڪڏهن اسان کي چٺي سٽڻ وارو
خط نه ڏنو ته اسان جي دل ڪٽي ٿي پوي ٿي. اڙي

ماريندو ويندو آهي. هي سندر پريمي گهوڙو ڄڻ پرميشور جي مورت ئي آهي.

۽ ان شينهن کي ونو. ٻڙودي ۾ رهندو هوس. صبح جو سندس عجيب گرجنا جو آواز ڪنن تي پوندو هو. سندس آواز ايترو ته گنڀير ۽ عمدو هوندو هو جو دل ٽپا ڏيڻ لڳندي هئي. مندر جي گنبذ ۾ جئن آواز گونججي رهيو هجي، اهڙو ئي گنڀير آواز سندس دل جي گنبذ مان ايندو هو. شينهن جو اهو ڏير ۽ گنڀير، شاندار ۽ ڀي خوف چهرو سندس اهو شاهي ڀي نگه ۽ شاهي شان، سندر ۽ عمديون بشڪون ڄڻ ته چونر ئي ان بن جي راجا مٿان لڏي رهيا آهن. ٻڙودي جي هڪ باغ ۾ هي شينهن هو. هوُ الي آزاد نه هو. پڃري ۾ چڪر هڻندو هو. سندس اکين ۾ ٿوري به ٻي رحمي معلوم نه ٿيندي هئي. سندس چهري ۽ نظر ۾ ديا ڀريل هئي. ڄڻ سنسار جي ڪيس پرواهه ئي نه هئي. پنهنجي ئي ڌيان ۾ هو مگن ڏسڻ ۾ ايندو هو. سچ پچ ائين معلوم ٿيندو هو ته ڄڻ شينهن ايشور جي هڪ پوتر ڪندڙ شڪتي آهي. لنڊي هوندي اينڊروڪليز ۽ شينهن جي هڪ آکاڻي پڙهي هيم. ڪهڙي نه سندر ڪهاڻي هئي. اهو بکيو پياسيو شينهن اينڊروڪليز جو اڳ ڪيل احسان ياد ڪري سندس دوست ٿي ويو ٿو ۽ سندس پير چٽڻ لڳي ٿو. ان جو ڇا راز آهي؟ اينڊروڪليز شينهن ۾ رهندڙ پرميشور جو درشن ڪيو

ٽڪري وچي پر مان گهوڙو نه وڪڻندس. ڀل مان برباد ٿيان! منهنجو جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو. ڀل کاڌو نه ملي، مگر گهوڙو نه وڪڻندس. ڌڻي منهنجي مدد ڪندو. پنئي نپڻ سان ئي هو ڪيئن نه ڦر ڦڙائيندو آهي. ڪهڙيون نه عمديون سندس ٻشڪون! سچ ته گهوڙي ۾ املهه گڻ آهن. هن سائيڪل ۾ ڇا رکيو آهي؟ گهوڙي کي ڪتو ڪريو. هو توهان لاءِ جان ڏيندو. توهان جو ساٿي ٿي رهندو. منهنجو هڪ دوست گهوڙي سواري سکي رهيو هو. گهوڙو کيس ڪيرائي ڇڏيندو هو. هُو مونکي چوڻ لڳو ته 'گهوڙو چڙهڻ ئي نٿو ڏئي!' مون کيس چيو ته تون صرف گهوڙي تي چڙهڻ ئي وڃين ٿو. مگر سندس ڪجهه شيوا به ڪندو آهين يا نه؟ شيوا ڪري پوءِ پر سواري ڪرين ان تي تون. هي ڪيئن؟ تون کيس خود داڻو پاڻي ڏي. پوءِ سواري ڪر. هن ائين ڪيو. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ مونکي اچي چيائين، ”هاڻي ته گهوڙو نٿو ڪيرائي. گهوڙو ته پرميشور آهي. هو ڀڳت کي ڪيئن ڪيرائيندو؟“ سندس ڀڳتي ڏسي گهوڙو نرم ٿي ويو. گهوڙو ڄاڻڻ چاهيندو آهي ته هي ڀڳت آهي يا ڪو ٻيو. ڀڳوان ڪرشن خود گهوڙن کي ڪرڙو هڻندو هو ۽ پنهنجي ڀلائند ۾ داڻو آڻي انهن کي کارائيندو هو. ٽڪري اچي ويٺي هجي، ڪسي اچي ويٺي هجي، گپ اچي ويٺي هجي، سائيڪل روڪجي وڃي ٿي. مگر گهوڙو ڇلانگ

گهر ڇو نه اچي سرڳ يا ڪٿي ڇيتو اچي وڃي،
پر آتم ٻڌي پنگ ڪڏهن نه ٿي وڃي.

اهڙي مهرشي پاڻنيءَ جي حالت ٿي ويئي هئي. هو ان ڳالهه کي سمجهي ويو هو ته ڇيتو هڪ ايشوري شڪتي آهي.

ٽين ٿي نانگ به سمجهو. نانگ کان ماڻهو ڏاڍو ڊڄندا آهن. پر نانگ ته بيحد صفائي پسند برهمڻ ٿي آهي. ڪيترو نه صاف! ڪيترو نه سندر! ذري به گندگي ڪانئس سهن ٿي ٿئي. گندا برهمڻ ڪيترائي ملندا، پر گندو نانگ ڪڏهن ڪنهن ڏٺو به آهي؟ جڻ ايڪانت واسي هڪ رشي ٿي آهي. نرمل تيجوان ۽ منوهر هار ٿي سمجهو. ڪانئس ڊڄڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ اسان جي وڏن ته سندس پوڄا جو رواج وڌو آهي. ڀلي توهين چئو ته خبر نه آهي ته هندو ڌرم ۾ ڪيترا وهم ڦهليل آهن. مگر نانگ پوڄا جو رواج به ان ۾ ضرور آهي. ٻالپڻ ۾ مان پنهنجي ماءُ لاءِ اگر سان نانگ جو چتر ٺاهيندو هوس. بازار ۾ ته نانگ جا سٺا چتر ملي سگهن ٿا. هوءَ چوندي هئي، "اهي ردي ٿيندا آهن. مونکي نه گهرجن. پنهنجي ٻار جا ٺاهيل چتر وڌيڪ سٺا ٿيندا آهن. اهي مونکي پسند آهن." پوءِ ان نانگ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. هي عجيب پاڳلپڻو آهي! پر ٿورو ويچار ڪريو. اهو نانگ ساوڻ جي مهني ۾ مهمان ٿي اسان جي گهر ايندو آهي. برسات

هو. ڀڳوان شنڪر وٽ سدائين شينهن رهندو آهي. شينهن ڀڳوان جي هڪ شاندار ويڀوتي آهي.

۽ چيتو ڇا ۾ گهٽ آهي؟ ان ۾ به گهٽوئي ايشوري تيج ظاهر ٿيو آهي. ساڻس دوستي رکڻ ناممڪن ناهي. ڀڳوان پاڻني بن ۾ ويهي ششن کي پڙهائي رهيو هو. ايتري ۾ چيتو اچي ويو. ٻار ڊپ ۾ "چيتو، چيتو" ڪري چلائڻ لڳا. پاڻني چوڻ لڳو، "ڇڱو، چيتي جو ارٿ ڇا آهي؟ جنهنجي سڱهڻ جي شڪتي تيز آهي، اهو واگهه، اهو چيتو آهي." ٻالڪن کي ان ۾ ڪجهه ڊپ لڳو هوندو. پر ڀڳوان پاڻنيءَ لاءِ ته هو هاڃي نه ڪندڙ، آنند ڏيندڙ ٿي ويو هو. چيتي کي ڏسي هو 'چيتي' اکر جو بنياد ٻڌائڻ لڳو. چيتو پاڻنيءَ کي کائي ويو. پر کائڻ سان ڇا ٿيو؟ پاڻنيءَ جي بدن جي سڳنڌ ڪيس آئي. هن جو من هر ڪيو ۽ ڇيري ڪاڏائينس. پر پاڻني اتان ڀڄي نه ويو. چوته هو برهم اکر جو پوڄاري هو. ان لاءِ ته سڀ هڪ ٿي ويا هئا. چيتي ۾ به هو برهم جو انڀؤ ڪري رهيو هو. پاڻنيءَ جي هن وڏائيءَ ڪري ئي سندس نالو جتي به آيو آهي ته اتي ڀڳوان پاڻنيءَ جو پوڄنيه ڀاو سان سندس ورڻن ڪيو ويو آهي. هو پاڻنيءَ جو تمام وڏو اپڪار مڃين ٿا. "اگيان روپي اونده سان ڀريل لوڪن جون اکيون گيان روپي ڪجل وجهڻ سان جنهن کوليون ان ڀڳوان پاڻنيءَ کي نمسڪار!" گياندو چيو آهي :-

مناس ذرا سمجهو. هن سڀ جو تاتپرج هي ته نانڪ وسيلي ئي هيءَ ايشوري مورتي ظاهر ٿي آهي. نانڪ واري هن پرميشور جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

٥٣

سرشٽيءَ ۾ براجمان پرميشور- ڪجهه پيا مثال

اهڙا گهڻا مثال ڏيان. مان ته صرف خيال ظاهر ڪري رهيو آهيان. رامائڻ جو سارو تت هن نموني جي منوهر ڪلپنا ۾ ئي آهي. رامائڻ ۾ پيءُ پٽ جو پريم، ماءُ پٽن جو پريم، ڀاءُ ڀاءُ جو پريم، پتي پتنيءَ جو پريم، اهي سڀ ڪجهه آهن. مگر مونکي رامائڻ ڪو رڳو ان ڪري پسند ڪين آهي. مونکي اهو پسند ان ڪري آهي جو رام جي سنگت ٻاندرن سان هئي. اڄ ڪالهه چون ٿا ٻاندر نانڪ ذات جا هئا. تواريخ نويس جو ڪم آهي پراڻين ڳالهين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ. مان انهن جي هن ڪم جي شڪايت نٿو ڪريان. پر رام جيڪڏهن سچ پچ ٻاندر سان دوستي ڪئي هجي ته ان ۾ ڪهڙو عجب؟ رامَ ٻاندر دوست بڻيا. ان ۾ ئي ته رام جي سچي اهميت ۽ شڪتي آهي. ليکن ئي ڪرشن جو ڳائين سان سنبنڌ آهي. سچي ڪرشن پوڄا جو آڌار هن ڪلپنا تي ٻڌل آهي. سري ڪرشن جي ڪنهن به مورت کي وٺو ته اوهان کي چوطرف ڳائيون بيٺل ملنديون. گوپال ڪرشن،

پوڙ ڪري ان ويچاري جي گهر ۾ پاڻي اچي ويندو آهي. تڏهن هو ڇا ڪندو آهي؟ دور ايڪانت ۾ رهندڙ هو رشي اوهان کي اجائي تڪليف نه ٿئي، ان خيال سان ڪنهن ڇپر هيٺان، ڪانئين هيٺان پيو هوندو آهي. توري ۾ توري جڳهه هو والاري ٿو. مگر اسين ڏنڊوڪڙي اچي ٿا پهچون. مصيبت ۾ قاتل مهمان جي اسان جي گهر اچي ته ڇا انکي اسين ڏنڊوڪڙي ماريندا سين؟ سنت فرانسز جي ڳالهه ڪندا آهن ته جڏهن جهنگل ۾ نانگ ڏسڻ ۾ ايندو هوس ته ڏاڍي پريم سان چوندو هو، "اچ ڀائي، اچ." نانگ سندس هنج ۾ کيليندا، سندس شرير تي هيڏانهن هوڏانهن ٽپندا ڪڏندا رهندا هئا. هيءُ ڪوڙ نه سمجهو. پريم ۾ اوس شڪتي آهي. نانگ لاءِ چوندا آهن ته زهريلو آهي. مگر انسان ڇا گهٽ زهريلو آهي؟ نانگ ڪڏهن ڏنگيندو آهي، پر زور ڪري ڪين ڏنگيندو آهي. سؤ مان نوي نانگ زهريلا ڪين هوندا آهن. هو اوهان جي کيتيءَ جي سنڀال ڪندو آهي. ٻنيءَ ۾ فصل ناس ڪندڙ بيشمار جيتن کي کائي ويندو آهي. اهڙي هن پر اپڪاري، شڌ، تيجسوي، ايڪانت پريه نانگ کي ڀڳوان جو روپ ڇو نه سمجهون! اسان جي سيني ديوتائن ۾ ڪٿي نه ڪٿي نانگ ضرور ايندو آهي. گڻيش جي ڇيلهه ۾ نانگ جو ڪمرپٽو بدل آهي. شنڪر جي ڳچيءَ ۾ نانگ ويڙهيل رهندو آهي. ۽ ڀڳوان وشنو ته نانگ جي سيجا تي ئي سمهيل هوندو آهي. ان جو راز، ان جو

اهڙيءَ طرح بالڪن ۾ رشين کي سڀ جي چنتا رکندڙ برهم جون اکيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انهن بالڪن ۾ پرميشور جو درشن ڪرڻ سکو.

هاڻي مور کي وٺو. مهاراشٽر ۾ مور گهڻا نه آهن. مگر گجرات ۾ گهڻا آهن. جڏهن مان گجرات ۾ هوس ته گهمندي گهمندي گهڻا مور ڏسندو هوس. مونکي ڏهه بارهن ميل گهمڻ جي عادت آهي. جڏهن آسمان ۾ بادل ڇانئجي رهيا هجن، مينهن وسڻ جي تياريءَ ۾ هجي، آسمان جو رنگ گهاٽو ڪارو ٿي ويو هجي، اهڙي وقت مور پنهنجي ڌن ٻڌائيندو آهي. هردي مان چيرجي نڪرڻ واري اها ڌن سڌو ته پتو لڳيو! اسان جي سنگيت وديا مور جي آلاپ جي آڌار تي ٺهي رچيل آهن. مور جو آواز آهي ست-سرو، "سا، ري، گم" وارو ست سرو. هي پهريون مور کان ئي اسان کي مليو. پوءِ گهٽائي وڌائي باقي بيا سر اسان بيهاريا. ڪڪر طرف سندس لڳل نظر، سندس اهو گنڀير آلاپ ۽ ڪڪرن جي گجندڙ گرجنا ٻڌندئي سندس پڇ جي اها ڇٽي! آها ها!! ڇٽيءَ جي ان سوڀيا اڳيان منش جو سارو غرور چڪنا چور ٿي وڃي ٿو. راجائون مهاراجائون به پاڻ سينگاريندا آهن. مگر مور جي هن پڇ جي ڇٽيءَ اڳيان سندن سينگار ڇا سونهندو؟ ڪهڙو نه سندس عمدو نظارو! اهي هزارين اکيون، اهي رنگ برنگي اننت چٽ، اها عجيب سندر منوهر رمڻيڪ رچنا، اهي عمدا وليون ٻوٽا! ٿورو ڏسو ان ڇٽيءَ کي!

گوپال ڪرشن! جي ڪرشن کي گانين کان الڳ ڪريو ته ڪرشن ۾ باقي رهيو ڇا؟ رام کان جي باندرن کي دور ڪريو ته پوءِ رام ۾ باقي ڪهڙو رام رهيو؟ رام باندرن ۾ ٻه پرميشور جو درشن ڪيو. ان سان پريم ۽ گهرائيءَ سان لاڳاپو جوڙيو. هيءَ آهي سڄي رامائڻ جي ڪنجي. هن ڪنجيءَ کي اوهين وساريندا ته رامائڻ جو ميناج وڃائي ويهندا. پيءُ پٽ، ماءُ ٻار جو پريم ته ٻئي هنڌ ٻه ملي ويندو مگر منش باندر جي عجيب مٺي دوستي فقط رامائڻ ۾ ئي ملندي، نه ڪنهن ٻئي هنڌ. باندرن واري ڀڳوان جي جهانڪي رامائڻ مان ملي ٿي. باندرن کي ڏسي رشين کي ڏاڍو آنند ٿيندو آهي. نيڪ راجنيڪ کان وٺي ڪرشنا ڪماريءَ تائين زمين تي پير نه رکندي اهي باندر هڪ وڻ تان ٻئي وڻ تائين ٽپندا ڪڏندا راند روند ڪندا هئا. اهڙي ان گهاٽي جهنگل کي ۽ ان گهاٽي جهنگل ۾ انهن ڪيليندڙ باندرن کي ڏسي، انهن پاوڪ رشين جي من ۾ شاعري پيدا ٿيندي هئي. آنند اٿپن ٿيندو هو. اپنشدن ۾ جتي هي پرسنگ آيو آهي ته برهم جون اکيون ڪيئن آهن؟ ته ٻڌايو ويو آهي ته باندرن جي اکين وانگر. باندرن جون اکيون ڏاڍيون چنچل. چوطرف سندن نگاهه. برهم جون اکيون اهڙيون ئي هئڻ گهرجن: ايشور جون اکيون جي بيٺل هجن ته ڪم نه هلي سگهندو. توهين ۽ مان ڌيان ۾ ويهي سگهون ٿا. پر جي ايشور ڌيان ۾ ويهي رهي ته پوءِ دنيا جو ڪهڙو حال ٿئي؟

مگر منهنجي معنيٰ ڪجهه ٻي آهي. مٿي جو پرماتما آهي اهو ٻيو جو سمنڊ، سوريه نارائڻ، جو مٿان ليٽيو پيو رهيو آهي، ان سان ملڻ لاءِ هوءَ هميشه اهي شعلا مٿي اڇلي رهي آهي. جمڻ کان مرڻ تائين سندس هيءَ ڊڪ ڊوڙ جاري آهي. اهي شعلا سوريه جا جزا آهن. جزو سڄي سان ملڻ لاءِ پيو ڪشمڪش ڪري. جڏهن اهي شعلا وسامي ويندا تڏهن هيءَ هڙ پٽ بند ٿي ويندي. ٻيءَ حالت ۾ نه. سورج کان اسين گهڻو دور آهيون، هي نه ويچار به انهن جي من ۾ نٿو اچي. هو نه اهوئي ڄاڻن ٿا ته پنهنجي پوري طاقت سان پرٿويءَ کان مٿي اڏامي هلڻو آهي. اها ٻاهه، پنهنجي روپ ۾ جڻ چمڪندڙ ويراڳ ٻڻجي ظاهر ٿي آهي. ان ڪري ويدن جو پهريون آواز هو اگنيءَ نمسڪار!

۽ مان ان ڪوئل کي ڪيئن وساريان؟ ڪنهن کي هوءَ سڏي ٿي؟ گرمين ۾ نديون نالا سڪي وڃن، مگر وڻن ۾ نوان غنچا ڦٽي رهيا آهن. هوءَ اهو ته نه ٿي پڇي ته اهڙي نعمت ڪين ڪنهن عطا ڪئي؟ ڪٿي آهي اهو بخشيش ڪندڙ؟ ڪهڙي نه مٺي مڌر ڪوڪ! اسان جي هندو ڌرم ۾ ڪوئل جي ورت جو رواج پئجي ويو آهي. استرين جو هڪ ورت آهي، جنهن ۾ ڪوئل جي آواز ٻڌڻ کان سواءِ ڀوڄن نه ڪنديون آهن. ان جو مطلب هيءُ آهي ته ڪوئل جي روپ ۾ ظاهر ڪيل پرميشور کي سڃاڻو. ڪوئل جي اها سندر ڪوڪ ڇا آهي؟ جڻ اپنشدن

ان ۾ پرميشور جو مشاهدو ڪاڻيو. هي ... ڙي سرشتي ائين سينگاري ويٺي آهي. هر هنڌ پرماتما پنهنجو درشن ڪرائي رهيو آهي. پر ان کي نه ڏسڻ وارا اسين اڀاڳا! تڪارام چيو آهي:-

پريوءَ جو ته هر هنڌ آهي سڪار،
پر اسان اڀاڳن لاءِ آهه ڏڪار!

سنتن لاءِ هر هنڌ سڪار آهي، پر اسان ڪم نصيبن لاءِ ڏڪار آهي.

ويدن ۾ اگنيءَ جي پوڄا بڌايل آهي. اگني نارائڻ آهي. ڪهڙي نه ان جي چمڪندڙ مورتي! بن ڪاٺين کي گهه ته اجها ظاهر ٿيو پوي. ڦهرين ڪٿي لڪل هئي؟ ڪنهن کي معلوم! ڪهڙي نه تيز! ڪهڙي نه تيجسوي!! ويدن جا ڦهريان منتر اگنيءَ جي اپاسنا ۾ ئي چيا ويا آهن. "ديون جي يگيه جي پوڄا ڪرائيندڙ اگنيءَ کي نمسڪار!"

جنهن اگنيءَ جي اپاسنا سان ويدن جي شروعات ٿي انهي طرف اوهين ڏسو ته سهين. سندس لاٽن کي ڏسي مونکي جيو آتما جي هڻ پت جي ياد ايندي آهي. اهي لاٽون، اهي شعلا، گهر جي چلهي جا هجن، چاهي جهنگل جي وڻن مان پيدا ٿيل باهه جا هجن. ويراڳيءَ کي جئن گهر ٻار ڪونه ٿئي، تئن ئي هي جوالائون جتي به هونديون اتي انهن جي اها ٻڪ ٻوڙ جاري آهي. هي لڳاتار هڻ پت ڪنديون رهن ٿيون. اهي ته اڃا به مٿي وڃڻ لاءِ آتيون آهن. توهين سائنسدان چوندا ته آڪاش جي ڪري هي شعلا لڏن ٿا. هوا جي داب ڪري لهن ٿا.

ٻار کي ايترو آنند اچي ٿو. ان جي آڌار تي ئي ايسپ پنهنجي سکيا ڏني آهي. ايسپ کي چوڌاري ايشور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پنهنجي دل پسند پستڪن جي ياداشت ۾ مان ايسپ جي آکاڻين کي سڀ کان ڀرين لکندس. وساريندس ڪڏهن به نه. ايسپ جي راڄ ۾ ٻن هٿن وارو، ٻن پيرن وارو ماڻهوئي رڳو ساهه وارو ناهي. ان ۾ ڪتا، ڪانءَ، هرڻ، سها، ڪڇون، نانگ وغيره سڀ آهن. سڀ ڳالهائين ٿا ۽ کلن ٿا. هڪ زبردست سڀا ئي سمجهو. ايسپ سان ساري سرشٽي چل اوچل ڳالهائي ٿي. کيس ايشوري درشن پراپت ٿيو آهي. رامائڻ به ان مٿي تي، انهيءَ خيال تي رچيو ويو آهي. تلسيداس رام جي ٻال ليلا جو بيان ڪيو آهي. رام اڱڻ ۾ کيلي رهيو آهي. هڪ ڪانءُ پرسان اچي ٿو. رام کيس آهستي پڪڙڻ چاهي ٿو. ڪانءُ پٺتي ڀڄي وڃي ٿو. آخر رام ٿڪجي پوي ٿو. مگر ايتري ۾ کيس هڪ انڪل سجهي اچي ٿي. مٺائيءَ جو هڪ ٽڪر کڻي رام ڪانءَ طرف وڌي ٿو. رام ٿورو ٽڪر اڳتي وڌائي ٿو نه ڪانءُ به ڪجهه نزديڪ اچي ٿو. ان بيان ۾ تلسيداس ڪيترا پنا ڪارا ڪري چڪو آهي. ڇو ته اهو ڪانءُ پرميشور آهي. رام جي مورت جو انش ان ڪانءَ ۾ به آهي. رام ۽ ڪانءَ جي اها سڃاڻپ جڻ پرميشور جي پرميشور سان سڃاڻپ آهي.

جو گيت آهي. سندس ڪُوُ - ڪُوُ ڪنن کي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، مگر اها ڏسڻ ۾ نٿي اچي. انگريزي شاعر ورڊس ورٿ سندس پنبان مست ٿي جهر جهنگل پٽڪندو هو. انگلنڊ جو هڪ مهاڪوي ته ڪوئل کي صرف ڳوليندو رهيو، مگر ڀارت جون ناريون ڪوئل ڏسڻ بنا ڪاڌو به نه کائينديون آهن. هن ڪوڪلا ورت سبب ڀارتي استرين مهاڪويءَ جو درجو حاصل ڪيو آهي. جا ڪوئل اهڙيءَ طرح پرم آنند جي مٺي ڏلي ٻولي ٿي، ان جي روپ ۾ سندر پرماتما ئي ظاهر ٿيو آهي.

ڇا توهين ڪوئل کي اهڙو سندر ۽ ڪانءَ کي بدزيبو سڏيندا؟ ڪجهه ڪانءَ تي به فخر ونو. موليڪي ته اهو ڏاڍو وڻندو آهي. سندس اهو گهاٽو ڪارو رنگ ۽ ٽڪو آواز، ڇا برا آهن؟ نه، اهي به مٺا آهن. جڏهن هو ڪنهن ٽوڪيندو ايندو آهي ته کهڙو نه سندر لڳندو آهي. ننڍڙي ٻار جي ته دل ڇڪي وٺندو آهي. ننڍڙو ٻالڪ بند گهر ۾ ڪاڌو نه کائيندو آهي: ٻاهر اڱڻ ۾ ويهي ڪيس کارائڻو پوندو آهي ۽ ڪانءَ کي ڏيکاري ڪيس هڪ گرهه کارائڻو پوندو آهي. ڪانءَ سان پريت رکندڙ اهو ٻالڪ ڇا پاڳل آهي؟ اهو پاڳل نه آهي، پر هن ۾ گيان آهي. ڪانءَ جي روپ ۾ ظاهر پرميشور سان هو هڪ روپ ٿي وڃي ٿو. ماتا گرهه کير ۾ ٻوڙي ڏئي يا ڏهيءَ ۾، ان ۾ سندس ڪو خيال ڪونهي. ڪيس آنند اچي ٿو ڪانءَ جي ڪنهن ٽوڪڻ ۾ ۽ چهنب مچڪائڻ ۾. سرشٽيءَ مان ننڍڙي

اڪر نہ سڪيا، پر ڏکيا اڪر بہ سڪو. ڪارلائيل ”ھڪ وير پوجا“ پستڪ لکيو آھي. ان ۾ ھن نيپولين کي بہ ھڪ شڪتي چيو آھي. ھتي شڌ پرماتما ناھي، گڏيل آھي؛ مگر ھن پرميشور کي بہ سمجھڻ گھرجي. ان ڪري تلسيداس راوڻ کي رامجو ورودي ڀڳت چيو آھي. ائين آھي تہ ھن ڀڳت جو رستو ئي الڳ ڪجھہ نرالو آھي. باھہ ۾ سڙڻ سان پير سڙي پوندو آھي. مگر سوج تي سيڪ ڪرڻ سان اھا نيڪ ٿي پوندي آھي. ٻنھي ھنڌ گرمي ھڪ ئي آھي. مگر نتيجو جدا جدا آھي. رام ۽ راوڻ ۾ بہ پيدائش الڳ الڳ آھي، تڏھن بہ اھا آھي ھڪ ئي پرميشور جي.

استول ۽ سوکيہ، سولا ۽ ڏکيا، سادا ۽ گڏيل اڪر سڀ سکو ۽ اھو آزمودو وٺو تہ ايشور سرو ياپڪ آھي. مٽيءَ جي ذري ۾ بہ اھوئي آھي. ھڪ ڪٽليءَ کان وٺي سڄي سنسار تائين، ھر ھنڌ اھو پرماتما ئي موجود آھي. سڀ جي ساکي چنتا رکندڙ ديالو، گيان مورتي، پريمي، بلوان، پورڻ ڪندڙ، سندر پرماتما اسان جي چوڌاري ھر ھنڌ براجمان آھي.

آرتوار: ٢٤-٤-٣٢

٥٤

بدڪار ۾ به پرميشور درشن

سارُ هي آهي ته هن نموني، هن سرشٽيءَ جي جدا جدا روپن ۾، پوتر ندين جي روپ ۾، وڏن پهاڙن جي روپ ۾، گنڀير ساگر جي روپ ۾، منوهر گئوماتا جي روپ ۾، وفادار گهوڙي جي روپ ۾، دلير شينهن جي روپ ۾، مڌر ڪوئل جي روپ ۾، سهڻي مور جي روپ ۾، صاف ۽ ايڪانت پسند نانگ جي روپ ۾، ڪنهن نوڪيندڙ ان ڪانءَ جي روپ ۾، ٽپندڙ ڪڏندڙ يا هڻ پٽ ڪندڙ انهن شعلن جي روپ ۾، بلڪل شانت تارن جي روپ ۾، هر هنڌ پرماتما ئي سمايل آهي. ضرورت آهي پنهنجن اکين کي کيس ڏسڻ جي، اڀياس ڪرائڻ جي. پهرين وڏا اکر ۽ سولا اکر، پوءِ سنهڙا ۽ گڏيل اکر سکڻ گهرجن. جيسين گڏيل اکر نه سکنداسين تيسين واڌارو ٿي نه سگهندو. گڏيل اکر ٽپ ٽپ ٿي ايندا آهن. اهڙيءَ طرح به ماڻهن ۾ پرميشور کي ڏسڻ سکڻ گهرجي. رام سمجهه ۾ اچي ٿو. مگر راوڻ به سمجهه ۾ اچڻ گهرجي. پرهلاد ته وڻي ٿو مگر هرڻ ڪشپ به وڻڻ گهرجي. ويدن ۾ چيل آهي: ”انهن ڌاڙيلن جي سردار کي نمسڪار. انهن ظالمن کي نمسڪار! هي ٺڳ، هي چور، هي ڌاڪو، سڀ برهم ئي آهن. انهن سڀني کي نمسڪار!“

هن جو مطلب ڇا؟ هن جو مطلب هي آهي ته سولا

پوريءَ طرح سمجهي نٿا سگهون. جي ساري وشو جي نڪتہ نگاهہ کان ڏسون تہ اسان کي وشال ڏسڻ ۾ ايندڙ هي جڳهہ بلڪل خسيس ڏسڻ ۾ ايندو. رات جي وقت آڪاس جي طرف نظر ڪريو. ان ۾ بي انداز گولا ڏسڻ ۾ ايندا. آڪاش جي اڱڻ جون رنگ برنگي قطارون، اهي ننڍا ننڍا سندر گل، اهي ٽم ٽم ڪندڙ لکين تارا، انهن سڀني جو روپ ڇا اوهين سمجهو ٿا. اهي ننڍا ننڍا تارا بلڪل زبردست ۽ ڀاري آهن. انهن ۾ اننت سورج سمائجي ويندا. اهي ذاتن جا گولا آهن. هاڻي انهن بيشمار گولن جو حساب ڪير لڳائيندو؟ ڪير ڳڻيندو؟ انهن جو نہ آهي انت نہ آهي پار. صرف اکين سان ئي هي هزارن ۾ پيا پسجن. دوربينيءَ سان ڏسجن تہ ڪروڙين ڏسڻ ۾ ايندا. وڏيءَ دوربينيءَ سان تہ اربن کان بہ وڌيڪ ڏسڻ ۾ ايندا. ۽ اهو سمجهڻ ۾ ئي نہ ايندو تہ آخر انهن جو انت ڪٿي. هيءَ جا بي انت سرشٽي هيٺ مٿي چوڌاري ڦهليل آهي، ان جو هڪ ننڍڙو ٽڪر هي جڳهہ آهي. مگر هي جڳهہ بہ ڪيترو وشال آهي!

هيءَ وشال سرشٽي بہ پرميشور جي سروپ جو هڪ پاسو آهي. هاڻي ان جو ٻيو پاسو وٺو. اهو آهي وقت. جي اسين گذريل وقت ڏي نظر ڊوڙايون تہ تواريخ جي حدن ۾ گهٽي ۾ گهٽو ڏهہ هزارن تائين پٺتي وڃي سگهنداسين. مگر ان کان اڳيون وقت تہ ڌيان ۾ ئي نٿو اچي. تواريخي وقت ٿيو ڏهہ هزار سال پر اسان جو جيون تہ گهٽي ۾ گهٽو

اڌياءُ يارهون
وشو روپ درشن

٥٥

وشو روپ درشن لاءِ انتظاري

پيارؤ، اڳئين دفعي اسان هن ڳالهه جو اڀياس ڪيو ته هن سنسار جي ڀي انت چيزن ۾ رهندڙ پرميشور کي ائين ڪيئن سڃاڻون. پنهنجي چوڌاري سرشٽيءَ جي هن شاهي نماءَ ۾ مالڪ جو مشاهدو ڪيئن ماڻيون. پهرين استول ۽ پوءِ سوکيم، پهرين سولو پوءِ گڏيل، اهڙيءَ طرح سڀني چيزن ۾ ڀڳوان کي ڏسون. سندس درشن ڪريون. ڏينهن رات اڀياس ڪري ساري جڳت ۾ ايشور ڏسڻ سکون. هي اسان اڳئين اڌياءَ ۾ ڏٺو.

اج يارهين اڌياءَ تي نظر وجهڻي آهي. هن اڌياءَ ۾ ڀڳوان پنهنجو ساکيات روپ ڏيکاري ارجن تي وڏي ڪرپا ڪئي آهي. ارجن ڪرشن کي چيو، ”پڀو، مان توهان جو اهو پورن سروپ ڏسڻ چاهيان ٿو، جنهن ۾ اوهان جي مهان شڪتي ظاهر ٿي هجي ۽ اهو مان هنن اکين سان ڏسي سگهان.“ اهڙيءَ طرح ارجن وشوروپ جو درشن ڪرڻ چاهيو.

اسين وشو، جڳ اهڙا شبد ڪم آڻيون ٿا. هي جڳ، وشو جو هڪ ننڍو حصو آهي. هن ننڍي حصي کي ب

اهڙي خواهش ارجن جي من ۾ پيدا ٿي. ان خواهش مان ئي هي يارهون اڌياءُ پيدا ٿيو آهي.

ارجن ڀڳوان کي ڏاڍو پيارو هو. ايتري قدر جو ڏهين اڌياءَ ۾، جتي ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙن ڪهڙن سروپن ۾ ڌيان ڪريو، اتي ڀڳوان چوي ٿو ته پانڊون ۾ جو ارجن آهي ان جي روپ ۾ منهنجو ڌيان ڪريو. شري ڪرشن چوي ٿو پانڊون ۾ "ڌننجيه" هن کان وڌيڪ پريم جو پاڳلپڻ، پريت جي مستي ٻيو ڪٿي هوندي؟ هي ان ڳالهه جو مثال آهي ته پريم ڪيترو پاڳل ٿي سگهي ٿو. ارجن تي ڀڳوان جو بيحد پيار هو. هي يارهون اڌياءُ ڄڻ ته ان پريت جو پرساد آهي. ايشور جي روپ ڏسڻ جي ارجن کي خواهش، ڀڳوان ڪيس اندروني درشٽي ڏيئي پوري ڪئي. ارجن کي ان پريم جو پرساد ڏنو.

٥٦

ننڍيءَ مورت ۾ به پرميشور درشن ٿي سگهي ٿو

ان ايشوري روپ جو سندر بيان، عمدو ورنن هن اڌياءَ ۾ آهي. جيتوڻيڪ هي سڀ سچ آهي تڏهن به هن ايشوري روپ جي وشيه ۾ زياده لوڀ نه ڪندس. ننڍڙي روپ ۾ ئي راضي رهندس. جو ننڍڙو، سندر ۽ منوهر روپ مونکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان جي سواد، آنند ونڻ جو اڀياس مونکي ٿيو آهي. پرميشور ڀاڱن ۾

سؤ سال. سچ پڇو ته وقت جو وستار به انادي ۽ اننت
آهي. ڪيترو وقت گذريو آهي، ان جو ليکو چوکو ڪونهي.
اڳتي ڪيترو وقت آهي ان جي ڪا ڪلپنا ڪانهي.
اسان جو هي سنسار جنهن وشو جي پيٽ ۾ بلڪل خسيس
آهي تنهن تواريخ جا هي ڏهه هزار سال ان اننت سمي
جي پيٽ ۾ ڪجهه به نه آهن. ماضي انادي آهي ۽ مستقبل
اننت آهي. هي ننڍڙو حال ته ڳالهيون ڪندي ڪندي
ماضيءَ ۾ هليو وڃي ٿو. حال سچ پچ آهي ڪٿي؟ جيترو
اهو ٻڌايون تيترو اهو ماضيءَ ۾ وڃيو ملي. اهڙو بلڪل
چنچل حال ٿي اسان جو آهي. مان هاڻي ڳالهائي رهيو
آهيان. مگر وات مان اکر نڪتا مس ته ٽڪ وڃي ماضيءَ
۾ مليا. اهڙيءَ طرح هيءَ وقت جي ندي لڳاتار وهي
رهي آهي. نه سندس شروع جو پتو، نه ڇوڙ جو. البت
وچ جو ٿورو وهڪرو نالي ماتر اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اهڙيءَ طرح هڪ طرف زمين جو زبردست وستار ۽
ٻئي طرف وقت جو زبردست وهڪرو. انهن ٻنهي نگاهن
کان جي سرشٽيءَ طرف ڏسون ۽ پنهنجي ڪلپنا شڪتيءَ
کي ڪيترو به وڌايون ۽ ڇڪيون ته به اسين هن نتيجي
تي پهچنداسين ته انهن جو ڪو انت ناهي. ٽنهي زمانن
۾ ٽنهي لوڪن ۾ ماضي، حال، مستقبل هيٺ، مٿي ۽
سڀ هنڌ وياپڪ پرميشور هڪ ئي هڪ ۽ هڪ دفعي
ڏسڻ ۾ اچي، پرميشور جي ان روپ جو درشن تنهي،

سگهندس؟ ننڍڙي ايشور جو نمونو منهنجي اکين سامهون آهي. ان مان جيڪڏهن مون ايشور کي نه سڃاتو ته پوءِ وراٽ پرميشور کي ڪيئن سڃاڻندس؟ ننڍي يا وڏي روپ ۾ آهي ڇا؟ ننڍڙي روپ کي ڏسڻ سان وڏي روپ جي سڃاڻپ ٿيڻ گهرجي. ننهنڪري مونکي هيءَ لالچ ٿئي ٿي ته ايشور پنهنجو وڏو روپ مونکي ڏيکاري. ارجن وانگر وشو روپ درشن جي گهر ڪرڻ جي لائق به مون ۾ ناهي. پر جيڪي به مونکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو اهو وشو روپ جو ڪو ڀاڱو ناهي. ڪنهن مورت جو ڪو ڀڳل ٽڪر ڪٽي ايندا ته ان مان ساريءَ مورت جو خيال اسان کي نه ايندو. مگر پرماتما اهڙيءَ طرح ڀاڱن جو بڻيل ناهي. پرماتما نه ڀڳل آهي نڪي ڀاڱا ٿيل آهي. هڪ ننڍڙي سروپ ۾، شڪل ۾ هو ٻي انت پرميشور سمايل آهي. ننڍڙي فوٽي ۽ وڏي فوٽي ۾ ڪهڙو فرق؟ جي ڳالهيون وڏي فوٽي ۾ اينديون آهن اهيئي هوبهو ننڍڙي فوٽي ۾ هونديون آهن. ننڍڙو فوٽو وڏي فوٽي جو ٽڪر ناهي. ننڍڙي ڇاپي واري پستڪ جو به اهوئي ارٿ آهي جو وڏي ڇاپي واري پستڪ جو. ائين ڪونه آهي ته وڏي ڇاپي ۾ وڏو ارٿ ۽ ننڍي ڇاپي ۾ ننڍو ارٿ هوندو.

مورتي پوڄا جو آڌار به هن ويچار تي ٻڌل آهي. مورتي پوڄا تي اڄ تائين گهڻن ماڻهن حملو ڪيو آهي. پرديسي ۽ ديسي ويچارڪن به مورتي پوڄا کي غير واجب ٺهرايو آهي. مگر مان جئن جئن ويچار ڪريان ٿو تئن تئن

ورهايل ناهي. مان نٿو سمجهان ته پرميشور جو روپ، جو اسين ڏسي رهيا آهيون، اهو سندس هڪ ڀاڱو آهي ۽ باقي پرميشور ٻاهر ڇپيل آهي. بلڪ مان ڏسان ٿو ته جو پرميشور هن وشال وشو ۾ وياپڪ آهي اهوئي پوري روپ ۾ جهڙي جو تهڙو، هڪ ننڍڙيءَ مورت ۾، مٽيءَ جي ذري ۾ موجود آهي. ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه. امرت جي سمنڊ ۾ جو سواد ۽ مٺاج هوندو، اهوئي هڪ بوند ۾ به هوندو. مان چاهيان ٿو ته امرت جي هڪ بوند، جا مونکي ملي آهي، انجو مزو مان وٺندو رهان. امرت جو مثال مون ڄاڻي ٻجهي ورتو آهي. پاڻيءَ يا کير جو نه. هڪ کير جي پيالي ۾ جو سواد هوندو اهوئي کير جي لوٽي ۾ هوندو. مگر سواد ڀلي ساڳيو هجي پر طاقت ساڳي نه اچي سگهندي. کير جي هڪ بوند جي پيٽ ۾ کير جي هڪ پيالي مان وڌيڪ طاقت ملندي. مگر امرت جي مثال ۾ هيءَ ڳالهه ناهي. امرت جي سمنڊ جو مٺاج ته هڪ بوند ۾ به آهي. مگر تنهن کان سواءِ سندس طاقت به اوتري ئي آهي. جيڪڏهن بوند جيترو امرت به پيٽ اندر ويو ته ان مان به امرتا ملندي.

اهڙيءَ طرح جا روحانيت، جا پوترتائي پرميشور جي اننت سروپ ۾ آهي، اهائي هڪ ننڍڙيءَ مورت ۾ به آهي. جيڪڏهن ڪو مونکي نموني طور مٺ ڀري ڪٽڪ جي سڃاڻ لاءِ ڏئي ۽ ان مان آءٌ جي ڪٽڪ سڃاڻي نه سگهان ته پوءِ ساري ڳوڻ، مان ڪيئن سڃاڻي

ٻه ايشور جي ئي مورت آهي. ان ۾ ايشور جي آزادي آهي. ان وقت کي ڪو بندن ڪونهي. ايشور کي ڪير بندن ۾ وجهندو؟ اهو بندن کان آجو پرميشور ان ڏنگي ڦڏي وقت ۾ آهي. جڏهن ڪو سنئون سڌو تنهن ڏسبو آهي ته ان ۾ ايشور جي هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جڏهن ڪو اڪريل تنيو ڏسون ٿا ته ان ۾ آڪاس جي نکيترن، گرهن جو چترڪار پرميشور ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪنهن ڪپيل جوڙيل باغ ۾ ايشور جو سنجمي روپ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته ڪنهن وڏي جهنگل ۾ ايشور جي ڪماليت ۽ آزاديءَ جو درشن ٿيندو آهي. جهنگل ۾ ٻه آنند ملندو ته تهيل نڪيل باغ ۾ ٻه. ته پوءِ اسين پاڳل آهيون؟ پاڳل نه آهيون. آنند ٻنهي ۾ هوندو آهي ڇو ته ايشوري گڻ هر هڪ ۾ موجود آهي. هڪ سهڻي سالگرام ۾ جو ايشوري تيج آهي اهوئي بي ڍنگي لوبدا نديءَ جي "شنڪر" ۾ آهي. تنهن ڪري اهو وشال سروپ الڳ نه ٻه ڏسڻ ۾ اچي ته ٻه ڪو هرج ڪونهي.

پرميشور سڀ هنڌ الڳ الڳ چيزن ۾ الڳ الڳ گڻن دوارا ظاهر ٿيل آهي ۽ ان مان ئي اسان کي آنند ملي ٿو. ان چيز لاءِ پنهنجائي پيدا ٿيندي آهي. اهو آنند بي سبب نه آهي. آنند ملي ڇو ٿو؟ ڇو ته ان چيز سان ڪجهه نه ڪجهه لاڳاپو هوندو آهي. ٻالڪ کي ڏسندي ئي ماءُ جي دل ٺپڻ لڳندي آهي. ڇو ته هوءَ لاڳاپو جاڻي ٿي. اهڙيءَ طرح هر هڪ چيز جو پرميشور سان ناتو جوڙيو.

مورتي پوڄا جو راز منهنجي اڳيان وڌيڪ ظاهر ٿيو.
مورتي پوڄا جو مطلب ڇا آهي؟ هڪ ننڍڙيءَ چيز ۾
ساري سنسار جو انيؤ ڪرڻ جي وديا آهي مورتي پوڄا.
هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ساري برهمانڊ کي ڏسڻ جي وديا
سکڻ. ڇا اهو غلط آهي؟ هيءَ ڪلپنا نه، پر خود انيؤ
ڪرڻ جي ڳالهه آهي. ان وشال سروپ ۾ جو به ڪجهه
آهي اهو سڀ هڪ ننڍڙيءَ مورت ۾ آهي. اهو هڪ
مٽيءَ جي ذري ۾ به آهي. ساڳي مٽيءَ جي ڍير هيٺان
انب، ڪيلو، ڪڻڪ، چاندي، سون سڀ ڪجهه آهن.
سڄي دنيا ان ذري ذري ۾ آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن
ننڍڙي ناٽڪ منڊليءَ ۾ ساڳيا ائڪٽر وري وري
جدا جدا روپ ڌاري اسٽيج تي ايندا آهن، اهڙيءَ طرح
پرميشور کي سمجهو. جئن هڪ ناٽڪ نويس خود ئي ناٽڪ
لکندو آهي ۽ خود ئي ناٽڪ ۾ ڪم ڪندو آهي، تهڙيءَ
طرح پرماتما به بي انت ناٽڪ لکي ٿو ۽ خود ئي ڪيترن
ويس ڌارين جي روپ ۾ سينگار جي اسٽيج تي ليلا ڪري
ٿو. جي هن بي انت ناٽڪ جو ويس ڌاري سڃاڻو سين ته
سڄو ناٽڪ سمجهي وٺنداسين.

ڪوتا جون اپمائون ۽ مثالن وغيره جو جيڪو آڌار
آهي اهوئي مورتي پوڄا جو آهي. ڪنهن گول چيز کي
ڏسندا آهيون ته آنند ٿيندو آهي. ڇو ته ان ۾ هڪ قسم
جي رتا هوندي آهي. اها گول چيز ايشور جي رتا واري
مورت آهي. ان جي ابتڙ جهنگل ۾ بيٺل ڏنگو ڦڏو وڻ

آهي. جيڪڏهن ٻئي چيزون الڳ الڳ هونديون ته آنند نه ايندو. جيڪڏهن ڪو چوي ته لوڻ مرچ وانگر آهي ته اسين ڪيس بي عقل چونداسين. پر جيڪڏهن ڪو چوي ته تارا گلن وانگر آهن ته اسان کي آنند ايندو. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ هڪ جهڙائي آهي. جڏهن اسين چئون ته لوڻ مرچ وانگيان آهي ته ان ۾ مشابهت جو انڀئو نٿو ٿئي. مگر جي ڪنهن جي نگاهه ايتري ڪشادي هجي ته پرماتما لوڻ ۾ آهي ۽ مرچ ۾ به آهي، ائين انڀئو ڪري، ته پوءِ ڪيس ان انڀئو مان ته لوڻ به مرچ جهڙو آهي، اوس آنند ايندو. مطلب ته ايشوري روپ هر هڪ چيز ۾ ڀريل آهي. ان لاءِ وراٽ درشن جو ضرور ناهي.

٥٧

وراٽ روپ سهي ٻه نه سگهبو

پوءِ اهو وراٽ سروپ مان ڪيئن سهي سگهندس؟ ننڍيڙي سگڻ سندر روپ جي لاءِ پريم معلوم ٿيندو آهي. جا پنهنجائي ٿيندي آهي، جا سوڀيا معلوم ٿيندي آهي، انهو انڀئو وشو روپ ڏسڻ ۾ شايد نه هجي. هيءَ حالت ارجن جي ٿي ويئي. هو ٿر ٿر ڪنبندي آخر چوي ٿو، "ڀڳوان، پنهنجو اهوئي پهريون منوهر سروپ ڏيکاريو." ارجن پنهنجي تجربي مان چوي ٿو ته وراٽ سروپ ڏسڻ جي خواهش نه ڪريو. ايشور جو ٽنهي زمانن ۽ ٽنهي

مون ۾ جو پرميشور آهي، اهوئي ان چيز ۾ آهي. اهڙيءَ طرح ناتو وڌائڻ جڻ آنند وڌائڻ آهي. آنند جي ٻي ڪا به تدبير ڪانهي. توهين پريم جو لاڳاپو سڀ هنڌ جوڙيو. پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه جادو ٿو ٿئي! تڏهن هن اننت سرشٽيءَ ۾ موجود پرماتما مٽيءَ جي ذري ۾ به ڏسڻ ۾ ايندو. هڪ دفعي هيءَ نظر حاصل ٿئي ته پوءِ ٻيو ڇا گهرجي؟ مگر ان لاءِ اندرين ڪي سنسڪار اڀياس وجهڻ جي ضرورت آهي. اسان جي ڀوڳ واسنا ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن پريم جي پوتر نظر حاصل ٿيندي ته پوءِ هر هڪ چيز ۾ ايشور ئي ڏسڻ ۾ ايندو. اپنشد ۾ هن ڳالهه جو ڏاڍو سندر بيان آهي ته آتما جو رنگ ڪهڙو هوندو آهي. آتما جو رنگ ڪهڙو ٻڌايو وڃي؟ رشي پريم پورڪ چون ٿا: ”جهڙيءَ طرح هي اندر گوپ *“.

هي جو ڳاڙهو ريشم جهڙو نرم برساتي جيت آهي، ان وانگر آتما جو روپ آهي. ان برساتي جيت کي ڏسون ٿا ته ڪيترو نه آنند اچي ٿو. آنند ڇو ٿو اچي؟ منهنجي اندر ۾ جا سندر آتما آهي سا اهائي برساتي ڪيڙي ۾ به آهي. تنهن ڪري ان جي اپما ڏني ويئي آهي. اپما ڇو ٿي ڏجي؟ ان مان آنند ڇو ٿو ملي؟ اسان اپما ان ڪري ٿا ڏيون جو انهن ٻن شين ۾ هڪ جهڙائي هوندي آهي. هڪ جهڙائيءَ ڪري ئي آنند به ايندو

* اندر گوپ برسات ۾ هڪ جيت پيدا ٿيندو آهي.

سٺي ڳالھ آھي. ڪو بدڪار جي سڃاڻ بڻجي مون اڳيان اچي ته ٻه سندس اڳيون وقت ياد ڪري مونکي ان لاءِ من ۾ عزت نه ٿي ٿئي. ڪٿي ڪيترا ٻه قسم ڪٿي تڏهن ٻه مان سندس اڳين پاپن کي جلدي ڀلائي ٿو سگھان. سنسار سندس پاپن کي تڏهن ئي ڀلجي سگھندو جڏهن اهو انسان مري، ٻئي روپ ۾ اسان جي سامهون ايندو.

اڳينءَ ياد مان وڪار وڌن ٿا. مگر جي اڳيون سڀ گيان وسري ويو ته پوءِ سڀ ختم. تنهن ڪري پاپ پڄ کي وسارڻ لاءِ ڪا تجويز هئڻ گهرجي. اها آهي موت. جڏهن هن جنم جون پيڙائون نئيون سهي سگهجن ته پوءِ اڳين جنم جي گند ڪچري جي ڳولا ڇو ڪريون؟ پنهنجي هن جنم جي ڪمري ۾ ڇا گهٽ گند ڪچرو آهي؟ اسان ڪان پنهنجو ٻالپڻ ٻه گهڻو نه وسري ويندو آهي. هيءَ ويسر فائد يمند آهي. هندو مسلم ايڪتا لاءِ ماضيءَ کي وسارڻ ئي هڪ اپاءُ آهي. اورنگزيب ڏاڍا ظلم ڪيا. ان کي ڪيترو وقت ياد ڪندا رهندا؟ گجراتيءَ ۾ رتن ٻائيءَ جو هڪ گربو گيت آهي. انکي اسين گهڻي ئي دفعا هتي ٻڌندا آهيون. ان ۾ پهاڙيءَ ۾ چيل آهي: ”سنسار ۾ سڀ جي نيڪي ئي آخر رهجي ويندي ۽ پاپ کي ماڻهو وساري ڇڏيندا.“ هيءَ زمانو چنبڇاڻ ڪري رهيو آهي. تواريخ ۾ جو ڪجهه چڱو هجي اهو ڪڍڻ گهرجي. جو پاپ هجي اهو ڇڏي ڏيڻ گهرجي. انسان جيڪڏهن برائيءَ کي ڇڏي فقط چڱائيءَ کي ياد ڪري ته ڪهڙو نه چڱو.

لوڪن ۾ وسي ٿو، اهوئي چڱو آهي. هو تارو سڀ ويڙهجي سيڙهجي جيڪڏهن پرندڙ گولي وانگر منهنجي سامهون اچي بيهي ته منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ هي تارا ڪيترو شانت ڏسجن ٿا. ائين پيو معلوم ٿئي جڻ ته ايترو پريان مون سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. مگر اهيئي ايترن کي شانت ڪندڙ تارا جيڪڏهن ويجهو اچي وڃن ته ان ڀيانڪ باهه ۾ مان ڀسم ٿي ويندس. ايشور جو هي اننت برهمانڊ جيئن آهي، تيئن ئي رهڻ ڏيو. انهن سڀني کي هڪ ئي ڪمري ۾ ڪٺو ڪرڻ ۾ ڪهڙو آنند آهي؟ بمبئيءَ جي ڪبوتر خاني ۾ هزارين ڪبوتر رهندا آهن. اتي انهن کي ڪهڙي آزادي آهي. اهو نظارو ڏاڍو عجيب معلوم ٿيندو آهي. مزو ته انهيءَ ۾ آهي جو هيءَ سرشٽي هيٺ (پاتال) مٿي (آڪاش) هتي (پرٿوي) انهن ٽنهي هنڌن ۾ وراهيل هجي. جا ڳالهه هنن لوڪن جي آهي اهائي زمانن جي به آهي. اسان کي ماضيءَ جي ياد نٿي رهي ۽ مستقبل جي ڄاڻ نٿي رهي، ان ۾ اسان جو ڪلياڻ ئي آهي. قرآن شريف ۾ پنج چيزون اهڙيون ٻڌايون ويئون آهن جن ۾ صرف پرماتما جي ئي طاقت آهي. منش پراڻيءَ جي طاقت بلڪل ناهي. انهن ۾ هڪ آهي مستقبل جي ڄاڻ. اسين انومان ضرور ڪندا آهيون پر انومان جو مطلب ڄاڻ ناهي. مستقبل جي ڄاڻ جا اسان کي نٿي پوي. ان ۾ اسان جو ڪلياڻ ئي آهي. اهڙيءَ طرح ماضيءَ جي ياد جا اسان کي نٿي رهي اها به سچ پچ ڏاڍي

هٿ ڪيو، پرارٿنا ڪئي ته ڀڳوان اها منظور ڪئي. ڀڳوان کيس وشال سروپ ڏيکاريو. مگر مون لاءِ ڀڳوان جو ننڍڙو روپ ئي ڪافي آهي. هيءُ ننڍڙو روپ پرميشور جو ڪو ٽڪر نه آهي. پر جي ڪٿي ٽڪر به هجي، ته ان اپار ۽ وشال مورتيءَ جو هڪ ڀيرو يا ڀير جي هڪ آڱر ئي مونکي ڏسڻ ۾ آئي، ته به آءٌ چوندس 'ڏسو آهي منهنجو ٻاپو!' تجربي مان مون هي گيان پاتو آهي. جمنالعل ٻجاج ڏهن هريجنن لاءِ وارڌا ۾ لڪشمي نارائڻ مندر کوليو ان وقت مان درشن لاءِ ويو هوس. ١٥-٢٠ منٽ ان مورتيءَ کي ڏسندو رهيس. سماڌي لڳائڻ جهڙي منهنجي حالت ٿي وئي. ڀڳوان جو اهو وات، اها ڇاتي، اهي هٿ پير ڏسندي ڏسندي پيرن تائين پهتس ۽ آخر چرڻن تي نظر کپي وئي. اهائي ڀاونا آخر وڃي رهي ته 'مني لنهنجي چرن شيوا.' جيڪڏهن هن ننڍڙي روپ ۾ اهو مها پرڀو نه سمايل هجي ته پوءِ ان مهاپرش جا چرڻ ئي ڏسڻ ڪافي آهن. ارجن ايشور کي پرارٿنا ڪئي. سندس لياقت وڏي هئي. سندس ڪيتري گهرائي، ڪيترو پريم کهڙو متر ڀاو هو! ان جي ڀيٽ ۾ مان ڇا آهيان؟ مون لاءِ چرڻ ئي ڪافي آهن. منهنجي لائقي ايتري ئي آهي.

٥٨

سيني جو تت

ان پرميشور جي ايشوري روپ ۾ جيڪو بيان

مگر منش سولائيءَ سان ائين ڪري نٿو سگهي. انڪري ويسر جي ضرورت آهي. انڪري ئي ڀڳوان موت جي پيدائش ڪئي.

مطلب هي ته جڳهه جتي آهي تتي ئي ڪلياڻ ڪاري آهي. هن وقت ۽ جڳهه واري جڳهه کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪرڻ جي ضرورت ناهي. ڇو ته گهٽيءَ جاڻ ۾ مزو نه رهندو. ڪن شين کي گهرائي رکڻ جي ضرورت ٿيندي آهي ۽ ڪن ڪان دور رهڻ جي ضرورت ٿيندي آهي. گروءَ ڪان ادب جي لحاظ ڪان اسين پري وهندا آهيون. مگر ماءُ جي ته هنج ۾ وڃي وهندا آهيون. جنهن سان جهڙي ورتاءُ جي ضرورت هوندي آهي تهڙوئي ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. گل جي اسين ويجهو وڃون. باهه ڪان پري رهون! تارا پريان ئي سندر لڳندا آهن. اهوئي حال هن سرشٽيءَ جو آهي. ائين ناهي ته تمام پري واري دنيا کي تمام نزديڪ آڻڻ ۾ اسان کي سک ۽ آنند ملندو. جا شيءِ جتي آهي ان جي اتي رهڻ ۾ ئي مزو آهي. جا چيز پريان سهڻي معلوم ٿئي ٿي، اها نزديڪ آڻڻ سان اوس سکدائي ٿيندي، ائين ناهي. انکي اتي ئي رکي سندس مزو ماڻڻ گهرجي. لاهي پاهي تمام گهٽي جاڻ رکڻ مان ڪو فائدو ڪونهي.

مطلب هي ته ٿيئي زمانا جو اسان اڳيان نه آهن سو چڱو آهي. اهو چئي نٿو سگهجي ته ٿيهي زمانن جي گيان مان، آنند يا ڪلياڻ ٿيندو. ارجن جڏهن پريم وس ٿي

ڀهر ٻن ٻولو ٻڌجڻ. ٻر مون ۾ ته وڪار واسنائون ڪنن تاءِ پريل آهن. اهڙيءَ حالت ۾ منو آواز ڪيئن نڪرندو؟ منهنجو نه آواز اڻ وڻندڙ، پي سرو آهي. مان ته نهري چيز آهيان. من ۾ اهنڪار ڀريل آهي. تنهنڪري ڀهرين نر اهنڪار ٻڌڻ گهرجي. جڏهن مان سورهن آنا مڪت، خالي ٿي. ويندس تڏهن پرميشور مونکي وڄائيندو. مگر پرميشور جي چپن جي مرلي ٻڌڻ وڏي دليريءَ جو ڪم آهي. جي چاهيون ته سندس پيرن جي جتي ٻڌجون ته اهو به ڪنن آهي. اها اهڙي نرم جتي هئڻ گهرجي جو پرميشور جي پيرن ۾ توري به لڦ نه پوي. پرميشور جي پيرن ۽ ڪنڊن پٿرن وچ ۾ مونکي پوڻو پوندو. مونکي پاڻکي ناهڻو پوندو. پنهنجي ڪل اُتاري انکي پڪو ڪرڻو پوندو، نرم ڪرڻو پوندو. اهڙيءَ طرح پرميشور جي جتي ٻڌڻ به سولو ناهي. جيڪڏهن پرميشور جي هٿ جو اوزار، هٿيار ٻڌڻو هجي ته ڏهه سير لوهه جو گولو ٻڌڻو ناهي. تپسيا جي سيراڻ تي پاڻ کي چاڙهي تيز تکو ڪرڻو پوندو. ايشور جي هٿ ۾ منهنجي جيون روپي تلوار چمڪڻ گهرجي. اهڙا ويچار منهنجي ٻڌيءَ ۾ گونججڻ لڳندا آهن. ڀڳوان جي هٿ جو هڪ اوزار ٻڻيو رهان، ان ويچار ۾ مگن ٿي وڃان ٿو. هاڻ اهو ڪيئن ٿئي؟ ان جي ريت خود ڀڳوان ئي آخرين سلوڪ ۾ ٻڌائي آهي. شري شنڪر آچاريه پنهنجي سمجهاڻيءَ ۾ هن سلوڪ کي سڄي گيتا جو سار چيو آهي. اهو سلوڪ هي آهي:

آهي ان ۾ عقل هلائڻ جي منهنجي مرضي ناهي. ان ۾ عقل هلائڻ مونکي پاپ تو معلوم ٿئي. ان وشوروپ بيان جي انهن پوتر سلوڪن کي پڙهندا رهون ۽ پوتر ٿيون. عقل هلائي پرميشور جي ان روپ کي ٽڪرا ڪرڻ جي ضرورت مونکي معلوم نٿي ٿئي. اها اگهور پوڄا ٿي ويندي. اگهور پنٿي شمشان ڀومي ۾ وڃي مردا چيريندا آهن ۽ تنتر اپاسنا ڪندا آهن. اهڙي ئي هيءَ ڪريا ٿيندي. پرميشور جي ان ايشوري روپ ۾:-

"وشو جنهن جون اکيون، وشو جنهنجو مک
وشو جنهن جون ٻانهون، وشو جنهنجو پير."

اهڙا وشال ۽ اننت روپ. ان جي سلوڪن جو پاٺ ئي ڪرڻ گهرجي. انهن جي پاٺ سان اسان کي پنهنجو من پوتر ۽ نرمل بڻائڻ گهرجي.

پرميشور جي ساري بيان ۾ فقط هڪ هنڌ ئي ٻڌي ويچار ڪرڻ لڳي ٿي. پرميشور ارجن کي چوي ٿو، "ارجن هي سڀ مرڻ وارا ئي آهن. تون فقط نمت بڻج. ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو ته مان ئي آهيان. هيءَ ڏني من ۾ گونجندي رهي ٿي. جڏهن هي ويچار من ۾ اچي ٿو ته اسين ايشور جي هٿ جا هٿيار، ذريعا بڻجون ته ٻڌي ويچار ڪرڻ لڳي ٿي. ايشور جي هٿ جا هٿيار ڪيئن بڻجون؟ ڇا سندس هٿ جي مرلي بڻجون؟ هو پنهنجن چپن سان مونکي لڳائي ۽ مڌر گيت آلاپي، مونکي وڄائڻ لڳي؟ هي سڀ ڪيئن ٿئي؟ مرلي بڻجڻ معنيٰ

اڌياءُ ٻارهون
سڳڻ نرگڻ ڀڳتي

٥٩

٦ اڌياءَ کان ١١ تائين - ايڪاگرتا مان سمگرتا

گنگا جي ڌارا تہ سڀ هنڌ پوتر ۽ شڌ آهي. مگر هردوار، ڪاشي، پرياگ جهڙا سنان وڌيڪ پوتر آهن. انهن سڀني سنسار کي پوتر ڪري ڇڏيو آهي. ڀڳوت گيتا جي بہ اهائي حالت آهي. ڀڳوت گيتا هوندي تہ شروع کان آخر تائين سڀني هنڌ پوتر آهي. مگر وچ ۾ ڪي اڌياءَ اهڙا آهن جي تيرٿ آستان بڻجي پيا آهن. اڄ جنهن اڌياءَ جو اسان کي ويچار ڪرڻو آهي اهو تمام پوتر تيرٿ جهڙو ٿي ويو آهي. خود ڀڳوان بہ ان کي امرت ڌارا چيو آهي.

ڌرم مئہ امرت کي نشڪام ٿي پئين جي.

هيءَ اڌياءَ آهي تہ ننڍڙو، صرف ويهن سلوڪن جو. مگر امرت جي ڌارائي آهي. امرت جيان مڌر آهي. سنجيوني آهي. هن اڌياءَ ۾ ڀڳوان پنهنجي مک مان ڀڳتي رس جي مهما جو تتو ٻڌايو آهي.

حقيقت ۾ ٦ اڌياءَ کان ڀڳتي گيان شروع ٿي ويو آهي. پنجين اڌياءَ جي آخر تائين جيون شاستر ڏنو سين. سؤڌرم

پگت منهنجو، سنگ رهت تي، ڪرم سڀ مون لاء ڪري،
نروير ۽ پگتي پريل سو، مکت تي مون کي لهي.

جنهنجو سنسار ۾ ڪنهن سان وير ڪونهي؛ جو سنگ رهت تي سنسار جي بنا لالچ شيوا ڪري ٿو؛ جيڪي ڪجهه ڪري ٿو سو سڀ مونکي ارپڻ ڪري ٿو. منهنجي پگتي سان پريل آهي. ڪميا وان، وئراڳي، پريمي پگت پرميشور جي هٿ جو هٿيار بڻجي ٿو. هن سلوڪ جو مطلب اهو آهي.

آرتوار: ١-٥-٣٢.

ويو آهي ته ڀڳوان جي چرڻن ۾ ايڪاگرتا لڳاتار رهي،
اسان جي زبان، ڪن، اکيون سدائين ان ۾ لڳيون رهن،
آءٌ تائين انهن ڪندو رهڻ گهرجي. اسان جي سيني
اندرين جو اهڙو اڀياس ٿيڻ گهرجي. سيني اندرين کي
ڀڳوان جو چسڪو، ڀڳوان جو رنگ لڳي وڃڻ گهرجي.
اسان وٽ چاهي ڪو ورلاپ ڪري رهيو هجي يا ڀڄن
ڳائي رهيو هجي؛ ڪو واسنا جو ڄار اُٽي رهيو هجي يا
ويراڳي سنتن جو سماگم ٿي رهيو هجي. سوجهرو هجي يا
اوندهه، مرڻ وقت پرميشور چت اڳيان موجود رهي.
لڳاتار اهڙو اڀياس ۽ عادت اندرين کي هڻڻ جي سکيا
هن انهن اڌياءَ ۾ ڏني ويئي آهي. ڇهين اڌياءَ ۾ ايڪاگرتا،
ستين ۾ ايشور چرن ايڪاگرتا، اٺين ۾ سانتيه يوگ ۽ نائين
۾ سمرپڻتا ٻڌائي ويئي آهي. ڏهين ۾ ڪرمتا (درجي
بدرجي چڙهڻ) ٻڌائي ويئي آهي. هڪ هڪ قدم اڳتي
وڌي ايشوري روپ ڪيئن دل تي اُڪرجي. هڪ
ماکوڙيءَ کان وٺي برهمديو تائين ڦهليل پرميشور جو
ڏيري ڏيري ڪيئن مشاهدو ماڻجي، اهو ٻڌايو ويو آهي.
يارهين اڌياءَ ۾ سمگرتا ٻڌائي ويئي آهي. وشو روپ
درشن جي معنيٰ آهي اهو محسوس ڪرڻ ته هڪ رواجي
مٽيءَ جي ذري ۾ به هي سارو جڳت سمايل آهي. هيءَ
ئي وراٽ درشن آهي. ڇهين اڌياءَ کان وٺي يارهين
اڌياءَ تائين ڀڳتي رس جي جدا جدا نمونن جي چند چاڻ
ڪئي ويئي آهي.

آچرڻ روپي ڪرم، ان لاءِ مددگار مانسڪ ساڌنا روپي وڪرم. انهن ٻنهي جي عمل سان سڀني ڪرمن کي جلائي ڀسم ڪرڻ واري آخرين اڪرم جي وصف. ايترين ڳالهين جو ويچار پهرين پنجن اڌياءَ تائين ٿيو. هتي جيون شاستر پورو ٿيو. هاڻي ڇهين اڌياءَ کان جڻ ڀڳتي گيان جوئي ويچار يارهين اڌياءَ جي آخر تائين هليو. ايڪاگرتا سان شروعات ٿي. ڇهين اڌياءَ ۾ هي ٻڌايو ويو ته چت جي ايڪاگرتا ڪيئن ٿي سگهي ٿي. ان جا ڪهڙا وسيلا آهن ۽ ان جي ڪهڙي ضرورت آهي. يارهين اڌياءَ ۾ سمگرتا ٻڌائي وئي آهي. هاڻي هتي ڏسڻ گهرجي ته ايڪاگرتا کان وٺي سمگرتا تائين ايتري منزل اسان ڪيئن طيءِ ڪئي.

چت جي ايڪاگرتا سان شروعات ٿي. ايڪاگرتا حاصل ٿيڻ تي ڪنهن به وشيه جو ويچار انسان ڪري سگهي ٿو. چت جي ايڪاگرتا جو فائدو منهنجي پريه وشيه وٺو ته حسابن جي ابياس ۾ ٿي سگهندو. ان مان اوس فائدو ٿيندو. مگر هيءُ چت جي ايڪاگرتا جي پوري ڪسوٽي، آزمائش نٿي ٿئي. حسابن جي ابياس ۾ يا اهڙيءَ ٻي ڪنهن وديا ۾ چت جي ايڪاگرتا ڪري سگھلتا ته ملندي، مگر هيءَ سچي آزمائش نه آهي. انڪري ستين اڌياءَ ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته اسان جي نظر ڀڳوان جي چرنن ۾ هئڻ گهرجي. اٺين اڌياءَ ۾ ڇيو

ماءُ کي ڏاڍو سڪه مليو. اهڙيءَ طرح جي ٻن پٽن جي ماءُ کان پڇيو ويو، "اي ماتا، انهن ٻن پٽن مان توکي صرف هڪ ئي پٽ ڏنو ويندو. تون جو چاهين پسند ڪر" هوءَ ڪهڙو جواب ڏيندي؟ ڪهڙي پٽ کي هوءَ پسند ڪندي؟ ڇا هوءَ ٻنهي پٽن کي تارازيءَ ۾ رکي توريندي؟ هتي ماتا جي حالت تي غور ڪريو. سندس سياڻپ جواب ڇا هوندو. هوءَ ويچاري ماتا چوندي، "جيڪڏهن ننڍڙو ٽيڻو ئي آهي ته وڏي پٽ جو مان سهي سگهنديس. ان کي وٺي وڃو." ننڍي پٽ کي هوءَ ڇاتيءَ سان لڳائي رکندي. ان کي پاڻ کان دور ڪري نه سگهندي. ننڍي پٽ طرف وڌيڪ ڇڪ ٿينديس ۽ شايد ائين چوي ته هن وڏي کي ڀلي وٺي وڃو. مگر هيءَ هن سوال جو جواب ناهي ته ڪيس ڪهڙو پٽ وڌيڪ پيارو آهي. ڪجهه نه ڪجهه جواب ڏيڻو ئي هو، انڪري سندس مک مان ڪجهه اکر نڪتا. مگر انهيءَ جواب جي اکري معنيٰ ڪرڻ مناسب نه ٿيندو.

هن سوال جو جواب ڏيندي جنهن ان ماءُ کي مونجهارو ٿيو هو، ٺيڪ اهڙي حالت ڀڳوان جي من جي ٿي وئي. ارجن چوي ٿو، "ڀڳوان، ٻن نمونن جا ڀڳت اوهان جي سامهون آهن. هڪ اوهان جي لاءِ تمام گهڻو پريم رکي ٿو، توهان جو سدائين پوڄن ڪندو رهي ٿو. سندس اکيون توهان جي درشن جون پياسي، ڪن توهان جي گيت سڻڻ لاءِ آتا ۽ هٿ پير توهان جي شيوا ۽ پوڄا ڪرڻ

٦٠

سگڻ ۽ نرگڻ ڀڳت- ماتا جا ٻه پٽ

هاڻي ٻارهين اڌياءَ ۾ ڀڳتي تتو کي سماپت ڪرڻو آهي. ارجن سماپت ڪرڻ بنسبت سوال پڇيو آهي. ٻنهين اڌياءَ ۾ جيون بنسبت سڀ شاسترن جو ويچار پورو ٿيڻ تي جڏهن ارجن سوال پڇيو هو، تڏهن ئي هتي به پڇيو اٿس. هن پڇيو ته: ڀڳوان، ڪي ماڻهو سگڻ جو ڀڄن ڪندا آهن ۽ ڪي نرگڻ جي ڀڳتي ڪندا آهن. ٻڌايو ته انهن مان توهان کي ڪير پيارو آهي؟

هاڻي ڀڳوان کيس کهڙو جواب ڏئي؟ ڪنهن ماءُ کي ٻه ٻار هجن ۽ کانئس اهڙو ئي سوال پڇيو وڃي ته ماءُ کهڙو جواب ڏئي؟ ٻنهي ٻارن مان ننڍڙو ماءُ کي ڏاڍو پيار ڪري ٿو، ياد ڪري ٿو، ماءُ کي ڏسي آنند مان ٽپو ڏيئي کيس چنبڙڻ لڳي ٿو. ماءُ ٿوروئي پري ٿئي ته هو ڏاڍو روئڻ لڳي ٿو. ماءُ کان ذرو به پري نٿو وڃي سگهي. ماءُ نه هجي ته کيس سارو سنسار سڃو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻيو وڏو پٽ آهي. آهي ته اهو به پريم ڀاوسان ڀرپور، مگر سمجهو آهي. ماءُ کان دور رهي سگهي ٿو. هو ماءُ جي سيوا ڪري ٿو. سارو بار پنهنجي سر تي کڻي ذميواريءَ سان ڪم ڪري ٿو. ڪم ڪار ۾ لڳي ويو آهي، تنهنڪري ماءُ جو وڇوڙو سهي سگهي ٿو. ماڻهن ۾ سندس هاڪ آهي ۽ چوطرف سندس نالو ٻڌي

ٻن روپن ۾ اڪرم حالت ظاهر ٿيندي آهي. هاڻي انهن جي ڀيٽ ڪيئن ڪئي وڃي؟ ڪنهن گول شيء جي هڪ پاسي جي ٻئي پاسي سان ڀيٽ ڪريو. هڪ ئي گول شيء جا ٻه پاسا انهن جي ڀيٽ ڪريون ڪيئن؟ ٻئي پاسا هڪ جهڙي لائق، گڻ رکن ٿا. هڪ روپ ئي آهن. اڪرم جي وصف ۾ ڀڳوان هڪ کي سنياس نه ٻئي کي يوگ سڏيو آهي. ائين اکر نه ٻه آهن پر مطلب مڙيوئي هڪ آهي. سنياس ۽ يوگ ٻنهي جو حل آخر سرلتا ۽ سهوليت جي آڌار تي ڪيل آهي. سگڻ نرگڻ جو سوال به اهڙوئي آهي. هڪ جو سگڻ ڀڳت آهي، اهو اندرين جي وسيلي پرميشور جي شيوا ڪري ٿو. ٻيو جو نرگڻ ڀڳت آهي، اهو من سان سنسار جي ڀلي جو چنتن ڪري ٿو. ٻهريون ٻاهرين شيوا ۾ مگن ڏسڻ ۾ اچي ٿو مگر اندر سان چنتن هميشه ئي جاري اٿس. ٻيو ڪجهه به شيوا ڪندو نٿو ڏسڻ ۾ اچي؛ پر اندر مان سندس مها شيوا هلندي رهي ٿي. اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي ڀڳتن مان هاڻي بهتر ڪير؟ رات ڏينهن ڪرم ڪري به ذرو به ڪرم نه ڪرڻ وارو سگڻ ڀڳت آهي. نرگڻ ڀڳت سڀ جي ڀلي جو چنتن، سڀ جي چنتا ڪري ٿو. هي ٻئي ڀڳت اندر ۾ هڪ روپ آهن. البت ٻاهران جدا جدا پيا لڳن. مگر آهن ٻئي هڪ جهڙا. ٻئي ڀڳوان جا پيارا آهن. مگر سگڻ ڀڳتي وڌيڪ سولي آهي. اهڙيءَ طرح جو جواب ڀڳوان پنهجين اڌياءِ ۾ ڏنو آهي اهوئي هتي به ڏنو اٿس.

لاءِ تيار. ٻيو آهي پاڻ تي ڀاڙيندڙ. اندرين کي هميشه وس ۾ رکندڙ. سڀ جي ڀلي ۾ مگن. ڏينهن رات سماج جي نشڪام شيوا ۾ اهڙو ته محو، جو ڄڻ ايشور جو نالو ٻه ياد ڪونه ٿو اچيس. هي آهي ادويته (سيني کي سمان سمجهندڙ) توهان جو ڀڳت. هاڻي ٻڌايو ته انهن ٻنهي مان توهان جو وڌيڪ پيارو ڀڳت ڪهڙو آهي؟ ارجن جو ڀڳوان کان هيءُ سوال آهي. هاڻي جهڙو ان ماتا جواب ڏنو هو تهڙو ئي هوبهو ڀڳوان ان جو جواب ڏنو آهي. اهو سگڻ ڀڳت مونکي پيارو آهي. هو ٻيو ادوئيتي ڀڳت ٻه منهنجو ئي آهي. اهڙيءَ طرح ڀڳوان مونجهاري ۾ پئجي ويو آهي. ڪجهه نه ڪجهه جواب ڏيڻوئي آهي. ان ڪري ڏيئي ڇڏيو اٿس.

سچ پچ ڳالهه ٻه اهڙي ئي آهي. اکر ٻه اکر ٻئي ڀڳت هڪ جهڙا آهن. ٻنهي جي لائقي، درجو هڪجهڙو ئي آهي. ٻنهي جي تور تڪ ڪرڻ ڄڻ مريادا جي ڇيڙ ڪرڻي آهي. پنجين اڌياءَ ۾ ڪرم جي وشيه ۾ جنهن ارجن پڇيو آهي اهڙو ئي هنني ڀڳت جي باري ۾ پڇيو اٿس. پنجين اڌياءَ ۾ ڪرم ۽ وڪرم جي سهايتا سان انسان اڪرم جي حالت کي پهچي ٿو. هيءَ اڪرم جي حالت ٻن نمونن، ٻن روپن ۾ ظاهر ٿئي ٿي. هڪ ته رات ڏينهن ڪرم ڪندي به ڄڻ ته ذرو به ڪرم نه ڪري رهيو هجي ۽ ٻيو چوويهن ڪلاڪن ۾ هڪ به ڪرم نه ڪندي دنيا ڀر جي ڀڃ گهڙ ڪري رهيو هجي. هنن

انھيءَ ٻيڙيءَ کي ھڪ وسيلو سمجھي قدم اڳتي وڌائي ٿو. ان رستي ڏانھن سندس دل ۾ پريم جو ڀاو رھندو، دوستيءَ جو ڀاو رھندو. ھاڻي اوھين ان رستي کي دوست سمجھو، خواه دشمن. مفاصلو وڌائيندؤ، ڇٽوس خواه گھٽائيندؤ، جلد جلد قدم اوھان کي ئي کڻڻو پوندو. رستو رنڊڪ آھي يا واھڻ، اھو ته ماڻھوءَ جي پنھنجي من جي حالت يا ڀاونا تي ئي مدار رکي ٿو. ھيءَ ئي ڳالھه اندرين جي آھي. اھي رنڊڪ آھن يا وسيلا، اھو توھان جي ڀاونا تي مدار رکي ٿو.

سگڻ پوڄاريءَ لاءِ اندريون ھڪ وسيلو آھن. اندريون جڻ گل ڦل آھن جي ڪيس پرميشور کي چاڙھڻا آھن. اکين سان ھريءَ جو روپ ڏسون. ڪنن سان ھري ڪٿا ٻڌون. زبان سان ھري نام اچارڻ ڪريون. پيرن سان تيرٿ ياترا ڪريون. ھٿن سان شيوا ڪاريه ڪريون. اھڙيءَ طرح سڀني اندرين کي ھو پرميشور ارپڻ ڪري ڇڏي ٿو. اھڙيءَ حالت ۾ ھي اندريون ڀوڳ لاءِ نٿيون رھجي وڃن. گل ڦل ته ڀڳوان کي چاڙھڻ لاءِ ٿيندا آھن. گلن جي مالھا خود پنھنجي ڳچيءَ ۾ وجھڻ لاءِ نه ٿيندي آھي. اھڙيءَ طرح اندرين جو استعمال ايشور شيوا لاءِ ڪيو وڃي. ھيءَ ئي سگڻ پوڄاريءَ جي درشٽي. مگر نرگڻ پوڄاريءَ کي اندريون، وگھن روپ، رنڊڪ معلوم ٿين ٿيون. ھو ڪين سنجم ۾ رکي ٿو. چوطرف روڪي رکي ٿو. انھن جو ڪاٽو بند ڪري ڇڏي ٿو. انھن تي

٦١

سگهڻ سولو ۽ سلامت

سگهڻ ڀڳتي يوگ ۾ اندرين کان ظاهر ڪم وٺي سگهجي ٿو. اندريون يا ته واهڻ آهن يا ته رنڊڪ وجهندڙ آهن يا ٻئي آهن. اهي ماريندڙ آهن يا تاريندڙ. اهو اسان جي ڀاونا تي ٿو مدار رکي. فرض ڪريو ته ڪنهنجي ماءُ موت جي بستري تي آهي ۽ هو پنهنجي ماءُ سان ملڻ چاهي ٿو. وچ ۾ مفاصلو پندرهن ميل آهي. ان رستي تي موٽر نٿي وڃي سگهي. ور وڪڙ ڀيچرو آهي. اهڙي وقت اهو ڀيچڙو وسيلو آهي يا رنڊڪ؟ هو چوندو ڪتان جو هي بيڪار رستو اچي وچ ۾ پيو آهي، نه ته جيڪر ڪڏهين جو مان ماتا سان وڃي گڏجان ها. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ اهو رستو دشمن آهي. ڪيئن به رستو لتاڙيندو وڃي ٿو. رستي کي ڀاڙاتا به ڏيئي رهيو آهي. مگر ماتا کي ڏسڻ لاءِ هر حالت ۾ جلدي جلدي قدم کڻي رستو لتاڙي رهيو آهي. رستي کي دشمن يا رڪاوٽ سمجهي هو ڪٿي ويهي رهندو ته پوءِ ان دشمن رستي جي سوڀ ٿيندي. هو ذوم سان اڳتي وڌي ان دشمن کي جيتي سگهي ٿو. ٻيو شخص چوي ٿو هن گهاٽي جهنگل ۾ وري به اها وات آهي ته سهين. اهائي غنيمت چئجي. ڪنهن طرح ماتا تائين وڃي پهچندس. هي ڀيچڙو نه هجي ها ته هن پهاڙ تان ڪيئن وڃي سگهان ها؟ ائين چئي هو

پرميشور سمجهي انهن جي سيوا ڪرڻ گهرجي. هر هڪ ۾ پرميشور جي مورت جي ڪلپنا ڪري سنتوش ڪريو. هي ۽ سگڻ پوڄا سولي آهي پر نرگڻ پوڄا ڏکي آهي. هون ۽ ٻنهي جو مطلب، سار هڪ ئي آهي. سولائي ۽ جي خيال کان سگڻ پوڄا سٺي آهي. بس ايترو ئي سمجهڻو آهي.

سولائي ۽ کان سواءِ هڪ ٻي به ڳالهه آهي. نرگڻ پوڄا ۾ ڏپ آهي. نرگڻ گيان ميه آهي، سگڻ پريم ميه، پاونا سان ڀريل آهي. سگڻ ۾ ڪاميابي ۽ جي وڌيڪ اميد آهي. ان ۾ ڀڳتي وڌيڪ سلامت آهي. نرگڻ ۾ ڪجهه خطرو آهي. ڪو وقت هو جو مان گيان تي وڌيڪ آڌار رکندو هوس مگر هينئر مونکي آزمودو حاصل ٿيو آهي ته صرف گيان مان منهنجو ڪم پورو نه ٿيندو. گيان مان من جي اسٿول ميل جلي ڀسم ٿئي ٿي. مگر سوکيم ميل کي مٽائڻ جي طاقت ان ۾ ناهي. خود ياوري، ويچار، وويڪ ابياس، وئراڳ انهن سڀني ذريعن کي ڪٽي ونو ته به من جي سوکيم ميل انهن سان نٿي مٽجي سگهي. ڀڳتي ۽ روپي پاڻي ۽ جي مدد کانسواءِ هي ۽ ميل نه ٿي ڌوپجي سگهي. ڀڳتي ۽ روپي پاڻي ۽ ۾ ئي هي ۽ شڪتي آهي. جي چاهيو ته انکي پراولمبي چئو. مگر ”پر“ جو جو مطلب ٻيو نه پر سرشٽ پرماتما ۽ آولمبن يعني ان جو آڌار اهوئي مطلب ڪريو. پرماتما جي سهاري کانسواءِ چت جي ميل ناس نٿي ٿئي.

ڀھرو رکي ٿو. مگر سگڻ ڀڳت کي ھي سڀ ڪجھہ ڪرڻو نٿو پوي. ھو سيني اندرين کي ھري چرن تي چاڙھي ڇڏي ٿو. ھي ٻئي رستا اندريون جيتڻ جا ئي آھن. اندرين کي وس ۾ رکڻ جا ھي ٻئي نمونا آھن. اوھين ڪنھن ۾ رستي کي وٺي اڳتي وڌو. مگر اندرين کي پنھنجي ضابطي ۾ رکو. مقصد ٻنھي جو ھڪ ئي آھي. انھن کي حرص حواسن ۾ نہ ڦٽڪڻ ڏيو. ھڪ سولو آھي ٻيو ڏکيو آھي.

نرگڻ پوڄاري سڀ جي ڀلي ۾ مست ھوندو آھي. ھيءَ ڪا معمولي ڳالھہ ناھي. سڄي جڳت جو ڪلياڻ ڪرڻ، ڇوڻ سولو آھي پر ڪرڻ ڏکيو. جنھن کي سڄي سنسار جي ڪلياڻ جي چنتا آھي اھو ان چنتن ڪان سواءِ ٻيو ڪجھہ نٿو ڪري سگھي. انڪري نرگڻ پوڄا ڏکي چئي ويئي آھي. سگڻ پوڄا پنھنجي وت آھر گھڻن ئي نمونن ڪري سگھجي ٿي. جتي اسان جو جنم ٿيو ان ننڍڙي ڳوٺ جي شيوا ڪرڻ يا ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ سگڻ پوڄا آھي. بس ان ۾ ايترو ڌيان رکڻو آھي تہ اسان جي ھيءَ پوڄا جڳت جي ڪلياڻ جي خلاف تہ نہ آھي. اوھان جي شيوا ڪيتري بہ ننڍي، ڪيتري بہ ٿوري ڇو نہ ڪٽي ھجي، اھا جي ٻين جي ڀلي ۾ رنڊڪ نہ وجھندي ھجي تہ اوس ڀڳتيءَ جي درجي تي پھچي ويندي. نہ تہ اھا شيوا موھہ جو روپ اختيار ڪندي. اسان جا ماتا پتا ھجن، ڏکي پيڙ پائر ھجن، ساڌو سنت ھجن،

٦٢

نرگڻ سواءِ سگڻ به اڻپورو

جئن سگڻ پوڄا جي فائدي ۾ سولائيءَ ۽ سلامتيءَ جو دليل ڏنو ويو آهي، تئن نرگڻ جي فائدي ۾ به ڏيڻي سگهجي ٿو. نرگڻ ۾ مريادا رهندي آهي. جئن اسين جدا جدا ڪمن لاءِ، شيوا لاءِ سنستائون ڪڙيون ڪندا آهيون. سنستائون ڪڙيون ٿينديون آهن سو پهرين شخص جي ڪارڻ. اهو شخص مکيه آڌار رهي ٿو. پر جئن جئن ان جي ترقي ٿيندي ويندي، تئن تئن اها شخصي ڀروسو رکندڙ نه رهي، اصول پرست ٿي وڃڻ گهرجي. جيڪڏهن اصول پرستي پيدا نه ٿي ته انساه ڏيندڙ شخص جي هلڻ وڃڻ تي ان سنستا ۾ اونده پيدا ٿي ويندي. مان پنهنجو دل پسند مثال ڏيان ٿو ته چرخي جي مالها ٽٽڻ تي سٽ ڪتڻ نه پري رهيو پر ڪتيل سٽ ويڙهڻ به ڏکيو ٿيندو آهي. اهڙي حالت ان شخص جي آڌار ٽٽندي، ان سنستا جي ٿي ويندي آهي. پوءِ اها اناٿ ٿي ويندي آهي. پر جي شخصي ڀروسي مان اصول پرستي پيدا ٿئي ته پوءِ ائين نه ٿي سگهندو. سگڻ کي نرگڻ جي مدد گهرجي. ڪڏهن نه ڪڏهن ته شخص ڪان، مندر گهيري کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو اڀياس هئڻ گهرجي. گنگا هماليه مان، شنڪر جي جٽائن مان نڪتي پر اتيئي بيٺي نه رهي. اتهن جٽائن مان نڪري هوءَ هماليه جي برف جي چٽن،

ڪو ائين چوندو ته هتي گيان شبد جو ارٿ تنگ ڪيو ويو آهي. جيڪڏهين گيان سان چت جي ميل ڌوپجي لٿي سگهي ته مان هن الزام کي قبول ڪريان ٿو، ته پوءِ گيان جو درجو گهٽ ٿي ويندو. مگر منهنجو چوڻ هيءُ آهي ته شڌ گيان هن مٿيءَ جي پتلي کي ٿي نٿو سگهي. هن ديہ ۾ رهندي جو گيان ٿيندو اهو ڪيترو به شڌ ڇو نه هجي، ڪجهه نه ڪجهه اُن ۾ ڪمي هوندي. هن ديہ ۾ جو گيان پيدا ٿيندو ان جي طاقت محدود ٿي رهندي. جيڪڏهن شڌ گيان پيدا ٿيو ته پوءِ ان سان ساري سنسار جي ميل ڀسم ٿي ويندي. ان ۾ مونکي ذرو به شڪ ناهي. چت سميت سڀ ميل کي ڀسم ڪرڻ جي طاقت گيان ۾ آهي. مگر هن وڪارن ڀريل ديہ ۾ گيان جو ٻل اڌورو رهجي وڃي ٿو. انڪري ان سان سوڪيم ميل ٻاڙون پٽڻ مشڪل آهي. انڪري ڀڳتيءَ ۾ آدمي وڌيڪ سلامت آهي. 'وڌيڪ' اکر منهنجوئي سمجهو. سگڻ ڀڳتي سولي آهي. ان ۾ پرميشور جو آڌار آهي. نرگڻ ۾ پاڻ تي آڌار آهي. هن ۾ ته پاڻ جو به ارٿ ذرا سوچيو. پنهنجي اندر واري پرماتما جو آڌار، اهوئي ان جو مطلب آهي. اهڙو ڪو آدمي نه ملندو جو صرف پنهنجي بڌيءَ سان ئي شڌ ٿي ويو هجي. ها، پاڻ تي آڌار يعني اندرئين آتم گيان مان شڌ گيان پراپت ڪرڻ. مطلب ته نرگڻ ڀڳتيءَ ۾ پاڻ تي آڌار جو مطلب به آخر آتما جوئي آڌار آهي.

پهرين شخص لاءِ پوءِ سنستا لاءِ پريم. پر هي ٻئي ڪمزور آهن. جڏهن آخر اصول ۾ ڀروسو پيدا ٿيندو تڏهن سنستا فائديمند ٿي سگهندي. انساه جو وهڪرو جيتوڻيڪ سگڻ کان شروع ٿيو ته به اهو نرگڻ سمندر ۾ وڃي پوڻ گهرجي. نرگڻ جي نه هئڻ تي سگڻ عيبن وارو ٿي وڃي ٿو. نرگڻ جي مريادا سگڻ کي سنڀالي رکي ٿي. انڪري سگڻ نرگڻ جو احسانمند آهي.

ڇا هندو، ڇا عيسائي ۽ ڇا اسلام سڀني ڌرمن ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني ۾ مورتي پوڄا هليل آهي. ڀلي گهٽ درجي جي مڃيل هجي، پر مڃيل آهي ضرور ۽ اها مهان به آهي. پر جيسين اها مورتي پوڄا نرگڻ جي حد اندر آهي تيسين اها نردوش رهندي آهي. ان حد جي ڀلي ٿيڻ تي ئي سگڻ ۾ دوش پيدا ٿيندو آهي. ڪنهن به ڌرم جي سگڻ کي وٺو. نرگڻ روپي حد جي نه هئڻ ڪري اهو زواليت کي پهچندو آهي. پهرين يگيه ۾ پسون هتيا ٿيندي هئي. اڄ به شڪتي ديويءَ اڳيان بل چاڙهيندا آهن. هي مورتي پوڄا دوارن ئي ظلم ٿي ويو آهي. مريادا کي ڇڏي مورتي پوڄا غلط رستي تي هلي وئي آهي، پر جي اها نرگڻ نشٺا جي حد اندر رهي ته پوءِ هي انديشو نه رهندو.

گهاٽين ماترين، جهنگلن کي پار ڪندي ميدانن ۾ چل چل ڪندي وهندي جڏهن آئي، تڏهن جڳت جي لوڪن جي ڪم اچي سگهي. انڪري سنستا کي ۽ شخص جو آڌار ٽٽي وڃڻ تي، اصولن جي مضبوط ٿنين تي ڪٽرو ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. جڏهن جاءِ ۾ ڪمان ٻڌ ندا آهن ته ٻهرين ان کي سهارو ڏيندا آهن. مگر پوءِ اهو سهارو ڪيڏي ڇڏيندا آهن. ان سهاري کي ڪيڏي ڇڏڻ تي جي ڪمان ٽڪي رهي ته ڄڻبو آهي ته اهو آڌار نيڪ هو. اهڙيءَ طرح ٻهرين انساه جو وهڪرو سگهڻ کان هليو پر آخر ان جي پڇاڙي اصول پرستي، نرگڻ ۾ هئڻ گهرجي. ڀڳتيءَ جي ٻيٽ مان گيان پيدا ٿيڻ گهرجي. ڀڳتيءَ جي ول مان گيان جا گل ڦٽڻ گهرجن.

ٻڌ ديو جي ڌيان ۾ هيءَ ڳالهه اچي ويئي هئي. انڪري هن ٽن پرڪارن جون نشانيون ٻڌايون آهن. ٻهرين شخصي نشنا هجي ته ان مان اصول نشنا ۽ جي پوءِ اصول نشنا نه ٻه هجي ته گهٽ ۾ گهٽ سنستا نشنا پيدا ٿيڻ گهرجي. اڃا تائين جو هڪ شخص لاءِ عزت هئي اها ڏهن پندرهن شخصن لاءِ هئڻ گهرجي. سنستا لاءِ جي گڏيل پريم نه هوندو ته پاڻ ۾ اٽڪٽ رهندي. جهيڙا جهٽا شروع ٿي ويندا. تنهڪري شخصي ڀروسو ڇڏي سنستا جو ڀروسو وٺڻ گهرجي ۽ پوءِ اصول پرستي اچڻ گهرجي. انڪري ٻڌ ڌرم ۾ ٽي ڀروسا ٻڌايل آهن.

لشڇنت رهندس. منهنجي عيوضي طور تون هتي رهه. مان ٻن ۾ وڃي رهيو آهيان. انهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته ڪنهن مصيبت ۾ وڃي رهيو آهيان، ٻالڪ رشين جي آشرم ۾ وڃي رهيو آهيان." اهڙيءَ طرح رام لڪشمڻ کي سمجهايو. مگر لڪشمڻ رام جي سڄي ڳالهه هڪ ئي اکر ۾ اڏائي ڇڏي. هڪ ڏک سان ٻه ٽڪر ڪري ڇڏي. تلسيداس هن جو سندر ورڻن ڪيو آهي. لڪشمڻ چوي ٿو، "اوهان مون کي عمدو رستو ٻڌايو آهي. مونکي ان جو پالڻ ڪرڻ گهرجي. مگر هي راڄنيتيءَ جو بوجو مون کان نه کڄي سگهندو. اوهان جي عيوضي ٿيڻ جي طاقت مون ۾ ڪانهي. مان ته اڃا ٻار ئي آهيان.

"اوهان جي سکيا آهي سندر سٺي،
انئين ڪرڻ گهرجي مون ٻزدل نه ٿي.
آهي راڄنيتي وڏو ٻار ڀاري،
منهنجي لاءِ مشڪل اها ڪاروباري.
توهان جو ٻڻي عيوضي ڪيئن سگهان مان،
سنڌء پريم پياسي مان هڪ ٻار آهيان.
ميرو جبل جيئن سياست اِها،
آهي مون لئہ مشڪل، نه طاقت اِها."

"هنس ڇا ميرو مندر جا ٻار کڻي سگهندو؟ رامچندر! منهنجو ته اڄ تائين اوهان جي پريم لئي ئي گذر ٿيو آهي. هيءُ راڄنيتيءَ جو ٻار ڪنهن ٻئي تي وجهو. مان ته اڃا ٻالڪ آهيان." هيءُ چئي لڪشمڻ ساري ڳالهه ختم ڪئي.

٦٣

سگڻ نرگڻ ٻئي هڪ ٻئي جا پوروڪ-
رام چرتر جا مثال

سگڻ سولو ۽ سلامت آهي. مگر سگڻ کي نرگڻ جي ضرورت آهي. سگڻ جي ترقي ٿي ڪري ان ۾ نرگڻ روپي، اصول نشنا روپي گلن جي ڀاري اچڻ گهرجي. نرگڻ سگڻ هڪ ٻئي جي پورائي ڪندڙ آهن، ورودي آهن. سگڻ کان نرگڻ تائين منزل طئہ ڪرڻ گهرجي. نرگڻ کي ٻہ چت جي سوکيم ميل ڌوئڻ لاءِ سگڻ جي مدد ضروري آهي. ٻنهي جي هڪ ٻئي سان سوپيا آهي. هيءَ ٻنهي نمونن جي ڀڳتي رامائڻ ۾ تمام چڱي ڀي نگہ سان ڏيکاري ويئي آهي. ايوڌيا ڪانڊ ۾ ٻئي نمونا اچي ويا آهن. انهن ٻنهي ڀڳتن جو بيان رامائڻ ۾ آهي. ڀرت جي ڀڳتي ڀهرين نمولي جي ۽ لڪشمڻ جي ڀڳتي ٻئي نمولي جي. انهن جي مثالن مان نرگڻ ۽ سگڻ ڀڳتيءَ جو ڀيد سمجهہ ۾ اچي ويندو.

رام جڏهن بنواس وڃڻ لڳو تہ هو لڪشمڻ کي ساڻ وٺي وڃڻ لاءِ تيار نہ هو. رام کي ڪيس ساڻ وٺي وڃڻ جي ضرورت محسوس نٿي ٿي. رام لڪشمڻ کي چيو، ”تون هتي رهہ. مون سان گڏ هلي پنهنجي دکي ماتا پتا کي وڌيڪ دکي نہ ڪر. تنهن ڪري تون ماتا پتا ۽ پرجا جي شيوا ڪر. تون انهن وٽ رهندين تہ مان

جهمبو سٽو سنوانو رهيو. ڪڏهن ذرو به نه جهڪيو. خود ڀنتي رهي رام جو جس ڦهلائيندو رهيو. رام وڏا وڏا ڪم لڪشمڻ کان ڪرائيندو هو. سيتا کي آخري ڇڏي اچڻ جو ڪم به لڪشمڻ کي ئي سونپيو ويو. لڪشمڻ اهو پورو ڪيو. لڪشمڻ جي الڳ ڪا هستي ئي ڪين رهي هئي. رام جون اکيون، رام جا هٿ پير، رام جو من هو بڻجي ويو هو. جيئن ندي سمنڊ ۾ ملي ويندي آهي تيئن لڪشمڻ جي شيوا رام ۾ ملي ويئي هئي. هو رام جو پاڇو بڻجي پيو هو. لڪشمڻ جي هيءَ ڀڳتي سگڻ هئي.

ڀرت جي ڀڳتي نرگڻ هئي. ان جو به تلسيداس تمام سندر ورنن ڪيو آهي. جڏهن رام بن ڏانهن ويو تڏهن ڀرت ايوڌيا ۾ نه هو. جڏهن ڀرت آيو ته دسرٿ مري چڪو هو. گرو وشسٽ ڪيس سمجهائي رهيو هو ته تون راڄ ڪر. پر ڀرت چيو مونکي رام سان ملڻو آهي. رام سان ملڻ لاءِ اندر ۾ ڏاڍي آنڌ مانڌ هئس. پر گڏو گڏ راڄ جو ڪم ڪار به ڪري رهيو هو. سندس چاهنا اها هئي ته هي راڄ رام جو آهي. ان جو بندوبست ڪرڻ رام جوئي ڪم ڪرڻو آهي. سڄو راڄ ڪاڄ سواميءَ جو آهي، صرف ان جو انتظام ڪرڻ ڪيس پنهنجو فرض معلوم ٿيو. لڪشمڻ وانگر ڀرت مڪت ٿي نٿي سگهيو. هيءَ ڀرت جي ڀومڪا آهي. رام جي ڀڳتيءَ جو مطلب آهي رام جو ڪم ڪرڻ گهرجي، نه ته اها ڀڳتي ڪهڙي ڪم جي؟ راڄ ڪاڄ

مڇي جئن پاڻيءَ کان پري رهي نٿي سگهي اهڙيءَ طرح لڪشمڻ رام کان جدا نٿي ٿي سگهيو. رام کان دور رهڻ جو ٻل منجهس ڪونه هو. سندس روم روم ۾ رام لاءِ پريم هو. جڏهن رام سمهي پوندو هو، ته هو خود جاڳندو هو، ان جي شيوا ڪندو هو. ان ۾ ئي کيس آنند معلوم ٿيندو هو. اسان جي اک ۾ ڪو پٿر اچلي ته يڪدم هٿ مٿي کڄي اک تي پوندو آهي ۽ پٿر جو ڌڪ هٿ سهندو آهي. اهڙيءَ طرح لڪشمڻ رام جو هٿ ٻڻجي پيو هو. رام تي جيڪڏهن ڪو حملو ٿئي ته پهرين لڪشمڻ ان کي سهن ڪندو هو. تلسيداس لڪشمڻ لاءِ هڪ سندر درشٽانت ڏنو آهي. جهنڊو اُوچو ڦڙڪي رهيو آهي. گان- وندنا سڀ جهنڊي جي ڪندا آهن. ان جي رنگ شڪل وغيره جا گيت ڳايا ويندا آهن. مگر سندس سڌي ڏنڊي کي ڪير ٿو پڇي. رام جي جس جو جهنڊو جو ڦڙڪي رهيو آهي، ان جو ڏنڊي جهي نموني آڌار لڪشمڻ ئي هو. هو سڌو ايو ڪڙو رهندو هو. جهنڊي جو ڏنڊو ڪڏهن جهڪي نٿو سگهي، اهڙيءَ طرح رام جي جس کي ڦڙڪائيندڙ لڪشمڻ روپي ڏنڊو ڪڏهن ٻه نه جهڪيو. جس ڪنهنجو؟ رام جو! سنسار کي جهنڊو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مگر ڏنڊي کي ته ڪير پڇي به نٿو. چوٽي ڏسجي ٿي، پاڙ، بنياد ڪنهن کي به نه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. رام جو جس سنسار ۾ ڦهلجي رهيو آهي. مگر لڪشمڻ کي ڪير ياد به ڪري ٿو؟ چوڏهن سال هي

اڄ ڪالهه جا جوان چون ٿا رام جو نالو، رام جي ڀڳتي، رام جي اپاسنا، هي سڀ اسان جي سمجهه ۾ نٿي اچن. اسين نه ڀڳوان جي ڪرم ۾ وشواس رکون ٿا نه ڀڳوان جو ڪرم ڪيئن ڪرڻ گهرجي. ان جو نمونو ڀرت ڏيکاريو آهي. ڀڳوان جو ڪرم ڪندي ڀرت وڇوڙي کي هضم ڪري ڇڏيو هو. ڀڳوان جو ڪرم ڪندي ڀڳوان جي وڇوڙي کي محسوس ئي نه ڪرڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ ڀڳوان کي ياد ئي نه ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي. ڀڳوان جو ڪرم ڪندي سنجم سان جيون گهارڻ اڄ ڪالهه اڻلڀ آهي. جيتوڻيڪ ڀرت جي هيءَ ورتي نرگڻ روپ سان ڪرم ڪرڻ جي هئي، ته به ان ۾ سڳڻ جو آڌار نٿي ڪين ويو هو. "ڀريو رام اوهانجي آڳيا مونکي اکين تي آهي، اوهين جيڪي چوندا اهو مڃيندس، اهوئي ڪندس. ان مونکي ۾ ڪجهه به شڪ نه ٿيندو." ائين چئي ڀرت جيئن واپس وڃڻ لڳو ته پٺتي رام طرف نهارڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو، "ڀڳوان من کي تسلي نٿي ٿئي. ڪجهه نه ڪجهه بار محسوس ٿئي ٿو." رام ڀرت سندس خيال سمجهي ورتو ۽ چيو "هي چاکڙيون کڻي وڃ." آخر سڳڻ جي لاءِ آڌار رهيو ئي. نرگڻ کي سڳڻ آخر پڄائي ٿي ڇڏيو. لڪشمڻ کي چاکڙين وٺڻ ۾ تسلي نه ٿئي ها. سندس لاءِ ته هيءَ ڪير جي ٻڪ لسي سان لاهڻ وانگر ٿئي ها. ڀرت جي حالت هن کان جدا هئي. هو ٻاهران دور رهي ڪرم ڪري رهيو هو پر من ۾ رام سان ڀرپور هو. ڀرت جيتوڻيڪ پنهنجي فرض پالڻ ۾ ٿي

جو سڄو انتظام ڪري، ڀرت رام سان گڏجڻ لاءِ ٻن ۾ آيو آهي. ”ڀائي، هي اوهان جو راڄ آهي. اوهان ...“ جئن ئي چوڻ تي چاهيائين تئن رام ڪيس چيو ته، ”ڀرت، تون راڄ ڪر.“ ڀرت الجهن ۾ پئجي ويو ته. ڀرت چيو ته ”اوهان جو حڪم اکين تي.“ رام جو حڪم مڃڻ ئي ڀرت جو ڌرم هو. هن سڀ ڪجهه رام جي مٿان صدقي ڪري ڇڏيو هو. هو موٽي ويو راڄ ڪاج ڪرڻ لڳو. مگر تعريف جوڳي ڳالهه هيءَ آهي ته ايودڌيا کان ٻه ميل پري تپسيا ڪندو رهيو. تپسوي رهي ڪري راڄ ڪاج هلايائين. آخر جڏهن رام ڀرت سان مليو تڏهن هي سڃاڻڻ مشڪل ٿي پوي ٿو ته انهن مان ٻن ۾ ويل سڄو تپسوي ڪير آهي. ٻنهي جا هڪ جهڙا چهرا ۽ عمر ۾ ٻه ٿورو فرق. مکه، چهري تي اهڙي تپسيا جا تجلا. ٻنهي کي ڏسي ڪير سڃاڻي نٿي سگهيو ته هن ۾ رام ڪير، ڀرت ڪير. جيڪڏهن ڪو نقاش اهڙي مورت چٽي ته اها کهڙي نه پوتر ٿئي! اهڙيءَ طرح ڀرت جي جسماني طور رام کان پري هو پر مانسڪ طور گهڙي ٻه پري ڪين هو. جيتوڻيڪ هڪ طرف هو راڄ ڪاج سنڀالي رهيو هو ته ٻه مانسڪ طور هو رام جي ويجهو ئي هو. اهڙيءَ طرح نرگڻ ۾ سگهڻ ڀڳتي ڪنين تار ڀريل آهي. تنهنڪري اتي وڇوڙي جي ٻولي ٻولڻ ئي ڏکي ٿي پوي ٿي. ڀرت کي رام جو وڇوڙو معلوم نٿي ٿيو، ڇو ته هو پنهنجي پرڀوءَ جو ڪم ڪري رهيو هو.

ناهي. هتي سگڻ ۽ نرگڻ ٻئي هڪ ٻئي ۾ گڏيا مسيا پيا آهن. سگڻ نرگڻ جو آڌار ڪنهن به نموني نٿو ٽوڙي سگهي. نرگڻ کي سگڻ جي رس جي ضرورت ٿئي ٿي. جو انسان سدائين فرضي ڪرم ڪندو رهي ٿو، سو انهيءَ ڪرم روپ ۾ پوڄا ئي ڪري رهيو آهي. مگر ان پوڄا سان رس، آلاڻ گهرجي. 'منهنجو سمرڻ ڪندي ڪرم ڪريو.' ڪرم خود به پوڄا ئي آهي پر من ۾ ڀاونا زنده هئڻ گهرجي. فقط گل چاڙهڻ ئي پوڄا ناهي. ان ۾ ڀاونا ضروري آهي. گل چاڙهڻ پوڄا جو هڪ نمونو آهي. ست ڪرم دواران پوڄا ڪرڻ ٻيو نمونو آهي. پر ٻنهي ۾ ڀاونا روپي رس ضروري آهي. گل چاڙهي ڇڏيءَ پر ان ۾ ڀاونا نه رهي ته اهي گل ڄڻ پٿر تي ئي چاڙهيا. تنهنڪري مول چيز ڀاونا ئي آهي. سگڻ ۽ نرگڻ، پريم، گيان ۽ ڀڳتي، هي سڀ چيزون هڪ روپ ئي آهن. ٻنهي جو آخرين انيؤ هڪ ئي آهي.

اوڌو ۽ ارجن جي ڳالهه ونو. رامائڻ مان هڪدم، مهاڀارت ۾ اچي پيس. ان جو مونکي حق به آهي. ڇو ته رام ۽ ڪرشن ٻئي هڪ روپ آهن. جئن ڀرت ۽ لڪشمڻ تئن اوڌو ۽ ارجن. جتي ڪرشن اتي اوڌو موجود ئي آهي. اوڌو کي ڪرشن جو ڪن ڀر وڇوڙو به سٺو نه ٿي ٿيو. هو لڳاتار ڪرشن جي شيوا ۾ مست رهندو هو. ڪرشن بنا کيس سارو سنسار ڦڪو لڳندو هو. ارجن به ڪرشن جو ساٿي هو. پر هو پري دهليءَ ۾ رهندو هو. ارجن

رام ڀڳتي ڪندو هو ته به ڪيس چاڪرن جي ضرورت
محسوس ٿي ٿي. ان جي نه هئڻ تي هو راج ڪاج نٿي
ڪري سگهيو. انهن چاڪرن جي آگيا جي روپ ۾ هو پنهنجو
فرض پالي رهيو هو. جئن لڪشمڻ رام جو ڀڳت هو، تئن
ڀرت به هو. ٻنهي جي پوڄا ٻاهران الڳ الڳ هئي.
ڀرت جيتوڻيڪ فرض پاليندڙ هو، اصول نشٺا وارو هو
ته به سندس اصول نشٺا کي چاڪرن جي سهاري جي
ضرورت محسوس ٿي.

٦٤

سگڻ نرگڻ هڪ ٻئي جا پورڪ-
ڪرشن چرتر جا درشٽانت

هري ڀڳتيءَ روپي رس ضرور هئڻ گهرجي. انڪري ئي
ڀڳوان ارجن کي وري پڻي چيو آهي، "ارجن مون ۾
موه رک. منهنجي رس جو سهارو وٺ ۽ پوءِ ڪرم ڪندو
رهه." جنهن ڀڳوت گيتا کي موه اکر نه ته وٺي ٿو، نه
سمجهي ٿو، جنهن ور ور ڪري ئي چيو آهي نرموهي
ٿي ڪرم ڪريو، ڪاوڙ ڪروڌ ڇڏي ڪرم ڪريو،
بي رياءُ ٿي ڪرم ڪريو، "نرموه" نرليپ جنهن جو
تاڃي ۽ پيٽو آهي، اهائي گيتا چوي ٿي ته ارجن مون
۾ موه رک. پرهتي ياد رکڻ گهرجي ته ڀڳوان ۾ موه رکڻ
تمام اوچي ڳالهه آهي. اهو ڪنهن دنيوي چيز سان موه

هليو. رستي ۾ حصار وٽ پنجابي چورن کيس لٽيو ڦريو. جو ارجن ان زماني جو اڪيلوئي جوان مرد سڏبو هو، جو لاثاني بهادر مشهور هو، جو هار نه ڄاڻندوئي ڪين هو ۽ ان ڪري ئي سنڌس نالو جيپ پئجي ويو هو، جنهن ساڪيات شنڪر سان مقابلو ڪيو ۽ کيس جهڪائي ڇڏيائين، تنهن اجمير جي طرف ڀڄي جان بچائي. ڪرشن جي هلي وڃڻ جو سنڌس من تي ڏاڍو اثر ٿيو. جڻ سنڌس ٻران پکيئڙو هليو ويو هو. باقي وڃي شرير جو پنلو بچيو هو. مطلب ته هميشه ڪرم ڪندڙ ڪرشن کان دور رهندڙ نرگڻ ڀڳمت ارجن کي آخر ۾ هئي وڃوڙو سهڻ مشڪل ٿي پيو. ان جي نرگڻ کي آخر ۾ وڇوڙي بريءَ طرح گهايل ڪري رکيو. جڻ ته سنڌس سڀ ڪرم ئي ختم ٿي ويا. سنڌس نرگڻ کي آخر سگڻ جي ڪميءَ جو انيؤ مليو. مطلب ته سگڻ کي نرگڻ ۾ وڃڻو پوي ٿو، نرگڻ کي سگڻ ۾ اچڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻنهي ۾ پورڻتا اچي ٿي.

٦٥

نرگڻ سگڻ لاءِ منهنجا آزمودا

ان ڪري جڏهن هيءَ سمجهاڻي جي نوبت اچي ٿي ته سگڻ ڀوڄاريءَ ۽ نرگڻ ڀوڄاريءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي ته زبان بند ٿي وڃي ٿي. نرگڻ سگڻ آخر ۾ وڃي هڪ

ڪرشن جي ڪم ڪرڻ ۾ وشواس رکندڙ هو. ڪرشن دوارڪا ۾ ته ارجن هستناپور ۾. اهڙو ٻنهي جو لاڳاپو هو. جڏهن ڪرشن کي ديهه ڇڏڻ جي ضرورت محسوس ٿي ته ان اوڌوءَ کي چيو ته ”اوڌوءَ هاڻي مان وڃي رهيو آهيان.“ اوڌوءَ چيو ”ڇا مونکي گڏ نه وٺي هلندا؟ اسين ٻئي گڏ ٿي هلنداسين.“ مگر ڪرشن چيو ته ”هي مونکي پسند ناهي. سورج پنهنجو تيج اگنيءَ ۾ رکي سگهندو آهي. اهڙيءَ طرح مان پنهنجي جوت تو ۾ ڇڏي وڃان ٿو.“ ائين ڀڳوان ڪيس سمجهايو ۽ ڪيس روانو ڪيائين. پوءِ ياترا ۾ اوڌوءَ کي مئتري رشيءَ کان رستي ۾ معلوم ٿيو ته ڪرشن ته پرمڌام پڌاريو. پر سندس من تي ڪجهه به اثر ڪونه ٿيو. ڄڻ ته خاص ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. ”گرو مٺو، چيلو رٺو، ٻنهي جوگيان ھٺيو نٺو“ اهڙو حال سندس ڪين ٿيو. ڄڻ ته وڇوڙو ٿيو ئي ڪين هو. هن ساري جيون سگڻ پوڄا ڪئي هئي. پرميشور جي نزديڪ ٿي رهندو هو. پر هاڻي ڪيس نرگڻ ۾ ٿي آنند اچڻ لڳو هو. اهڙيءَ طرح ڪيس نرگڻ جي منزل طئه ڪرڻي پيئي. سگڻ ڀهرين، پر ان جي پٺيان نرگڻ جي ڏاڪڻ اچڻ ٿي گهرجي، نه ته پورنتا ڪين ايندي.

ان کان الٽو حال ارجن جو ٿيو. سري ڪرشن ڪيس ڇا ڪرڻ لاءِ چيو هو. پاڻ کان پوءِ سڀني استرين جي رکيا جو ڪم ڪيس سونپيو هئائين. ارجن دهليءَ مان آيو ۽ دوارڪا مان سري ڪرشن جون سڀ استريون وٺي

درجي جي انتي خوب پريل آهي. مان گهڻو ڪري
زياده چڱيلائيءَ جا خط نه لکندو آهيان. پر ڪنهن به
دوست کي خط نه لکڻ تي به اندر ۾ سندس لڳاتار
سمرڻ ٿيندو رهندو آهي. خط نه لکڻ تي به اندر ۾ سندس
ياد ڀرپور رهندي آهي. نرگڻ ۾ اهڙيءَ طرح سگڻ گپت
رهندو آهي. سگڻ ۽ نرگڻ ٻئي هڪ روپ ئي آهن.
ظاهر ظهور مورتي ڪڍي ان جي پوڄا ڪرڻ، ظاهر شيوا
ڪرڻ ۽ اندر ۾ من سان هميشه سنسار جي ڪلياڻ جو
چنتن ڪرڻ، پر ٻاهران پوڄا جي ڪريا نه ڏسڻ، انهي
ٻنهي جو هڪ جهڙو ملهه ۽ وزن آهي.

٦٦

سگڻ نرگڻ ۾ درشٽي ڀيد

آخر مون کي جيڪي چوڻو آهي سو هيءُ ته سگڻ ڇا،
نرگڻ ڇا، ان جو فيصلو ڪرڻ به آسان ناهي. هڪ طرح
جو سگڻ آهي، اهو ٻيءَ طرح نرگڻ ٿي سگهي ٿو. سگڻ
جي شيوا هڪ پٿر مورتيءَ سان ڪئي وڃي ٿي. ان پٿر
۾ ڀڳوان جي ڪلپنا ڪئي وڃي ٿي. اسان جي ماتا ۽
سنتن ۾ صاف آتما ظاهر آهي. انهن ۾ گيان، پريم، دلي
ڀاونا صاف ظاهر آهي. انهن ۾ گيان، پريم دلي ڀاونا
صاف ظاهر آهي. پر انهن ۾ پرماتما براجمان آهي، اها
ڀاونا رکي پوڄا نٿا ڪن. هي سڀ چيتن، سپني کي

تين ٽا. ڀڳتيءَ جو جهرڻو ڀهرين سڳڻ مان نڪتو، تہ بہ وڃي نرگڻ کي ملي ٿو. هڪ دفعي مان وئڪم جي ستياگرهہ ڏسڻ لاءِ ويو هوس. جڏهن جاگرافي پڙهي هيم تہ مون ياد ڪري ڇڏيو هو تہ ملبار جي ڪناري شنڪر آچاريہ جو جنم آستان آهي جتان مان لنگهي وڃڻو هوس. اتي ڪٿي پرسان ڀڳوان شنڪر آچاريہ جو ڪالڙي ڳوٺ هوندو، ائين مون کي لڳو ۽ مون پنهنجي ملباري ساٿيءَ کان پڇيو. هن چيو، ”هتان ڏهہ ٻارهن ميل دور آهي. اوهين وڃڻ چاهيو ٿا ڇا؟“ مون انڪار ڪيو. مان ستياگرهہ لاءِ وڃي رهيو هوس. تنهن ڪري ٻئي طرف وڃڻ واجب نہ لڳو. ان وقت اهو ڳوٺ ڏسڻ نہ ويس. مونکي اڄ ٽائين پيو لڳي تہ ائين ڪري مون نيڪ ئي ڪيو. پر رات جو جڏهن مان سمهيس تہ اهو ڪالڙي ڳوٺ، شنڪر آچاريہ جي مورت، منهنجي اکين سامهون ور ور ڪري اچڻ لڳي. منهنجي ننڊ اڏامي وئي. اهو آزمودو مون کي اڄ بہ جٿن جو تٿن ٿي رهيو آهي. شنڪر آچاريہ جو اهو گيان جو پرڪاش، ان جي اها ايشوري ادوئيت نشٺا اڳيان ڦهليل هن سنسار کي ڪوڙو ثابت ڪندڙ، اعليٰ چمڪندڙ ونراڳ، سندس گنڀير ٻولي ۽ مون لئي ٿيل سندس بي انت اپڪار، انهن سڀني جي مون کي ور ور ڪري ياد اچڻ لڳي. تڏهن مون کي انڀو ٿيو تہ هن نرگڻ ۾ ڪيٽن سڳڻ لباس پريل آهي. ظاهري ملاقات ۾ بہ اينترو پريم جو انڀو نٿو ٿئي. نرگڻ ۾ سڳڻ جي اوچي

نه ڪرم نه ڪندڙ، ڇو ته ڪلاڪ ڪجهه، نه ڪرم نه ڪندي نه سڀ ڪرم ڪندڙ، اهڙا ئي يوڳي ۽ سنياسي ٻئي هڪ روپ آهن. ٻنهن ئي هني نه سمجهو. سڳڻ ڪرم يوڳ ۽ نرڳڻ سنياس يوڳ ٻئي هڪ ئي آهن. سنياس بهتر يا يوڳ، ان جو جواب ڏيڻ لاءِ جتن ڀڳوان کي ڏکيائي آئي، تن هتي نه مشڪل آهي. آخر ۾ سولائيءَ ۽ ڏکيائيءَ جي گهٽ وڌائيءَ سان جواب ڏيڻو پيو. نه ته ڇا يوڳ، ڇا سنياس، نه ڇا سڳڻ، ڇا نرڳڻ، ٻئي هڪ روپ آهن. پڇاڙيءَ ۾ ڀڳوان چوي ٿو ”تون سڳڻ آهين چاهي نرڳڻ، پر ڀڳت ضرور آهين. گول مول پٺر نه آهين.“ هي ڇٺي آخر ڀڳتن جا لڇڻ ٻڌايا اٿس. امرت منو هوندو، مگر اسان کي سندس ميناج چکڻ جو موقعو نه مليو. مگر هي لڇڻ صاف منا آهن. ان ۾ ڪلپنا جي ضرورت ناهي. انهن لڇڻن کي آزمائي ڏسڻ گهرجي. ٻارهين اڌياءَ جا هي ڀڳت لڇڻ، استر ٻڌيءَ واري لڇڻن وانگر اسان کي هميشه سمجهڻ گهرجن، ويچارڻ گهرجن. ٿورو ٿورو پنهنجي جيون ۾ آڻي، قوت حاصل ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح اسان کي پنهنجي جيون، آهستي آهستي پرماتما جي نزديڪ وٺي وڃڻ گهرجي.

آرتوار: ٨-٥-٣٢

ڏسڻ اچن ٿا. تنھن ڪري انھن جي شيوا ڪرڻ گھرجي. انھن ۾ سڳڻ پرماتما جو درشن ڪرڻ گھرجي. مگر ائين نہ ڪري ماڻھو پٿر ۾ پرميشور ڏسندا آھن. ھاڻي ھڪ طرف پٿر ۾ پرميشور کي ڏسڻ نرڳڻ جي حد ٿي آھي. سنت، ماتا پتا، پاڙيسري، انھن ۾ گيان، پريم، اُپڪار، بدي ظاھر ڏسن ٿا. انھن ۾ ايشور ميڙڻ تہ سولو آھي، مگر پٿرن ۾ پرميشور ميڙڻ ڏکيو آھي. انھيءَ نربدا جي پٿر کي اسين شنڪر مڃيون ٿا، ڇا ھيءَ نرڳڻ پوڄا ناھي؟ الٽو ائين ڀيو پاسي تہ جي پٿر ۾ پرميشور جي ڪلپنا نہ ڪئي وڃي تہ پوءِ ڪٿي ڪئي وڃي؟ ڀڳوان جي مورتي ٺھڻ لائق اھو پٿر ئي آھي. اھو نروڪار آھي، شانت آھي. گرمي ھجي خواہ سردي، اوندھ ھجي خواہ سوجھرو، اھو پٿر جيئن جو تيئن ئي رھي ٿو. تنھنڪري ھي نروڪاري پٿر ئي پرماتما جي نشاني طور ھئڻ جي لائق آھي. ماتا پتا، پاڙيسري، جنتا، سڀ وڪارن سان ڀريل آھن. يعني انھن ۾ ڪجھہ وڪار مليا ئي پيا آھن. تنھن ڪري پٿر جي پوڄا ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ انھن جي سيوا ڪرڻ جي درشٽيءَ کان انھن جي سيوا ڪرڻ ئي آھي.

مطلب تہ سڳڻ ۽ نرڳڻ ٻئي ھڪ ٻئي جا پورڪ آھن. سڳڻ سولو آھي نرڳڻ ڏکيو آھي. مگر ٻئي نموني سڳڻ بہ ڏکيو آھي ۽ نرڳڻ بہ سولو آھي. ٻنھي دوارا ھڪ ئي مقصد جي حاصلات ٿئي ٿي. پنجين اڌياءِ ۾ جيئن ٻڌايل آھي تہ ڇوويھہ ڪلاڪ ڪم ڪندي بہ ذرو

يا آتم انيو جي باري ۾ زبردست وشواس اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جا ڳالهه سچ آهي، ان جي پنپيرائي ڪرڻ لاءِ زياده رتا يا وستار جي ضرورت نٿي رهي.

اسين جو گيتا طرف نگاهه لڳائي رهون ٿا، ان جو مکيه مقصد هي آهي ته جيون ۾ اسان کي جڏهن جڏهن سهاري جي ضرورت پوي، تڏهن تڏهن اهو گيتا مان اسان کي ملندو رهي. اهو اسان کي هميشه ملڻ جهڙو به آهي. گيتا جيون جو هڪ ڪمائتو ساشتر به آهي؛ ان ڪري ئي سؤڌرم تي منجهس ايترو زور ڏنو ويو آهي. منش جي جيون جو جيڪڏهن ڪو وڏو بنياد آهي ته اهو سؤڌرم آچرڻ ئي آهي. سندس جيون جي ساري عمارت هن پايي تي کڙي آهي. هي پايو جيترو مضبوط هوندو، اوترو ئي عمارت جلد ٽڪي سگهندي. هن سؤڌرم آچرڻ کي گيتا ۾ "ڪرم" چيو ويو آهي. سؤڌرم آچرڻ روپي ڪرم جي آس پاس گيتا ۾ گهڻيئي چيزون کڙيون ڪيون ويئون آهن. ان جي رکيا لاءِ انيڪ وڪرم رچيا ويا آهن. هن سؤڌرم آچرڻ کي سينگارڻ لاءِ، ان کي سندر بڻائڻ لاءِ، ان کي سڦل ڪرڻ لاءِ، جنهن به سهائتا جي ضرورت آهي، اها سڀ ضرور ڏيڻي آهي. ان ڪري هيل تائين اسان اهڙيون گهڻيون ڳالهيون ڏٺيون. ان ۾ گهڻيون يڪتي روپ ۾ هيون. اڄ تيرهين اڌياءِ ۾ جا چيز اسان کي ملي آهي، اها به

اڙ ياءُ تيرهون
ديهه آتما جو ڀيد

٦٧

ڪرم يوگ لاءِ مددگار: ديهه - آتما جو ڀيد

وياس ديو پنهنجي جيون جو سار ڀڳوت گيتا ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هن وستار سان ٻيو گهٽ ئي لکيو آهي. اڪيلي مهاڀارت ۾ لک، سوا لک شلوڪ آهن. سنسڪرت ۾ وياس اکر جي معني ئي وستار ٿي ويئي آهي. پر ڀڳوت گيتا ۾ سندس وستار ڪرڻ ڏانهن لاڙو نه آهي. جاميٽريءَ جيئن يوڪلڊ سڌانت ٻڌايا آهن، اصول ڏيکاري ڇڏيا آهن، اهڙيءَ طرح جيون جي لاءِ ڪمائتا اصول گيتا ۾ وياس ديو هڪ ٻئي پٺيان لکي رهيو آهي. ڀڳوت گيتا ۾ نه ته خاص ڪو بحث ئي آهي، نه وستار ئي. ان جو ڪارڻ هي آهي ته جيڪي ڳالهيون گيتا ۾ چيون ويئون آهن، انهن کي هرهڪ انسان جيون ۾ جاچي تپاسي سگهي ٿو. بلڪ هي ان لاءِ چيا ويا آهن ته لوڪ انهن کي جاچي تپاسي سگهن. جيتريون ڳالهيون جيون ۾ ڪمائتيون آهن، اوتريون گيتا ۾ چيون ويئون آهن. انهن جي چوڻ جو مقصد به ايترو ئي آهي. ان ڪري وياس ديو ٿوري ۾ اصول ٻڌائي سنتوش ڪيو آهي. هن جي ان سنتوش ورتيءَ ۾، سندس ستيه

گيتا جو مکيل ڪرم يوگ ساڌڻ وارو ورلي ئي ملي ٿو. ڪرم يوگ جي سوڪيم ۽ سچي ارٿ ۾ ڏٺو وڃي ته اهڙو مڪمل ڪرم يوگي شايد ئي ڪٿي ملي. ڪرم ته ڪجي، پر ان جي ڦل کي ڇڏي ڏجي. اها بلڪل غير رواجي ڳالهه آهي. هيل تائين گيتا ۾ اها ئي ڇنڊ ڇاڻ، اهوئي دليل پيش ڪيو ويو آهي.

ان ڇنڊ ڇاڻ جي لاءِ هڪ ٻيو ڪمائتو دليل ٻڌايو ويو آهي. ڪرم ته ڪر، پر انهيءَ جي ڦل جو موهه ڦٽو ڪر. ان دليل جو سهايڪ هڪ ٻيو مهان دليل آهي، ديهه ۽ آتما جو. اهو ئي تيرهين اڌياءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اکين سان اسين جنهن روپ کي ڏسون ٿا، ان کي اسين مورتي، آڪار، ديهه چئون ٿا. جيتوڻيڪ ٻاهرين مورت جي واقفيت اسان جي اکين کي ٿي وڃي ٿي، ته به ان چيز جي اندر وڃڻو پوي ٿو. ميوي جو مٿيون ٻاهريون ڇلڪو، ڪل وڍي انجو اندريون ڳر چکڻو پوي ٿو. ناريل کي ڀڃي اندر ڏسڻو پوندو آهي. ڪٿهل تي ڪنڊا لڳل هوندا آهن، تڏهن به اندر رسيلو ۽ مزيدار ڳر ڀريل هوندو آهي. اسين پاڻ ڏانهن ڏسون، خواهه ٻئي ڪنهن ڏانهن. هي اندر ۽ ٻاهر جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ تفاوت ڏسڻ ضروري ٿي پوي ٿو، ته پوءِ ڪل لاهي ڇڏڻ جو مطلب ڇا؟ ان جو مطلب ته هر هڪ چيز جو اندريون ۽ ٻاهريون روپ ڏٺو ۽ سمجهيو وڃي. اهڙيءَ طرح هي ٻاهرين ديهه ۽ اندرين آتما، هي ٻه روپ هر هڪ شيءِ

سؤڌرم آچرڻ ۾ یا گیتا ۾ ورنن کیل کرم ۾ ڏاڍي کمائتي آهي. هيءَ چیز ویچار جوڳي آهي.

گیتا ۾ هر هنڌ چیو ویو آهي تہ سؤڌرم آچرڻ کندڙ کي ڦل جو تیاڳ کرڻ گهرجي. کرم تہ کریو، پر ان جو ڦل ڇڏي ڏیو. وڻ کي پاڻي تہ پیاریو، ان جي پرگهور بہ لهو، پر سندس چانڊ جي، گل ڦل جي، پنهنجي لاءِ آشا نہ رکو. هي سؤڌرم آچرڻ روپي کرم یوگ آهي. کرم یوگ جو صرف ایترو ئي مطلب ناهي تہ کرم کندا رهو. کرم تہ هن دنیا ۾ هر هنڌ ٿي ئي رهیو آهي. ان جي چوڻ یا ٻڌائڻ جي کا ضرورت ئي کانهي. مگر سؤڌرم آچرڻ روپي کرم کرڻ، پلي پانت کري بہ ان جو ڦل ڇڏي ڏیڻ، هيءَ ڳالهہ چوڻ ۾، سمجهڻ ۾، ڏاڍي سولي معلوم ٿئي ٿي، پر پالڻ ڏاڍي ڏکي آهي، چوتہ کنهن کاريہ جي اُتساهہ ڏیندڙ شکتي ئي ڦل واسنا مڃي وئي آهي. ڦل واسنا کي ڇڏي کرم کرڻ، الٽو پنت آهي. وهنوار یا سنیاس جي ابتڙ هيءَ ڳالهہ آهي. جو زیادہ کرم کري ٿو، ان جي جیون ۾ گیتا وارو کرم یوگ آهي، ائین اسین گهڻيئي پیرا چوندا آهیون. جو گهڻو کرم کري ٿو، اهو ئي کرم یوگي آهي، ائین اسین گهڻيئي پیرا چوندا آهیون. پر ائین چوڻ بوليءَ جي پ لائيءَ کري ٿئي ٿو. گیتا جي وصف موجب اهو کرم یوگ ناهي. نہ صرف کرم کندڙن لکن ۾، پر سؤڌرم آچرڻ روپي کرم کندڙ لکن ۾ بہ

ڪٽي ھجي ۽، نه ۽ ھئڻ نه گھرجي. ديھ کان آتما کي الڳ سمجھڻ جي سکيا نه ڏيڻ کان ئي ڏيڻ جو پرٻنڌ ٿي سگھي ٿو ته ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالھ ٿيندي. ھيءَ سکيا شاستر جي وشيہ آھي. اڄڪلھ خراب سکيا جي ڪارڻ، ڏاڍا خراب سنسڪار ٻارن جي من ۾ پئجي رھيا آھن. "مان صرف ديھ روپ آھيان." ھن وچار کان ٻاھر اڄڪلھ جي سکيا اسان کي اچڻ ئي ڪانه ڏئي. سڀ جڳھ ديھ جا ئي ھار سينگار ھلي رھيا آھن. مگر، ان ھوندي ۽ ديھ کي جو سروپ حاصل ھئڻ گھرجي، جو روپ ڏيڻ گھرجي، اھو ڪٿي ۽ ڏسڻ ۾ ڪونه اچي، يا اصل آھيئي ڪون. اھڙيءَ طرح اڄڪلھ ھن ديھ جي اجائي سجائي پوڄا ٿي رھي آھي. آتما جي مدرتا ڏانھن ڪنھن جو ڌيان ڪونھي. چالو سکيا جي نموني سان ھيءَ حالت پيدا ٿي رھي آھي. اھڙيءَ طرح ديھ جي مورتي پوڄا جو اڀياس، ڏينھن رات ڪرايو وڃي ٿو.

بلڪل ننڍپڻ کان ئي، اسان کي ھن ديھ جي پوڄا ڪرڻ سيکاري وڃي ٿي. ڪٿي ڪو ڌڪ لڳو ته مٽي لڳائڻ سان ئي ڪم ٿي وڃيٿو. ٻار جو ته اينتري سان ئي ڪم ٿي وڃيٿو جو ڪڏھن نه ڪيس مٽي لڳائڻ جي به ضرورت محسوس اٿي ٿئي. ٿوري گھڻي ڌڪ، ڦٽ جي نه ٻار پرواھ ئي ڪانه ڪن. پر سندن وڏا يا سنڀاليندڙ اينتري ۾ سنتوش ڪانه ڪن. ھو ٻچي کي ٻاڻ وٽ سڏي، ٻچڪاري ڇڏڻ لڳندا: اڙي! ڇا لڳئہ؟ ڏاڍو ڌڪ لڳو

جا تي وڃن ٿا. ڪرم ۾ اهائي ڳالهه آهي، ٻاهريون قل ڪرم جي ديهه آهي ۽ ڪرم جي ڪارڻ جا ديهه جي شڌي ٿئي ٿي، اها ڪرم جي آتما آهي. سؤڌرم آچرڻ جي ٻاهرن ڪل روپي ديهه ڇڏي ڪري اندرين چمت شڌي روپي آتما اسان کي گرهڻ ڪرڻ گهرجي. من سان لڳائي رکڻ گهرجي. هن نموني جي عادت، ديهه کي هٽائي، هرهڪ شيءِ جو سارگرهڻ ڪرڻ جي سارگراهي نظر اسان کي حاصل ڪرڻ گهرجي. اکين کي، من کي، ويچارن کي اهڙي تعليم، اهڙي عادت، اڀياس ڪرائي ڇڏڻ گهرجي. هر ڳالهه ۾ ديهه کي الڳ ڪري آتما جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. اسان جي ويچارن کي صاف ڪرڻ لاءِ هيءُ ڇنڊ ڇاڻ تيرهين اڌياءَ ۾ ڏني وئي آهي.

٦٨

سڌاري جو بنياد

هي سارگرهڻ ڪرڻ جي نظر ڏاڍي اهم آهي. جيڪڏهن ننڍپڻ ۾ ئي هيءَ عادت پاڻ ۾ اسين وجهون ته ڪهڙو نه چڱو. هيءَ وشيه هضم ڪرڻ جهڙي آهي. هيءَ نظر انگيڪار ڪرڻ جهڙي آهي. گهڻن کي ائين لڳندو آهي ته روحاني يا آتمڪ وديا جو جيون سان ڪو لاڳاپو ڪونهي. ڪن جو نه وري رايو آهي ته جيڪڏهن

نٿي ٿو. ۽ جڏهن هن ۾ غصو پيدا ٿيندو آهي ته پوءِ سڌارو نه ٿي سگهندو. تنهن ڪري ڪيس چڱيءَ طرح سمجهائي، صاف سٺرو رکڻ گهرجي.

ان جي ابتڙ هلي ان ٻار جي من تي هيءَ ڇاپ هڻون ٿا ته هو ڍيٺ آهي. سکيا شاستر ۾ هيءَ هڪ اهم سڌانت سمجهڻ گهرجي. گروءَ کي اها پاونا رکڻ گهرجي ته مان جنهن کي پڙهائي رهيو آهيان اهو سروانگي سندر آهي. حساب ۾، سوال ۾ ڀل ٿي ويئي ته ڳل تي چماٽ لڳي ويئي. هاڻ اُن چماٽ ۽ ڀل جو ٻارڻ ۾ لاڳاپو ڪهڙو؟ اسڪول ۾ دير سان آيو ته لڳي چماٽ. ان ڪري سندس رت جو دور تيز ٿيڻ لڳندو. پر ان سان ڪو سوال صحيح اچڻ لڳندو؟ رت جي اها تيزي ڇا اهو ٻڌائي سگهندي ته هاڻي گهڻا لڳا آهن؟ پر سچ پچ ته اهڙيءَ طرح مارڪٽ ڪري اسين ٻار جي حيوانيت کي ئي وڌائي رهيا آهيون. تون هيءَ ڍيٺ ئي آهين، اها پاونا پڪي ڪريون ٿا. سندس جيون، ڍپ جي ديوار تي ڪڙي ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن اسان کي سچ پچ سڌارو ڪرڻو آهي ته اهو اهڙيءَ طرح زبردستيءَ ڍيٺ ممتا وڌائڻ سان ڪڏهن نه ٿي سگهندو. جڏهن مان ائين سمجهندس ته مان ڍيٺ کان الڳ جدا ڪجهه ٻيو آهيان تڏهن ئي منهنجو سڌارو ٿي سگهندو.

ڍيٺ يا من ۾ رهيل ڪنهن به عيب يا اوڻائيءَ جي جاڻ ڪا خراب ڪانهي. ان ڪري عيب کي ڪيڻ

اٿيئي؟ گھڻو ٿي رت وهيو اٿيئي! اٿين پيو معلوم ٿئي
ته اٿين ڇوڙ سان جيڪڏهن ٻار هوندءِ ته رئندو هوندو،
ته به روئي ڏيندو. نه روئندڙ کي روئارڻ جي، انهن
ليڙن لاءِ ڇا چئجي؟ ڇي، گھڻو ڇيڙ ٿيو نه، راند ڪرڻ
نه وڃ. ڏس، ڪِري پوندين. ڌڪ لڳندءِ، وغيره.
صرف هڪ طرفو ڏيهه ٿي ٿي ڏيان ڏيڻ جي سکيا ڏني
وڃي ٿي.

ٻار جي جيڪڏهن تعريف ڪرڻي به آهي ته به اها
ڏيهه جي پاسي کي وٺي. سندس گلا به ڏيهه جو طرف
ٿي ڪندا آهن. ڪھڙو نه گندو آهين! ڇوندا آهن. ان
سان ٻار کي ڪيتري نه چوٽ لڳندي هوندي! ٻار
ٿورو گھڻو ته اٿين ٿي گندا ٿي پوندا آهن. نڪ وغيره
وهڻ لڳندا آهن. تنهن ڪري گھرجي ته اٿين، نه ٻار
کي صاف ستڙو رکڻ گھرجي، پر اٿين نه ڪري ڪين
ڌڪار سان، ڪيترو نه ڌڪو پهچايون ٿا. ٻار اهو سهي
نٿو سگھي، هو ڏاڍو دکي ٿئي ٿو. سندس آتما ۾، اندر
۾، ايتري صفائي، نرملتا پريل هوندي به، مٿس گندي
رهڻ جو ڪھڙو نه ردي الزام! سچ پڇو ته اهو ٻار گندو
نه، بلڪ بيحد سندر، وڻندڙ، پوتر، پيارو پرماتما آهي.
انجو جزو منجھس پريل آهي. مگر اسين چئون ٿا "گندو
آهي." ان گندگيءَ سان سندس ڪھڙو واسطو؟ هن کي
ته انجي گم ئي ڪانه رهندي آهي. ان ڪري ئي
هو اهو ڌڪو سهي نٿو سگھي. سندس من ۾ غصو پيدا

هن ديهه روپي وسيلي کان مان جدا آهيان، مان سوامي آهيان، مالڪ آهيان، هن ديهه کان ڪم ڪرائيندس. ان کان عمدي شيوا وٺندس مان آهيان. تنهن کان ئي جدا رهڻ جي ڀاونا پيدا ڪرڻ گهرجي.

راند کان الڳ رهندس اهين جيئن راند جا گڻ ۽ دوش چڱيءَ طرح ڏسي سگهندو آهي، تيئن اسين به ديهه، من، ٻڌيءَ کان پاڻ کي الڳ رکي، انهن جا گڻ ۽ دوش، پرکي سگهنداسين. ڪو ڪو چوندو آهي ته اڙي! منهنجو ته حافظو گهٽجي ويو آهي، ذرا ان جو ڪو اپاءُ ٻڌايو نه؟ جڏهن ڪو ائين چوندو آهي ته اهو صاف ظاهر آهي ته هو حافظي کان الڳ آهي. هو چوندو آهي ته منهنجو حافظو گهٽجي ويو آهي، انجو مطلب هي آهي، ته سندس ڪو ساڌن، ڪو اوزار بگڙجي پيو. ڪنهن جو پٽ وڃائجي پوي ٿو ته ڪنهنجو ڪتاب وڃائجي پوي ٿو، پر ڪو خود ڪڏهن ڪونه ٿو وڃائجي پوي. ايتري قدر جو مرڻ وقت به سندس ديهه ئي سڀ نموني ناس ٿئي ٿي، بيڪار ٿي وڃي ٿي، پر هو ته اندر ۾ جيئن جو ليئن رهندو آهي. هيءَ ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي. جي سمجهه ۾ اچي وڃي ته گهڻن جهنجهٽن کان، اهنجن کان، ڇوٽڪارو ٿي وڃي.

۾ مدد ملي ٿي. پر اسان کي هيءَ ڳالهه صاف طور معلوم هئڻ گهرجي ته مان ديهه ناهيان. ”مان“ جو ڪجهه آهيان، اهو هن ديهه کان بلڪل جدا، الڳ تمام سندر اوڄل جزو آهيان. پنهنجي اوڻاين کي به دور ڪرڻ لاءِ جو آتم پريکيا ڪريٿو، هو پاڻ کي ديهه کان الڳ ڪري ئي ائين ڪريٿو. تنهن ڪري جڏهن ڪو ڪيس سندس اوڻائي ڏيکاري ٿو ته هو نه بروئي ٿو مڃي ۽ نه ڪاوڙ ئي ڪريٿو. بلڪ هن شرير روپي، هن من روپي ڪل ۾ ڪهڙو دوش آهي، ان جو ويچار ڪري دوش دور ڪريٿو. ان جي الٽو جو ديهه کي پاڻ کان الڳ لئو مڃي هو سڌارو ڪري لئو سگهي. هيءَ ديهه، هيءُ مٽيءَ جو پتلو، هيءُ ئي مان، ائين جو سمجهندو، اهو پنهنجو سڌارو ڪيئن ڪندو؟ سڌارو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن اسين هيءُ مڃينداسين ته هيءَ ديهه اسان کي هڪ ذريعو ٿي ملي آهي. چرخي ۾ جيڪڏهن ڪجهه ڪمي يا دوش پڌايو ته ڇا مون کي غصو ايندو؟ الٽو جي ڪا ڪمي هوندي آهي، ته ان کي دور ڪندو آهيان! اهڙي ڳالهه ديهه سمجهو. جيئن کيتيءَ جا اوزار، تيئن ئي ديهه سمجهو. هيءَ ديهه ڀڳوان جي گهر جي کيتي ڪرڻ جو هڪ اوزار ئي آهي. هيءُ اوزار جيڪڏهين خراب ٿي وڃي، ته ڪيس اوس ناهڻ، درست ڪرڻ گهرجي. هيءَ ديهه وسيلي طور اسان کي ملي آهي. تنهن ڪري هن ديهه کان علحدو رهي، دوش کان ڇڏڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجيئون.

جي دنيا جي رکيا ڪريٿو، تنهنڪري منش جو ملهه زياده آهي. ان ڪري هو قيمتي آهي. مگر جنهن ڪارڻ منش جي ديهه قيمتي ثابت ٿي آهي، ان ڪي اسين ماس ڪائي ناس ڪري ڇڏيون ٿا. چڱا ماڻهو، تنهنجي ڀلمانسائي نه ان ۾ آهي، نه تون سنهم سان ٿي رهين. ٻين پراڻين جي ڀلي، بچاءَ جي لاءِ ڪوشش ڪرين. سيني جي سنيال لهڻ جي ڀاونا تو ۾ آهي؟ پسوءَ ڪان وڌيڪ جا تو ۾ خاصيت آهي ان ڪريئي نه منش سريشٽ چوائي ٿو. ان ڪري ٿي منش ديهه درلڀ چئي ويئي آهي. مگر جنهن آڌار تي منش وڏو سريشٽ ٿيو آهي، ان کي ٿي جي هو اکيڙڻ لڳو نه پوءِ سندس وڏائي ڪيئن ٽڪي سگهندي. رواجي پسون، جي ٻين پراڻين جو ماس ڪائي زنده رهن ٿا انهن وانگر جي اوهين انسان به ڪرڻ لڳا نه پوءِ وڏائيءَ جو آڌار ڪٿي رهندو؟ اهو نه ائين ٿيو نه جنهن ناريءَ تي مان ويٺو آهيان ان کي ٿي وڍڻ جو اُدم ڪريان.

اج ڪالهه وئدڪ شاستر قسمين قسمين ڪرامتون ڏيکاري رهيو آهي. پسوءَ کي سئي ٽنبي سندس سرير ۾ بيماريءَ جا جيوڙا پيدا ڪنتا. ۽ ڏسن ٿا نه انهن بيمارين جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو. جيڪڏهن پسن کي هن لموني تمام گهڻو ڪشٽ ڏيئي جو گيان پراپت ڪيو ويٿو ان جو استعمال ڪيو ويٿو هن تڇ سرير کي بچائڻ لاءِ. ۽ هيءَ سڀ جيو ديا جي ناليءَ ڪيو ويٿو. پسن جي سرير

٦٩

شرير جو موھ - جيون وڪاس لاءِ اڏ

ديھ يعني "مان"، ھيءَ جا پاولا ھر ھنڌ ڦھليل رھيا آھن، ان جي ڪري ئي اسان ويچار ڪرڻ کان سواءِ ئي سرير جي واڌ لاءِ گھڻيئي تجويزون ڪيون آھن. انھن جو نہ ويچار ڪندي ئي ڏاڍو ڏپ ٿو ٿئي. منش جو اھو ئي خيال رھيو تہ توڙي ھيءَ شرير پراڻو ٿي وڃي، ڪمزور يا نربل ٿي وڃي، تہ بہ ڪيئن بہ ڪري ان کي قائم رکڻ گھرجي. مگر ھن سرير کي، ھن پتلي کي اوھين ڪيستائين رکي سگھندا؟ مرڻ تائين نہ؟ جڏھن موت جو سمو ايندو، تہ ھڪ گھڙي بہ شرير قائم نہ رکي سگھندا. موت جي اگيان ڪنھنجي لٿي ھلي. پوءِ بہ ھن خسيس ديھ لاءِ انسان ڪيترن نمونن جا سک جا ساڌن پيدا ڪري ٿو. ڏينھن رات ھن شرير جي چنتا ڪريٿو. ھاڻ چوڻتا تہ ديھ جي رکيا لاءِ ماس کائڻ واجب آھي. جڏھن انسان جي ديھ ڏاڍي قيمتي آھي، جو ان کي بچائڻ لاءِ ماس کائجي. پسونءَ جي ديھ گھٽ قيمتي آھي - اھو پلا ڇو؟ منش ديھ ڇو زيادہ قيمتي آھي؟ ان جو ڪھڙو ڪارڻ آھي؟ اوھين چوندا تہ پسون ڪجھہ بہ ڪانئي سگھن ٿا. سواءِ سوارٿ جي انھنکي ڪو ويچار ئي ڪونہ ٿو اچي. منش جي ڳالھہ ائين نہ آھي. منش پنھنجي آس پاس

مٽيءَ جو ٺهيل، هيءَ چربي، آخر ڳري وڃيٿي ۽ سرير وري پنهنجي اصلي حالت ۾ ايندو آهي. آخر ان جو مطلب ڇا، جو ايتري مٽي پنهنجي سرير لي چاڙهيون، ايترو وزن وڌائي ڇڏيون، جو سرير ان جو بوجو ئي نه سهي سگهي؟ سرير کي ايترو ٿلهي موٽي ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ ها، هيءُ سرير اسان جو هڪ وسيلو آهي. تنهنڪري ان کي نيڪ رکڻ لاءِ جيڪي ضروري آهي اهو سڀ مون کي ڪرڻ گهرجي. اوزار آهي ته ان کان ڪم وٺڻ گهرجي. اوزار جو ايمان نه رکڻ گهرجي. اوزار جو ايمان ڇا ٿيڻ گهرجي؟ پوءِ هن سرير روپي اوزار جي باري ۾ اسين اهڙيءَ طرح ويچار ڇو نه ڪريون؟

ٽالسٽاج له هيءُ ديهه ساڌيه نه آهي پر ساڌن آهي. جيڪڏهن هيءُ اسانجو پاڻ ڀڪو ٿي وڃي ته پوءِ سرير جو هيءُ اجايو اڊمبر جو ڪيو وڃيٿو، اهو نه رهندو. جيون اسانکي بڻي ئي نهولي ڏسڻ ۾ ايندو. پوءِ هن سرير کي سينگارڻ ۾ اسان کي فخر محسوس نه ٿيندو. سچ پڇو ته هن ديهه لاءِ سادي ڪپڙي جي سخت ضرورت آهي پر اسين چوندا ۽ چاهيندا آهيون ته اهو نرم هجي. سندس سندر رنگ هجي، سندر ڇپائي هجي، چڱيون ڪناريون، گل بوٽا هجن، نقاشي ڪلا وارو هجي وغيره. ان لاءِ اسين انيڪ ماڻهن کان طرح طرح جي محنت ڪرايون ٿا. هيءُ سڀ ڇو؟ هن ڀڳوان کي ڇا عقل ڪين هو؟ جيڪڏهن هن ديهه کي سندر ولين بوٽن، نقاشيءَ جي ضرورت

۾ جيوڙا پيدا ڪري ان جو رس ڪڍي منش جي سرير ۾ ٽنگه ڪري وجهندا آهن. اهڙا نانا پرڪارن جا زبردست ڪم ٿي رهيا آهن. جنهن ديهه لاءِ هي سڀ ڪريائون اسين ڪري رهيا آهيون، اها ته ٺاڪئين شيشيءَ وانگر آهي، جو ڪن پل ۾ ڀڃي پوي ٿي. اها ڪڏهن ڀڄندي ان جو ذرو به ڀروسو ڪري نٿو سگهجي. جيتوڻيڪ منش جي سرير جي بچائڻ لاءِ هي سڀ ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون، ته به آخر نڀجو ڇا ٿو نڪري؟ جيئن جيئن هن نازڪ ديهه کي سنڀالڻ جو اُدم ڪيو وڃي ٿو، تيئن تيئن سندس ناس زياده تر ٿي رهيو آهي. هيءُ اسانکي معلوم آهي. تڏهن هن ديهه کي موٽو تازو ڪرڻ لاءِ سندس مهما وڌائڻ جو اُدم جاري آهي.

مگر اسان جو ڌيان ڪڏهن به هن طرف نٿو وڃي. جهڙي نموني جي ڪاڏي کائڻ سان بدي ساتوڪ ٿيندي. منش هن ڳالهه کي جڻ بلڪل ئي نٿو ڏسي ته من کي چڱو ڪرڻ لاءِ بديءَ کي نرمل رکڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي. کهڙيءَ چيز جي سهايتا وٺڻ گهرجي. هو ته ايترو ئي ڏسي ٿو ته سرير جو وزن ڪيئن ٿو وڌي. هو ان جي چنتا ڪندو رهي ٿو ته کهڙيءَ ريت هيءَ زمين جي مٽي اٿي سندس سرير تي چنبڙي وڃي. مٽيءَ جا هي ڳوڙها ڪيئن سندس سرير ۾ لڳي وڃن؟ پر هيءَ ڳالهه وساري ٿو وهي ته جيئن پٽ تي لڳل چيٽي جي ٽاڦ سڪڻ تي وري ڪري پوندي آهي، اهڙيءَ طرح سرير تي چاڙهيل

آتما روپ ٿيون ٿي آھين.“ ھيءَ تمام اوچو، پوتر ويچار آھي. نرمل ڪندڙ ۽ شاندار وچن آھي. سنسڪرت ساھتيہ ۾ ”تت توَمسي“ ھي تمام اوچو ويچار پيش ڪيل آھي. ھي مٿيون پڙدو، ڪل يا سانچو ٿيون ٿاھين. سندس اصل ابناسي ڦل ڳڙ ٿيون آھين. جنھن گھڙيءَ انسان جي ھردي ۾ ھي ويچار ظاھر ٿيندو، اھو پاڻ من ۾ جمي ويندو تہ اھو ٿيون آھين. ”ھيءَ ديھ مان نہ، اھو پرماتما مان آھيان.“ ان وقت سندس من ۾ ھڪ سچو آنند پيدا ٿيندو. منھنجي ان روپ کي متائڻ جي، ناس ڪرڻ جي طاقت سنسار جي ڪنھن بہ وستوءَ ۾ ناھي. ڪنھن ۾ بہ اھڙي طاقت ڪاھي. ھي سوکيم ويچار ھن ويچار ۾ سمايل آھي.

ھن ديھ کان پري ابناسيءَ نروڪار جو آتم تتو آھي، اھو مان آھيان. ان آتم تتو لاءِ موٽکي ھيءَ شرير مليو آھي. جڏھن جڏھن ان پرميشوري تتو جو وڪارمہ ٿيڻ جو امڪان ھوندو آھي، تڏھن مان ان کي بچائڻ لاءِ ھن شرير کي ڦٽو ڪندس. پرميشوري تتو کي اوجل رکڻ لاءِ، ھن ديھ کي بليدان ڪرڻ لاءِ، سدائين تيار رھندس. مان جو ھن شرير تي سوار ٿي آيو آھيان، سو ڇا ان لاءِ تہ پنھنجي درگتي ڪرايان. ديھ تي منھنجو حڪم ھلڻ گھرجي. مان ھن ديھ جو استعمال ڪندس ۽ ان دواران لاڀ، سک پائيندس. آنند پرپندس تنھي لوڪن ۾. ھن شرير کي مان مھا تتون لاءِ ڦتوڪري ڇڏيندس ۽ ابشور جي جڳ جڳ ڪار منائيندس. جڏن زميندار، سيٺ،

هجي ها ته جيئن شينهن، مور، هرڻ، وغيره سرير تي هن ڪاريگريءَ جي ڪرامت ڏيکاري آهي، اهڙي ڇا تنهنجي منهنجي سرير تي نٿي ڏيکاري سگهيو؟ سندس لاءِ ڇا هيءُ ناممڪن هو؟ مور وانگر اسانکي ب سندر پڇ لڳائي سگهيو ٿي. مگر ايشور منش کي هڪ ئي رنگ ڏنو آهي. هن ۾ داغ ٿي پوي ته انتوان جي سونهن ناس ٿيو پوي. انسان جهڙو آهي تهڙو ئي سندر آهي. پرميشور جو هيءُ آدرش ئي ناهي ته منش ديهه کي سينگاريو وڃي. جڳت ۾ ڇا گهٽ سونهن آهي؟ انسان جو ڪم ايترو آهي جو هو پنهنجن اکين سان انهن ڏي نهاريندو رهي. مگر هو اهو رستو ڀلجي ويو آهي. چون ٿا ته جرمنيءَ اسانجي رنگ کي ماري ڇڏيو. اڙي! ڀائي توهان جي من جو رنگ ته ڦريائين مري چڪو هو. پوءِ توهان کي هن بناوٽي رنگ جو شوق لڳو. ان ڪري توهين محتاج ٿي ويا. بنا ڪنهن ڪارڻ توهين هن سرير سينگار جي چڪر ۾ پئجي ويا. هن کي سينگارڻ، ٻڌيءَ جو وڪاس ڪرڻ، هردي کي سندر بنائڻ ته هڪ طرف رهجي ويو.

۷۰

مان آتما روپ آهيان

ان ڪري ڀڳوان تيرهين اڌياءَ ۾ جو ويچار ڏنو آهي اهو ڏاڍو قيمتي آهي. ”توُن ديهه نه پر آتما آهين. اهو

٧١

ظالمن جو زور ٽٽو

جيسين اسين هي نه سمجهنداسين ته ڏيهه کان مان جدا آهيان، تيسين ظالم اسان تي ظلم ڪندا رهندا. ظلم ٻن جي ڪارڻ ئي ٿي سگهندو آهي. هڪ راڪاس هڪ ماڻهوءَ کي پڪڙيو هو. هو ان کان برابر ڪم وٺندو رهندو هو. جڏهن به هو ڪم نه ڪندو هو ته راڪاس چوندو هوس توکي چٽ ڪري ڇڏيندس، کائي ڇڏيندس. شروع ۾ ته انهيءَ شخص ڊنو ٿي. پر جڏهن سندس ڌمڪي اڻ سهڻ لائق ٿي ويئي، ته هن راڪاس کي چيو ته وڃ، کائي ڇڏ. کائڻو اٿيئي ته کائي وڃ. راڪاس ڪيس کائڻ وارو ٿورو ئي هو. هن کي هڪ نه هڪ بندو غلام گهربو هو. کائڻ سان سندس ڪم ڪيئن هلندو؟ هو ته صرف کائي ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏيندو هو. پر جڏهن هن کي هيءُ جواب مليو ته وڃ کائي ڇڏ، ته سندس ظلم بند ٿي ويو. ظالم سمجهندا آهن ته هي ماڻهو ڏيهه سان چنبڙيل آهن. مگر جي اوهان ڏيهه جو موهه ڇڏي ڏيو ته جلد ئي حاڪم بڻجي ويندا، آزاد ٿي ويندا. سڀ طاقت اوهان جي هٿ ۾ اچي ويندي. ڪير به اوهان تي حڪم هلائي نه سگهندو. ظلم ڪرڻ جو آڌار ئي ٽٽي ويندو. ان جو بنياد ئي هن ڀاونا تي آهي ته مان ڏيهه آهيان. اهي سمجهن ٿا ته هن جي ڏيهه کي ستايو ويو ته هو وس ۾ اچي ويندو. انڪري

شاهوڪار هڪ ڪپڙي جي ميري ٿيڻ لي انکي اڇلي ڇڏيندا آهن ۽ ٻيو پائيندا آهن، تيئن مان ٻه ڪندس. ڪم لاءِ هن شرير جي ضرورت آهي. جڏهن وقت هي شرير ڪم لائق نه رهندو تڏهن وقت ان کي ڦٽي ڪرڻ ۾ مونکي ڇا نقصان ٿيندو؟

ستياگره وسيلي اسان کي هيءَ سکيا ملي ٿي. ديهه ۽ آتما اهي جدا جدا چيزون آهن. جڏهن ڏينهن انسان هن راز کي سمجهي ويندو، ان ڏينهن سندس سچي سکيا ۽ حقيقي وڪاس جي شروعات ٿيندي. ان وقت ستياگره سڌ ٿيندو. تنهنڪري اهو ضروري آهي ته اسان مان هرهڪ کي هيءَ ڀاونا هردي ۾ اڪري ڇڏڻ گهرجي. ديهه ته ذريعو آهي. پرميشور جو ڏنل هڪ اوزار آهي. جڏهن وقت ان جي ضرورت پوري ٿي ويندي، ان وقت ان کي اڇلي ڇڏڻو آهي. سرديءَ جي گرم ڪپڙن کي گرميءَ ۾ اڇلي ڇڏبو آهي. رات جو پاتل ڪپڙا صبح جو بدلائي ڇڏبا آهن. صبح جا ڪپڙا منجهند جو لاهي ڇڏبا آهن. اهڙيءَ طرح هن شرير کي سمجهو. جيستائين ديهه جو ڪم آهي تيستائين ان کي ضرور رکو. جڏهن ڏينهن ان جو ڪم نه رهندو ان ڏينهن ڪپڙن وانگي اڇلي ڇڏبو. آتما جي وڪاس لاءِ ڀڳوان اسان کي هيءَ تجويز ٻڌائي آهي.

ھيءَ ڳالھ ٻولھ ختم ٿيڻ تي سندس ھڪ شش پڇيو، ”مرڻ کان پوءِ اوھان جي آخرين ڪريا ڪيئن ڪئي وڃي؟“ ھن جواب ڏنو ”شاباس! ماريندا ھو تہ پوريندا توھين! تہ ڇا ماريندڙ منھنجا دشمن آھن ۽ اوھين منھنجا سڄڻ آھيو؟ توھين ڪير آھيو مونکي پورڻ وارا؟ مان توھان سڀني جو خاتمو ڪري رھڻ وارو آھيان. توھين ڇا مونکي دفن ڪندا؟ مٽيءَ ۾ يا ناس ۾؟ مونکي ڪوبہ ماري نہ ٿو سگھي. نہ ڪو دفن ئي ٿو ڪري سگھي. ھيلتائين مون توھان کي ڇا سمجھايو؟ آتما امر آھي. ان کي ڪير ماري يا پوري سگھندو؟“ ۽ سچ پچ ٻن اڍائي ھزار سالن کان اھو مھان سقراط اڄ تائين سڀني جي ختم ٿيڻ تي بہ خود زندہ آھي.

۷۲

پرڀوءَ شڪتيءَ تي وشواس

تاتپرج تہ جيستائين ديھہ جي آسڪتي آھي، ڊپ آھي تيستائين حقيقي رکيا نٿي ٿي سگھي. تيستائين لڳاتار ڊپ لڳو رھيٿو. ٿوري ننڊ نہ آئي نہ کٽڪو لڳندس تہ نانگہ تہ نہ اچي ڏنگيندو؟ چور تہ نہ اچي ماريندو؟ ماڻھو مٿي کان ڏنڊو رکي سمھندا آھن، ڇو؟ چوندا آھن ڏنڊو پرسان رکڻ چڱو آھي. متان چور ڌاڪو اچي. پر ھو اھو ڀلجي وڃي ٿو تہ چور اھو ئي ڏنڊو

هو ته مڪي ڏيندا رهن ٿا.

مان ديهه آهيان. هن ڀاونا جي ڪارڻ پين کي اسان تي ظلم ڪرڻ جي، ستائڻ جي خواهش ٿئي ٿي. مگر انگلنڊ جي هڪ شهيد، بهادر ڪرئمر چيو آهي، "مونکي جلايو ٿا. ٺيڪ، جلائي ڇڏيو. ته ڀرين هي ساڄو هٿ جلايو." اهڙيءَ طرح رڊلي لٽيمر ڇا چيو؟ "اسان کي جلائڻ چاهيو ٿا؟ اسان کي ڪير جلائي سگهندو؟ اسين ته ڌرم جي اهڙي جوت جلائي رهيا آهيون، جنهن کي ڪوبه وسائي نه سگهندو. شرير روپي من موم بتيءَ کي، هن چربيءَ کي جلائي ستيه تتو جي جوت چمڪائڻ ته اسان جو ڪم ئي آهي." ديهه جلي ويندي، ناس ٿي ويندي. هيءَ ته هڪ ڏينهن وڃڻ واري ئي آهي. سقراط کي زهر ڏيئي مارڻ جي سزا ڏني ويئي. تڏهن هن چيو: "مان هاڻي ٻڍو ٿي ويو آهيان. ڇهن ڏينهن بعد ديهه وڃڻ واري ئي هئي. جا مرڻ واري آهي، ان کي ماري توهين ڪهڙي بهادري ڪري رهيا آهيو؟" ٿورو سوچيو ته سهين ته هي شرير هڪ ڏينهن اوس مرڻ وارو آهي جو فاني آهي. ان کي مارڻ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ جنهن ڏينهن هن سقراط کي زهر ڏيڻ وارا هئا، ان کان ڀرين رات جو هو پنهنجن پوئلڳن کي آتما جي امرتا جي سکيا ڏيئي رهيو هو. شرير ۾ زهر جي داخل ٿيڻ تي کيس ڪهڙيون تڪليفون ٿينديون ان جو بيان موج سان ڪري رهيو هو. کيس ڪجهه به فڪر معلوم نٿي ٿيو. آتما جي امرتا ۾ نسبت

موٽڻ کي گهڙي ۾ گهڙي محسوس ٿيڻ گهرجي. هن شڪتيءَ ۾ منهنجو جيترو زياده وشواس پيدا ٿيندو اوترو ئي زياده منهنجو بچاءُ ٿي سگهندو. جئن جئن ان شڪتيءَ جو احساس ٿيندو ويندو، تئن تئن منهنجو وڪاس ٿيندو ويندو. هن ٽيرهين اڌياءَ ۾ ان جو ٿورو نمونو به مثال طور ڏيکاريو ويو آهي.

٧٣

پريوءَ شڪتيءَ جو درجي بدرجي اڀيو

جيستائين شرير ۾ پراڻمان آتما جو ويچار من ۾ نٿو اچي، تيستائين انسان رواجي ڪمن ۾ مشغول رهي ٿو. بک لڳي ته کائڻ، اُڃ لڳي ته پاڻي پيئڻ، ننڊ اچي ته سمهي پوڻ ان کان وڌيڪ ڪجهه نٿو ڄاڻي. انهن ڳالهين لاءِ هو لڙندو، انهن جي حاصلات جو من ۾ لوڀ رکندو. اهڙيءَ طرح هو شرير جي ڪريائن ۾ ئي مگن رهي ٿو. وڪاس جي شروعات ته هن کان پوءِ ٿيندي. هن وقت تائين آتما ته صرف نهاريندي رهندي آهي. ماتا جهڙيءَ طرح کوهه جي طرف رڙهيون پائيندي ويندڙ ٻالڪ جي پٺيان هميشه خبرداريءَ سان نهاريندي رهندي آهي، ان نموني آتما انسان تي نگاهه رکندي رهي ٿي. صبر سان سڀني ڪريائن کي ڏسندي رهي ٿي ان حالت کي ساکي روپ سان سڀ ڏسڻوارو چيو ويو آهي.

سنڌس مٿي تي وهائي نه پوءِ؟ چور جيڪڏهن ڏنڊو وساري آيو هجي ته توهين پهرين ئي اهو سنڌس لاءِ تيار رکو ٿا. توهين ڪنهن جي پروسي سمهو ٿا. ان وقت ته توهين دنيا جي هٿ ۾ هوندا آهيو. توهين جاڳي رهيا هوندا ته بچاءُ ڪندا نه؟ نند ۾ اوهان جي رکيا ڪير ڪندو؟

مان ڪنهن نه ڪنهن شڪتيءَ تي وشواس رکي سمهندو آهيان. جنهن شڪتيءَ تي پروسو رکي شير، گانءِ وغيره جانور سمهندا آهن ان جي پروسي مان به سمهندو آهيان. شير کي به ته نند ايندي آهي. شينهن جو ساري دنيا سان دشمنيءَ جي ڪارڻ هر گهڙيءَ پٺتي نهاريندو آهي، اهو به ته سمهندو آهي. ان شڪتيءَ تي جي وشواس نه هجيس ته جيڪر ڪي شينهن سمهن نه ڪي جاڳي پهرو ڏين. اهڙو انتظام ڪين ڪرڻو پوي. جنهن شڪتيءَ تي پروسو رکي شينهن، بگهڙ وغيره خوفناڪ جانور به سمهندا آهن، ان جڳت وياپڪ شڪتيءَ جي گود ۾ مان سمهندو آهيان. ماءُ جي گود ۾ بالڪ بي فڪر ٿي سمهندو آهي. جڻ ته ان وقت هو دنيا جو بادشاه هوندو آهي. اسان کي گهرجي ته اسين به ان وشومير ماتا جي گود ۾ اهڙيءَ طرح پريم، وشواس ۽ گيان پوروڪ سمهڻ جو ابياس ڪريون. جنهن شڪتيءَ جي آڌار تي منهنجو هيءُ سارو جيون هلي رهيو آهي، انجي مونکي گهڻي ۾ گهڻي واقفيت ڪرڻ گهرجي. اها شڪتي

هردي ۾ براجمان پرماتما جي ”شاباس پٽ!“ جا شبد اسانکي اُتساھ ڏيارين ٿا. ان وقت انسان ڀوڳ ولاس واري زندگي ڇڏي اخلاقي جيون جي ڀومڪا ۾ اچي ٿو.

ان کان پوءِ جي ڀومڪا هيءَ آهي. اخلاقي جيون ۾ انسان فرضي ڪرم ڏئارن پنهنجي من جي سڀني اوڻاين کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مگر هڪ وقت اهڙو اچي ٿو جڏهن هو ائين ڪندي ٿڪجڻ لڳي ٿو. تڏهن انسان پرارٿنا ڪرڻ لڳندو آهي: هي ڀڳوان، منهنجي ڪوشش، منهنجي طاقت جي حد تي چڪي. مونکي وڌيڪ بل ڏي. جيستائين انسان کي هي آزمودو نٿو ٿئي ته سندس سڀني ڪوشش هوندي به هو اڪيلو ڪامياب نه ٿو ٿي سگهي، تيستائين پرارٿنا جو راز سندس سمجهه ۾ نٿو اچي سگهي. پنهنجي سڀ شڪتي لڳائيندي به جڏهن اها ناڪام معلوم ٿي ٿئي، تڏهن دکي ڀاو سان دروپديءَ جيان پرماتما کي پڪارڻ لڳي ٿو. پرميشوري ڪرپا ۽ سهاينا جو چشمو ته سدائين وهندو رهي ٿو. جنهن کي به اُڃ لڳي هجي، اهو پنهنجو حق سمجهي منجهانئس پاڻي پي سگهي ٿو. وڌيڪ پاڻيءَ جي گهرج هجيس ته هو گهري به سگهي ٿو. اهڙي قسم جو لاڳاپو هن ٽئين ڀومڪا ۾ آهي. پرماتما وڌيڪ ويجهو اچي ٿو. هاڻي هو صرف اکري شاباس نه، پر مدد ڪرڻ لاءِ اچي ٿو.

پهرين پرميشور دور بيٺو هو. ماسٽر وديارٿي کي سوال پڇڻ لاءِ ڇڏي پاڻ پري بيهي يا ويهي رهي ٿو.

هن حالت ۾ آتما ڏسندي رهي ٿي. مگر اڇا هوءَ پسندي، قبوليت نٿي ڏئي. مگر هيءُ منش جو پاڻ کي ديهه روپ سمجهي سڀ ڪريائون ۽ وهنوار ڪري ٿو، اهو اڳتي هلي سڄاڳ ٿئي ٿو. ڪيس احساس ٿئي ٿو ته اڙي، مان ته حيوانن وانگر زندگي گذاري رهيو آهيان. انسان جڏهن هن نموني ويچار ڪرڻ لڳي ٿو تڏهن سندس اخلاقي پومڪا شروع ٿئي ٿي. تڏهن ٽپي ٽپي ٿي هو واجب، غير واجب جو ويچار ڪندو رهيٿو. ووڪ ڪان ڪم وٺڻ لڳي ٿو. سندس چنبڇاڻ جي بڌي جاڳي ٿي. من مانيون ڪريائون بند ٿين ٿيون. يوڳه جي جڳهه سنجم والاري ٿو. جڏهن انسان هن اخلاقي حالت ۾ اچي ٿو تڏهن آتما صرف مات ڪري ڏسندي نه ٿي رهي. اها اندران پنهنجي پسندي ڏئي ٿي. شاباس! نيڪ اهڙا آواز اندران اچن ٿا. هاڻ هو صرف سروساکي ڏسندڙ نه، پر پنيرائي ڪندڙ بڻجي پوي ٿو.

جيڪڏهن ڪو بکيو مهمان دروازي تي اچي وڃي ته توهين پنهنجي پرچيل ٿالهي ڪيس ڏيئي ڇڏيو ۽ پوءِ رات جو جڏهن پنهنجي هن چڱي ڪم جي ياد اچيو ته ڏسو من کي ڪيترو نه آنند ٿئي ٿو. اندرمان آتما جي هلڪي گونجار ٿئي ٿي ته ”توچڱو ڪم ڪيو“ ماتا جڏهن بالڪ جي پٺيءَ تي هٿ ڦيرائي،چوي ٿي ته ”چڱو ڪيءِ، پٽ!“ ته ڪيس ائين معلوم ٿئي ٿو ته ڄڻ ساري دنيا جي بخشيش ڪيس نصيب ٿي آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي

هوا اندر اچي ويندي. دروازو کوليو ته روشني اچي ويندي. هوا ۽ روشنيءَ جو مثال به مونکي اڻپورو پيو لڳي. انهن کان به پرماتما وڌيڪ ويجهو، وڌيڪ منتظر آهي. سرو ساکي ڏسندڙ، پنيرائي ڪندڙ نه رهندي، هو سڀ طرح مدد ڪندڙ ٿيندو آهي. من جي غلاظت مٽائڻ لاءِ، مسڪين ٿي اسين پڪاريون ٿا، "منهنجي واڳ سنڌءِ هٿن ۾، پريو پاڻ سنڀاليندين". اسين پرارٿنا ڪندا آهيون. "تون ئي منهنجو مالڪ مددگار آهين. منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه سرڪار آهين." نه پوءِ هو ديا جو ساگر ڪيئن دير وجهندو؟ ڀڳت وتسل هو ڀڳوان، اڻ پورن کي پورن ڪندڙ پريو، ڊوڙندو اچي ٿو. ڪڏهن هو رئداس جو چمڙو ڌوئي ٿو، ڪڏهن سڌني ڪاسائي وٽ ماس وڪڻي ٿو. ڪبير جي جهوپڙيءَ ۾ چادر اڻي ٿو، ۽ جينا بائيءَ وٽ چڪي پيهي ٿو.

ان کان پوءِ جو ڏاڪو آهي سو آهي پرميشور جي ڪرپا سان ڪرم جو جيڪو ڦل مليو، ان کي به خود نه وٺي، ڪيس ئي ارپڻ ڪرڻ. هن ڀومڪا ۾ انسان پرميشور کي چوي ٿو ته "پنهنجو ڦل پاڻ ئي ڀوڳ" نامديو ڌرڻو ماري ويٺو ته پريو کير پيئڻو ئي پوندءِ. کهڙو نه منوهر هيءُ پرسنگ! هو سڀ ڪرم ڦل روپي کير نامديو ڀڳوان کي ارپڻ ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح جيوت جي سڀئي پونجي، سڀ ڪمائي جنهن پرماتما جي ڪرپا سان پراپت ٿي، ان کي ئي هو ارپڻ ڪري ڇڏي

اهڙيءَ طرح انسان به جڏهن ڀوڳه ولاسي جيون ۾ مست رهي ٿو تڏهن پرماتما دور بيٺل رهي ٿو. هو ڇوي ٿو ته نيڪ آهي. هن کي هلڻ ڏي. پوءِ هو اخلاقي ڀومڪا ۾ اچي ٿو تڏهن پرماتما صفا الڳ نٿو رهي. انسان جي هٿان ست ڪرم ٿي رهيو آهي. اهو ڏسنديئي ڀڳوان ليئو پائي ٿو ۽ چوي ٿو "شاباس". ان نموني ست ڪرم ٿيندي ٿيندي، جڏهن چت جي اسٿول ميل ڌوپي وڃي ٿي ۽ سوکيم ميل ڌوپجڻ جو وقت اچي ٿو ۽ جڏهن سڀ ڪوششون ٿڪجڻ لڳن ٿيون، تڏهن هو پرماتما کي پڪارڻ لڳي ٿو ۽ هو "اچان ٿو" چئي، ڊوڙي اچي ٿو. ڀڳت جو اتساهه گهٽجنديئي هو اتي اچي بيهي ٿو. سنسار جو شيوڪ، سورج ناراڻ توهان جي دروازي تي سدائين ڪڙوئي رهي ٿو. سورج بند دروازي کي ڀڃي اندر نه ايندو. ڇو ته هو شيوڪ آهي. هو سوامي ادب رکي ٿو. هو دروازي کي ڌڪو نه ڏيندو. اندر مالڪ سمهيو پيو آهي ته به سورج روپي شيوڪ دروازي تي بيٺو رهندو آهي. ٿورو دروازو کوليو ته هو سڀ روشني ڪنيو اندر پهچندو آهي ۽ اونده دور ڪري ڇڏيندو آهي. پرماتما جي حالت به ائين سمجهو. سندس مدد گهرو ته هو هٿ ڊگهيڙي آيو ئي سمجهو. ڀيما جي ڪناري (پنڍر پور ۾) ڇپلهه تي هٿ رکي هو تيار ئي آهي.

"ڪٽي هٿ سڏي ٿو، پريو پاڻ مون کي"

اهڙو ورنن تڪارام ۽ بين ڪيو آهي. نڪ کوليو ته

پنهنجي چت جون سڀ خواهشون، ذميواريون ان کي سونپڻ ڏيوم. جڏهن هن پنهنجو سڀ بار گهوڙي تي رکيو ئي آهي ته پوءِ باقي ٻوجو پنهن جي مٿي تي ڇو رکي وهان؟

اهو ٻه گهوڙي جي پٺيءَ تي ڇو نه رکان؟ پنهنجي مٿي تي بار رکي جي گهوڙي تي سوار ٿيندين ته ٻه بوجو گهوڙي تي ئي پوندو. ته پوءِ سڀو بوجو ئي گهوڙي جي پٺيءَ تي ڇو نه رکان؟ اهڙيءَ طرح جيون جي سڀني هلچلن جو، هيناهين متاهين جو، دک سک جو کندڙ، سڀ ڪجهه کندڙ، آخر پرميشور ئي ٿي وڃي ٿو. منهنجي جيون جو هو "مهيشور" ئي ٿي وڃي ٿو. اهڙي نمولي وڪاس ٿيندي ٿيندي سڄو جيون پرميشور ميه ٿي وڃي ٿو. صرف ديهه جو پڙدو ئي باقي رهي ٿو. اهو جڏهن هٽي وڃي ٿو ته جيوءَ شو، آتما ۽ پرماتما هڪ ئي ٿي وڃن ٿا. هن نموني سرو ساکي پنيرائي کندڙ، مدد کندڙ ۽ ڀوڳ کندڙ مهيشور ٿي وڃي ٿو.

هن سروپ ۾ اسانکي پرماتما جي درجي بدرجي زياده ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي. پريو پهريائين الڳ رهي ڏسندو آهي. پوءِ اخلاقي جيون جي شروع ٿيڻ تي اسان کان ست ڪرم ٿيڻ لڳندا آهن ۽ هو اسانکي شاباس ڏيندو آهي. چت جي مئل ڌوئڻ لاءِ پنهنجي ڪوشش کي اسٿل ڏسي پڄگت جڏهن پڪاريندو آهي ته اهو اناٿن جو ناٿ، سهائتا لاءِ ڊوڙندو ايندو آهي. ان بعد

ٿو. ڌرمراج جڏهن سرشٽيءَ ۾ قدم رکڻ وارو هو تہ ساڻس گڏ ڪتي کي اڳتي وڃڻ نہ ڏنو ويو. تڏهن هن پنهنجي ساري جيون جو ٻج، ڦل، سرشٽي، هڪ ڪن ۾ ڇڏي ڏنو. اهڙيءَ طرح ڀڳت بہ سارو ڦل، لاڀ پرماتما کي ارپڻ ڪري ڇڏي ٿو. سرو ساکي ڏسندڙ، پنيرائي ڪندڙ، مدد ڪندڙ انهن روپن ۾ ظاهر ٿيندڙ پرماتما، هاڻي ڀوڳيندڙ ٿي وڃي ٿو. هاڻي انسان ان ڀومڪا ۾ اچي ٿو، جڏهن پرماتما ئي سرير ۾ ڀوڳن کي ڀوڳي ٿو.

هن کان پوءِ تہ خواهش ڪرڻ بہ ڇڏي ڏيڻي آهي. ڪرم ۾ ٽي ڏاڪا اچن ٿا. پهرين اسين خواهش ڪريون ٿا، پوءِ ڪرم ڪريون ٿا ۽ بعد ۾ ڦل اچي ٿو. ڪرم لاءِ پرڀوءَ جي مدد وٺي جو ڦل مليو اهو بہ ڪيس ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڪرم ڪندڙ بہ هو، ڦل چکيندڙ بہ هو. هاڻي ان ڪرم جي خواهش ڪندڙ بہ پرميشور کي ئي ٿيڻ ڏيون. اهڙيءَ طرح ڪرم جي شروع، وچ ۽ آخر ۾ هر جڳهہ پرڀوءَ کي اچڻ ڏيو. گيان ديو چيو

مالهي وٺي جيڏانهن ويو، پاڻي بہ خود اوڏانهن ويو؛
تون بہ ڪر پاڻيءَ جيان، خود پاڻ ارپڻ پريم کي.

مالهي جيڏانهن پاڻيءَ کي وٺي وڃڻ چاهيندو آهي اوڏانهن ئي پاڻي بنان چون چان جي هليو ويندو آهي. مالهي جن گلن ڦلن جي وڻن کي چاهيندو آهي، انهن کي هو پاڻي ڏيندو ۽ وڌائيندو آهي. اهڙيءَ طرح تنهنجي هٿان جو ڪجهہ ٿيڻو آهي، اهو ڪيس ئي طئي ڪرڻ ڏيو.

اچا پورن ٿئي. هنن ماڻهن کي معاف ڪر. هي ننا ڄاڻن
ته هو ڇا ڪري رهيا آهن." حضرت عيسيٰ جي هن مثال
۾ وڏو راز آهي. ديهه کي آتما کان ڪيترو الڳ ڪرڻ
گهرجي، ان جو هي مثال آهي. ڪيستائين منزل طيءِ ڪرڻ
گهرجي، ڪيستائين طيءِ ڪري سگهجي ٿي، اهو سڀ
يسوع مسيح جي جيون مان معلوم ٿي وڃي ٿو. ديهه
هڪ پردي، چلڪي وانگر الڳ ٿي رهي آهي. هيستائين
منزل پهتي آهي. جڏهن جڏهن آتما کي ديهه کان الڳ
ڪرڻ جو ويچار منهنجي من ۾ ايندو آهي، تڏهن تڏهن
يسوع مسيح جو هي جيون، هي نظارو منهنجي اکين
جي سامهون اچي ويندو آهي. ديهه کان پنهنجي صاف
علحدگيءَ جو، سنڌس نالي ٿئي وڃڻ جهڙو نمونو يسوع
مسيح جي جيون آهي.

ديهه ۽ آتما جي هيءَ علحدگي تيستائين ممڪن
ناهي جيستائين سچ کوڙ جي پرک نه ڪئي وڃي
ٿي. هيءَ ڄاڻ، هي گيان اسان جي رڳ رڳ ۾ سمائجي
وڃڻ گهرجي. گيان جو ارٿ اسين ڪندا آهيون "ڄاڻڻ".
مگر ٻڌيءَ سان ڄاڻڻ گيان ناهي. وات ۾ گره وجهڻ
پوڄن ڪائڻ ناهي. وات جو گره چٻاڙجي، ڳڙيءَ مان لنگهي،
پيٽ ۾ وڃڻ گهرجي ۽ ان پڇي سنڌس رس، خون
ساري سرير ۾ پهچي قوت ملڻ گهرجي. تڏهن اهو سچو
کاڌو آهي. اهڙيءَ طرح صرف ٻڌيءَ سان حاصل ٿيل
گيان سان، ڪم نه هلندو. اها ڄاڻ، اهو گيان، ساري

ڦل کي ۽ ڀڳوان جي ارپڻ ڪري کيس ڀوڳتا ٻڌائيندو آهي ۽ آخر ۾ سڀ سنڪلپ کيس ارپي سارو جيون ڀريو ميه ڪرڻو آهي. هيءُ ئي منش جي آخرين منزل آهي. ڪرم يوگ ۽ ڀڳتي يوگ جي ٻن ڪنين سان اُڏامندي جگياسوءَ کي هن آخرين منزل تي پهچڻو آهي.

٧٤

سگهڻ گيان ساڌنا جو بنياد آهي

هن سڀني کي پورو ڪرڻ لاءِ اخلاقي ساڌنا جي مضبوط بنياد جي ضرورت آهي. ستيه اَستيه جو وويڪ سان فيصلو ڪري، ستيه کي ئي سدائين گرهڻ ڪرڻ گهرجي. سار اسار جو ويچار ڪري سار ئي وٺڻ گهرجي. سڀ کي ڇڏي موتي گرهڻ ڪرڻ گهرجي.

هن طرح جيون جي شروعات ڪرڻي آهي. پوءِ پنهنجي ڪوشش ۽ پرميشوري ڪرپا جي ٻل سان مٿي چڙهڻو آهي. هن سڄي ساڌنا ۾ جي اسين ديهه کي آتما کان الڳ ڪرڻ جو ابياس ڪريون ته اسان کي ڏاڍي مدد ملندي. اهڙي وقت مونکي حضرت عيسيٰ جو ٻليدان ياد ايندو آهي. کيس ڪليون ٺوڪي ماري رهيا هئا. ان وقت سندس مکه مان هي ويچار نڪتا: "ڀڳوان، ايتري پيڙا ڇو ٿا ڏين؟" پر جلدي ڀڳوان عيسيٰ پنهنجي من کي سنڀالي ورتو ۽ چيو "چڱو جا تنهنجي مرضي! تنهنجي

جي روم روم ۾ هي گڻ ڀريل هئا. مينهن کي جو لکڻ
هنيو ويو ان جو نشان گيان ديو جي پٺي لي نڪري
آيو. هر جيو لاءِ سندس دل ۾ اتري همدردي هئي.
گيان ديو جي اهڙي ديالو هردي مان گيانيشوري ظاهر
ٿي آهي. هن گڻ انهيءَ ۾ ورلن کيا آهن، اهي پڙهڻ
لائق آهن. ويچارڻ لائق ۽ هردي ۾ چٽڻ لائق آهن. گيان ديو
جي اهڙي مٺڙي ٻولي مان ڇڪي سگهيس، ان لاءِ مان
پاڻ کي وڏ ڀاڳي سمجهان ٿو. سندس عمدي ٻولي منهنجي
مکه مان نڪري، ان لاءِ جي مونکي وري جنم وٺڻو پوي
ته مان وڏا ڀاڳ سمجهندس. شل ائين ٿئي! تاتپرج هي
ته درجي به درجي وڪاس ڪرڻ لاءِ آتما کان ديهه
جي طاقت کي الڳ مڃيندي ۽ سمجهندي سڀ لوڪ
پنهنجي جيون کي پرميشور ۾ ٻڌائڻ جو يتن ڪن.

آرلوار: ١٥-٥-٣٢.

جيون ۾ موجود هئڻ گهرجي، هردي ۾ پيهي وڃڻ گهرجي. اسان جي هٿن پيرن، اکين وغيره اندرين جي دئاران اهو گيان ظاهر ٿيڻ گهرجي. اهڙي حالت هئڻ گهرجي جو سڀ گيان اندريون ۽ ڪرم اندريون ويچار پوروڪ ٿي سڀ ڪم ڪن. ان ڪري ئي تيرهين اڌياءَ ۾ ڀڳوان گيان جي تمام عمدي وصف ڇٽي آهي. ڏير پرش جي نشانين وانگر گيان جون به نشانيون ٻڌايون آهن.

نمرتا، ٻ ونگبازي نه هئڻ، اهنسا، سرلتا، کميا وغيره ويهه گڻ ڀڳوان ٻڌايا آهن. هن صرف ايترو ئي چٽي بس نه ڪئي ته گيان هنن گڻن کي چئبو آهي. پر اهو به صاف چيائين ته هنجي ابتڙ يا الٽو جيڪي ڪي آهي اهو گيان آهي. گيان جي جا ساڌنا ٻڌائي ويئي آهي اها ساڌنا ئي گيان آهي. سقراط چيو آهي ته سد گڻن کي ئي مان گيان مڃان ٿو. ساڌنا ۽ ساڌيه ٻئي هڪ روپ ۾ آهن.

گيتا جا هي ويهه گڻ گيان ديو ارڙهن گڻ ڪري ٻڌايا آهن. گيان ديو انهن جو بيان ڏاڍي اتساه سان ڪيو آهي. هنن گڻن سان ناتو رکندڙ صرف پنج شلوڪ ڀڳوت گيتا ۾ آهن. پر گيان ديو پنهن جي گيانيشوري ۾ هنن پنجن شلوڪن تي ست سو شلوڪ لکيا آهن. هو هن ڳالهه لاءِ ڏاڍو خواهان هو ته سماج ۾ سد گڻن جو وڪاس ٿئي. سنتيه روپ پرماتماجي مهما پکڙجي. انهن گڻن جو بيان ڪندي پنهنجا سڀ آزمودا ڏنا اٿس. پاتڪن تي سندس هي انمت اپڪار آهي. گيانديوجيءَ

طاقت آتما لي تي ويئي آهي، ان کي مٿائي ڇڏيو. ديهه
جا هي سڀ دک سک ٻاهريان آهن، ٺاريا آهن. آتما سان
انهن جو ڪوبه سنبنڌ ڪونهي.

هنن دکن سکن کي ڪيتريءَ حد تائين ديهه کان جدا
ڪرڻ گهرجي، ان جو انداز مون حضرت عيسيٰ جي مثال
۾ ٻڌايو آهي. هن ڏيکاري ڇڏيو آهي ته ديهه کي بيحد
پيڙا هوندي به ڪهڙيءَ طرح هن کي شانت ۽ آنند ۾
رکي سگهجي ٿو. مگر هن طرح ديهه کي آتما کان الڳ
رکڻ جتني هڪ طرف وويڪ جو ڪم آهي ته ٻئي طرف
پرهيزگاريءَ جو به ڪم آهي.

”وويڪ سان گڏ- وئراڳ جو ٻل“ - ائين تڪارام چيو
آهي. وويڪ ۽ وئراڳ ٻئي ٺرموهي آهن. وئراڳ هڪ قسم
جي روڪ، پابندي آهي، سهڻ شڪتي آهي. هن اڏياءَ
۾ ضابطي جي حالت ٻڌائي ويئي آهي. پيڙيءَ کي چکڻ
جو ڪم نه لڪڙا يا ونجهه ڪندا، پر طرف ڏيکارڻ جو
ڪم نه سڪان ڪندو آهي. تنهنڪري لڪڙا ۽ سڪان
ٻئي گهرجن. انڪري ديهه جي سک دک کان آتما کي الڳ
رکڻ لاءِ وويڪ ۽ آتم سنجم ٻنهي جي ضرورت آهي.

حڪيم جئن مريض جي طبيعت ڏسي دوا ڏيندو آهي.
اهڙيءَ طرح ڀڳوان چوڏهين اڏياءَ ۾ ساري پرڪرتيءَ
جي جاچ پڙتال ڪئي آهي؛ چند چاڻ ڪري، ڪهڙيون
ڪهڙيون بيماريون آهن، اهي هن ٻڌايون آهن. هن ۾
پرڪرتيءَ جا ٽيڪ ٽڪا ڪيا ويا آهن. راڄ نيتيءَ

اڌياءُ چوڏهون

تمو، رجو، ستوگڻ

٢٥

پرڪرتيءَ جي چنبُ چاڙ

پيارا، اڄ جو چوڏهون اڌياءُ هڪ نمولي اڳئين تيرهن اڌياءَ جو پورڪ آهي. سچ پڇو ته آتما کي خود ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي. ڇو ته هوءَ خود پورن آهي. آتما جي سڀاويڪ حالت ئي مٿي ويندڙ آهي. پر جنهن ڪنهن شيءِ سان ڪو ڀاري يا ڳرو بار ٻڌو وڃي ته اها هيٺ ڇڪجي هلي ويندي آهي، اهڙيءَ طرح اهو شرير جو بار آتما کي هيٺ ڇڪي ايندو آهي. اڳئين اڌياءَ ۾ اسان ڏٺو ته ڪنهن به اپاءَ سان جي شرير کي آتما کان الڳ ڪري سگهون ته اسان جي ترقي ٿي سگهي ٿي. هي ڳالهه ڪٺي ڏکي هجي پر ان جو ڦل به مهان ئي نڪرندو. آتما جي پيرن ۾ پيل اها شرير روپي زنجير جي اسين ڪٽي سگهون ته اسين وڏو آنند محسوس ڪنداسين. پوءِ انسان ديهه جي دک ڪري دکي نه ٿيندو. اصل آزاد ٿي ويندو. جي انسان هن ديهه روپي چيز کي جيتي وڃي ته پوءِ ڪير هن سنسار ۾ مٿس طاقت هلائي سگهندو؟ جو پاڻ تي حڪومت ڪري ٿو اهو سنسار جو شهنشاهه ٿي وڃي ٿو. ننهنڪري ديهه جي جا

ماڻهو به هن آلس ڪري بيڪار ٿي وڃن ٿا. سماج جي ساري سک شانتيءَ کي مٽائڻ وارو هي دشمن آهي. هي ننڍي کان وڏي تائين سڀ کي لڙهو بڻائي ڇڏي ٿو. هن دشمن سڀني کي هٿ ڪري رکيو آهي. اهو اسان تي قبضو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي رهندو آهي. ٿورو ئي موقعو مليو ته اندر گهڙي پوندو. ٿورو ڪاڏو زياده ڪاڏو ته هن ليٽڻ لاءِ مجبور ڪيو. جتي ٿورو زياده ليٽيا ته اکين ۾ آلس ڇانئجي ويو. تنهنڪري جيستائين هن کي دور نه ڪيو ويو آهي، تيستائين سڀ ڪوششون اجايون آهن. مگر اسين ته آلس لاءِ اتسڪ رهندا آهيون. ائين چاهيندا آهيون ته هڪ بار ڏينهن رات محنت ڪري گهڻا پيسا گڏ ڪري، پوءِ آرام ۾ وقت گذاريون. گهڻن پئسن گڏ ڪرڻ جو مطلب ئي آهي اڳتي جي لاءِ آلس جي تياري ڪرڻ. اسين ائين سمجهندا آهيون ته ٻڍاپي ۾ آرام جي ضرورت آهي. مگر هي خيال غلط آهي. جيڪڏهن اسين جيئون ۾ ٺيڪ طرح رهون ته ٻڍاپي ۾ به ڪم ڪري سگهنداسين. بلڪ زياده آزمودگار هئڻ ڪري ٻڍاپي ۾ زياده ڪمائتا ثابت ٿينداسين. پر اسين الٽو چئون ٿا ته ٻڍاپي ۾ آرام ڪنداسين.

اهڙي خبرداري ڪرڻ گهرجي، جو آلس کي موقعو نه ملي. نل راجا ايڏو وڏو، مگر پير ڌوئندي ٿورو حصو رهجي ويو، ته ان مان پاپ اندر وڃي ويهي رهيو. نل راجا ته تمام شڌ، سڀ طرح صاف، مگر ٿورو شرير اڻ

۾ 'ونڊ وراھ، راڄ ڪماءِ' جو وڏو اصول آهي. جو دشمن سامھون آهي، ان ۾ جيڪڏهن قوت وجهي سگهجي ته اهو جلدي جيتي سگهبو. ڀڳوان هتي ائين چيو آهي.

منهنجي، اوهان جي، سڀني جيون جي، سڀني شين جي جا پرڪرتي آهي، ان ۾ ٽي گڻ آهن. جئن آيرويد ۾ بلغم، پت ۽ بادي آهن، تئن هتي ستو، رجو ۽ تمو اهي ٽي گڻ پرڪرتيءَ ۾ موجود آهن. هر هنڌ انهن ٽن گڻن جو مصالح ٻريل آهي. پوءِ ڪٿي گهٽ ته ڪٿي وڌ. ايترو ئي فرق آهي. جڏهين انهن ٽنهي کي آتما کان الڳ ڪنداسين، تڏهن ڏيهه کي آتما کان الڳ ڪري سگهبو. ڏيهه کي آتما کان الڳ ڪرڻ جو طريقو ئي آهي هنن ٽن گڻن جي ڇڪاس ڪري انهن کي جيتڻ. پرهيزگاريءَ ڏئاران هڪ هڪ وستوءَ کي جيتي آخر مکيہ چيز تائين پهچڻو آهي.

٧٦

تموگڻ ۽ انجو اپاءُ جسماني محنت

پهرين اسين تموگڻ کي وٺون. سماج جي هاڻوڪي حالت ۾ اسان کي تموگڻ جو تمام ڀيانڪ اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان جو مکيہ اثر آهي آلس. ان مان پوءِ ننڊ ۽ ويسر پيدا ٿين ٿا. انهن ٽنهي ڳالهين کي جيتي ورتو ته جڻ تموگڻ جيتي ورتو. ان ۾ آلس ڏاڍو ڀيانڪ آهي. چڳي ۾ چڱا

آهي. شرير جي استعمال نه هئڻ سان سست بيڪار ٿي رهيا آهن. ٻئي طرف ايتري محنت ڪرڻي پوي ٿي، جو سڄو شرير ئي ڪمزور ٿي رهيو آهي. ائين سماج ۾ شريرڪ محنت کان بچڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. جي سڙي مري ڪم ڪري رهيا آهن اهي به ڪو خوشيءَ سان ائين ڪين ڪري رهيا آهن. ٻيو ڪو وسيلو ڪونهي. تنهنڪري مجبور ٿي ڪن ٿا. پڙهيل ڳڙهيل سمجهدار ماڻهو محنت کان بچڻ لاءِ قسمين قسمين ڪارڻ ٻڌائين ٿا. ڪو چويٿو ته فضول ڇا لاءِ شريرڪ پورهئي ۾ وقت وڃايون؟ مگر ڪو ائين ڪونه ٿو چوي: "هيءَ ننڊ ڇو ڪريون؟ ڪاڏي ۾ وقت ڇو برباد ڪريون؟" بڪ لڳندي ئي کائين ٿا. ننڊ ايندي ئي سمهن ٿا. مگر جڏهن شريرڪ ڪم جو سوال اچيٿو ته البت ائين چئون ٿا ته اجايو هن ۾ ڇو وقت برباد ڪريون؟ ڇو پنهنجي شرير کي ايترو ڏک ۾ وجهون؟ اسين ته مانسڪ محنت ڪريون ٿا. ته جناب، جي ڪم مانسڪ ٿا ڪريو ته کائو به مانسڪ ۽ ننڊ به مانسڪ ڪريو نه! من ۾ ئي ننڊ ڪريو، من ۾ ئي ڀوڄن ڪرڻ جي تجويز ڪريو نه!

اهڙيءَ طرح سماج ۾ ٻن نمونن جا ماڻهو ٿي پيا آهن. هڪڙا ته اهي جي ڏينهن رات پيسجي رهيا آهن پيا جن کي همت به هلائڻو نه ٿو پوي. منهنجي هڪ دوست هڪ ڏينهن چيو: "ڪجهه ڏڙ نه ڪجهه سر." هڪ طرف

ڌ وتل رهجي ويو، تورو آلس يا غفلت رهجي ويئي ته يڪدم پاپ اندر گهڙي ويو. پر اسانجو ته سڄو سرير کليل آهي. ڪتان به آلس اسان جي اندر گهڙي سگهي ٿو. جيئن ئي شرير ۾ آلس آيو ته من بڌيءَ ۾ به آلس پيدا ٿيو پوي. اڄوڪي سماج رچنائي آلس تي ڪئي ويئي آهي. انهيءَ مان اننت دک پيدا ٿي پيا آهن. تنهنڪري جي اسين هن آلس کي ڪڍي سگهون ته سڀ نه، ته گهڻن ئي دکن کي دور ڪري سگهنداسين.

اڄ ڪالهه چوطرف سماج سڌار جي چرچا آهي. هي سوچيو وڃي ٿو ته رواجي آدمي کي گهٽ ۾ گهٽ هيترو سک ملڻ گهرجي ۽ ان لاءِ فلاڻي نموني جي سماج رچنا هئڻ گهرجي. هڪ طرف بيحد سک آهي ته ٻئي طرف بيحد دک آهي. هڪ طرف شاهوڪاريءَ جي چوٽي ته ٻئي طرف غريبي جي اونهي کاهي! هيءَ سماجڪ اڻ برابري ڪيئن دور ٿئي؟ سڀ ضروري سک، سولائي سان پراپت ڪرڻ جو هڪ ئي اُپاءُ آهي ۽ اهو آهي آلس ڇڏي سڀ محنت ڪرڻ لاءِ تيار ٿين. اسان جو مکيه دک اسان جي آلس ڪري ئي آهي. جيڪڏهن سڀ ماڻهو شريرڪ محنت ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪن ته جيڪر هيءُ دک دور ٿي وڃي.

مگر اڄ اسين سماج ۾ ڏسون ڇا ٿا؟ هڪ طرف ڪٽ چڙهيل نڪما ماڻهو ڏسون ٿا. سيٺ شاهوڪار، راجا رئيس، جن جي شرير کي ڪٽ چڙهي رهي

جي گود ۾ محنت ڪندا ته سندن ويچار به تيجسوي ٿي پوندا. شريرڪ بيماري، جو جڳن من تي اثر ٿيندو آهي، تئن شريرڪ تندرستيءَ جو به ٿيندو آهي. هيءَ آزمودي مان ثابت ٿيو آهي. سلهه ٿيڻ تي پنچگني ڏکرين تي هوا کائڻ لاءِ وڃڻ، سورج ڪرڻن جا تجربا ڪرڻ. ان کان اڳ جي ڪوڏر ڪٽي کوٽائي ڪئي وڃي، باغ کي پاڻي ڏنو وڃي يا ڪانيون ڏاريون وڃن ته ڪهڙو نقصان ٿيندو؟

٧٧

تموگڻ جي لاءِ ٻيا اپاءَ

آلس تي سوڀ پائڻ هڪ ڳالهه آهي. ٻي آهي ننڊ کي جيتڻ. حقيقت ۾ ننڊ پوتر چيز آهي. شيوا ڪري ٿڪل ساڌو سنت لاءِ هڪ يوڳ آهي. اهڙي قسم جي شانت ۽ گهري ننڊ وڏ ڀاڳين کي ئي ملندي آهي. ننڊ گهري هئڻ گهرجي. ننڊ جي گهرائي، گهڻو وقت سمهڻ يا سٺي بستري تي آڌار نٿي رکي. ڪوهه جيترو اونهو هوندو اوترو ئي وڌيڪ ان جو پاڻي صاف ۽ مٺو هوندو. اهڙيءَ طرح ننڊ چاهي ٿوري هجي پر گهري هجي، ان سان ئي اُتم ڪرم ٿي وڃي ٿو. من لڳائي اڌ ڪلاڪ پڙهڻ، چنچلتا سان ڪيل ٽن ڪلاڪن جي ابياس کان وڌيڪ لاڀدائڪ آهي. ساڳي ڳالهه ننڊ جي آهي. ائين

صرف ڌڻ آهي ته ٻئي طرف صرف سر آهي. ڌڻ رڳو گسندو رهي ٿو ۽ سر رڳو ويچار ڪندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح سماج ۾ راهو ڪيتو، سر ۽ ڌڻ ٻه طبقا ٿي پيا آهن. مگر جي سڀ پنج هي سر ڌڙ هجن ته ڪجهه هرج ناهي. تڏهن اهڙي منڍي واري فيصلي سان ڪو بندوبست ٿي سگهي ٿو. اهڙي ڪي منڊو رستو ڏيکاري ۽ منڊي ڪي انڊو ڪلهي تي کڻي، مگر هنن ڌڙن سرن جا علحدا طبقا يا جماعتون ناهن. هرهڪ ۾ ڌڙ ۽ سر ٻئي آهن. هي گڏيل سر ڌڙ سڀ هند آهن. ان لاءِ ڇا ڪيو وڃي؟ تنهنڪري هرهڪ کي گهرجي ته آلس ڪرڻ کان باز اچي.

آلس ڇڏڻ لاءِ شريرڪ محنت ڪرڻ گهرجي. آلس کي ڇڏڻ جو اهوئي هڪ اپاءُ آهي. جيڪڏهين ان کان ڪم نه ورتو ويو ته ان جي سزا ٻه قدرت طرفان ضرور ملندي. بيماريءَ يا ڪنهن ٻئي نموني جي دک ۾ اها سزا ڀوڳڻي ئي پوندي. جڏهن شرير اسان کي مليو آهي ته پورهيو اسان کي ڪرڻوئي پوندو. شريرڪ محنت ۾ جو وقت لڳي ٿو اهو اجايو نه ٿو وڃي. ان جو بدلو ضرور ملي ٿو. سٺي تندرستي حاصل ٿئي ٿي، ٻڌي تيجوان، تيز ۽ شد ٿئي ٿي.

ڪيترن ماڻهن جي ويچارن تي به سندن پيٽ جي سور ۽ مٽي جي سور جو اثر پوي ٿو. تنهنڪري ويچاروان لوڪ جيڪڏهن کلي هوا ۾، اُس ۾، قدرت

سگهه کان ڪيئن نه وانجهيل رهندو؟ پوءِ هو گهڻو وقت سمهيا پيا هوندا آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن جيون ۾ گهڻو پرشارٿ ڪرڻو آهي، ان کي جي ننڊ هڙپ ڪري ڇڏيو ته پرشارٿ جي نوبت ڪڏهن ايندي؟ اڌ جيون جي ننڊ ۾ ئي هليو ويو ته اسين پوءِ وڏيڪ ڇا حاصل ڪري سگهنداسين؟

جڏهن گهڻو وقت ننڊ ۾ ئي گذري ويندو آهي ته پوءِ نمي گڻ جو ٻيون دوست غفلت، ويسر، پنهنجو پاڻ اچڻ لڳندي آهي. ننڊاڪڙي ماڻهوءَ جو چت چست ۽ خبردار نٿو رهي سگهي. الٽو غفلت پيدا ٿئي ٿي. زياده ننڊ سان وري آلس وڌي ٿو ۽ آلس کان ويسر. ويسر پرمارٿ کي ناس ڪندڙ آهي. وهنوار ۾ به ويسر مان نقصان ئي ٿيندو آهي. مگر اسان جي سماج ۾ ته ويسر هڪ سياويڪ ڳالهه ٿي پيئي آهي. ويسر ڪو وڏو عيب آهي، ائين ڪو به محسوس ئي نٿو ڪري. ڪنهن سان ملاقات طئه ڪن ٿا ۽ پوءِ وڃن ڪين ٿا. پڇڻ تي چون ٿا، ”اڙي ڀائي، مون کان ته وسري ويو.“ ائين چوندڙ ان ۾ پنهنجي ڀل محسوس نه ٿو ڪري. ٻڌندڙ به سنتوش ڪري ٿو. معلوم نه ائين ٿو ٿئي ته جڻ ماڻهن جو اهو خيال آهي ته هيءَ ويسر لاءِ علاج آهي. مگر هيءَ غفلت پرمارٿ خواه وهنوار ٻنهي هنڌ نقصان ڪار ئي آهي. حقيقت ۾ ويسر هڪ وڏي بيماري آهي. ان مان ٻڌيءَ کي گهڻو لڳي ٿو. جيون کوکلو ٿي وڃي ٿو.

ڪين ڇڏي سگهبو ته گهڻي ننڊ آخر فائديمند ٿي ٿيندي آهي. بيمار ڇويهه ڪلاڪ بستري تي پيو رهندو آهي، ان ڪان پري ٿي نه ٿيندو آهي. پوءِ به هو سٺي ننڊ لئو ماڻي. سچي ننڊ ته گهري ۽ بنا سپنن واري آهي. مرڻ بعد جم پيڙا جا ڪجهه به ٿيندي آهي سا ٿئي، پر جنهنڪي ننڊ چڱي نه ٿي اچي، خراب سپنا اچن ٿا، ان جي جم پيڙا جي ته ڳالهه ئي نه پڇو. ويد م رشي تنگ اچي چون ٿا: "اهڙي دشت ننڊ مونکي نه گهرجي." ننڊ آرام لاءِ ٿيندي آهي پر ان لاءِ جي قسمين قسمين سپنا ۽ ويچار جند نه ڇڏين ته پوءِ آرام ڪٿي رهيو.

هاڻي گهري ۽ گهاٽي ننڊ اچي ڪيئن؟ جو اپاءُ آلس لاءِ ٻڌايو ويو آهي اهوئي ننڊ لاءِ به آهي. شرير ڪان لڳاتار ڪم وٺندو رهڻ گهرجي. پوءِ بستري تي پوندي ئي مردي وانگر پئجي ويندو. ننڊ هڪ ننڍڙو موت آهي. اهڙيءَ طرح سندر موت لاءِ ڏينهن جو اڳيم تياري چڱي هئڻ گهرجي. شرير ٿڪجي چور ٿي وڃڻ گهرجي. شيڪسپيئر چيو آهي: راجا جي سر تي ته ڇٽ آهي پر مٿي م چنتا اٿس. ان راجا کي ننڊ نه ٿي اچي. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته هو شريرڪ محنت نه ٿو ڪري. جو جاڳڻ مهل سمهي ٿو سو سمهڻ ويل ڪيئن نه جاڳندو؟ ڏينهن م ٻڌي ۽ شرير جو استعمال نه ڪرڻ، ننڊ ناهي ته ڇا آهي؟ پوءِ ننڊ وقت ٻڌي ڪيئن نه ويچار ڪندي رهندي ۽ شرير سڄي ننڊ جي

۽ جي شرير گهڻي هڻ پٽ ڪري ٿڪندو آهي ته اهو بستري تي پنهنجي رهڻ چاهيندو آهي. تموگڻ کان رجوگڻ جي ۽ رجوگڻ کان تموگڻ جي حاصلات ٿيندي آهي. جتي هڪ آهي اتي ٻيو آهي ئي.

جئن روئي هڪ طرف باهه ۽ ٻئي طرف گرم رک جي وچ ۾ ڦاٽي رهندي آهي، اهڙيءَ طرح انسان جي اڳيان پنيان به رجو تموگڻ لڳا رهندا. رجوگڻ چوي ٿو، "هيڏانهن اچو، توهانکي تموگڻ طرف اڏايان ٿو." تموگڻ چوي ٿو، "منهنجي طرف اچو ته جهٽ رجوگڻ طرف موڪليان." هن نموني ئي رجوگڻ ۽ تموگڻ هڪ ٻئي جا سهائڪ ٿي منش کي ناس ڪن ٿا. فوٽ بال جو جنم جئن چئني طرفن لتن ۽ ٺوڪرن کائڻ لاءِ ٿئي ٿو، ليڪن انسان جي جيون به رجوگڻ ۽ تموگڻ جي ٺوڪرن کائڻ ۾ ئي گذري ٿي.

رجوگڻ جي مکيه نشاني آهي قسمين قسمين ڪمن ڪرڻ جي لالچ. زبردست ڪرم ڪرڻ جي بيحد شڪتي. رجوگڻ وسيلي گهڻي ڪم ڪرڻ جو موهه ٿيندو آهي. ان مان لالچ واري ڪم جي ممتا پيدا ٿيندي آهي. پوءِ واسنا وڪار جي زور کي روڪي نٿو سگهجي. هيڏانهن جو جبل هوڏانهن ڪٽي وڃڻ ۽ هوڏانهن جي کڏ پُرڻ جي اڇا رهندي آهي. هتي سمنڊ ۾ مٽي وجهي ان کي پوري ڇڏڻ ۽ هتي بيابان ۾ پاڻي ڇڏي سمنڊ بڻائڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. هتي

من جو آلس ويسر جو ڪارڻ آهي. من جيڪڏهن سجاڳ رهي ته پوءِ پل تي نه ٽڪي سگهي. هيڏانهن هوڏانهن ليٽندڙ ماڻهوءَ جي من کي ويسر روپي بيماري ضرور ٿئي ٿي. ان ڪري ڀڳوان بڌ چيو آهي: ”غفلت، ويسر جڻ موت ئي آهي.“ هن ويسر تي سوڀ پائڻ لاءِ آلس ۽ ننڊ کي جيتڻ گهرجي. شريرڪ محنت ڪريو ۽ هميشه خبردار رهو. جيڪي ڪم ڪرڻا هجن سي ويچار ڪري ڪريو. ائين ئي بنان ويچار ڪوبه ڪم نه ڪريو. ڪم کان پهرين خواه پوءِ به ويچار کان ڪم وٺڻ گهرجي. اڳيان پٺيان هر طرف ويچار روپي پرميشور کڙو رهڻ گهرجي. جڏهن اهڙي ڪا عادت وجهنداسين ته پوءِ غفلت روپي بيماري دور ٿي ويندي. سڄي وقت کي نيڪ نموني ۾ ڪم آڻيو هڪ گهڙيءَ جو حساب رکو ته پوءِ آلس کي گهڙڻ جي جڳهه نه ملندي. اهڙيءَ ريت سان تموگڻ کي جيتڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

۸۷

رجوگڻ، انجو اپاءُ سو ڌرم آچارڻ.

هاڻي رجوگڻ تي ڌيان ڏيو. رجوگڻ به هڪ ڀيانڪ شترو آهي. هيءَ تموگڻ جوئي ٻيو پاسو آهي. يا ته ائين چئو ته ٻئي ساڳي معنيٰ وارا اکر آهن. جڏهن شرير گهڻو وقت سمهي ڇڪندو آهي ته هلچل ڪرڻ لڳندو آهي

ان جي اثر ۾ اچي انسان ڌرتيءَ کي ڳھرو کوٽي ٿو. ان جي پيٽ مان چمڪندڙ پٿر ڪڍيٿو ۽ انھن کي ھيرا ماڻڪ، جواھر نالا ڏئي ٿو. ان لھر جي وس ٿي سمنڊ ۾ ٽٻي ھڻي ٿو. ان جي تري مان گند ڪچرو مٽي ڪڍي اچي ٿو ۽ ان کي موتي نالو ڏئي ٿو. مگر موتيءَ ۾ ٽنگ نہ ٿو ٿئي. تنھنڪري ان ۾ ٽنگ ڪري ٿو. ھاڻي اھي موتي پائي ڪٿي؟ تہ سوناري ڪان نڪ ڪن ۾ ٽنگ ڪرائي ٿو. انسان ھي سڀ ھڻ پٽ ڇا لاءِ ٿو ڪري؟ ھي سڀ رجوگڻ جو اثر آھي.

رجوگڻ جو ٻيو اثر ھي ھوندو آھي تہ منش ۾ استرتا نہ ٿي رھي ۽ رجوگڻ ھڪدم ڦل چاھيٿو. تنھنڪري ٿوروئي رنڊڪ رڪاوٽ آئي، تہ ھو ورتل رستو ڇڏي ڏيندو آھي. رجيگڻ وارو انسان ھميشہ ”ھي وٽ ھو ڇڏ.“ ائين ڪندو رھي ٿو. سندس چونڊ روز بدلبي رھي ٿي. ان جو آخر نتيجو ھي ٿئي ٿو تہ سندس پلئہ ڪجھہ بہ نہ ٿو پوي.

رجوگڻ ھلچل ڦرڻي گھڙي ۽ چنچل رھندي آھي. ننڍڙا ٻار ڪٽڪ پوکيندا آھن ۽ اتي جو اتي کوٽي ڏسندا آھن. رجوگڻي ماڻھوءَ جو بہ اھوئي حال ھوندو آھي. جھٽ پٽ جو کيل کيس گھرجي. ھٿن لي پرتؤ کيس گھرجي. ترت بيچين ٿي پوي ٿو. سنجم وڃائي وھي ٿو. ھڪ ھنڌ ديرو ڄمائي وھڻ تہ ھو ڄاڻي ئي ڪونہ. ھٿي ٿورو ڪم ڪيو، ذرا مشھوري ملي. بس

سڻيزواهه کوٺيان هتي پاتاما واهه ٿاهيان. اهڙي پيچگهڙ شروع ٿئي ٿي. ڏاهه ٿاهه کان سواءِ مڙوئي ڪين ٿو اچي. نندڙو ٻار جنهن کو ڪپڙي جو ٽڪر ڪٽي ان کي ڦاڙيندو آهي پوءِ ڪجهه ٿاهيندو آهي، اهڙي ئي هيءَ ڪريا آهي. هن ۾ هي ملايو، هن ۾ هو ٻوڙيو، هن کي هيئن اڏايو، هن کي هيئن ٿاهيو. اهڙائي بي انداز کيل رجوڳڻ جا ٿيندا آهن. پکي آڪاس ۾ اڏامندو آهي. اسين ٻ آڪاس ۾ ڇو نه اڏامون؟ مڇي پاڻيءَ ۾ رهندي آهي. اسين ٻ ٽوٻو جهاز ٿاهي پاڻيءَ ۾ ڇو نه رهون؟ اهڙيءَ طرح منش ڇولي ۾ اچي ٻ پسونءَ جي، پکيءَ جي برابري ڪرڻ ۾ سنتوش معلوم ٿئي ٿو. ٻين جي ڇولي يا ٻين شريرن جي عجيب خاصيت جو تجربو ڪرڻ جا انگ هن ئي منش، ڇولي ۾ سجهن ٿا. ڪوچوي ٿو: هلو منگل گره جو سير ڪري اچون ۽ اتان جي آبادي ڏسي اچون. اسان جو چت لڳاتار سفر ڪندو رهي ٿو. جڻ ته ايڪ واسنائن جو ڀوت ئي اسانجي شرير ۾ ويهجي ويو آهي. جو جتي آهي اُتي ڏنو ئي نه ٿو وڻي. اٿل پٿل هئڻ گهرجي. سمجهيٿو ته مان ايڏو وڏو منش پراڻي، منهنجي هوندي ئي هيءَ دنيا ساڳي ئي ڪيئن رهڻ گهرجي؟ جنهن کو پهلوان هوندو آهي، ان جي طاقت روم روم مان ڦاٽي نڪرندي آهي، ان کي هضم ڪرڻ لاءِ ڪڏهن هو ڀت سان ٽڪر هڻي ٿو، ته ڪڏهن وڻ کي موڙي ٿو، ٽوڙي ٿو. رجوڳڻ جي امنگ کي ائين ئي سمجهو

گهرجي. هيءَ ئي سؤڌرم جي ڪسوٽي آهي. ڪرم يوگ يعني ڪوئي زبردست يا ڀاري ڪرم نه آهي، صرف گهڻا ڪم ڪرڻ به ڪرم يوگ ناهي. گيتا جو ڪرم يوگ نرالي چيز آهي. ڦل طرف ڌيان نه ڏيندي صرف سياويڪ ۽ ضروري اهڙو سؤڌرم آچرڻ ۽ ان ڌارا چت شڌي ڪندو رهڻ، هيءَ ئي ڪرم يوگ ڪرڻ جي خاصيت آهي. ٻيءَ حالت ۾ سرشٽيءَ ۾ ڪرم ڪرڻ نه لڳاتار چالوئي آهي. ڪرم يوگ جي معنيٰ خاص منورتيءَ سان ڪرم ڪرڻ. ٻنهيءَ ۾ ان پوکڻ ۽ ٻڪ پري ڪٽي به اچلڻ ٻئي جدا جدا ڳالهيون آهن. ٻنهي ۾ گهڻو تفاوت آهي. اها نه خبر اٿئون ته ٻج پوکڻ ۾ ڪيترو فائدو ٿئي ٿو ۽ ڦٽي ڪرڻ سان ڪيترو نقصان ٿئي ٿو. گيتا جنهن ڪرم جو اپديش ڏئي ٿي اهو ٻج پوکڻ جهڙو آهي. اهڙي سؤڌرم روپي ڪرم ۾ بيحد شڪتي رهي ٿي. انهي سڀ محنتون اڻ پوريون هونديون آهن. تنهنڪري اتي گهڻي هڻ پٽ جي ضرورت ئي نه ٿي پوي.

79

سؤڌرم ڪيئن ٺهي ٿو

نه ڄاڻي هي سؤڌرم ٺهرايو ڪيئن وڃي؟ اهڙو ڪو سوال ڪري ته ان جو جواب سولو آهي. اهو سياويڪ

هليو ويٺي ڏانهن. اڄ مدراس ۾ مانيٽر، سپان ڪلڪتي ۾، نه پرهين بمبئي ۽ ناگپور ۾. جيتريون ميونسپالٽيون اوترا مانيٽر کيس ملڻ گهرجن. اهڙي سندس خواهش رهي ٿي. ”مان ئي مان“ هي هڪ ئي چيز کيس سجهي ٿي. هڪ جڳهه رهي ڪم ڪرڻ جي کيس عادت ئي نه رهندي آهي. ان ڪري رجوگڻي ماڻهوءَ جي ڏاڍي ڀيانڪ حالت ٿئي ٿي.

رجوگڻ ڪري منش جدا جدا ڌنڌن ۾ ٽنگ اڙائيندو رهي ٿو. کيس سؤ ڌرم جڻ نه رهيئي ڪين ٿو. حقيقي سؤ ڌرم آچرڻ بين ڪرمن جو تياڳڻ ئي آهي. گيتا جو ڪرم يوگ رجوگڻ لاءِ هڪ رام باڻ اپاءُ آهي. رجوگڻ ۾ سڀ ڪجهه چنچل آهي. جبل تي پولڊ ڙ پاڻي جيڪڏهن ڏار ڏار پاسي وهڻ لڳو ته ڪنهن نه ڪم جو. ڪل پاڻي پڪڙجي اجايو وهي وڃي ٿو. مگر اهوئي پاڻي جي هڪ پاسي وهي هليو ته ان پاڻيءَ جي اڳتي هلي ندي ٿيندي. منجهس هڪ شڪتي پيدا ٿيندي. ان مان ديش کي فائدو ٿيندو. ٿئن ئي منش جيڪڏهن پنهنجي ساري طاقت طرح طرح جي گهڻن ڪمن ۾ نه لڳائي هڪ ئي ڪم ۾ نيڪ طرح لڳائيندو ته ڏهن ئي سندس هتان ڪجهه ڪم ٿيندو. ان ڪري سؤڌرم جي ڏاڍي اهميت آهي.

سؤڌرم جو هميشه ڌيان رکندي ان ۾ ئي ساري شڪتي لڳائڻ گهرجي. ٻيءَ ڳالهه ڏانهن خيال به نه وڃڻ

جو چوي: "هلو هو لوڙهو چار پنج همه اڳتي هٽائي ڇڏيون. منهنجي پٺيءَ جي حد وڌي ويندي. هن وقت ڪو به ڪونهي. سواءِ گوڙ شور جي سڀ ڪم ٿي ويندو." جيتوڻيڪ هي ڪم مونکي پاڙيسريءَ ڇيو آهي، سياويڪ مليو آهي، تڏهن به ان ۾ اڌرم هئڻ سبب اهو منهنجو فرض ٿئو ٿي سگهي.

ڇئن ورڻن جي جوڙجڪ مونکي وڻي ٿي. ان جو سبب اهو ٿي آهي ته ان ۾ سياويڪتا ۽ ڌرم ٻئي آهن. هي سوڌرم ٿاري اسين هلي ڪين سگهنداسين. جيڪي ماتا پتا مونکي مليا آهيئي منهنجا ماتا پتا. جيڪڏهن مان چوان ته اهي مونکي پسند ناهن ته ڪم ڪيئن هلندو؟ ماتا پتا جو ڌندو سياويڪ بار ڪي ورثي ۾ ملندو آهي. جو ڌندو وڏن کان هلندو آيو آهي، اهو جي ڌرم جي خلاف نه هجي ته ان کي جاري رکڻ ئي ڇئن ورڻن جي خاصيت آهي. هيءَ ڇئن ورڻن جي رٿا اڄ ڪالهه بگڙجي پيئي آهي. ان جي پيروي ڪرڻ اڄ ڏاڍي ڏکي ٿي پيئي آهي. مگر جيڪڏهن ان کي نيڪ نموني ٿي آڻي سگهجي ته تمام چڱو. ته نه اڄ شروعات جا پهريان پنجويهه ٽيهه سال نئين ڌندي سکڻ ۾ ئي خرچ ٿيو وڃن. ڌندي سکڻ کان پوءِ منش شيوا ڪيتر، ڪرم ڪيتر ڳولهي ٿو. اهڙيءَ طرح پهريان پنجويهه سال ته سکندو رهي ٿو. هن سکيا جو سندس جيون سان ڪوئي لاڳاپو ڪونهي. چوندو آهي ته هو آئينده اڏي رهيو آهي. جڻ نه سکيا

ٿيندو آهي. اهو سهج هوندو آهي. ان کي ڪوڄڻ جي ڪلپنا ئي عجيب معلوم ٿئي ٿي. منش جي جنم سان گڏ سندس سوڌرم به ڄائو آهي. ٻارن کي ماءُ ڄڻين ڳولهڻي نٿي پوي، تئين ئي سوڌرم ڳولهڻو نٿو پوي. اهو ته اسان کي ٻين کان ئي مليل آهي. اسان جي جنم کان اڳ به دنيا هئي. اسان کان پوءِ به رهندي. اسان کان ٻين اسان جي ٻنيان زبردست وهڪرو هو ۽ اڳيان به اهوئي آهي. اهڙي وهڪري ۾ اسان جو جنم ٿيو آهي. جنهن ماءُ پيءُ جي ڪک مان ڄاوا سين، انهن جي شيوا، جن پاڙيسرين جي وچ ۾ منهنجو گهر آهي انهن جي شيوا، هي ٻئي ڪرم مونکي قدرتي مليل آهن. منهنجون ورتيون ته نت منهنجي اڳيون جون آهن ئي نه. مونکي ٻک لڳي ٿي، اُڃ لڳي ٿي. يعني ٻکئي کي ڪاڌو ڪارائڻ ۽ اڃايل کي پاڻي پيارڻ، هي ڌرم مونکي پاڻ کان پاڻيهي مليو آهي. اهڙيءَ طرح هي شيوا روپ، جيودَيا روپ، سوڌرم اسان کي ڳولهڻو ڪين ٿو پوي. جنهين اسان کي سوڌرم ڳولڻو ٿو پوي، اُتي پڪ سمجهو ته ڪجهه نه ڪجهه پرڌرم يا اڌرم هلي رهيو آهي.

شيوڪ کي شيوا ڳولهڻي ڪين ٿي پوي. اها خود به خود وٽس اچي ٿي. مگر هڪ ڳالهه خيال ۾ رکڻ گهرجي. جا ڳالهه سياوڪ پراپت ٿي هجي اها ڪا هميشه ڌرم واري هوندي، ائين به ناهي. هاري اچي مونکي رات

الي به گهرو ڌنڌ ڦهليل رهي ٿو. پر ڪيس اهو ويجهو ڌنڌ يا ڪوهيڙو نه ٿو ڏسجي. هو آگر جي اشاري سان چوي ٿو، هتي ڏاڍو ڪوهيڙو آهي. پر هوڏانهن جو ماڻهو هن ڏانهن اشارو ڪري چوي ٿو ته هتي گهرو ڪوهيڙو آهي. ڪوهيڙو نه هر جڳهه آهي پر ويجهو ڪوهيڙو ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. منش کي دور وارين ڳالهين جي ڪشش ٿيندي آهي. گهر جو پير چلهه جو مارگ واري ڳالهه آهي. هي موهه آهي. اهو ڇڏڻ ئي گهرجي. پرابت ٿيل ڌرم رواجي هجي، سادو هجي، بي رس لڳي تڏهن به جو مونکي مليو آهي اهوئي چڱو، اهوئي سندر آهي. سمنڊ ۾ ٻڏندڙ ماڻهوءَ کي ڪو ڏنگو ڦڏو ءِ ردي ڪاٺ جو ٽڪر هٿ لڳي وڃي، اهو سهڻو سڌو نه به ڪٺي هجي تڏهن به بچائيندڙ آهي. واڍي جي ڪارخاني ۾ سندر، سهڻا گهڙيل ڪاٺ جا ٽڪر هوندا آهن پر اهي نه رهيا ڪارخاني ۾ ۽ هيڏانهن هي نه هتي ٻڏي رهيو آهي. تنهنڪري جڏهن اهو بدزيبو ڪاٺ جو ٽڪر ئي سندس سهارو آهي، ان کي ئي ڪيس پڪڙڻ گهرجي، اهڙيءَ طرح جا شيوا مونکي ملي ويئي آهي، اها سادي هوندي به منهنجي لاءِ ڪمائتي آهي. ان ۾ مگن رهڻ ئي مونکي سونهي ٿو. ان ۾ منهنجو نيستارو آهي. ان کي ڇڏي جي مان ٻي شيوا ڳولهڻ جي چڪر ۾ پيس ته ”اڌ کي ڇڏي جو سڄي ڏانهن ڊوڙي، اهو اڌ نه وڃائي پر سڄي ڪان به وڃي.“

ونڻ وقت هو جيئڻ وٽي ناهي. جيئڻ جڻ ته بعد ۾ آهي. ڇوي تو ته ڦهرين سڀ سگهڻ، پوءِ جيئڻ. جيئڻ ۽ سگهڻ هي ٻئي ڪريائون الڳه ٿي ڪيون ويٺون آهن. مگر جتي جيئڻ جو ڪو واسطو ڪونهي، اتي نه مرڻ ٿي ڇوڻ گهرجي. هندستان ۾ سراسري عمر ٽيويهه سال آهي. هي پنجويهن سالن تائين ته تياري ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح ٿيئين ڌنڌي سگهڻ ۾ ٿي ڏيهن ختم ٿين ٿا. تڏهن مس وڃي ان ڌنڌي جي شروعات ٿئي ٿي. ان ڪري مکيه ۽ اتساه ڀريا سال اجايا فضول گذري وڃن ٿا. جو اتساهه، امنگه ماڻهن جي سيوا ۾ خرچ ڪري جيون سڦايو ڪري سگهجي ٿو، اهو ائين ٿي اجايو هليو وڃي ٿو. قيمتي عرصو ته جيون جي ڪم ڌنڌي ڳولهڻ ۾ ٿي هليو وڃي ٿو. هندو ڌرم ان ڪري ورڻ ڌرم جي ترڪيب ڪئي آهي.

مگر ڇئن ورڻن جي ڪلپنا ڪي ڪٿي هڪ پاسي رکو تڏهن به سڀني ملڪن ۾ سڀ هنڌ جتي هيءَ رٿا ناهي، اتي به سؤ ڌرم سڀ ڪي حاصل ٿيل ٿي آهي. اسين سڀ هن وهڪري ۾ ڪنهن هڪ حالت ڪي وٺي جاوا آهيون. انڪري سؤڌرم آچرڻ روپي فرض خود به خود اسان ڪي مليو آهي. تنهنڪري جي پيا فرض آهن جن ڪي سڀ پڇ فرض ڇوڻ غير واجبي آهي، اهو ڪيترا به چڱا ڏسڻ ۾ ايندي گرهڻ نه ڪرڻ گهرجن. اڪثر ڪري پريان وڃندڙ ڍولڪ وڻندڙ لڳندي آهي. منش دور جي ڳالهين تي پنهنجي ويندو آهي. منش جتي بيٺو آهي

ٻوي ٿو. پر ستوگڻ جي پوڪا ڪجهه نرالي آهي.
جڏهن ڌاڙي پيڙ هوندي آهي ۽ ماڻهن کي چڙو چڙ ڪرڻو
هوندو آهي نه سپاهين کي حڪم ملندو آهي ته چيلهه
کان هيٺ پيرن طرف گوليون هلايو. ان سان ماڻهو
مرندا ناهن پر زخمي ٿيندا آهن. ٿهڙيءَ طرح ستوگڻ کي
به زخمي ڪرڻو آهي، مارڻو ناهي. رجو ۽ تموجي هلي
وڃڻ تي باقي شڌ ستوگڻ ئي رهجي وڃي ٿو. جيسين
سريو ۾ ساه آهي، تيسين ڪنهن نه ڪنهن پوڪا ۾،
ڪنهن نه ڪنهن حالت ۾ رهڻو ئي پوندو ته پوءِ رجو
تموجي ختم ٿيڻ بعد جو ستوگڻ رهندو، ان کان الڳ
ٿيڻ جو مطلب ڇا؟

جڏهن ستوگڻ جو ايمان پيدا ٿئي ٿو تڏهن آتما کي
شڌ سروپ کان هيٺ ڪيرائي ٿو. لالٽين جي جوت جي
پرڪاش کي جي صاف روپ ۾ ٻاهر آڻڻو هجي ته سندس
اندر جو سڀ ڪجل وغيره صاف ڪرڻو پوندو آهي.
مگر جي شيشي تي مٽي وغيره جميل هوندي ته اها به
صاف ڪرڻي پوندي آهي. اهڙيءَ طرح آتما جي روشنيءَ
جي چوڌاري جو تموگڻ جو ڪجل گڏ ٿيل هوندو آهي،
ان کي صاف ڪري ڇڏڻ گهرجي. ان کان پوءِ رجوگڻ
روپي مٽيءَ کي به صاف ڪرڻو آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن
رجو تمو صاف ٿي ويا ته هاڻي ستوگڻ روپي ڪانچ باقي
رهيو. ان ستوگڻ کي به دور ڪرڻ جو مطلب ڇا؟ اهو
ونو ته ان ڪانچ کي به ڀڃي ڇڏيون؟ بلڪل نه. شيشو

واري ڪار ٿيندي. ان ڪري منش شيوا ورتيءَ کان ئي ڏور رهجي وڃي ٿو. ان ڪري سؤڌرم روپي ڪرم ۾ ئي مگن رهڻ گهرجي.

جڏهن اسين سؤڌرم ۾ مگن رهڻ لڳون ٿا ته رجوگڻ جهڪو ٿئي ٿو. چِوَ ته چت ايڪاگر ٿئي ٿو. هو سؤڌرم کي ڇڏي ڪيڏانهن به نٿو وڃي، ان ڪري چنچل رجوگڻ جو سڄو زور گهٽجي وڃي ٿو. ندي شانت ۽ گهري هوندي آهي ته پوءِ ڪيترو به ڪٽي پاڻي اچي، هوءَ پنهنجي پيٽ ۾ سمائي ڇڏي ٿي. اهڙيءَ طرح سؤڌرم جي ندي منش جي سڄي طاقت، سڄي تيزي، سڄو بل پچائي وڃي ٿي. سؤڌرم ۾ جيتري به طاقت لڳائيندا اوتري ٿوري آهي. سؤڌرم ۾ توهين جيڪڏهين سڀ طاقت لڳائيندا ته رجوگڻ جي هڻ پٽ ختم ٿي ويندي، جڻ توهان چنچلتا کي ئي ختم ڪري ڇڏيو. اها ريت آهي رجوگڻ جيتڻ جي.

٨٠

ستوگڻ ۽ انجو اپاءُ

هاڻ رهيو ستوگڻ. مون کي تمام سنڀالي رهڻ گهرجي. هن کان آتما کي الڳ ڪيئن ڪريون، تمام باريڪ ويچار جي هيءَ ڳالهه آهي. ستوگڻ کي هڪدم پاڙون نه پٽڻو آهي. رجو تمو جو ته هڪدم ناس ڪرڻو

جو ذڪر ڪونه ٿا ڪريون. ڇا ڪير ڪڏهن ايمان وچان ائين چوندو ته مان هڪ ساهه ڪڻندڙ پراڻي آهيان؟ هردوار مان اڇليل هڪ ڪکه ڪانو جيڪڏهن گنگا ۾ وهندو وهندو ١٥٠٠ ميل دور ڪلڪتي تائين وڃي پهچي، ته ڇا ان تي هو فخر ڪندو؟ اهو ته وهڪري ۾ سولائيءَ سان وهندو آيو. پر جي ڪو وهڪري جي ابتڙ ڏهه ويهه هٿ ئي تري ويو ته هو ڪيترو نه پٽاڪ هڻندو! مطلب ته جا ڳالهه سياويڪ آهي انجو اسان کي اهنڪار محسوس نه ٿيندو.

جڏهن ڪو چڱو ڪم اسان جي هٿان ٿيندو آهي ته اُن جو ايمان اسان ۾ پيدا ٿيندو آهي. ڇو؟ ان ڪري جو اهو ڪم سياويڪ طرح نه ٿيو آهي. بالڪ جي هٿان ڪو چڱو ڪم ٿيو ته ماتا سندس پٺي ٺپريندي آهي. نه ته سندس پٺيءَ ۽ ماءُ جي مڪ جي ته هميشه ملاقات ٿيندي رهندي آهي. رات جي اونداهيءَ ۾ هڪ اڌ ڪتڙ ڪبيتو هجي ته پوءِ ڏسو سندس مزا. هو ساندهه سڄي چمڪ ڪين ڏيکاريندو. وچ وچ ۾ ٽمڪي ٿو. بند ڪري ٿو، وري ٽمڪي ٿو. روشنيءَ کي بند ڪيندو، کوليندو رهي ٿو. جيڪڏهن سندس روشني لڳاتار رهي ته جيڪر ڪوبه مزو ڪين ڏئي. ساندهه ڪرڻ ۾ ڪا خاص ڳالهه معلوم نٿي ٿئي. اهڙيءَ طرح جي ستوگڻ، اسان جي ڪمن ڪارين ۾ هميشه ظاهر ٿيندو رهيو ته اڳتي هلي اهو اسان جو سياوُ ئي ٿي ويندو. شينهن کي بهادريءَ جو ايمان نه

ڀچڻ سان ٻتيءَ جو ڪم ڪين هلندو. ٻتيءَ جي روشني ڦهلائڻ لاءِ ڪانچ ضروري آهي. تنهن ڪري هن شڌ چمڪندڙ شيشي کي ڀڃبو نه ڪين، پر ان جي سامهون هڪ ننڍڙو ڪاغذ لڳايون جنّ اکيون چنجهيون نه ٿين. ضرورت رڳو آهي ته اکين تي روشنيءَ جو ڌڪو نه اچي. ستوگرهه جيتڻ جو مطلب هيءُ آهي، ته ان لاءِ اسان جو ايمان، اسان جو موهه هٽي وڃي. ستوگرهه کان ڪم نه ونڻو آهي، پر نموني سان، ڍنگ سان. ستوگرهه کي نرهنڪاري بڻائڻو آهي.

هاڻ سوال آهي ته هن ستوگرهه جو اهنڪار ڪيئن جيتبو وڃي؟ هن جو هڪ اپاءُ آهي. ستوگرهه کي اسين پنهنجي اندر ۾ استر ڪري ڇڏيون. هميشه عمل ڪرڻ سان ان جو ايمان هليو وڃي ٿو. ستوگرهه جا ڪم ٿي هميشه ڪندا رهون، ان کي پنهنجو سڀاوئي بڻائي ڇڏيون. ستوگرهه اسان وٽ ڪن پل لاءِ آيل مهمان نه، بلڪ گهر جو ڀاتي ٿيڻ گهرجي. جو ڪم ڪڏهن اسان جي هٿان ٿئي ٿو، ان جو اسان کي فخر ٿئي ٿو. سمهندا ته اسين روز آهيون، پر ان جي چرچا ڪنهن سان به نه ڪندا آهيون. پر جڏهن ڪنهن بيمار کي ننڊ رهن ڏينهن ننڊ نه اچڻ بعد هڪ ڏينهن ننڊ ايندي آهي ته هو چوندو آهي: رات ٿورو جهوٽو آيو. ڪيس اها ڳالهه اهم لڳي ٿي. ان کان به وڌيڪ صاف مثال اسين ساهه کڻڻ جو ونون. ساهه اسين چوويهه ڪلاڪ کڻون ٿا. مگر سڀ ڪنهن سان ان

مزيدار ڳالهه آهي. سندس نڪ هو چپڙو. ماڻهو کيس ڏسي کلندا هئا. مگر سقراط چوندو هو منهنجوئي نڪ سندر آهي. ڇاڪاڻ ته نڪ جون ناسون وڏيون هونديون آهن ته اهي پرپور هوا اندر کڻي سگهنديون آهن. ان ڪري منهنجو نڪ ئي سڀ کان سندر آهي. مطلب ته ساهه کڻڻ جو نڪ کي ايمان نه، پر موهه آهي. ستوگڻ جو به ائين موهه ٿئي ٿو. مثال طور جيوديا وٺو. هي گڻ تمام ڪمائتو آهي. مگر ان جي به موهه کان دور رهڻ جو هنر سکڻ گهرجي. جيوديا گهرجي، مگر موهه نه گهرجي.

سنت پرش هن ستوگڻ جي ڪارڻ ئي بين جا رهنما ٿيندا آهن. سندن شرير جيوديا سبب عام جو ٿي پوندو آهي. مکيون جيئن ڳڙ جي ٽڪر کي ڪي چنڊينديون آهن، تئين ساري دنيا سنت مٿان پريم جي چادر وڇائي ڇڏيندي آهي. سنت جي اندر پريم جو ايڏو ته ڀنڊار هوندو آهي جو سڄي دنيا کيس پيار ڪرڻ لڳندي آهي. سنت پنهنجي ديهه جو موهه ڇڏي ڏيندا آهن، انڪري سڄي سنسار جو موهه انهن ۾ ٿيندو آهي. ساري دنيا سندس شرير جي چنتا ڪندي آهي. پر هي موهه به سنتن کي دور ڪرڻ گهرجي. هي جو سنسار جو پريم آهي، هي جو مهان ڦل آهي ان کان آتما کي الڳ رکڻ گهرجي. مان ڪوئي خاص ماڻهو آهيان ائين کيس ڪڏهن به محسوس ٿيڻ نه گهرجي. اهڙيءَ طرح ستوگڻ کي شرير

هوندو آهي ڪيس اُن جو ڪو گيان به نه هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ساتوڪ ورتي اينتري سياويڪ ڪري ڇڏيو، جو اسين ساتوڪ آهيون، انهي ڪڏهن ياد به نه اچي. روشني ڏيڻ سورج جي سياويڪ ڪريا آهي. انجو سورج کي ڪو ايمان نه رهندو آهي. جيڪڏهن ان لاءِ سورج کي مانيٽر ڏنو وڃي ته هو چوندو ته مان خاص ڪريان ڇاتو؟ مان روشني ڏيان ٿو، ٻيو خاص ڇاتو ڪريان؟ روشني ڏيڻ معنيٰ منهنجو جيئڻ، روشني نه ڏنم ته مان ختم ٿي ويندس. مونکي ٻي ته ڪا خبر ئي ڪانهي. اهڙي ئي حالت ساتوڪ منش جي هئڻ گهرجي. ستوگڻ سندس روم روم ۾ پيهي وڃڻ گهرجي. جڏهن ستوگڻ اهڙيءَ طرح سياءُ ئي بڻجي ويندو ته پوءِ ان جو ايمان ڪين ٿيندو. ستوگڻ جي زور پڪڙڻ جي، ان کي جيتڻ جي اهائي ترتيب آهي.

هاڻي ٻي ترتيب آهي ته ستوگڻ جو موهه به ڇڏڻ گهرجي. اهنڪار ۽ موهه هي ٻئي الڳ الڳ چيزون آهن. ٻنهي جو تفاوت ذرا باريڪ آهي. مثال سان جلد ئي سمجهه ۾ ايندو. ستوگڻ جو اهنڪار هليو وڃي ته به موهه رهيٿو. ساهه کڻڻ جوئي مثال وٺون. ساهه کڻڻ جو ايمان نه ڪونه ٿو ٿئي. پر موهه ته تمام گهڻو ٿو ٿئي. پنج منٽ ساهه بند ڪرڻ لاءِ چئو ته ڪين ڪري سگهبو. تڪ کي ساهه کڻڻ جو ايمان پلي نه به هجي، ليڪن هو لڳاتار هوا کڻندو ئي رهيٿو. سقراط جي هڪ

٨١

آخرين ڳالهه - آتم گيان ۽ پڳتيءَ جو آڌار

هاڻي آخرين ڳالهه. پلي توهين ستوگڻي بڻجو، اهنڪار کي جيتيو، ڦل جو موهه به ڇڏي ڏيو، تڏهن به جيسين هن سريرَ ۾ ساهه آهي، تيسين رجو تمو جا وچ وچ ۾ حملا ٿيندا ئي رهندا. هي گڻ جيتياسين، ائين ٿوري دير لاءِ لڳندو. تڏهن به اهي واپس اچي زور لڳائيندا. تنهنڪري هر دم سجاڳ رهڻ گهرجي. سمنڊ جو پاڻي جڻ ٿيزيءَ سان اندر اچي ڪاريون ڏاهي ڇڏيندو آهي، تئن رجو تمو جا زوردار ڌڪا به اسان جي من جي ميدان ۾ داخل ٿي ڪاريون ڏاهيندا آهن. تنهنڪري ٿورو به ٽنگ رهڻ نه ڏيو. پڪو انتظار ۽ پهرو رکو. توهين ڪٺي ڪيتري به خبرداري يا هوشياري رکندا هجو، پر جيستائين آتم گيان نه ٿيو آهي، آتم درشن نه ٿيو آهي، تيسين خطروئي سمجهو. تنهنڪري هر نموني جي ڪوشش ڪري آتم گيان حاصل ڪريو.

آتم گيان صرف سجاڳيءَ سان ڪين ٿيندو. ته پلا ٿيندو ڪيئن؟ ڇا ابياس سان ٿيندو؟ نه، ان جو هڪ ئي اُپاءُ آهي. اهو آهي سچي هردي سان، سچي لگن سان، ڀڳوان جي ڀڳتي ڪرڻ. توهين رجو تمو کي جيتيندا. ستوگڻ کي به شانت ڪندا. ان جي ڦل واسنا به ڇڏي ڏيندا. پر ايتري سان مرڪ نه ٿيندو. جيسين آتم گيان

۾ جذب ڪري ڇڏڻ گھرجي. پھرين اھنڪار جيتيو، پوءِ موھ جيتيو. لڳاتار عمل ڪرڻ سان اھنڪار جيتي سگھبو. ڦل جو موھ ڇڏي ستوگڻ سبب ملندڙ ڦل بہ ايشور ارپڻ ڪري موھ جيتي سگھجي ٿو. جيون ۾ ستوگڻ سمائجي وڃڻ بعد ڪڏھن مڪتيءَ جي روپ ۾، تہ ڪڏھن نيڪيءَ جي روپ ۾ ڦل سامھون اچي بيھي ٿو. مگر ان ڦل کي بہ خسيس ليکيو. انب جو وڻ خود ھڪ بہ ڦل ڪين ٿو کائي. اھو ڦل ڪيترو بہ مٺو ھجي ڪيترو بہ رسيلو ھجي، ان جي کائڻ کان نہ کائڻ ئي زيادہ مٺو ھوندو آھي. ڀوڳہ کان تياڳہ مٺو آھي. ڌرمراج جيون جي سيني شپ ڪرمن جي سار، سرڳہ جي سک روپي ڦل کي بہ آخر ۾ ٺوڪر ھڻي ڇڏي. ھو جيون جي پورن تياڳہ جي چوٽيءَ تي وڃي پھتو ھو. ان مٿي ڦل ڇڪڻ جو ڪيس حق ھو پر جيڪڏھن ھو چکي ھا تہ ھو اھي ڪپائي ڇڏي ھا. ”ڪري پڄ پورو مرتيو لوڪ ۾ ھو وري ٿا اچن.“ ھي چڪر پوءِ سندس پٺيان لڳي ھا. ڌرمراج جو ڪيترو نہ زبردست تياڳہ آھي. ھي ھميشہ منھنجي اکين آڏو رھندو آھي. ان ڪري ستوگڻ جي لڳاتار عمل داران، ان جي اھنڪار کي جيتي ڇڏڻ گھرجي. نرموھي رھي سڀ ڦل ايشور کي ارپي، ان جي موھ کان بچڻ گھرجي. تڏھن ڇٽي سگھبو تہ ستوگڻ تي بہ فتح حاصل ٿي.

اڌياءُ پندرهون
پرشوتم يوگ

۸۲

ڪوشش مارگ کان ڀڳتي مارگ الڳ نه آهي

اڄ هڪ خيال کان نه گيتا جي چوٽي تي اچي پهتا آهيون، پندرهين اڌياءَ ۾ سڀني وچارن جي سماپتي ٿئي ٿي. سورهون سترهون اڌياءُ ضميمي جي روپ ۾ آهي ۽ ارڙهون اڌياءُ گيتا جي پڇاڙي آهي. اهوئي سبب آهي جو ڀڳوان هن اڌياءَ کي آخر ۾ شاستر نالو ڏنو آهي.

"هي نشپاپ ڳوڙهو سٺايو مون توکي گيتا شاستر."

ائين پڇاڙيءَ ۾ ڀڳوان چيو آهي. هي ان ڪري نه، ته هي آخرين اڌياءُ آهي پر ان ڪري جو هن اڌياءَ ۾ هيستائين جيڪي به جيون جا شاستر ۽ اصول ٻڌايا ويا آهن، انهن جي سماپتي هن اڌياءَ ۾ ئي ڪئي ويئي آهي. هن اڌياءَ ۾ پرمارٿ پورو ٿي ويو. ويدن جو سار و تت هن ۾ اچي ويو. پرمارٿ جو احساس منش ۾ پيدا ڪرڻ ئي ويدن جو ڪم آهي. اهو هن اڌياءَ ۾ ڪيو ويو آهي. تنهنڪري هن کي ويد جو سار، اها فخر واري پدوي ملي آهي.

تيرهين اڌياءَ ۾ ديهه کي آتما کان الڳ ڪرڻ جي ضرورت ڏٺيسين. چوڏهين اڌياءَ ۾ ان باري ۾ اپاون جي

نہ ٿيو آهي تيستين گذر مشڪل آهي. تنهنڪري آخر ۾
ارجن اهوئي سوال ڪيو آهي ۽ ڀڳوان جواب ڏنو آهي،
”تمام ايڪاگر من سان، نشڪام ٿي منهنجي ڀڳتي ڪر،
منهنجي شيوا ڪر. جو هن طرح منهنجي شيوا ڪري
ٿو، سو مايا مان تري پار پيو ٿو.“ نہ تہ هن گهور مايا
مان ترڻ سولو نہ آهي. هي ڀڳتيءَ جو سولو اپاءُ آهي.
اهوئي هڪ رستو ان لاءِ آهي.

آرتوار: ٢٢-٥-٣٢.

جيڪڏهن هري ۽ جي شرڻ وڃي نہ ترقيءَ جو سهايڪ ۽ رڪاوٽ ٿي سگهندو ۽ ان ڪري اهو پراپت ڪرڻ جوڳو آهي. اسان چوڏهين اڌياءَ ۾ هيءَ ڳالهہ ڏٺي آهي. پندرهين اڌياءَ جي شروع ۾ وري اهائي دهرائي ويئي آهي. ستو، تمو ۽ رجوگڻن سان ڀريل سنسار کان نرليپ رهو. رجو تمو جي مخالفت ڪريو. ستوگڻن جو واڌارو ڪري پوتر ٿيو ۽ ان جي ممتا کي ڇڏي اليپ رهو. هيءُ ئي ڪنول جي گل جو آدرش ڀڳوان پيش ڪري رهيو آهي. ڀارتي سڀيتا ۾ جيون جي آدرشي چيزن کي، تمام اتم چيزن کي، ڪنول گل جي مشابهت ڏني ويئي آهي. ڪنول گل ڀارتي سنسڪرتيءَ جو نشان آهي. اوچي ۾ اوچا ويچار ظاهر ڪرڻ جو مثال ڪنول آهي. ڪنول صاف ۽ پوتر هوندي بہ نرليپ رهندو آهي. پوترتائي ۽ نرليپائي، اهڙي ٻئي شڪتي ڪنول گل وٽ آهي. ڀڳوان جي جدا جدا عضون جي ڪمل سان مشابهت ڪندا آهن. ڪمل نيڻ، ڪرڪمل، مکڪمل، ڪمرڪمل، هرديہ ڪمل، سرڪمل وغيره هن نموني هيءُ ڀاو اسان جي من تي ڏريو ويو آهي تہ هرهنڌ سوڀيا ۽ پوترتائيءَ سان گڏ اليپتا آهي.

اڳئين اڌياءَ ۾ ٻڌايل ساڌنا کي پورو ڪرڻ لاءِ هيءُ اڌياءُ آهي. ڪوشش ۾ جڏهن آتم گيان ۽ ڀڳتي ملي وڃن تہ ئي پوءِ پورنتا اچي ٿي. ڀڳتي ڪوشش واري رستي

چنبڙ ڇاڻ ڪٽي ويٺي. رجوءِ تموگڻ کي تياڳيون. ستوگڻ جو وڪاس ڪندي ان جو موھ جيتيون. ان جي ڦل جو تياڳ ڪريون. هن نموني هيءَ ڪوشش ڪرڻي آهي. آخر چيو ويو آهي تہ هن ڪوشش جي سورهن آنا سڦل ٿيڻ لاءِ آتم گيان جي ضرورت آهي ۽ آتم گيان ڀڳتيءَ کان سواءِ ملڻ ناممڪن آهي.

مگر ڀڳتي مارگ ڪوشش مارگ کان نرالو نہ آهي. اهو ڏيکارڻ لاءِ هن پندرهين اڌياءَ جي شروع ۾ ئي سنسار کي هڪ وڏي وڻ جي مشابهت ڏني ويئي آهي. ٽن گڻن سان پليل زبردست شاخون هن وڻ جون آهن. شروع ۾ ئي چيو ويو آهي تہ هن وڻ کي نرموهتا ۽ ويراڳ روپي فيلسوفيءَ سان وڍڻ گهرجي. اهو صاف آهي تہ جو ساڌن مارگ اڳئين اڌياءَ ۾ چيو ويو آهي اهوئي وري شروع ۾ هتي دهرايو ويو آهي. رجو تمو گڻن کي ختم ڪري ۽ ستوگڻن کي وڌائيندي پنهنجي ترقي ڪري وڃڻي آهي. هڪ ڪم ڊاهيندڙ آهي تہ ٻيو ٺاهيندڙ. ٻنهي کي ملائڻ سان رستو هڪ ئي ٿئي ٿو. گاهہ پٽڻ ۽ ٻج پوکڻ ٻئي هڪ ئي ڪم جا الڳ الڳ جزا آهن. ساڳي هيءَ ڳالهہ آهي. رامائڻ ۾ راوڻ، وڀيشڻ ۽ ڪنڀ ڪرڻ ٽي ڀائر هئا، ڪنڀ ڪرڻ تموگڻ، راوڻ رجوگڻ ۽ وڀيشڻ ستوگڻ آهي. انسان جي شرير ۾ هنن ٽنهي جو رامائڻ رچجي رهيو آهي. هن رامائڻ ۾ هن راوڻ ۽ ڪنڀ ڪرڻ جي تباهي تہ سڀ کي معلوم آهي. هڪ وڀيشڻ ٽڪيو،

کي ملڻ واريون آهن، ان کي ڇڳيءَ طرح ويلڻ ۽ سيکڻ
گهرجي، اها پريوءَ جي شيوا آهي، اهڙي ڀاونا سندس
دل ۾ نه هجي ته گيان هوندي به هوان ڪم لاءِ لائق
ثابت نه ٿيندو. هن رسوئيءَ جي ڪم لاءِ جڻن گيان
ضروري آهي، تڻن پريم ڀڳتيءَ جو هڪ رس به جيستائين
دل ۾ نه هوندو، تيستائين اها رسوئي سوادي ٿي نه
سگهندي. ان ڪري ئي ته ٻنا ماتا جي پچائڻ جي،
روٽي ٻي جهڙي لڳندي آهي. ماءُ کان سواءِ ڪير هن
ڪم کي اهڙيءَ شرڌا سان، پريم ڀاو سان ڪندو؟ وري
ان لاءِ تپسيا به گهرجي. تپ ڪئي ٻنا، ڏک سٺي ٻنا،
هي ڪم ڪيئن ٿيندو. هن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪنهن
به ڪم کي سڦل ڪرڻ لاءِ، پريم، گيان ۽ ڪرم ٽنهي
ڳالهين جي ضرورت آهي. جيون جا سڀ ڪرم انهن
ٽنهي گڻن تي ٻيٺل آهن. ٽپائيءَ جي جيڪڏهن هڪ
ٽنگ ڀڄي پوي ته اها ڪڙي نه رهي سگهندي. ٽيئي
ٽنگون گهرجن. ان جي تالي ۾ ئي ان جو سروپ ڀريل
آهي. اهوئي حال جيون جو آهي. گيان، ڀڳتي ۽ ڪرم،
يعني لڳاتار ڪم، هي جيون جا ٽي پير آهن. انهن ٽنهي
ٽنين تي جيون روپي دوارڪا ڪڙي ڪرڻي آهي. هي
ٽيئي پير ملائڻ سان هڪ ئي چيز ٺهندي آهي. ٽپائيءَ
جو مثال اکري طور به لاڳو ٿئي ٿو. دليل دواران ڀلي
ڪرم، گيان ۽ ڀڳتيءَ کي الڳ الڳ مڃيو، مگر ظاهر
ظهور انهن کي الڳ نتوڪري سگهجي. ٽيئي ملي هڪ

جو ٿي جزو آهي. آتم گيان ۽ ڀڳتي، اِهي ان ساڌنا جا جزا آهن. ويدن ۾ رشي چون ٿا؛ ”جي سڄاڻ رهندا آهن انهن کي ويد پيار ڪندا آهن، انهن سان ملڻ ايندا آهن.“ يعني جي سڄاڻ آهن انهن وٽ ويد نارائڻ ايندو آهي. وٽس گيان ايندو آهي. ڀڳتي ايندي آهي. ڪوشش مارگ کان گيان ڀڳتي الڳ ڪين آهي. ڪوشش ۾ هي ٻئي مڌرتا آڻين ٿا. اهو هن اٺ ياءُ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. تنهن ڪري ايڪاگرچت سان ڀڳتي گيان جو هيءُ روپ ٻڌو.

٨٣

ڀڳتيءَ سان اُدم آسان ٿيو پوي

جيون جا مان ڀاڱا نٿو ڪري سگهان. ڪرم، گيان، ڀڳتيءَ کي مان جدا جدا ڪري نٿو سگهان ۽ اهي الڳ آهن به ڪين. مثال طور جيل جي رسوئي ناهڻ جي ڪم کي وٺو. پنجن سٺن سون ماڻهن جي روٽي ناهڻ جو ڪم اسان مان ڪجهه ماڻهو ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪو شخص اهڙو هوندو جو رسوئي ناهڻ جي پوري ڄاڻ نه رکندو هوندو ته رسوئي خراب ڪري وجهندو. روٽي يا ته ڪچي رهجي ويندي يا ته سڙي ويندي. مگر اهو به ڪٿي مڃجي، ته رسوئي ناهڻ جو چڱو گيان اٿس. پر جيڪڏهن ان شخص کي دل ۾ ان ڪم لاءِ پريم نه هجي، ڀڳتي ڀاو نه هجي، هي روٽيون منهنجي ڀائرن يعني ايشور

کنهن مٿاهين تي ڇڪي وڃڻو هجي ته ڪيتري نه محنت ڪرڻي پوندي. ٻيڙيءَ هيٺان جي پاڻي هوندو ته اسين سولائيءَ سان ڌڪي سگهنداسين. سولائيءَ سان پار ٽري وينداسين. اهڙيءَ طرح جي اسان جي جيون ٻيڙيءَ هيٺان ڀڳتي روپي پاڻي هوندو ته اها آنند سان هلائي سگهجي ٿي. مگر جي جيون خشڪ هوندو، رستي ۾ واري هوندي، ٽڪر پٿر هوندا، ڪڏون کوٻا هوندا، ته هن ٻيڙيءَ کي ڇڪي وٺي وڃڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو. ڀڳتي اسان جي جيون ٻيڙيءَ جي هلڻ ۾ پاڻيءَ واري سهوليت پيدا ڪري ٿي.

ڀڳتي مارگ سان سادنا ۾ سولائي ۽ سهوليت اچي وڃي آهي. مگر آتم گيان کانسواءِ هميشه لاءِ ٽن گڻن کان مٿي چڙهڻ جي اميد ناهي. ته پوءِ آتم گيان جو ذريعو ڪهڙو؟ هميشه ستوگڻ کي سرير جي انگ انگ ۾ جذب ڪري، ان جي اهنڪار کي ۽ ڀڳتي دوارا ان جي ڦل جي موهه کي جيتڻ لاءِ لڳاتار ڪوشش ڪرڻ، اهوئي هڪ ذريعو آهي. هن وسيلي لڳاتار اکنڊ ڪوشش ڪندي، هڪ ڏينهن آتم درشن ٿي ويندو. جيستائين اسان جي ڪوشش بند نه ٿيندي. هي پرم پرشارٿ جي ڳالهه آهي. آتم درشن ڪا مسخري ڪين آهي. رستي تي هلندي ئي اهو ملي ويندو، ائين بلڪل ناهي. ان لاءِ لڳاتار ڪوشش جو وهڪرو جاري رهڻ گهرجي. پرمارٿي رستي جو شرط ئي اهو آهي ته مان

وشال چيز ٻڌجي پوي ٿي.

ايتري هوندي به ائين ناهي ته ڪو ڀڳتي جو خاص گڻ ئي ڪونهي. جنهن به ڪرم ۾ جڏهن ڀڳتي تتو ملندو آهي، ته اهو سولو معلوم ٿيندو. سؤلو معلوم ٿيندو، اهو مطلب ناهي ته ڪشٽ نه ٿيندو. مگر اهو ڪشٽ، ڪشٽ نه معلوم ٿيندو، مگر آنند معلوم ٿيندو. اهي ڪنڍا گلن جهڙا معلوم ٿيندا. ڀڳتي مارگ سولو آهي، ان جو مطلب ڇا؟ اهوئي ته ڀڳتي ڀاو سبب ڪرم جو بوجو محسوس نه ٿو ٿئي. ڪرم جون ڏکيائون غائب ٿيو وڃن. ڪيترا به ڪرم ڪريو، پر اهو نه ڪرڻ جهڙو ئي معلوم ٿيندو. ڀڳوان عيسيٰ هڪ هنڌ چوي ٿو جيڪڏهن توهان اپواس ڪرين ٿو ته چهري تي اپواس جي ٿڪاوٽ نه معلوم ٿيڻ گهرجي، الٽو تنهنجا ڳل ۽ چهرو سڳنڌي لڳل آنند ۾ ۽ ڦوليل ڏسڻ گهرجن. اپواس ڪان تڪليف معلوم ٿئي، اهو ڏسڻ ۾ نه اچڻ گهرجي. تانپرج ته ورتي ايتري ڀڳتيءَ ۾ مست ٿي وڃڻ گهرجي، جو دک ڀاڄي وڃجي. اسين چوندا آهيون ته فلاڻو بهادر ديش ڀڳت مرڪندي ڦاسيءَ تي چڙهيو. سڌاو تيل جي ٿئيءَ ۾ ڪلي رهيو هو. سندس واتان ڪرشن وشنو هري گوبند جي ڌن نڪري رهي هئي. ان جو اهوئي مطلب آهي ته دک اچڻ ئي به ڀڳتيءَ جي اثر ڪري اهو دک ذرو به معلوم نه ٿئي. پاڻيءَ تي بيٺل بيڙيءَ کي ڏکڻ ڏکيو نه آهي. مگر جي ڪڏهن ان کي ڌرتيءَ تان

سدائين تيار رهنديون آهن. باقي هي دنيا اها سندس پوڄا جو سامان، گل ڦل ڏيپ ڌوپ، ان لاءِ ساري دنيا آهي. ٽي ئي چيزون آهن: سيوڪ ڀڳت، سوامي ڀڳوان، ۽ سيوا سامگريءَ جي روپ ۾ هيءَ دنيا. ۽ اها ٽي سکيا هن اڌياءِ ۾ ڏني ويئي آهي. مگر جو سيوڪ ڪنهن هڪ مورتيءَ جي پوڄا ڪري تو ان کي سرشٽيءَ جا سڀ پدارٿ پوڄا جي سامگري معلوم نه ٿي ٿئي. هو باغ مان چار گل چني اچي ٿو. ڪٿان اگربتي ڪٺي اچي ٿو. ۽ ڪجھ پرساد لڳائي ٿو. هو چونڊي چونڊي چيزون آڻڻ چاهيندو آهي. مگر هن اڌياءِ جي وشال سکيا انوسار هن چونڊ ڪرڻ جي ضرورت ناهي. جي ڪي تپسيا جا ذريعا آهن، ڪرم جا ذريعا آهن، اهي سڀ پرميشور جي سيوا جا ذريعا آهن. ان مان ڪنهن کي گل چونڊاسين ته ڪنهن کي سڳنڌي ۽ ڪنهن کي پرساد. اهڙيءَ طرح جيڪي به ڪرم آهن انهن سڀني کي پوڄا جي سامگري ٻڌائي ڇڏيو آهي. اهڙي هيءَ درشٽي آهي. بس سنسار ۾ صرف ٽي ئي چيزون آهن. گيتا جنهن وئراڳ واري ساڌنا مارگ کي اسان جي من لئي چاهڻ گهري ٿي، ان کي هوءَ ڀڳتيءَ مه روپ ڏيئي رهي آهي. ان مان ڪرمپڻو ڪڍي ڇڏي ٿي ۽ ان ۾ سولائي آڻي ٿي.

آشرم ۾ جڏهن ڪنهن کي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو پوندو آهي، تڏهن سندس من ۾ اهو ويچار ڪڏهن نه

نراشا کي ذري به جڳهه نه ڏيان. ڪن پل به نراس ٿي نه وهان. ان کانسواءِ پرمارٿ جو پيو ڪو رستو ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن جڳياسو ٽڪجي پوندا آهن ۽ چوڻ لڳندا آهن. "تنهنجي لاءِ تپ سنجم ڪيم، ڇهه اڃا ڪيترو وقت ڪريان؟ ڀڳوان، مان تنهنجي لاءِ ڪيترو وقت تپ سنجم ڪندو رهان؟" مگر هي چوڻ اڃايو آهي. تپ سنجم جو اسين ايترو اڀياس ڪريون جو اهي اسان جو سڀاءُ بڻجي وڃن. ڪيستائين ساڌنا ڪندو رهان؟ اهڙي ٻولي ڀڳتي مارگ ۾ نه ٿي سونهين. بي صبري ۽ نراسائي ڪڏهن به ڀڳتي پيدا ڪري نه ڏينديون. ڪک ٿيڻ جي ان ۾ ڪا ڳالهه ئي ڪانهي. آنند ۽ اتساهه معلوم ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ هن اڌياءَ ۾ تمام سندر ويچار ٻڌايو ويو آهي.

٨٤

نه موڙيتي سيوا، سوامي، سيوڪ ۽ سيوا سامگري

هن سنسار ۾ اسانکي بيشمار شيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون انهن جا ٽي حصا ڪري ڇڏيون. جڏهن ڪو ڀڳت صبح جو اٿندو آهي ته ٽيئي شيون سندس اکين سامهون اٿنديون آهن. پهرين سندس ڏيان ڀڳوان طرف ويندو آهي. تڏهن هو ان جي پوڄا جي تياري ڪندو آهي. آءٌ شيوڪ ڀڳت، هو سوامي ڀڳوان، هي به شيون وٽس،

ھي پراڻي اڪ پرش آھي. ھو پرشوتم سوامي، آءٌ سندس ٻندو شيوڪ آھيان. ھيءَ ڀاونا ساندہ دل ۾ رکڻ گھرجي. ھي ھر گھڙيءَ بدلجندڙ، ٻي انداز روپن سان سينگاريندڙ دنيا، ان کي پوڄا جو ذريعو، شيوا جو ذريعو بڻائڻو آھي. ھر ھڪ ڪم ڄڻ پرشوتم جي پوڄا ئي آھي.

سوامي، پرماتما، پرشوتم، شيوڪ، پراڻي اڪ پرش مگر ھيءَ ساڌنا روپي شرشٽي ناسونت آھي. ان جي ناسونت ھئڻ ۾ وڏي معنيٰ آھي. شرشٽيءَ جو ھي اوگڻ نہ پر گڻ آھي. ان ڪري دنيا ۾ ھميشہ تازگي رھي ٿي. ڪالھہ جا ميوا اڄ ڪم جا نہ آھن. اھي مرجھائجي ويا آھن ڇاڪاڻ تہ ڀڳوان لي اھي ڪالھہ چاڙھيا ويا ھئا. اھا خوش نصيبي آھي جو شرشٽي ناسونت آھي. ھي شيوا جو شان آھي. روز نوان گل شيوا لاءِ تيار ملن ٿا. اھڙيءَ طرح مان ھي شرير نئون نئون ڌاري، پرميشور جي شيوا ڪندس. پنھنجن وسيلن کي مان نت نئون روپ ڏيندس. انھن سان سندس پوڄا ڪندس. ھن نابودگيءَ ڪري ھيءَ سوڀيا آھي. چنڊ جي جا اڄ ڪلا آھي اھا سڀاڻي نہ ھوندي. چنڊ جي روز نئين صورت. ٻيج جي ان وڌندڙ چنڊ ڏسڻ سان ڪيترو نہ آنند ايندو آھي. شنڪر جي ڇھري لي ٻيج جو چندرمان ڪيئن نہ چمڪندو آھي. اشٽميءَ جو چنڊ ڪجھہ ٻيو ئي ھوندو آھي. ان ڏينھن آڪاش ۾ چوند ھوتي ڏسبا آھن. پورنماسي جي چنڊ جي ٽيج ڪري

ايندو آهي تہ مان ئي وڏيڪ ڪم ڇو ڪريان. ان ۾ وڏو راز آهي. پوڄاريءَ ڪي جي ٻن ٻدران چار ڪلاڪ پوڄا لاءِ ملن تہ ڇا هو ڪڪ ٿي ائين چوندو، ”اڄ رام، اڄ تہ چار ڪلاڪ پوڄا ڪرڻي پيئي.“ بلڪ ڪيس تہ زياده آنند محسوس ٿيندو. آشرم ۾ اهڙو آزمودو ٿئي ٿو. اهوئي آزمودو اسان کي جيون ۾ هر طرح ٿيڻ گهرجي. جيون شيوامئہ ٿي وڃڻ گهرجي. هو مالڪ پرشوتم، سندس شيوا لاءِ هميشہ تيار، اهڙو مان اڪہ پرش آهيان. اڪہ پرش جو مطلب آهي ڪڏهن بہ نہ ٿڪجندڙ. دنيا جي شروع کان وٺي شيوا ڪندڙ سناتن شيوڪ، جنهن هنومان رام جي اڳيان هميشہ هٿ جوڙي کڙو ٿي آهي، ڪيس آلس ڇهي بہ نہ ٿو سگهي. هنومان وانگر ئي هي ٻدو سدا تيار آهي.

اهڙي سناتن شيوا ڌاريءَ جو ئي ٻالو اڪہ پرش آهي. ”پرماتما“ هيءَ سنستا زنده آهي ۽ مان سندس شيوڪ بہ سدائين قائم آهيان. پريو قائم تہ مان بہ قائم آهيان. ڏسون هو شيوا وٺندي ٿڪجي ٿو، يا مان شيوا ڪندي. جي هن ڏه اوتار ڌارڻ ڪيا آهن تہ منهنجا بہ ڏه اوتار ٿيا آهن. هو رام ٿيو آهي تہ مان هنومان. هو ڪرشن تہ مان اوڌو. جيترا سندس چولا اوترا منهنجا بہ. ڇگي شرط هلي رهي آهي. پرميشور جي اهڙيءَ طرح جڳہ جڳہ شيوا ڪندڙ، ڪڏهن بہ ناس نہ ٿيندڙ،

ان ڪان دل ڪک ڪين ٿيندي آهي. ننڍڙي ٻار کي "ڪ" اکر لکي ڇٻو آهي ته هن کي هٿ هلاء ۽ ان کي وڏو ڪر. ته اهو ڪيس ڪک ڪندڙ معلوم ٿيندو آهي. هو سمجهي نه سگهندو آهي ته ان کي وڏو ڇا لاء ٿو ڪيو وڃي. هو پينسل ڏئي جهلي ان کي جلدئي وڏو ڪري ڇڏيندو آهي. پر پوء هو نون اکرن کي ان جي مجموعي کي ڏسي ٿو: طرح طرح جا ڪتاب پڙهڻ لڳي ٿو. ساهتيه مان قسمين قسمين گلن جي مالهائن جو ڪيس تجربو ٿئي ٿو. تڏهن ڪيس اپار آنند معلوم ٿئي ٿو. هيء حالت شيوا جي ڪم جي آهي. وسيلن جي نت نئين تازگيء سان شيوا جو امنگ وڌندو آهي. شيوا ورتيء جو وڪاس ٿيندو آهي.

سرشٽيء جو هي ناسونتپڻو نت نوان گل ڪڍي رهيو آهي. ٻوٽ جي پرسان شمشان پومي آهي. ان ڪري ٻوٽ سندر معلوم ٿئي ٿو. جهونا ماڻهو وڃي رهيا آهن ۽ نوان ٻالڪ جنمي رهيا آهن. سرشٽي نت نئين وڌندي رهي ٿي. هي ٻاهريون شمشان جيڪڏهن متائي ڇڏيندا ته اهو گهر ۾ اچي ويهي رهندو. تڏهين انهن ئي انهن ماڻهن کي هردم ڏسي ڪک ٿي پوندا. اونهاري ۾ گرمي ٿيندي آهي. ڌرتي تپندي آهي. مگر ان ڪري اوهين گهٻرائجو نه. هي روپ بدلجي ويندو. برسات جي سک وٺڻ لاء اها گرمي ضروري آهي. جيڪڏهن زمين خوب تپل نه هوندي ته مينهن وسندي ئي گم ٿي ڇڪ ٿي

تارا ڏسڻ ۾ ڪونه ايندا آهن. پورنما تي پرميشور جو مک چنٻ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اماس جو آنند ته ڏاڍو گنڀير هوندو آهي. ان رات ڪيتري نه زبردست شانتي ڇانيل هوندي آهي. چندرما جي ظالم روشنيءَ جي هلئي وڃڻ تي ننڍا وڏا بيشمار تارا آزاديءَ سان کلي چمڪندا آهن. اماس تي آزادي پورن روپ سان آنند منائي ٿي. پنهنجي تيج سان آڪڙ ڏيکاريندڙ چندرما اڄ اتي ڪين آهي. پنهنجي پرڪاش داتا سورج سان هو هڪ روپ ٿي ويو آهي. هو پرميشور ۾ ملي ويو آهي. ان ڏينهن جڻ اهو ڏيکاري ٿو ته چنٻ جو روپ ناسولت آهي، بدلجندڙ آهي. مگر هو جدا جدا روپن ۾ آنند ڏيندڙ آهي.

شرشٽيءَ جو فانيپڻو ان جي امرتا آهي. شرشٽيءَ جو روپ نديءَ وانگر کل کل کري وهي رهيو آهي. هي روپ گنگا جيڪڏهن وهندڙ نه هجي ته ان جي هڪ ڪڏ نهي پوي. نديءَ جو پاڻي اکنڊ وهندو رهندو آهي. هو سدائين بدلبو رهندو آهي. هڪ ڦڙو ويو، ٻيو آيو. تنهنڪري اهو پاڻي تازو رهندو آهي. چيز ۾ ٻه آنند جو رهندو آهي اهو سندس تازگيءَ سبب. گرميءَ جي موسم ۾ پرماتما کي ٻئي نمولي جا گل چاڙهيا ويندا آهن. مينهوڳيءَ ۾ سائو سائو گاهه چاڙهيو ويندو آهي. سرءُ ۾ منوهر ڪنول گل. يعني موسم موافق گلن ڦلن سان ڀڳوان جي پوجا سهڻي ۽ نت نئين لڳندي آهي.

ڏيئي مون کان ڀرپور واري سيوا وٺي رهيو آهي. هو قسمين قسمين وسيلا ڏيئي ڪيڏائي رهيو آهي. طرح طرح جا تجربا مون کان ڪرائي رهيو آهي. جيڪڏهن اسان کي جيون ۾ اهڙي درشٽي ملي وڃي ته ڪيترو نه آنند ملي.

٨٥

اهنڪار رهت سيوا يعني ڀڳتي

گيتا چاهي ٿي ته اسان جو هر هڪ ڪرم ڀڳتيءَ سان ڀريل هئڻ گهرجي. اسين جو ڪلاڪ اَڌ ايشور جي پوڄا ڪندا آهيون اهو نه نيڪ ٿي آهي. پر ڀات جو جڏهن سندر سورج ڪرڻا پنهنجو انگ ڦهلائيندا آهن تڏهن چت کي هڪ مدو ڪري ٿوري وقت لاءِ سنسار کي وساري ۽ ٻي انت جو چنتن ڪرڻ اتم ويچار آهي. هن سداچار کي ڪڏهن به ڇڏڻ نه گهرجي. مگر گيتا اهڙي ۾ راضي ڪين آهي. صبح کان شام تائين سڀ ڪريائون ڀڳوان جي پوڄا لاءِ هئڻ گهرجن. سنان ڪندي، کائيندي پيئندي، گهمندي، صفائي ڪندي، اها ڀاونا هئڻ گهرجي ته مان پنهنجي پريوءَ جيون ديوتا جو اڱڻ صفا ڪري رهيو آهيان. اهڙيءَ طرح اسان جا سڀ ڪرم پوڄا ڪرم هئڻ گهرجن. جيڪڏهن هيءَ درشٽي اچي ويئي ته پوءِ ڏسو ته لوهان جي وهنوار ۾ ڪيترو

پوندي. پوءِ گاهه اناج ان ۾ نه ڦلندا. مان هڪ دفعي گهمي رهيو هوس. مٿو تپي رهيو هو. ڏاڍو مزو اچي رهيو هو. هڪ دوست مونکي چيو مٿو گرم ٿي ويندءِ. پوءِ تڪليف ٿيندءِ. مون چيو هيٺ زمين به ته تپي رهي آهي. هن مٽيءَ جي پتلي کي ذرا تپڻ ڏيو. آها! ڪهڙو نه مزو! هتي مٿو تپندو هجي ۽ هتان پاڻيءَ جا ڦوهارا پوڻ لڳن. مگر جو گرميءَ ۾ به نه ٿو تپي سو مينهن پوڻ تي به پنهنجي پستڪ ۾ مٿو انڪائي ويٺو رهندو. پنهنجي ڪمري ۾، ان قبر ۾ ئي پيو رهندو. ٻاهرين هن وشال ڦوهاڙي جي هيٺان اچي آنند ۾ نه نچندو. مگر اسان جو مهرشي منو ڏاڍو رس وٺندڙ ۽ سرشٽي پريمي هو. هو سمرتين ۾ لکي ٿو ته "جڏهن مينهن پوڻ لڳي ته موڪل ڏيئي ڇڏيو." جڏهن مينهن پئجي رهيو هجي ته ڇا سڪول ۾ ويهي سبق ياد ڪرڻ گهرجي. برسات ۾ ته نچڻ گهرجي. سرشٽي سان هڪ روپ ٿي وڃڻ گهرجي. برسات ۾ زمين آسمان هڪ ٻئي سان ملندا آهن. هي منوهر نظارو ڪيترو نه آنند ڏيندڙ آهي! هيءَ دنيا خود اسان کي سکيا ڏيئي رهي آهي.

مطلب ته دنيا جي ناسونتپڻي، فانيپڻي جي معنيٰ آهي وسيلن جي تازگي. اهڙيءَ طرح هي نت نوان وسيلا پيدا ڪندڙ سرشٽي، سندرو ٻڌي شيوا ڪرڻ لاءِ تيار شيوڪ ۽ هو شيوا لائق پرميشور. هاڻي ڏسو رنگ. هو پرم پيارو پرشوتم، جدا جدا شيوا جا وسيلا

ٻوءِ نه اکنڊ شيوا اسان کان ٿيندي رهندي. نه ٻوءِ "مان" جهڙو ڪجهه رهي نه سگهندو. مان مانپڻو سڀ ڏوئي ڇڏيندس. هاڻي جيڪي به ڪجهه آهي يا ٿيندو، اهو سڀ پرماتما لاءِ ئي ٿيندو. ٻئي جي ڀلي لاءِ جيئڻ کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه ئي نه رهندي. گيتا ڀڪاري ڀڪاري چئي رهي آهي ته مان ٻنهنجو مانپڻو ڪڍي ايشور ميه جيون بڻايان. ڀڳتيءَ ميه جيون ٺاهيان. شيوا لائق پرماتما، آءٌ شيوڪ ۽ ساڌن روپي هيءَ سرشٽي. سامگري گڏ ڪري رکڻ جو ناٺو ڪٿي؟ جيون ۾ هاڻي ڪنهن به ڳالهه جي چنتا ئي نه رهي.

٨٦

گيان جي خوبي - سڀ ۾ ايشور سمايل

اهڙيءَ طرح اسان ڏسنائين ڏٺو ته ڪرم ۾ ڀڳتيءَ جو ميلاپ ڪرڻ گهرجي. مگر ان ۾ گيان به گهرجي، نه ته گيتا کي سنتوش ڪين ٿيندو. مگر ان جو اهو مطلب نه آهي ته هي ٽيئي چيزون الگ الگ آهن. صرف سمجهڻ لاءِ اسين ٽي جدا جدا نالا ڏيون ٿا. ڪرم جو مطلب ئي آهي ڀڳتي. ڀڳتي ڪٿان ڪٽي اچي ڪرم ۾ ملائڻي نه ٿي پوي. اهڙي ڳالهه گيان جي آهي. هي گيان ملندو ڪيئن؟ گيتا چوي ٿي هر هنڌ پرش جي درشن ڪرڻ سان. توهين شيوا ڪندڙ سنان شيوڪ، پرشوتم شيوا

فرق پئجي ٿو وڃي. اسين پوڄا لاءِ ڪيتري نه ويچار ۽ اڻ تڻ سان گل چونڊيندا آهيون. انهن کي ڪوشش سان سنڀالي رکندا آهيون. اهي ڏڀجي نه وڃن، خراب نه ٿين، ڪومائجي نه وڃن، انهن جي ڪيتري سنڀال ڪندا آهيون. اهي اپوتر نه ٿي وڃن، ان ڪري نڪ اڳيان ڪين آڻيندا آهيون. اهائي درشٽي، اهائي ڀاونا اسان جي هرهڪ ڪرم ۾ سدائين هئڻ گهرجي. اسان جي هن ڳوٺ ۾، منهنجي پاڙيسريءَ جي روپ ۾ منهنجو پريو ئي وسي رهيو آهي. تنهنڪري مان هن ڳوٺ کي صاف، سٿرو ۽ نرمل رکندس. گيتا اسان کي اها درشٽي ڏيڻ چاهي ٿي. گيتا جي اها وڏي خواهش آهي ته اسان جا سڀ ڪرم پريو پوڄا ٿي وڃن. گيتا جهڙي گرنٿ کي ڪلاڪ اڌ جي پوڄا سان سنتوش ڪين ٿو ٿئي. سڄو جيون ايشورميه هئڻ گهرجي. پوڄا روپ هئڻ گهرجي. هيءَ گيتا جي چاهنا آهي.

گيتا پرشوتم يوگ ٻڌائي ڪرم ۾ جيون کي پورنتا تي پهچائي ٿي. هو شيوا لائق پرشوتم، مان سندس شيوڪ ۽ شيوا جو وسيلو هيءَ سرشٽي. جيڪڏهن ان ڳالهه جو هڪ وار اسان کي درشن ٿئي نه پيو ڇا گهرجي؟ تڪارام چيو آهي:

"ڏيندو درشن نه ڪندس شيوا،
هن کان وڏيڪ ٻيا ڪهڙا ميوا."

پوڄا آهي. ڏاڻي کي ٽڪو ڪري ڳاهه ويڙهڻ لاءِ تيار رکڻ سندس پوڄا آهي. دروازي تي اڃيس ڪڻهي ويندي ان ڪري ان کي تيل ڏيڻي نيڪ ڪرڻ به ان جي پوڄا آهي. زندگيءَ ۾ هرهنڌ ان نمولي ڪم ڪرڻ گهرجي. شيوا پوڄيءَ کي چڱوءَ نرمل رکڻ گهرجي. مطلب ته مان اڪيءَ پرش، هو پرشوتم ۽ وسيلي روپي سرشٽي اها به پرش، اهائي پرماتما، هڪ ئي آتما هرهنڌ وسي رهي آهي. جيڪڏهن هيءَ درشٽي اچي ويئي ته سمجهي ڇڏيو ته اسان جي ڪرم ۾ گيان اچي ويو.

ڀرين ڪرم ڀڳتي ملائي، هاڻي گيان به ملايو ويو ته ان سان هاڻ هڪ عمدي جيون جي ڪيميا تيار ٿي بيٺي. گيتا اسان کي پهاڙيءَ ۾ ادوئيت شيوا جي رستي تي آڻي ڇڏيو. هن سڄي جڳت ۾ جتي به ڏسو ته ٻئي پرش براجمان آهن. هڪ ئي پرشوتم ٻئي روپ ڌاريا آهن. ٻئي ملائي سڄ ته هڪ ئي پرش آهي. رڳو ادويت آهي. هتي گيتا اسان کي اوچي چوٽيءَ تي پهچايو آهي. ڪرم، گيان، ڀڳتي سڀ هڪ روپ ٿي ويا. جيو، شو، سرشٽي سڀ هڪ پراڻ ٿي ويا، ڪرم ڀڳتي ۽ گيان ۾ ڪوبه تفاوت نه رهيو. گياندیو پنهنجي امرت انڀوءِ ۾ وٽندڙ پرسنگ ڏنو آهي:

"پٿر ڪاٽي مندر ناهيو، ديو مورتي سندر ناهي
ڀڳت سڄي جي پوڄا ڀڳتي، ساڳيو روپ وئي چوڻ ٿي."

لائق ۽ طرحين طرحين روپ ڌاريندڙ، قسمين قسمين وسيلا ڏيندڙ هي سرشٽي، اها به پرش.

اهڙي درشٽي رکڻ جو مطلب ڇا؟ سڀ طرح بي عيب نرمل شيوا ڀاؤ رکڻ. توهان جي پيرن جو بوٽ چين چين ڪري رهيو آهي. ذرا ان کي به تيل ڏيو. ان ۾ به پرماتما جو واسو آهي. تنهنڪري ان کي سنڀالي چڱيءَ حالت ۾ رکڻ گهرجي. هي شيوا جو وسيلو چرخو، ان ۾ به تيل وجهو. ڏسو اهو آواز ڪري رهيو آهي. ”نيتي نيتي“ ست نه کتيندس، ائين چئي رهيو آهي. هي چرخو شيوا جو ذريعو به پرش ئي آهي. سندس هي مالهه، هي جٽيون، چڱيءَ طرح رکو. سڄيءَ سرشٽيءَ کي ساهه وارو سمجهو. ان کي بيجان جڙ نه سمجهو. ”اوم“ جو سندر گيت ڳائيندڙ اهو چرخو ڇا بيجان آهي؟ اهو نه پرماتما جي ئي مورتي آهي. ساوڻ مهني جي اماس تي اسين اهنڪار ڇڏي ڍڳي جي پوڄا ڪندا آهيون. هيءَ تمام وڏي ڳالهه آهي. ان ڏڻ جو روز خيال ڪري ڍڳن کي چڱي حالت ۾ رکي، انهن کان مناسب ڪم وٺڻ گهرجي. ڍڳو به پرماتما جي مورتي آهي. اهو هر ۽ هي ٻيا کيتي جا سڀ اوزار صاف رکندس. شيوا جا سڀ ذريعا پوتر رکيا آهن. کيتري نه اوچ آهي هيءَ درشٽي. پوڄا ڪرڻ جو اهو مطلب ناهي نه گلال، سڳند ۽ گل چاڙهيون. انهن ٻاسڻن کي صاف ستهرو رکڻ ٻاسڻن جي پوڄا آهي. ڏيئي کي صاف رکڻ جوتي

مصريءَ جي ڄاڻ پونديئي وات پاڻي پاڻي ٿيندو. اهي جو
اهي پريم جو وهڪرو وهڻ لڳي ٿو. پرميشور جي باري ۾
گيان هئڻ ۽ پريم پيدا ٿيڻ، هڪ ئي ڳالهه آهي. پرميشور
جي روپ جي مڌرتا جي پيٽ، ڇا خسيس مصريءَ سان
ڪجي؟ ان پرميشور جو گيان ٿيندي ئي، ان ئي وقت
پريم ڀاو به پيدا ٿي ويندو. اُئين سمجهو ته گيان هئڻ،
پريم هئڻ، هي ٻئي الڳ ڪريائون ناهن. ادوئيت ۾
ڀڳتي لاءِ جڳهه آهي يا نه، ان بحث ۾ ڪجهه ڪين رکيو
آهي. گياندپو چوي ٿو:

”ڀڳتي ساڳي، ساڳيوئي گيان، هڪ ئي پريو مالڪ
ڄاڻ“. ڀڳتي ۽ گيان هڪ ئي چيز جا به نالا آهن.

جڏهن جيون ۾ پريم ڀڳتي آئي ته پوءِ جو ڪرم
هوندو سو ڀڳتيءَ گيان کان الڳ نه هوندو: ڪرم، ڀڳتي
۽ گيان ملي هڪ ئي سهڻو روپ ٿئي ٿو. هن سهڻي
روپ مان عمدي گيان ۾، پريمي، شيوا پنهنجو پاڻ
پيدا ٿئي ٿي.

ماتا تي منهنجو پريم آهي. مگر هي پريم ڪرم ۾
ظاهر ٿيڻ گهرجي. پريم سدائين شيوا ۾ ظاهر ٿيندو آهي.
پريم جو ٻاهريون روپ آهي شيوا. پريم اننت شيوا
ڪرم ڪرڻ سان سيڪار جي ٿيندو آهي. پريم هجي ته پوءِ
اهي گيان هئڻ گهرجي. نه نه اها شيوا، شيوا نه رهندي.
شيوا لائق چيز جو گيان پريم کي هئڻ گهرجي. پريم جو
اثر ڪرم ڪرڻ سان ڦهلائڻ لاءِ گيان جي ضرورت آهي.

هڪ ئي پٿر کي تراشي ان جو مندر ٺاهيو. ان مندر ۾ پٿر جي ئي گهڙيل هڪ ڀڳوان جي مورتي ۽ ان جي سامهون پٿر جو ئي هڪ ڀڳت: ان وٽ پٿر جا ئي ٺاهيل گل. هي جڻ سڀ هڪ ئي پٿر جي ڇپ ۾ تراشي ڍڪاريل آهن. هڪ ئي اکنڊ پٿر انيڪ روپن ۾ سينگاريل آهي. تئن ئي ڀڳوان جي وهنوار ۾ ڇو نه هئڻ گهرجي؟ سوامي، سيوڪ جو لاڳاپو هوندي به، ايڪتا ڇو نه ٿي ٿي سگهي؟ هي ٻاهرين دنيا، هيءَ پوڄا سامگري الڳ هوندي به اها آتم روپ ڇو نه ٿي وڃي؟ ٽيئي پرش هڪ ئي نه آهن. گيان، ڪرم ۽ ڀڳتي، اهي ٽنهي کي ملائي هڪ وسيع جيون وهڪرو ٺاهيو وڃي اهڙو هي پورن پرشوتم يوگ آهي. سوامي، سيوڪ، سيوا سامگري سڀ هڪ روپ ئي آهن. هاڻي ڀڳتي پريم جو کيل کيلڻو آهي.

اهڙو هي پرشوتم يوگ جنهن جي من تي جمي وڃي ٿو، اهوئي سچي ڀڳتي ڪري ٿو. ”اهو گياني پوري ڀاو ڀڳتيءَ سان پوڄي ٿو مونکي.“

اهڙو انسان گياني هوندي به سورهن آنا ڀڳت هوندو آهي. جنهن وٽ گيان، ان وٽ پريم نه آهيئي. پرميشور جو گيان ۽ پرميشور جو پريم، هي ٻه نراليون چيزون ناهن. ”ڪريلا ڪوڙا“، اهڙي ڄاڻ جڏهن پيدا ٿي ته پوءِ پريم پيدا ڪونه ٿيندو. شايد ڪو خاص مثال هجي به. مگر جتي ڪوڙائي معلوم ٿي، اتي دل اٿي پوندي. پر

الندئي پنهنجي ٽري ڏسڻ گهرجي. سڀ ويد ان هٿ ۾ سمايل آهن. اهو ويد چوي ٿو شيوا ڪريو. ڪالهه هٿ ڪم ڪيو هو يا نه؟ اڄ ڪرڻ لائق آهي يا نه؟ ان ۾ ڪم ڪرڻ جون نشانيون يا لڇڻ ٿيون آهن يا نه؟ اُهو ڏسو. شيوا ڪندي جڏهن هٿ ٿڪجندو آهي ته ان تي ايشور جي واڻي ظاهر ٿيندي آهي. اها پڙهي سگهجي ٿي. هيءَ معنيٰ آهي ”ڀريالي ڪردرشنم“ جي.

پڇندا آهن ته ويد آهن ڪٿي؟ ادا تنهنجي هٿن ۾ ئي آهن. شنڪر آچاريه لاءِ چيو ويندو آهي ته اٺين سالين ۾ ئي ڪيس سڀني ويدن جو گيان ٿي ويو. ويچارو شنڪر آچاريه ته هو موڳو مٺو. ڪيس اٺ سال لڳي ويا. مگر توکي مونکي ته اهي ڄمنديئي حاصل ٿيا آهن. اٺن سالن جي به ڪهڙي ضرورت؟ مان خود ئي جيئرو جاڳندو ويد آهيان. اڄ تائين سڄو گذريل سلسلو مون ۾ ئي سمايل آهي. مان ان سلسلي جو ڦل آهيان. ان ويد ٻج جو جيڪو ڦل آهي اهوئي ته مان آهيان. پنهنجي ڦل ۾ مون اننت ويدن جو ٻج گڏ ڪري رکيو آهي. منهنجي پيٽ ۾ ويد چاليهوڻا پنجاهوڻا وڌا ٿي ويا آهن.

ٽالسٽاءِ ته ويدن جو سار اسان جي هٿ ۾ آهي. شيوا، پريم ۽ گيان جي بنياد تي اسان کي جيون اڏڻي پوندي. ان جو مطلب ته ويد اسان جي هٿن ۾ آهن. مان جو مطلب ڪيڏو نه اهڙيئي ويد ٿيندا. ويد ڪٿي ٻاهر ڪين آهن. شيوا مورتي سنت چوندا آهن: ”ويدن جو

مگر ان جي بنياد ۾ پريم هجڻ گهرجي. اهو نه هوندو ته گيان بيڪار ٿي پوندو آهي. پريم سان ڪيل ڪم رواجي ڪم کان نيارو هوندو آهي. ٻنهيءَ تان موٽيل، ٽڪل ٽُٽل ٻار ٿي ماتا سپاويڪ پريم جي نگاه سان ڏسندي آهي ۽ پڇندي آهي: "ٻچڙا، تڪجي پيو آهين." مگر هن رواجي ڪم ۾ ڏسو ته ڪيتري نه طاقت آهي. پنهنجي ساري جيون جي ڪمن ۾ گيان ۽ ڀڳتي اوتيو. هيءُ ئي پرشوتم يوگ چيو ويندو آهي.

٨٧

سڀ گيان جو مان پندار

هي سڀ ويدن جو سار آهي. ويد اننت آهن. مگر اننت ويدن جو سار هي پرشوتم يوگ آهي. اهي ويد آهن ڪٿي؟ ويدن جي ڳالهه عجيب آهي. ويدن جو سار هيءُ آهي ڪٿي؟ هن اڌ ياءَ جي شروع ۾ ئي چيو ويو آهي: "پن ان وڻ جا آهن ويد چار". يائي، ويد ته انهيءَ وڻ جي پن پن ۾ ڀريل آهن. ويد انهن سهنتا ۾، اوهان جي گرنٿ پوٿين ۾ ئي لڪل ناهن. هو سنسار ۾ سڀ هنڌ پکڙيل ڇانيل آهن. شيڪسپيئر چيو آهي. "وهندڙ جهرڻن ۾ سنا گرنٿ آهن. پٿرن ڇپن مان اپديش ٻڌجن ٿا". مطلب ته ويد نه سنسڪرت ۾ آهن نه سدهنتائن ۾. اهي سرشٽي ۾ آهن. شيوا ڪريو ته اهي ڏسي سگهندا. پرڀات جو درشن ڪريو. صبح

ضميمو (ا) ديوي ۽ آسري ورتيون

٨٨

ديوي سمپدي

گيتا جي پهرين پنجن اڌيائن ۾ اسان ڏٺو ته جيون جي ساري تجويز ڪيئن آهي ۽ اسين پنهنجو جيون ڪيئن سڦل ڪري سگهون ٿا. ان کان پوءِ ڇهين اڌياءَ کان ٻارهين اڌياءَ تائين اسان ڀڳتيءَ جي جدا جدا نمونن تي ويچار ڪيو. ٻارهين اڌياءَ ۾ ڀڳتيءَ جو درشن ٿيو. ٻارهين ۾ سڳڻ ۽ نرگڻ ڀڳتيءَ جي ڀيٽ ڪري ڀڳت جي اتم لڇڻن کي سمجهوسين. ٻارهين جي پڇاڙي تائين ڪرم ۽ ڀڳتي ٻنهي تتون کي تپاسي ڏٺوسين. ٽيون گيان رهيل هو سو اسان ١٣، ١٤ ۽ ١٥ اڌياءَ ۾ ڏٺو. آتما ديهه کان الڳ ڪرڻ ۽ ان لاءِ ٽنهي گڻن کي جيتي آخر ۾ سڀ هنڌ پرڀوءَ کي ڏسڻ. پندرهين اڌياءَ ۾ هي جيون جو مڪمل شاستر ڏٺوسين. پرشوتم يوگ ۾ جيون جي پورڻتا ٿئي ٿي. ان کان اڳتي جيون ۾ باقي ڪجهه ڪين ٿو بچي.

ڪرم، گيان ۽ ڀڳتي انهن کي الڳ ڪرڻ مان سهي نٿو سگهان. ڪجهه ساڌڪن جو پنهنجو اهڙو وشواس هوندو آهي جو ڪين صرف ڪرم ٿي سجهي ٿو. ڪي

اهو ارٿ ڄاڻون صرف اسين". ڀڳوان ٻڌائي رهيو آهي:
ويد مولڪي ئي ڄاڻن ٿا. مان ئي سڀني ويدن جو نچوڙ
آهيان، سار پرشوتم آهيان. هيءُ جيڪو ويدن جو سار
پرشوتم يوگ آهي ان کي جي اسين پنهنجي جيون ۾
سمائي ڇڏيون نه ڪهڙو نه مزو! پوءِ اهڙو ماڻهو جيڪي
ڪري تو ان ۾ جڻ ويد ئي ظاهر ٿي رهيا آهن. ائين
گيتا ٻڌائي ٿي. هن اڌياءَ ۾ گيتا جو سڄو سار اچي ويو.
گيتا جي سکيا هن ۾ پورن روپ ۾ ظاهر ٿي آهي. ان
کي پنهنجي جيون ۾ آڻڻ جي ڏينهن رات ڪوشش ڪرڻ
گهرجي. ٻيو ڇا؟

آرتوار: ۲۹-۵-۳۲.

ڀوڳ چوندا آهن. سڄو جيون پرمارٿي ٿي ڪري ڇڏڻ گهرجي. هيءَ ڳالهه چوڻ ته سولي آهي. پر هن چوٽيءَ ۾ جا ڀاوَنا آهي ان جو جيڪڏهن ويچار ڪريون ته رڳو نرمل شيوا ڪرڻ لاءِ اندر ۾ شڌ گيان ڀڳتيءَ جي جوالا ضروري سمجهي هلڻو پوندو. ان ڪري ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان اکري هڪ روپ آهن. اهڙي اوچ اوستا کي پرشوتم يوڳ چوندا آهن. هتي جيون جي آخرين حد اچي ويئي.

هاڻي اچ هن سورهين ادياءَ ۾ ڇا چيو ويو آهي؟ جيئن سورج اڀرڻ سان ڀهرين ان جي روشني ڦهلجڻ لڳندي آهي، تئن جيون ۾ ڪرم، ڀڳتيءَ گيان جي پورن پرشوتم يوڳ جي ظاهر ٿيڻ کان ڀهرين چڱين خصلتن جي روشني ٻاهر ظاهر ٿيڻ لڳندي آهي. پورن جيون جي هن ڀهرين روشنيءَ جو ورڻن هن سورهين ادياءَ ۾ ڪيو ويو آهي. ڪهڙيءَ اونده سان لڙندي هيءَ روشني ظاهر ٿئي ٿي، ان جو به ورڻن هتي ڪيو ويو آهي. ڪنهن شيءِ جي ثابتيءَ لاءِ اسين ڪن شين جي گهر ڪندا آهيون. شيوا، ڀڳتي، گيان اسان جي جيون ۾ اچي ويا آهن، اهو ڪيئن سمجهي سگهبو؟ ٻنيءَ ۾ اسين محنت ڪندا آهيون. ان جي ڦل، اناج جي فصل کي ماپي توري گهر کڻي ايندا آهيون. اهڙيءَ طرح اسين جا ساڌنا ڪريون ٿا ان ۾ اسانکي ڪهڙا ڪهڙا آزمودا ٿيا، ڪيتريون چڱيون ڳالهيون من ۾ ويٺيون، ڪيترا گڻ

وري ڀڳتيءَ جي آزاد رستي جي ڪلپنا ڪن ٿا، ان تي زور ڏين ٿا. ڪجهه ماڻهن جو لاڙو گيان ڏانهن هوندو آهي. جيئن رڳو گيان، رڳو ڀڳتي، رڳو ڪرم آهي. اهو فقط پٽو، الڳ پٽو نٿو وٺي. اُلٽو ان جي ابتڙ ڪرم، گيان ۽ ڀڳتيءَ جي يوڳ ميلاپ کي ٻه مان پسند ڪين ٿو ڪريان. ڪجهه ڀڳتي، ڪجهه ڪرم ۽ ڪجهه گيان، اهڙي چون چون جي چٽڻي ٻه مون کي نه ٿي آئڙي. ٻهرين ڪرم، پوءِ ڀڳتي، پوءِ گيان اهڙو سلسلو ٻه مون کي قبول ناهي. ٽنهي شين کي ملايو وڃي. اهڙيءَ طرح جو ٻه ميلاپ مون کي منظور ناهي. مون کي نه ان ايئن ڪرڻ جي چاهنا آهي ته جو ڪرم آهي، اهوئي ڀڳتي ۽ اهوئي گيان آهي. برفيءَ جي هڪ ٽڪر جو ميناج سندس مقدار، سندس وزن، هي سڀ الڳ الڳ ڪين آهن. جنهن وقت اسين برفيءَ جو ٽڪر وات ۾ وجهون ٿا، ان وقت سندس مقدار ئي ڪاڏو سين، وزن ٻه پڇايو سين ۽ سندس ميناج ٻه چکيو سين. ٽيئي ڳالهيون گڏ هڪ وقت ٿين ٿيون. ٽيئي ڳالهيون ڪنيون هڪ هنڌ آهن. برفيءَ جي هر هڪ ڪڻي ۾ مقدار، وزن ۽ ميناج آهي. ائين ناهي ته سندس هڪ ڀاڱي ۾ ميناج، ٻئي ۾ مقدار ۽ ٽئين ۾ رڳو وزن آهي. اهڙيءَ طرح جيئن جي هر هڪ ڪرم ۾ پرمارٿ ڀريل هئڻ گهرجي. هر هڪ ڪرم شيوا، پريم ۽ گيان سان ڀريل هئڻ گهرجي. جيئن جي هر هڪ جزي ۾ گيان، ڪرم ۽ ڀڳتي ڀريل هئڻ گهرجي. هن کي پرشوتم

ڏيکاري ويندو آهي. شعر ۾ استول کي سوکيم وسيلي
بيان ڪيو ويندو آهي نه ته سوکيم کي استول وسيلي.
هن چوڻ سان اسين نه سمجهبو ته گيتا جي شروع ۾ جو
لڙائيءَ جو بيان آهي، اهو خيالي آهي. شايد تواريخي قصو
هجي. مگر شاعر هتي ان جو استعمال پنهنجي دلي
مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪري رهيو آهي. فرض
جي بنسبت جذبن من ۾ موه پيدا ٿيندو آهي، لڏهن
انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. هيءَ ڳالهه لڙائيءَ جي
مشابهت ڏيئي سمجهائي وئي آهي. گيتا ۾ پڻ جوڳ سنگ
به ڏنو ويو آهي.

ڪروکيتر باهر به ۽ انسان جي اندر ۾ به آهي. باريڪيءَ
سان ڏنو وڃي ته جو جهڳڙو انسان جي من ۾ هوندو آهي،
اهوئي انسان کي باهر سنسار ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. باهر
جو پنهنجو دشمن ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اهو منهنجي ئي من
جو ساڪار روپ بڻجي بيٺو آهي. آرسيءَ ۾ جنهن نموني
منهنجوئي پلو برو پاڇو مونکي ڏسڻ ۾ ايندو آهي، اهڙي
نموني منهنجي من جا برا يلا ويچار باهر دوست دشمن
جي روپ ۾ مونکي ڏسجن ٿا. جئن روزمره جي ڪم
ڪار جا نظارا ۽ واقعا سپني ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، تئن
جيڪي انسان جي من ۾ آهي اهوئي انسان کي باهر ڏسڻ ۾
اچي ٿو. اندر جي لڙائي ۽ باهرين لڙائيءَ ۾ ڪو فرق
ڪونهي، سڀ لڙائي نه اندر واري آهي.

حاصل ٿيا، جيون سچ پچ شيوا ۾ ڪيتري صرف ٿي؟ ان جي جاچ ڪرڻ لاءِ هي اڌ ياءُ اشارو ڪري رهيو آهي. جيون جي ڪلا ڪيترو وڌي يا گهٽي آهي، ان جي ماپڻ لاءِ هيءُ اڌ ياءُ چٽي رهيو آهي. جيون جي هن وڌ اڌ ڙ ڪلا ڪي گيتا ڌرم ورتي چوي ٿي. ان جي ابتڙ جا ورتي آهي ان کي اڌرم ورتي چوي ٿي. سورهين اڌ ياءِ ۾ ڌرم اڌرم جي لڙائي ڏيکاري ويئي آهي.

٨٩

اهنسڪ ۽ هنسڪ سينائون

جيئن پهرين اڌ ياءِ ۾ هڪ طرف ڪورو سينا ۽ ٻئي طرف پانڊون جي سينا، هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ڪڙي ڪيل آهي، تئن هتي سلڇڻ روپي ڌرم سينا ڪڙي ڪيل آهي. تمام پراچين زماني کان انساني من ۾ جو پلن بون خيالن جو جهڳڙو هلي رهيو آهي ان جي ساکيات بيان ڪرڻ جي ريت پڇي ويئي آهي. ويد ۾ اندر ۽ ورتر پراڻن ۾ ديو ۽ دئيت، تئن رام ۽ راوڻ، پارسين جي ڌرم گرنٿ ۾ اهرمزد ۽ اهرمان، عيسائي مذهب ۾ پريو ۽ شيطان، اسلام ۾ الله ۽ ابليس اهڙي نموني جا جهڳڙا سيني ڌرم گرنٿن ۾ اچن ٿا. شعر ۾ جڙ چيز جو بيان، سوکيم چيزن جي روپ ۾ ڪيو ويندو آهي. تہ ڌرم گرنٿن ۾ سوکيم من ڀاونائن جو بيان ڪين جڙ روپ

اهڙيءَ طرح اڳيان نرڀئتا ۽ پنيان نمرتا جهڙن گڻن کي رکي سيني گڻن جو واڌارو ڪري سگهبو. انهن ٻنهي گڻن جي وچ ۾ جي چوويهہ گڻ رکيا ويا آهن اهي لڳ ڀڳ سڀ اهنسا جي هم معنيٰ رکندڙ آهن، ائين چئو غيرواجبي ڪين ٿيندو. جيو ديا، سرلتا، ڪميا، شانتي اڪروڌ، اهنسا، ادروهہ، وغيره هي سڀ اهنسا جا ٻيا نالا آهن. اهنسا ۽ ستيہ، هنن ٻن گڻن ۾ سيبيئي گڻ اچي وڃن ٿا. سيني گڻن جو جي خلاصو ڪيو وڃي ته آخر ۾ باقي اهنسا ۽ ستيہ وڃي بچندا. رهيل گڻ ان جي پيٽ ۾ ئي سمائجي ويندا. پر نرڀئتا ۽ نمرتا جي ڳالهہ نرالي آهي. نرڀئتا سان ترقي ڪري سگهجي ٿي. نمرتا سان بچاءُ ٿئي ٿو. (نرڀئتا، سچ ۽ نمرتا اهنسا جي نشاني آهي) ستيہ ۽ اهنسا جي پوئجي ڪٽي نرڀئتا سان اڳتي وڌڻ گهرجي. جيون وشال آهي. ان ۾ اسان کي ٻي ڏرڪ قدم اڳتي وڌائيندو وڃڻ گهرجي. قدم غلط نه وڃي، ان لاءِ نمرتا سان رهڻ مان ڪوبہ خطرو نٿو رهي. پوءِ پلي ئي ستيہ ۽ اهنسا جا تجربا ڪندا اڳتي هلندا وڃو. مطلب ته سچ ۽ اهنسا جو واڌارو نرڀئتا ۽ نمرتا جي ذريعي ٿئي ٿو.

اهڙيءَ طرح هڪ طرف جتي گڻن جي فوج بيٺي آهي ته اتي اوگڻن جي بہ تياري آهي. ڀو ننگہ، اگيان، وغيره، اوگڻن جي لاءِ وڏيڪ چوڻ جي ضرورت ڪين آهي. انهن سان ته اسان جي هميشہ جي واقفيت آهي.

اسان جي اندر ۾ هڪ طرف گڻ ته ٻئي طرف اوگڻ ڀينا آهن. انهن پنهنجو پنهنجو بندوبست ٺيڪ رکيو آهي. فوج ۾ جيئن سردار هوندو آهي، تيئن گڻن به هڪ سردار ٻڌائي رکيو آهي. ان جو نالو آهي نرڀئتا. هن اڌ ياءَ ۾ نرڀئتا کي پهريون درجو ڏنو ويو آهي. هيءَ ڳالهه ڪا اچانڪ ڪانه آئي آهي. ڄاڻي ٻجهي ئي نرڀئتا کي پهريون درجو ڏنو ويو هوندو. بنا نرڀئتا جي ڪو به گڻ وڌي نه ٿو سگهي. سچائيءَ کان سواءِ، گڻ جو ڪو ملهه ڪونهي. مگر سچائيءَ لاءِ به ته نرڀئتا ضروري آهي. ڊپ واري وايومنڊل ۾ گڻ ڦهلجي نٿا سگهجن. بلڪ اهي اوگڻ بڻجي ويندا. سچيون ڳالهيون به ڪمزور پئجي وينديون. نرڀئتا سيني گڻن جي مکيه اڳوان آهي. مگر فوج کي اڳيان پٺيان سنڀالڻو پوندو آهي. سڌو حملو ته سامهون ٿيندو. پر ماٺ ميٺ ۾ پٺيان چور جو حملو به ٿي سگهي ٿو. گڻن جي اڳيان نرڀئتا کپ کوڙي ويٺي آهي ته وري پٺيان نمرتا بچاءُ ڪري رهي آهي. اهڙو هي تمام سندر بندوبست ڪيو ويو آهي. هتي ڪل چوويهه گڻ ٻڌايا ويا آهن. انهن مان جي پنجويهه حاصل ٿي ويا ۽ جي ڪٿي انهن جو اهنڪار ٿيو ته پٺيان ئي پٺيان چور جو حملو ٿي ڪري، سڄي ڪمائي ڪٽ ٿيڻ جو امڪان آهي. ان ڪري پٺيان نمرتا جهڙي گڻ کي رکيو ويو آهي. جيڪڏهن نمرتا نه هوندي ته ڪڏهن سوڀ هار ۾ بدلجي ويندي، اهو به ڌيان ۾ نه ايندو.

اُسري سمپدي اهڙيون ئي فوجون تيار آهن. انهن مان اُسري سمپديءَ کي ڇڏي ديوي سمپديءَ کي پڪڙڻ گهرجي. سچ، اهنسا وغيره ديوي گڻن جو واڌارو پراچين زماني کان ٿيندو آيو آهي. وچ واري زماني ۾ به ڪافي واڌارو ٿيو آهي. تڏهن به اڃا ڪافي واڌارو ڪرڻو آهي. ترقيءَ جي چوٽي اڃا ڪين پهتي آهي. جيسين تائين اسان کي سماجڪ شرير حاصل آهي تيسين تائين ترقيءَ لاءِ اسان کي اننت وقت آهي. شخصي ترقي ٿي وئي، نه به سماجڪ، ديسي، سنساري ترقي باقي رهي ٿي. ماڻهوءَ کي پنهنجي ترقيءَ جو پاڻ ڏيڻو پوءِ سماج، ملڪ جي لکن ماڻهن جي ترقيءَ جي شروعات ڪرڻي پوندي آهي. جيتوڻيڪ منش ڏاڍن پراچين سمي کان اهنسا جي ترقي ٿي رهي آهي تڏهن به اڃا اها جاري آهي.

اهنسا جي ترقي ڪيئن ٿيندي آئي آهي، سو ڏسڻ وٽان آهي. هن مان اهو سمجهه ۾ ايندو ته حقيقي جيون جو وڪاس ڪهڙي نموني درجي بدرجي ٿي رهيو آهي ۽ ان ۾ اڃا ڪيتري گنجائش آهي. پهرين اهنسڪ منش ويچار ڪرڻ لڳو ته هنسڪ ماڻهن جي حملي کان ڪيئن بچاءُ ڪيو وڃي. شروعات ۾ سماج جي رکيا لاءِ ڪتري ورڻ ٺاهيو ويو. مگر اهو اڳتي هلي سماج کي کائڻ آيو. تڏهن هنن متوالن ڪترين کان سماج جو بچاءُ ڪيئن ڪيو وڃي؟ هي ويچار هنسڪ برهمڻ ڪرڻ لڳا. پرسرام خود اهنسڪ هوندي به هنسا جي مدد سان ڪترين کي

ڀونگ جا جڙ نہ اسين عادتي تي ويا آهيون. سچو جيون ئي جڙ ڀونگ تي ٻيهاريو ويو آهي. اگيان لاءِ ڇڏجي تہ اهو هڪ اهڙو منوهر ڪارڻ بڻجي پيو آهي، جنهنڪي اسين قدم قدم تي وڌائي رهيا آهيون. جڙ اگيان کو وڏو گناه ئي ڪين آهي. مگر ڀڳوان چوي ٿو: "اگيان پاپ آهي". سقراط ان جي ابتڙ چيو آهي. پنهنجي مقدمي ۾ هن چيو: "جنهن کي توهين پاپ سمجهو ٿا، اهو اگيان آهي ۽ اگيان معافي ڪرڻ لائق آهي. اگيان کان سواءِ پاپ ٿي ڪين سگهندو ۽ اگيان کي اوهين سزا ڪيئن ڏيئي سگهندا." مگر ڀڳوان چوي ٿو: "اگيان پاپ ئي آهي." قاعدي ۾ چيو ويو آهي تہ قاعدي جو اگيان بچاءَ جو دليل نہ ٿو ٿي سگهي. ايشوري قاعدي جو اگيان بہ تمام وڏو گناه آهي. ڀڳوان ۽ سقراط جي چوڻ جو مطلب هڪ ئي آهي. پنهنجي اگيان کي ڪهڙي نموني ڏسڻ گهرجي. اهو ڀڳوان ٻڌائي رهيو آهي. ٻئي جي پاپ کي ڪهڙي نموني ڏسڻ گهرجي، اهو سقراط ٻڌائي رهيو آهي. ٻين جا ڏوه معاف ڪرڻ گهرجن پر پنهنجي اگيان کي معاف ڪرڻ بہ پاپ آهي. پنهنجو اگيان تہ ذرو بہ باقي رکڻ نہ گهرجي.

۹۰

اهنسا جي واڌاري جا چار ڏاڪا

اهڙيءَ طرح هڪ طرف ديوي سمپدي ۽ ٻئي طرف

الڳ الڳ تجربا ڪيا. مگر اهڙن جدا جدا تجربن سان نئي شاسترن جي رچنا ٿيئي ٿي. ڳڌيل آزمودن مان شاستر ٺهندا آهن.

سنتن جي شخصي تجربن بعد اڄ اسين ڇوٿون تجربو ڪري رهيا آهيون. اهو آهي سڄي سماج ملي اهنسڪ رستي سان هنسا جو مقابلو ڪري. اهڙيءَ طرح چار تجربا اڄ تائين ٿيا آهن. هر هڪ تجربي ۾ اپورنتا هئي ۽ آهي. ترقيءَ جي ڳالهه ۾ هيءَ ڳالهه اٽل آهي. مگر هيءُ نه ڇوٽوئي پوندو ته ان سمي ۾ اهي تجربا پورن هئا ۽ ڏهن هزارن سالن بعد اڄ جي هن اهنسڪ يڌ ۾ گهٽوئي هنسا جو حصو ڏسڻ ۾ ئي ايندو. شڌ اهنسا جا پيا به تجربا ٿيندا رهندا. گيان، ڪرم، ڀڳتيءَ جوئي نه بلڪ سيني گڻن جو واڌارو ٿي رهيو آهي. پورن چيز نه هڪ ئي آهي، اها آهي پرماتما. ڀڳوت گيتا جو پرشوتم ئي پورن آهي. مگر شخصيت ۽ سماج جي جيون ۾ اڃا ان جو پورن واڌارو اڌورو آهي. وچن جي به ترقي ٿيندي آهي. رشي منتر جا ڄاڻو سمجهيا ويندا آهن، ڪندڙ نه. ڇو ته منتر جو جيڪو ارٿ ڪين ڏسڻ ۾ آيو، اهوئي ارٿ ان جو هجي اهين ناهي. ڪين ان جو هڪ درشن ٿيو. ان ڪان پوءِ ان جو اسان کي وڌيڪ واڌارو ڪيل ارٿ ڏسڻ ۾ اچي سگهي ٿو. ان ڪان جي اسان کي ڪجهه وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اسان جي خاصيت ڪانهي. ڇو ته انهن جي ئي آڌار تي اسين اڳتي وڌون

برهمڻن جي هڏين جو ڍير آهي. اهنسڪ برهمڻن حملي ڪندڙ هنسڪ راڪسن جو مقابلو ڪين ڪيو. هو مري ويا. انهن جي هڏين جو هيءُ ڍير آهي.“ هن اهنسا ۾ برهمڻن جو تياڳ ته هو مگر گڏو گڏ ٻين مان پنهنجي بچاو جي هو اميد رکندا هئا. اهڙي ڪمزوري رکندڙ اهنسا پورنتا کي پهچي نه ٿي سگهي.

اڳتي ٽيون تجربو سنتن ڪيو. انهن فيصلو ڪيو ته اسين پنهنجي بچاو لاءِ ٻين جي مدد بلڪل نه وٺنداسين. اسان جي اهنسا ئي اسان جو بچاءُ ڪندي. اهڙو بچاءُ ئي سچو بچاءُ آهي. سندن اهو تجربو شخصي هو. هن شخصي تجربي کي پورنتا تائين هت پهچايو. پر آخر هو رهيو شخص ئي نه. سماج ٿي جيڪڏهن هنسڪ ماڻهن جو حملو ٿئي ۽ سماج سنتن کان اچي پڇي ته هاڻ ڇا ڪيو وڃي، ته شايد سنت ان جو جواب نه ڏيئي سگهن. شخصي جيون ۾ مڪمل اهنسا آڻيندڙ اهي سنت، سماج کي هيءُ ئي جواب ڏيئي سگهندا: ”ڀائي، اسين لاچار آهيون.“ سنتن جي هيءَ گهٽتائي ٻڌائڻ منهنجي ٻاراڻي همت آهي. مگر ان جي ڪلهن تي ويهي مونکي جو ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اهو مان ٻڌائي رهيو آهيان. شل هو مونکي ان لاءِ معاف ڪن ۽ معاف ڪندا به. ڇو ته سندن ڪميا مهان آهي. اهنسا ذريعي سماجڪ تجربو ڪرڻ جو ڪين خيال ڪونه آيو هجي، ائين چئي نه سگهبو. پر ان وقت جي حالت ڪين موافق نه لڳي هجي. انهن پنهنجي لاءِ

پابندي وڌي ته جيڪڏهن ماس کائڻو هجي ته يگيه
۾ ٻل چاڙهيل پسوءَ جوئي ماس کائڻ گهرجي. ان ۾
مطلب اهوئي رکيل هو ته هنسا روڪي وڃي. ڪيترن
ته بلڪل ماس کائڻ ڇڏي ڏنو. مگر جي پورو ماس نٿي
ڇڏي سگهيا، انهن کي اها منظوري ڏني ويئي ته هو
ان يگيه ۾ پرميشور کي ارپڻ ڪري، ڪجهه تپسيا ڪري
پوءِ کائين. ان وقت سمجهو ويو هو ته يگيه ۾ ئي ماس
کائي سگهجي ٿو. اهڙي پابندي لڳائڻ سان هنسا روڪجي
ويندي. مگر بعد ۾ يگيه روزمره جي ڳالهه ٿي پيئي.
جنهن جي من ۾ آيو اهو يگيه ڪرڻ لڳو ۽ ماس کائڻ
لڳو. تڏهن ڀڳوان ٻڌ ڪجهه اڳتي وڌيو. هن چيو ماس
کائڻو هجيو ته کائو، پر گهٽ ۾ گهٽ ڀڳوان جو نالو وٺي
ته نه کائو. هنن ٻنهي جو مطلب هڪ ئي هو ته هنسا جي
روڪ ٿئي. گاڏي ڪنهن نه ڪنهن نموني پرهيزگاريءَ
جي راهه ٺي اچي. يگيه هون ڪريو يا نه. ٻنهي مان اسين
ماس نه کائڻ ئي سکياسين. اهڙيءَ طرح اسين آهستي
آهستي ماس کائڻ کان پرهيز ڪرڻ لڳاسين.

سڄي سنسار ۾ صرف ڀارت ۾ ئي هي شاهي تجربو
ٿيو. ڪروڙين ماڻهن ماس کائڻ ڇڏي ڏنو. ۽ اڄ اسين
ماس نٿا کائون. ان ۾ اسان جي وڏائي ڪين آهي. وڏن
جي پيچ ڪري اسين ان جا عادي بڻياسين. مگر اڳيان
رشي ماس کائيندا هئا. اهو اسان پڙهيو يا ٻيو ته اسان کي
عجب لڳندو آهي. ”ڇا ٿا بڪو؟ رشي ماس کائيندا

ٿا. مان هت اهنسا جي ئي وڪاس جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان. ڇو ته اسين جيڪڏهن سڀني جو سراسري سار ڪيون، ته اهو اهنسائي نڪرندو. ۽ پيو ته اسين اڄ اهنسڪ لڙائيءَ ۾ پيا آهيون. تنهنڪري مون پڌايو ته هن تتو جي ترقي ڪيئن ٿي رهي آهي.

٩١

اهنسا جو هڪ مهان تجربو - مانس آهار جو تياڳ

هيستائين اسان اهنسا جو هيءُ هڪ پاسو ڏٺو ته جي هنسڪ حملا ڪري ته اهنسڪ پنهنجو بچاءُ ڪيئن ڪري. شخص جي پاڻ ۾ جهيڙن ۾ اهنسا جو واڌارو ڪهڙيءَ طرح ٿي رهيو آهي، اهو اسان ڏٺو. پر جهيڙو انسان ۽ پسوڻ ۾ به ٿي رهيو آهي. منش اڃا تائين پنهنجا جهيڙا ختم نه ڪيا آهن. پسن کي پيٽ ۾ لنگهائي هو جيئرو رهيو آهي. هو پنهنجا جهيڙا اڃا تائين ختم نه ڪري سگهيو آهي. پاڻ کان ڪمزور پسن کي کائڻ کان سواءِ هو جيئي نٿو سگهي. هزارين سال جيئي ڪري به ڪهڙيءَ طرح جيئڻ گهرجي، ان جو ويچار اڃا تائين منش نه ڪيو آهي. منش سڃڻ وانگر نٿو جيئي سگهي. مگر هن ڳالهه جي به ترقي ٿي رهي آهي. ڪو وقت اهڙو هو جو منش صرف پسن تي ئي پنهنجو گذر ڪندو هو. مگر جي چڱا ۽ ڏاها ماڻهو هئا، انهن کي هيءُ ڪين وڻيو. انهن هيءَ

گهرجي. ترقيءَ جي ايا ضرورت آهي. ڪنهن به ڳڻ جو مڪمل واڌارو نه ٿي سگهيو آهي.

٩٢

اَسري سمپديءَ جون ٽي خواهشون- طاقت، سپيتا ۽ ڌن

اسان ڪي ديوي سمپديءَ جو واڌارو ۽ اَسري سمپديءَ جو ناس ڪرڻو آهي. اَسري سمپديءَ جو بيان پڳوان ان ڪري ڪيو آهي جئن اسين ان کان دور رهي سگهون. ان ۾ ٽي ڳالهيون مکيه آهن. راڪسن جي چرتر جو سار، ”طاقت، سپيتا ۽ ڌن“ ۾ آهي. هو چوندا آهن صرف اسان جي سپيتا ئي اوچي آهي. اوچي ڇو آهي؟ انهن جي خواهش هوندي آهي ته اها سڄي سنسار مٿان مڙهي وڃي. اها سپيتا ڇو مڙهي وڃي؟ ڇي سڀ کان اوچي آهي. اوچي ڇو آهي؟ ڇو نه، اها اسان جي آهي. اَسري شخص هجن يا انهن جي ٺهيل سلطنت هجي، انهن لاءِ هي ٽي شيون ضروري آهن.

برهمڻ به ته ائين سمجهندا آهن، ته اسان جي سنسڪرتي سڀ کان اوچي آهي. سڄو گيان اسان جي ويدن ۾ ڀريل آهي. ويدڪ سنسڪرتيءَ جي سويب سڄيءَ دنيا ۾ ڦيلڻ گهرجي. ”سامهون چار ويد ۽ پٺيان ٻاڻ سان تيار ڌنش“ اهڙي نموني سڄي جڳت مٿان پنهنجي سنسڪرتيءَ جو

هوندا؟ ڪڏهن نه!" مگر ماس کائيندي، انهن پرهيز ڪندي ان جو تياڳ ڪيو آهي. ان جو جس ڪين آهي. انهن تڪليفن جو آزمودو اسان کي نٿو ٿئي. سندن پنج جو ڦل اسان کي ٿهيو ٺڪيو ملي ويو آهي. پوپوٽ ڪوي ۽ جي "اتر رام چرت" ۾ اهو پرسنگ آيو آهي. والميڪ رشي ۽ جي آشرم ۾ وسشٽ رشي آيو. ان جي مرحبا ۾ هڪ گابو ماريو ويو. ان تي هڪ ٻالڪ ٻئي ٻالڪ کان پڇي ٿو: "اڄ اسان جي آشرم ۾ ڏاڙهي ۽ وارو شينهن آيو آهي. ان اسان جو گابو کائي ڇڏيو نه؟" وڏي ٻالڪ چيو، "هل ڙي، هو نه وسشٽ رشي آهي. اجايو نه بڪ." اڳي هو ماس کائيندا هئا ۽ اڄ اسين نٿا کائون. ان جو مطلب اهو ناهي ته اسين انهن کان وڌا ٿي ويا آهيون. سندن آزمودي جو لاڀ اسان کي پنهنجو پاڻ ملي ويو آهي. اسان کي انهن جي آزمودي جو واڌارو ڪرڻ گهرجي. اسان کي کير بلڪل ڇڏي ڏيڻ جو تجربو ڪرڻ گهرجي. اسان کي ٻين پراڻين جو کير پيئڻ غير واجب ٿي آهي. ڏهن هزارن سالن بعد ايندڙ زماني جا لوڪ اسان لاءِ چوندا، "ڇا اسان جي وڏن کي کير نه پيئڻ جو نيم رکڻو پيو. رام رام! هو کير ڪيئن پيئندا هوندا؟ اهڙا هو جهنگلي هئا." مطلب ته اسان کي ٻي ڀ پوٽي، پر نهنو ٿي پنهنجا تجربا ڪندو ۽ هميشه اڳتي وڌندو رهڻ گهرجي. سچ جو دائرو وسيع ڪندو وڃڻ

نه ان کي پنهنجي عمل ۾ آڻي ڏيکاريو نه، ان جي چمڪ پنهنجي جيون ۾ ڏيکاريو نه. مگر ائين ڪين ٿو ٿئي. جا سمپتا خود اسان جي جيون ۾ ناهي، اسان جي گهر ۾ ناهي، ان کي سنسار ۾ ڦهلائڻ جي خواهش رکڻ جي وچار کي راڪسي چئبو آهي.

وري جيئن منهنجي سمپتا سنڌر، اوچي آهي تئن ئي هيءُ وچار به آهي ته سنسار جي سڀ ملڪيت رکڻ لائق مان ئي آهيان. سنسار جي ساري ملڪيت مون کي گهرجي ۽ ان کي حاصل ئي ڪندس. هيءُ ملڪيت ڇالاءِ حاصل ڪريان؟ سڀني ۾ هڪ جهڙي برابر ورهائڻ لاءِ. ان ڪري مان خود پاڻ کي مال متاع ۾ ٻوڙي ڇڏيان ٿو. اڪبر به هيءُ چيو هو ته ”هي راجپوت اڃان منهنجي سلطنت ۾ ڇو نه ٿا شامل ٿين؟ هڪ وڏي حڪومت برپا ٿي وڃي ته دنيا ۾ امن امان اچي ويندو.“ هن سچ پچ ايمانداريءَ سان ئي ائين محسوس ڪيو. اڄوڪن راڪسن جو به اهوئي وچار آهي. ساري سنسار جي ملڪيت ڇو گڏ ڪئي وڃي؟ ان کي وري سڀني ۾ ورهائڻ لاءِ.

ان لاءِ مون کي طاقت گهرجي. سڄي طاقت هڪ ئي هٿ هيٺ اچڻ گهرجي. سڄي دنيا منهنجي تنتر ۾ اچڻ گهرجي. منهنجي تنتر انوسار هلڻ گهرجي. جو ڪجهه منهنجي هيٺان هوندو، جو منهنجي حڪم هيٺ هلندو، اهوئي تنتر باقي پرتنتر. اهڙيءَ طرح سمپتا، طاقت ۽ ملڪيت انهن ٽنهي ڳالهين تي راڪسي سمپديءَ ۾ زور

جھنبو ڦڙڪايو. مگر پنيءَ تي جتي پاڻ سان ڏنل رهندو ته پوءِ ويچاري هٿ ۾ رکيل ويد جو خاتمو ٿي سمجھو! مسلمان به ته ائين سمجھندا آهن ته قرآن شريف ۾ جيڪي لکيل آهي سو سچ آهي. عيسائي به ائين ٿي مڃيندا آهن. ٻئي ڌرم جو آدمي ڪيترو به اوچو ڇو نه هجي، اهو جيستائين يسوع مسيح تي اعتبار نه ڪندو، تيستائين سرڳ ۾ نٿو وڃي سگھي. ڀڳوان جي مندر جو هنن صرف هڪ ٿي دروازو رکيو آهي. اهو آهي يسوع مسيح وارو. ماڻهو پنهنجي گھر ته گھڻيئي دروازا ۽ دريون رکندا آهن مگر ويچاري ڀڳوان جي مندر جو صرف هڪ ٿي دروازو هو رکن ٿا.

"مان آڪاهيو سڀ کان بهتر؛ منهن جي برابر ڪير نه آهي." هيءَ ٿي سڀ مڃين ٿا. مان ڪير؟ ڀاردواج خاندان جو! منهنجو هي سلسلو بي روڪ هلي رهيو آهي. اهو ٿي حال اولهه وارن ملڪن جو آهي. هو چوندا آهن ته اسان جي رڳن ۾ نارمن لوڪن جو رت پيل آهي. اسان وٽ گروءَ جو رواج آهي نه؟ پهريون مول گرو شنڪر آهي. پوءِ برهم ديو يا ڪو ٻيو. پوءِ نارد، وياس. پوءِ وري ڪو ٻيو رشي. پوءِ وچ ۾ ڏهه پندرهن نالا اچن ٿا. ان بعد گروءَ جو نالو ۽ پوءِ مان. اهڙو سلسلو ڏيکاريو ويندو آهي. اهڙن سلسلن ۽ خاندانن سان اهو ثابت ڪيو ويندو آهي ته اسين اوچا اسان جي سڀيتا سريشٽ. پر ڀائي، جيڪڏهن سچ پڇ توهان جي سڀيتا سريشٽ آهي

٩٣

ڪام ڪروڌ کان ڇوٽڪاري جو وگيانڪ رستو

اَسري سمپدي ۽ کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهون. توڙن اکرن ۾ جي چئجي اَسري سمپدي معنيٰ ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ. سڄي سنسار کي هي ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ لڇائي رهيا آهن. هاڻي هي ناچ گهڻو ٿيو. ان کي ختم ڪرڻ گهرجي. انهن کان اسان کي ڪنارو ڪرڻ گهرجي. ڪروڌ ۽ لوڀ ڪام جي ڪري پيدا ٿين ٿا. ڪام جي لاءِ موافق حالتون پيدا ٿيڻ سان لوڀ پيدا ٿئي ٿو. گيتا ۾ ٽنهي لئي چيو ويو آهي ته انهن ٽنهي کان بچندا رهو. سورهين اڌياءَ جي آخر ۾ اهو ئي چيو ويو آهي ته ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ هي نرڪ جا ٽي وڏا دروازا آهن. انهن دروازن ئي ذريعي آمدرفت آهي. انيڪ ماڻهو پيا اچن وڃن. نرڪ جو رستو ڪافي ويڪرو آهي. اتان موٽرون به ويندڙيون آهن. رستي ۾ گهڻيئي ساٿي به ملندا آهن. مگر سچ جي راهه ڏاڍي سوڙهي آهي.

ته هاڻ هن ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ کان ڪيئن بچجي؟ سنجمي رستو اختيار ڪرڻ سان. شاستر جي سنجم جو پالڻ پڪڙڻ گهرجي. سنتن جو آزمودو ئي شاستر آهي. تجربي مان جيڪو آزمودو سنتن کي ٿيو، ان مان شاستر ٺهندو آهي. ان ڪري هن سنجم جي اصول جو آسرو وٺو. اجايو شڪ گمان نه رکو. مهرباني ڪري اهڙو دليل،

ڏنو ويندو آهي.

اهڙو هڪ زمانو هو جڏهن سماج پر برهمڻن جي صاحبي هئي. هو پستڪ ۽ قانون ٺاهيندا هئا. راجا کين وڏو سمجهندا هئا. اهو زمانو بدليو. کترين جو يگ آيو. گهوڙا ڇوڙيا ويندا هئا. لڙايون کٽيون ويندڀون هيون. هي ۽ کتري سڀيتا به آئي ۽ گذري ويئي. برهمڻ چوي "مان وديا ڏيڻ وارو، پيا حاصل ڪرڻ وارا. مون سواءِ گرو ڪير؟" برهمڻن کي پنهنجي سڀيتا جو ايمان هو. کترين جو زور طاقت تي هو. "اڄ هن کي ماريم، سڀاڻي هن کي ماريندس." اهڙين ڳالهين تي سندن سڄو زور رهندو هو. پوءِ وئش جو وارو آيو. سندن سارو تتو گيان آهي ته "پني ۽ تي پلي مار، پر پيٽ تي لت نه ڏي." سڄي پيٽ جي پوڄا. هيءُ ڌن منهنجو، هو به منهنجو ٿي ويندو. هي سندن جپ ۽ مقصد. انگريز اسان کي چون ٿا ته "سوراج گهرجيوَ ته پلي وٺو، پر اسان کي واپار ڪرڻ جون سهوليتون ڏيو." اوهين پلي پنهنجي سڀيتا جو اڀياس ڪندا رهو. لنگوٽي لڳائي پنهنجي سڀيتا کي وٺي ويهي رهو. اڄ ڪالهه جي لڙايون لڳن ٿيون اهي به واپار لاءِ ئي. هي زمانو گذري ويندو. سندس پڇاڙيءَ جي شروعات به ٿي ويئي آهي. اهڙيءَ طرح هي سڀ اُسري سمپديءَ جا نمونا آهن.

رهو. سنجم سان هلو. حد نه ٽپي وڃو. لوڪ سنگره جي معنيٰ اها، آهي ته لوڪ جئن چون تئن ڪيو وڃي. ماڻهن جي منڊلي وڌائيندو وڃڻ ۽ ملڪيت ڪٺي ڪندو وڃڻ، هي سڌارو ڪين آهي. ترقي انداز تي مدار ٿئي رکي. سماج جي بيشمار وڌڻ لڳي ته ماڻهو هڪ ٻئي جو خون ڪرڻ لڳندا. ڀورين پسون پکيءَ کي کائي انسان مست ٿيندو. پوءِ پنهنجن ٻارن ٻچن کي کائڻو پوندو. ڪام ڪروڌ ۾ ڪجهه سار آهي. هي ويچار جي مڃيو وڃي ته پوءِ پهاڙيءَ ۾ انسان انسان کي ماري کائيندو. ان ۾ ذرو به گمان ڪواهي. لوڪ سنگره جو مطلب آهي ته ماڻهن کي سهڻو ۽ پوتر رستو ڏيکارڻ. ڪام ڪروڌ کان مڪت ٿي وڃڻ تي، جي انسان زمين تان ختم ٿي ويندو ته اوهين چنتا نه ڪريو. هو منگل گره تي پيدا ٿيندو. الکه پرميشور هرهنڌ حاضر ناظر آهي، اهو اسان جي چنتا ڪندو. تنهنڪري ڀورين اسين ڇوٽڪارو نه پايون. اڳتي دور ڏسڻ جي ضرورت ڪانه آهي. سڄي سنسار، انسان ذات جي چنتا نه ڪريو. توهين پنهنجي اخلاقي طاقت وڌايو. ڪام ڪروڌ کي ڀاري ڪيو. ڀورين پنهنجو ڪنڌ نه ڪياءِ. تنهنجو ڪنڌ جو ڦاٿو پيو آهي، اهو نه ڀورين ڇڏاءِ. ايترو ڪيءَ ته به گديج ٿيو.

سنسار سمندر کان دور ڪناري تي ٻيهي سمنڊ جي مؤج ڏسڻ ۾ آنند آهي. جو سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو آهي، جنهن جي اکين، نڪ ۾ پاڻي پئجي ويو آهي، انکي سمنڊ

اهڙو گمان نه ڪريو ته جي ڪام ڪرڻ دنيا مان نڪري ويو ته پوءِ دنيا جو ڪهڙو حال ٿيندو. اهو ته هلڻ ئي گهرجي. ٿورو ڪام، ڪرڻ به نه رهڻ گهرجي؟ ڀائرو! ڪام، ڪرڻ ته اڳي ئي ڀرپور آهي. اوهان کي جيترو گهرجي، ان کان به وڌيڪ آهي. پوءِ ڇا جي لاءِ ٿا جهنجهٽ ڪريو؟ ڪام، ڪرڻ، لوڀ اوهان جي گهرج کان وڌيڪ ئي دنيا ۾ آهي. اها چنتا نه ڪريو ته ڪام مري ويو ته پوءِ اولاد ڪيئن پيدا ٿيندو. اوهين چاهي ڪيترو ئي اولاد پيدا ڪريو، پر هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جڏهن زمين تان انسان جو نالو نشان بلڪل ميٽجي ويندو. گرنٿڪارن ۽ سائنسدانن جو اهو چوڻ آهي. زمين آهستي آهستي ٿڌي ٿي رهي آهي. ڪنهن وقت زمين تمام گرم هئي. ان وقت پراڻي ڪين هئا. پراڻي پيدائي ڪين ٿيا هئا. پر هاڻي هڪ اهڙو وقت ايندو جڏهن زمين ٿڌي ٿي ويندي ۽ سڀي پراڻي دنيا جو خاتمو ٿيندو. هن ٿيڻ لاءِ لکين سال لڳندا. اوهين ڪيترو ئي اولاد پيدا ڇو نه ڪريو پر آخر پرلئه پڪ ئي پڪ اچڻ واري آهي. پرماتما جو اوتار وٺندو آهي سو ڌرم رکيا لاءِ، نه انداز رکيا لاءِ. جيسيتائين هڪ به ڌرمي ماڻهو آهي، هڪ به پاپ کان بچندڙ سچو ماڻهو آهي، تيسيتائين ان ڏانهن ايشور جي نظر رهندي. جن جو ڌرم ختم ٿي چڪو آهي، اهڙا هزارين آدمي جئن ته ڇا مرن ته ڇا؟ ڳالهه مڙئي هڪ آهي.

هن ڳالهه جو ڌيان رکي سرشٽيءَ ۾ ويچار پوروڪ

اڌياءُ سترهون

ضميمو (٢) ساڌڪ جو نيم- ڪرم

٩۴

نيمائتي جيون ٻنڌن رهت رهي ٿي

پيارا پانڌيئو، اسين ڏيري پڇاڙيءَ تائين پهچي رهيا آهيون. پندرهين اڌياءَ ۾ اسان جيون جو پورو شاستر ڏنو. سورهين اڌياءَ ۾ هڪ ضميمو ڏنو سين. انسان جي من ۾ ۽ سندس من جي ٻاهرين روپ سماج ۾ ٻن ورتين، ٻن سيپتائن يا سمپدائن جو جهڳڙو هلي رهيو آهي. انهن مان اسان کي ديوي سمپديءَ جو واڌارو ڪرڻ گهرجي. هي سبق اسان کي سورهين اڌياءَ جي ضميمي ۾ مليو. اڄ سترهين اڌياءَ ۾ ٻيو ضميمو ڏسڻو آهي. هڪ خيال کان چٽي سگهجي ٿو ته هن اڌياءَ ۾ ڪاريه ڪرم يوگ چيو ويو آهي. هن اڌياءَ ۾ گڻتا روزاني ڪم ڪار جي سوچنا ڏيئي رهي آهي. نت ڪم ڪار جو ويچار اڄ هن اڌياءَ ۾ ڪرڻو آهي.

جيڪڏهن اسين چاهيون ته اسان جي ورتي آزاد ۽ پرسن رهي ته اسان کي پنهنجي وهنوار جو هڪ ستاءُ ستڙ گهرجي. من تڏهن مڪت رهي سگهندو، جڏهن اسان جي زندگي ان حد اندر ۽ ان رٿيل نيم ريت سان هلندي رهندي. ندي پنهنجي مرضيءَ موافق وهندي آهي مگر سندس

۾ ڪهڙو آنند؟ سنت سمنڊ جي ڪناري تي ويٺي آنند وٺندا آهن. سنسار کان اليپ رهڻ جي هن سنت ورتيءَ کي جيون ۾ سمائڻ کان سواءِ آنند نه ٿو ٿي سگهي. تنهنڪري ڪمل جي پتن وانگر اليپ رهو. ٻڌ ڀڳوان چيو آهي، سنت اوچي پربت جي اوچي چوٽيءَ تان ويٺي هيٺ سنسار طرف ڏسندا آهن، تڏهن سنسار کين فاني معلوم ٿيندو آهي. اوهين به مٿي چڙهي، هيٺ نهاريو ته هي سڄو پسارو خسيس ڏسڻ ۾ ايندو. پوءِ سنسار ۾ من ئي ڪين لڳندو.

حاصل مطلب ته ڀڳوان هن اڌ ياءَ ۾ زور ڏيندي چيو آهي ته آسري سمپديءَ کي مٽائي ديوي سمپدي حاصل ڪريو. اچو ته اسين به اهڙي ڪوشش ڪريون.

آرتوار: ٥-٦-٣٢.

آهيون ۽ جنهن سماج ۾ اسين جنميا آهيون. اسان جي جنم لاءِ آسائتا ماتا پتا، پائر پيئر، پاڙيسري، ڳوٺائي، اِها ٽي ئين سنستا. اسين روزانو انهن ٽن سنستائن جو استعمال ڪريون ٿا. انهن کي ڪم آڻيون ٿا. گيتا چاهي ٿي ته اسان دواران انهن سنستائن ۾ جا گاٺ پوي ٿي، ڪمي اچي ٿي، ان جي پوري ڪرڻ لاءِ اسين هميشه ڪوشش ڪندا رهون ۽ پنهنجي جيون سڦل ڪريون. انهن سنستائن ڏانهن پنهنجو هي جنمي فرض اسان کي نرهنڪار ڀاونا سان پورو ڪرڻ گهرجي.

هتي فرض پورا نه ڪرڻا آهن. مگر انهن جي پوري ڪرڻ جي رِتا ڪهڙي هجي؟ يگيه، دان، تپ. انهن ٽنهي جي ميلاپ سان هي رِت نهي ٿي. جيتوڻيڪ اسين انهن اکرن کان واقف آهيون تڏهن به انهن جي معنيٰ صاف نٿا سمجهون. جي اسين انهن جو مطلب سمجهون ۽ انهن کي پنهنجي جيون ۾ سمايون ته اهي ٽيئي سنستائون سڦليون ٿين ۽ اسان جو جيون به مکمت ۽ آنند دائڪ ٿي پوي.

٩٥

ان لاءِ ٽن قسمن جو ڪرم يوگ

هن مطلب کي سمجهڻ لاءِ پهرين اسين اهو ڏسون ته يگيه جي معنيٰ ڇا آهي. سرشٽي سنستا کان اسين

وهڪرو بدليل آهي. جيڪڏهن اها بدليل نه هجي ته سندس مڪتي اجائي ويندي. گياني پرش جو مثال اڳين اڳيان آڻيو. سچ ئي گياني پرش جو استاد آهي. پڳوان پهرين ڪرم يوگ سچ کي سيکاريو. پوءِ سچ ڪان منوءَ کي يعني ويچار ڪندڙ منش کي اهو حاصل ٿيو. سچ ته آزاد ۽ مڪت آهي. هو ليمي آهي. ان ۾ سندس مڪتيءَ جو سار آهي. هيءَ اسان جي آزمودي جي ڳالهه آهي ته جي اسان کي هڪ رٿيل رستي تي گهمڻ جي عادت آهي ته رستي طرف ڌيان نه ڏيندي، من ۾ سوچيندي ويچاريندي اسين گهمي سگهون ٿا. جيڪڏهن گهمڻ لاءِ اسين روز نوان رستا ڪيدا اسين ته سڄو ڌيان رستي ۾ ئي لڳائڻو پوندو. پوءِ من کي چونڪارو نه ملي سگهندو. مطلب ته اسان کي پنهنجو وهنوار اهڙي نموني بنائڻ گهرجي جو جيون بوجو معلوم نه ٿئي پر آنند ۾ محسوس ٿيڻ گهرجي.

هن اڌياءَ ۾ ڀڳوان ان ڪري ڪاريه ڪرم چئي رهيو آهي. اسين پيدا ٿيندي ئي سنستائون پاڻ سان ڪٺي آيا آهيون. انسان انهن ٽن سنستائن جو ڪم چڱيءَ طرح هلائي سگهي، پنهنجو سنسار چڱيءَ طرح سڪدائي بڻائي سگهي، ان لاءِ گيتا هي ڪاريه ڪرم ٻڌائي رهي آهي. اهي ٽي سنستائون ڪهڙيون آهن؟ پهرين سنستا آهي اسان جو شرير، ٻي سنستا آهي اسان جي آس پاس پکڙيل هيءَ ساري سرشٽي، ٽي بي انت دنيا جنهنجو اسين هڪ ذرو

ڪجھه پيدا ڪرڻو آهي، اهو سوارٿ لاءِ نه، بلڪ جا
گانٽ اسان ڪئي آهي، ان کي پوري ڪرڻ جي فرضي
ياونا ان ۾ هئڻ گهرجي. هي پر اپڪار ناهي. اسين ته
ٻهرين کان ئي قرضدار آهيون، جمندي ئي قرض سر تي
کڻي اچون ٿا. ان قرض چڪائڻ لاءِ جو ڪجهه اسين
پيدا ڪريون، اهو يگيه يعني شيوا آهي، نه پر اپڪار. ان
شيوا ذريعي اسان کي قرض چڪائڻو آهي. اسين ٽپ ٽپ
تي سرشٽي سنسٿا جو استعمال ڪريون ٿا. تنهنڪري
ان نقصان کي پورو ڪرڻ لاءِ، ان جي صفائي ڪرڻ لاءِ
۽ نئين چيز پيدا ڪرڻ لاءِ اسان کي يگيه جي ضرورت آهي.

ٻي سنسٿا آهي منش سماج. مانا پتا، گرو، متر هي
سڀ اسان لاءِ محنت ڪندا آهن. هن سماج جي قرض
چڪائڻ لاءِ دان ڪرڻ جي تجويز ڪئي ويئي آهي. دان
ڪرڻ جو مطلب آهي سماج جو قرض موٽائڻ لاءِ ڪيل
تجربو. دان جو مطلب پر اپڪار ڪين آهي. سماج کان
مون اپار شيوا ورتي آهي. جڏهن مان هن سنسار ۾ آيس
ته ڪمزور ۽ بي وسيلو هوس. ان سماج مونکي نندي
مان وڏو ڪيو آهي. ان ڪري مونکي سماج جي شيوا
ڪرڻ گهرجي. ٻئي کان ڪجهه به نه وٺندي شيوا ڪرڻ
کي پر اپڪار چئبو ويندو آهي. مگر اسين ته هنني سماج
کان ٻهرين ئي پرپور وٺي چڪا آهيون. سماج جي هن
قرض کان آزاد ٿيڻ لاءِ جا شيوا ڪئي وڃي، اها دان ٿي
آهي. منش سماج کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪرڻ دان آهي.

هر روز ڪم ونون ٿا. جيڪڏهن سؤ آدمي هڪ هنڌ رهندا آهن ته ٻئي ڏينهن اٿي جي ساري سرشٽي گندي ڪريون ٿا. جڳهه گندي ڪريون ٿا. اَن کائيندا آهيون ۽ سرشٽي به گسائيندا آهيون. سرشٽي سنسٿا جي هن گاٺ جي اسان کي پورتي ڪرڻ گهرجي. ان ڪري يگيه سنسٿا پيدا ڪئي ويئي آهي. يگيه جو مقصد ڇا آهي؟ سرشٽيءَ جي جيڪا گاٺ ٿي آهي ان جي پورت ڪرڻ ئي يگيه آهي. اڄ هزارن سالن کان اسين زمين پوکيندا اچون ٿا. ان ڪري زمين جي طاقت گهٽجندي پيئي وڃي. يگيه چوي ٿو، ”ڌرتي ماتا کي سندس طاقت واپس ڏيو. زمين جوٽيو، کيس سورج جي اُس کائڻ ڏيو. منجهس ڀاڻ وجهو. گاٺ پيٽ جي پورت ڪرڻ آهي يگيه جو مول مقصد. ٻيو مطلب آهي ڪم آندل شين کي صاف ڪرڻ. اسين کوهه ڪم آڻيون ٿا. جنهن ڪري آس پاس گندگي ٿي پوندي آهي. پاڻي ڪنو ٿيندو آهي. کوهه جي پرسان جا سرشٽي خراب ٿي پيئي آهي ان کي صاف ڪرڻ گهرجي. اتان جو گندو پاڻي ڪڍي ڦٽو ڪرڻ گهرجي. گپ چڪ صاف ڪرڻ گهرجي. گاٺ پوري ڪرڻ ۽ صفائي ڪرڻ سان گڏ ئي اٿي ڪجهه پيداوار به ڪرڻ گهرجي. هيءَ ٽين ڳالهه به يگيه جي اندر آهي. اسان ڪپڙو پهريو ته اسان کي گهرجي ته روز سٽ ڪتي نئين پيدائش ڪريون. ڪجهه پيدا ڪرڻ، اناج اُپائڻ ڪرڻ، سٽ ڪتڻ هي به يگيه ئي آهن. يگيه ۾ جو

ڪري رهيو آهيان. تون هي چڱيءَ طرح سنڀالي ڏسي وٺ، نه کهڙي نه ڪاميابي آهي. مگر اهڙي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ يگيه، دان ۽ تپ هن ٽن فقري پروگرام جي پيروي ڪرڻ گهرجي.

يگيه، دان ۽ تپ ۾ هنتي اسان تفاوت ڏٺو پر سچ پچ نه منجهن تفاوت آهي ڪونه. ڇو نه سرشٽي، سماج ۽ شرير هي الڳ الڳ سنستائون بلڪل ئي ڪين آهن. هي سماج سرشٽيءَ کان ٻاهر ڪين آهي. نڪو هي شرير ئي سرشٽيءَ کان ٻاهر آهي. هنن ٽنهي جي ميلاپ ڪري هڪ ئي شاندار سرشٽي سنستا ٺهي ٿي. ان ڪري اسين جو پيدائشي پورهيو ڪنداسين، انهن سڀني کي وياپڪ ارٿ ۾ يگيه ئي چئي سگهبو. گيتا ڇوتين اڌياءَ ۾ درويه يگيه، تپو يگيه وغيره يگيه ٻڌايا آهن. گيتا يگيه جي ارٿ کي وسيع ڪري ڇڏيو آهي.

انهن ٽنهي سنستائن لاءِ اسين جيڪي سيوا ڪاريه ڪنداسين اهي يگيه روپ ئي هوندا. رڳو ضرورت آهي ان شيوا ۾ نشڪامتا رکڻ جي. من ۾ ڦل جي ڪامنا نه ڪري ئي لڳي سگهجي ڇو نه ڦل نه پهرئين اسين وٺي چڪا آهيون. قرض نه پهرين سر مٿان سوار آهي. جيڪي ورتو اٿئون اهو واپس ڪرڻو اٿئون. يگيه سان سرشٽي سنستا کي سامبيه اوستا (جنهن ۾ ليٽي گڻ برابر آهن) پراپت ٿئي ٿي. دان سان سماج ۾ سامبيه اوستا پراپت ٿئي ٿي ۽ تپ سان شرير ۾ سامبيه اوستا رهي ٿي. اهڙيءَ طرح

سرشٽيءَ جي نقصان جي پورتي ڪرڻ لاءِ جو پورهيو ڪيو وڃي اهو يگيه آهي ۽ سماج جو قرض چڪائڻ ٽن، من، ڌن يا ٻئي ڪنهن ذريعي سان جا سهايتا ڪئي ويندي آهي اهو دان آهي.

ان سواءِ هڪ ٽين به سنستا آهي. اها آهي شرير. شرير به ڏينهون ڏينهن گسندو رهي ٿو. اسين پنهنجي من، بُڌيءَ، اندرين سڀ کان ڪم وٺون ٿا. انهن کي گسايون ٿا. هن شرير روپي سنستا ۾ جي عيب اوٿايون آهن، پيدا ٿين انهن جي شڌيءَ لاءِ تپ بڌايو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح سرشٽي، سماج ۽ شرير انهن ٽن سنستائن جو ڪاريه جئن چڱو هلي سگهي تئن وهنوار ڪرڻ اسانجو فرض آهي. اسين انيڪ لائق نالائق سنستائون پيدا ڪريون ٿا. پر هي ٽيئي اسان جون ناهيل ڪين آهن. هي نه سياويڪ اسان کي ملي وييون آهن. هي سنستائون هتراڌو ڪين آهن. تنهنڪري هنن ٽنهي سنستائن جي ڪمي يگيه، دان ۽ تپ جهڙن ساڌنن سان پوري ڪرڻ اسان جو ڌرم آهي. جيڪڏهن اسين اهڙي نموني هلون نه جيڪا به اسان ۾ طاقت آهي، اها سڀ ان ۾ خرچ ٿيندي. ٻين ڳالهين لاءِ وڌيڪ طاقت باقي ئي ڪين رهندي. سرشٽي، سماج ۽ شرير هنن ٽن سنستائن کي ٺيڪ رکڻ لاءِ پنهنجي سڄي طاقت خرچ ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن ڪبير جيان اسين به ائين چئي سگهون نه: هي پريو، تو مونکي جهڙي چادر ڏني هئي، تهڙي ئي مان واپس

٩٦
ساتوڪ ساڌنا

ڇا اسين پنهنجا سڀ ڪرم ايشور کي ڪڏهن ارپڻ ڪري سگهنداسين؟ جڏهن اهي ساتوڪ هوندا. جڏهن اسان جا سڀ ڪرم ساتوڪ هوندا تڏهن اسين انهن کي ايشور ارپڻ ڪري سگهنداسين. يگيه، دان ۽ تپ سڀ ساتوڪ هئڻ گهرجن. ڪرمن کي ڪيئن ساتوڪ بڻائڻ گهرجي، ان جو تنت اسان چوڏهين اڌياءَ ۾ ڏسي ورتو آهي. هن اڌياءَ ۾ گيتا ان تنت جو استعمال ٻڌائي رهي آهي.

ساتوڪتا جي هن تجويز ڪرڻ ۾ گيتا جو مقصد ٻيو آهي. ٻاهران يگيه، دان، تپ روپي جا منهنجي شيوا هلي رهي آهي ان کي اندران آتمڪ ساڌنا جو نالو ڏيڻ گهرجي ته. دنيا جي شيوا ۾ ساڌنا جا پروگرام جدا جدا نه هئڻ گهرجن. شيوا ۽ ساڌنا هي ٻئي الڳ الڳ چيزون نه آهن. ٻنهي لاءِ هڪ ئي ڪوشش، هڪ ئي ڪرم. اهڙيءَ طرح جو ڪرم ڪيو وڃي ان کي ئي آخر ۾ ايشور ارپڻ ڪرڻو آهي. سماج شيوا، ساڌنا، ايشور ارپڻا هي سڀ هڪ ئي ڪريا سان سڌ هئڻ گهرجن.

يگيه کي ساتوڪ ڪرڻ لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي. نسڪلتا ۽ سڪامتا جي غير موجودگي، هي ٻئي ڳالهيون يگيه ۾ هئڻ گهرجن. جيڪڏهن يگيه ۾ سڪامتا هوندي ته راجسي ٿي پوندو. جي نسڪلتا هوندي ته اهو يگيه تامسي ٿي پوندو.

ٿنهي سنستائن ۾ ساميہ اوستا رکڻ جو هي رستو آهي. ان سان شڌي ٿيندي. برائي ناس ٿي ويندي.

هيءَ جا شيوا ڪرڻي آهي ان لاءِ ڪجهہ يوڳہ بہ ڪرڻو پوندو. يوڳہ بہ يگيہ جو هڪ جزو آهي. هن يوڳہ کي گيتا آهار چوي ٿي. هن شرير روپي مشين کي اَن روپي ڪوئلا ڏيڻ گهرجن. جيستوڻيڪ هي ڪاڌو خود يگيہ ناهي، تڏهن بہ يگيہ سڌ ڪرڻ جو هڪ انگہ ضرور آهي. ان ڪري اسين چوندا آهيون، "ڪانڻ پيٽ پرڻ نہ سمجهو، هي آهي يگيہ ڪرم." باغيچي مان گل آڻي ديوتا ٿي چاڙهڻ پوڄا آهي. مگر گل پيدا ڪرڻ لاءِ باغيچي ۾ جا محنت ڪئي ويندي آهي، اها بہ پوڄا ئي آهي. يگيہ پوري ڪرڻ لاءِ جو بہ ڪم ڪيو وڃي ٿو، اهو هڪ نمولي جي پوڄا آهي. جڏهن شرير کي ڪاڌو ڏينداسين تڏهن ئي ڪم اچي سگهندو. گيتا هن ڪرم کي يگيہ لاءِ ڪيل ڪرم چوي ٿي. شيوا لاءِ شرير هميشہ تيار رهي. ان لاءِ هن شرير کي مان جا آهوتي ڏيندس اها يگيہ روپ آهي. شيوا لاءِ ڪاڌل آهار پوتر آهي.

هنن سڀني ڳالهين جي بنياد ۾ وري شرڌا جي ضرورت آهي. سچي شيوا کي ايشور ارپڻ ڪرڻ جو ڀاؤ من ۾ هئڻ گهرجي. هيءَ وڏي اهميت جي ڳالهہ آهي. ايشور ارپڻ بدي، شيوا جي ورتيءَ ڪان سواءِ نٿي اچي سگهي. هن مکيہ چيز، ايشور ارپتا کي ڀلجي وڃڻ ٺيڪ نہ ٿيندو.

سان، محنت سان ڪيل ڪمن تي ايشور پنهنجي پسنديءَ، پنهنجي راضپڻي جي مهر لڳائي ٿو. جڏهن پرسن ٿيل پرميشور، ڪرم جي پٺي پريم سان اپي ٿو ته سوڀيا پيدا ٿئي ٿي. سوڀيا جو مطلب آهي پوتر محنت سان مليل پرميشور پرساد. ڪو سنگتراش جڏهن مورتي ناهيندي مست ٿي ويندو آهي، نه ڪيس اهو اُپڄ ٿيندو آهي ته هيءَ سندر مورت منهنجي هٿان نه ٺهي آهي. مورتيءَ جي شڪل گهڙبندي گهڙبندي آخرين گهڙيءَ نه جاڳان ڪٿان ان ۾ پنهنجو پاڻ سوڀيا اچي وجهي. چا چت شڌي کان سواءِ هيءَ ايشوري ڪلا ظاهر ٿي سگهي ٿي؟ مورتيءَ ۾ ڪجهه سوڀيا، منوهرتا آهي اها هيءَ نه پنهنجي دل جي ساري سوڀهن ان ۾ اوتيل هوندي آهي. مورتي جي معنيٰ اسان جي چت جي تصوير. اسان جا سڀ ڪرم اسان جي من جون مورتون آهن. جي من سندر آهي ته اها ڪرمڀ مورتي به سندر هوندي. ٻاهرين ڪرمن جي شڌي من جي شڌيءَ سان ۽ من جي شڌي ٻاهرين ڪرمن جي صفائي ۽ سنائي سان ئي لپاسڻ گهرجي.

هڪ ڳالهه باقي ڇوڻ رهجي ويئي. اها هيءَ ته هنن سيني ڪرمن ۾ منتر جي ضرورت آهي. منتر سواءِ ڪرم اجايو آهي. ست ڪتيندي هي منتر من ۾ رکو ته مان هن ست سان غريب لوڪن سان ڳنڍجي رهيو آهيان. جيڪڏهن هي منتر من ۾ نه هجي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪرم ڪريو ته به اهو سڀ اجايو ٿيندو. ان

ست ڪٽڻ ڀڳيء آهي. مگر ان ست ڪٽيندي اسان ان ۾ آتما نه پلٽي، اسان جي چت جي ايڪاگرتا نه ٽٽي نه هي ست ڀڳيء بي جان ٿي پوندو. ٻاهران هٿ ڪم ڪري رهيا آهيون. ان وقت اندر مان من جو ميل، من يوگ، نه آهي ته اها ساري ڪريا بي سٽائٽي ٿي پوندي. بي سٽائٽا ڪم بيجان ٿي پوندا آهن. بي سٽائٽي ڪريا ۾ ٽموگڻ اچي ويندو آهي. ان ڪريا سان اوچي وستو پيدا ٿي ٿي سگهي. ان مان ڦل جي پئدائش نه ٿي ٿئي. ڀڳيء ۾ سڪامتا نه هجي تڏهن ان مان اوچو ڦل ملڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪرم ۾ من نه هوندو، آتما نه هوندي ته ڪرم هڪ بوجو ٿي پوندو. پوءِ ان مان اوچو ڦل ڇا جو؟ جيڪڏهن ٻاهريون ڪم بگڙيو ته پڪ سمجهو ته اندران من جو ميلاپ نه هو. تنهنڪري ڪرم ۾ پنهنجي آتما اوٽيو. دلي ميلاپ رکو. سرشٽي سنستا جو قرض چڪائڻ لاءِ اسان کي اوچي ڦل جي پئداش ڪرڻ گهرجي. ڪرمن ۾ ڦل هيڻتا نه اچي، ان لاءِ ٿي اندرئين ميل جي تجويز ضروري آهي.

اهڙيءَ طرح اسان جي اندر نشڪامتا اچي ويندي ۽ سٽائتو سڦل ڪرم ٿيندو. تڏهن ٿي اسان جي چت شڌي ٿيڻ لڳندي. ته پلا چت شڌيءَ جي ڪسوٽي ڪهڙي؟ ٻاهرين ڪمن جي جاچ پڙتال ڪري ڏسو. اهي جي سندر ۽ نرمل نه هوندا ته چت کي اپوتر سمجهيو ويندو. پلا ڪرم ۾ سوپيا ڪڏهن ٿي اچي؟ شڌ چت

آهي. هن ياونا سان کاڌي طرف ڏسو. کاڌ و شڌ ۽
صاف هئڻ گهرجي. آدمي پنهنجي جيون ۾ ڪيتري
آهار شڌي ڪري سگهي ٿو، ان جي ڪا حد ڪين آهي.
مگر اسانجي سماج آهار شڌيءَ لاءِ ڪافي تپسيا ڪئي
آهي. آهار شڌيءَ لاءِ هندستان ۾ زبردست ڪوشش
ٿي آهي. انهن تجربن ۾ هزارين سال گذري ويا آهن.
انهن ۾ ڪيتري تپسيا خرچ ٿي آهي اهو چئي نٿو سگهجي.
هن زمين تي هندستان ئي اهڙو ديش آهي جتي جماعتن
جون جماعتون گوشت خور ناهن. جيڪي جاتيون گوشت خور
آهن، انهن جي کاڌي ۾ به مانس مکيه ۽ هميشه جي چيز ناهي.
جي مانس کائيندا آهن سي ان ۾ ڪجهه گهٽتائي محسوس
ڪندا آهن. من سان ته هو به مانس جو تياڳ ڪري چڪا آهن.
مانس آهار کي روڪڻ لاءِ يگيه هون چالو ٿيا، ان لاءِ
اهي بند به ٿي ويا. شري ڪرشن ڀڳوان ته يگيه جي
وصف ئي بدلي ڇڏي. شري ڪرشن کير جي مهما
وڌائي. شري ڪرشن غير رواجي ڳالهيون ڪي گهٽ
ڪين ڪيون آهن. مگر هندو لوڪ کهڙي ڪرشن پٺيان
پاڳل ٿيا هئا. هندو لوڪن کي ته 'گوپال ڪرشن'، 'گوپال
ڪرشن' هيءُ ئي نالو پيارو آهي. جنهن وٽ ڳائيون
وينل آهن، جنهن جي چپن تي مرلي آهي، اهڙو ڳائين جي
جي شيوا ڪندڙ گوپال ڪرشن ئي سڀني بدن ۽ ٻارن
کي ياد آهي. اهڙيءَ طرح گئورکيا جو وڏو فائدو مانس آهار

ڪرم سان چت شڌ ڪين ٿيندو. ڪپهه جي پوٽيءَ مان
اگرچ پرماتما ست جي روپ ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي.
اهڙو منتر پنهنجي ڪرم ۾ وجهي پوءِ ان ڪريا طرف
ڏسو. هي ڪرم تمام سندر ۽ ساتوڪ ٿي پوندو. اهو
ڪرم پوڄا ٿي ويندو. يگيه روپ شيوا ٿي پوندي.
ان ننڍڙي ڏاڪي ڏاران اسين سماج سان، جنتا سان،
جڳديشور سان ڳنڍجي وينداسين. ٻال ڪرشن جي ننڍڙي
وات ۾ يشودا ماتا کي سارو سنسار ڏسڻ ۾ آيو. پنهنجي
هن منتر ميه ست ۾ به وشال وشو ڏسڻ ۾ ايندو.

٩٧

آهار شڌي

اهڙيءَ شيوا لاءِ آهار شڌي به ضروري آهي. جهڙو
اَن تهڙو مَن. ڪاڌو محدود هئڻ گهرجي. ڪاڌو ڪهڙو هئڻ
گهرجي، ان کان وڌيڪ ضروري ڳالهه آهي ته ڪاڌو
ڪيترو هجي. ائين ڪين آهي ته ڪاڌي جي چونڊ
اهميت واري ڪين آهي. پر اسين جو ڪاڌو کائون ٿا
اهو مناسب انداز ۾ آهي يا نه، هيءَ ان کان به اهميت
واري ڳالهه آهي. اسين جيڪي به کائون ٿا ان جو اثر اوس
ٿيندو. اسين کائون ڇو ٿا؟ ان لاءِ به اوچي شيوا ٿي
ٿي سگهي. ڪاڌو به يگيه جو ئي هڪ انگ آهي. شيوا
روپي يگيه کي ڦلدائڪ بڻائڻ لاءِ ڪاڌي جي ضرورت

ڪئي آهي، ان کي توهين وڃايو نه. هندو سنسڪرتيءَ جي هن خاصيت کي ٻوڙيو نه. اسان کي کهڙيءَ به طرح جيٽلو ناهي. جڏهنڪي ڪيئن به جيٽلو آهي ان جو ڪم سولو آهي. پسون به ڪنهن نه ڪنهن طرح جيئن ٿا. ته پوءِ ڇا، جهڙا پسون تهڙا اسين؟ پسن ۽ اسان ۾ تفاوت آهي. ان تفاوت کي وڌائڻ ئي سنسڪرتيءَ جي ترقي چئبي آهي. اسان جي ديش مانس آهار تياڳ جو تمام وڏو تجربو ڪيو آهي. ان کي اڃا به اڳتي وڌايو. گهٽ ۾ گهٽ جڏهن منزل تي پهتا آهيون ان کان ته پوئتي نه هٽو. هن بيان ڪرڻ جو سبب هي آهي ته اڄ ڪالهه ڪيترن ماڻهن کي مانس آهار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي آهي. اڄ ڪالهه مشرقي ۽ مغربي سڀيتائن جو هڪ ٻئي تي اثر پوڻ لڳو آهي. منهنجو وشواس آهي ته آخر ان جو نتيجو چڱوئي نڪرندو. مغربي سڀيتا ڪري اسان جي انڌ شرڌا لٿي رهي آهي. جيڪڏهن انڌ شرڌا کسڪي ويئي ته ڪو نقصان ڪونهي. جيڪي چڱو هوندو سو رهندو ۽ برو نه جلي ويندو. انڌ شرڌا وڃڻ تي البت انڌ اشرڌا سندس جڳهه تي پيدا ٿيڻ نه گهرجي. ائين ناهي ته ڪو صرف شرڌا ئي انڌي ٿيندي آهي. رڳو شرڌائي انڌي صفت جو ٺيڪو ڪين کنيو آهي. اشرڌا به انڌي ٿي سگهي ٿي.

مانس آهار جي لاءِ اڄ ڪالهه وري ويچار ٿيڻ شروع ٿيو آهي. ڪجهه به هجي پر جڏهن ڪو نئون ويچار

بعد ڪرڻ لاءِ ٿيو. ڳاڻ جي ڪير جي مهما وڏي ۽ ماڻس آهار گهٽجي ويو.

تڏهين بہ پوري آهار شدي تي ويٺي هجي، ائين ڪين آهي. اسان کي هاڻي هن سلسلي کي اڳتي وڌائڻو آهي. بنگالين کي مڇي کائيندو ڏسي ڪيترن ماڻهن کي عجب لڳندو آهي. پر ان لاءِ ڪين برو سمجهڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. بنگال ۾ رڳو چانور ٿيندا آهن. ان سان شرير جو سڀ طرح واڌارو نٿو ٿئي. ان لاءِ تجربا ڪرڻا پوندا. پوءِ ماڻهن ۾ ويچار شروع ٿيندو تہ مڇيءَ جي عيوض کهڙي ڀاڄي کائجي، جو مڇيءَ جي برابر قوت جا جزا ملي وڃن. ان لاءِ خاص تياڳي ماڻهو پيدا ٿيندا، پوءِ ئي اهڙا تجربا ٿيندا. اهڙا انسان ئي سماج کي اڳتي وٺي وڃي سگهن ٿا. سورج ٻرندو رهي ٿو تڏهن وڃي لائق گرمي ۹۸ درجا انسان ۾ رهي ٿي. جڏهن سماج ۾ وئراڳ جا چمڪندڙ سورج پيدا ٿيندا آهن ۽ جڏهن اهي شرڌا پوروڪ حالتن جا بندن ٽوڙي بنا ڪنهين جي پنهنجي مقصد جي دنيا ۾ اُڏڻ لڳندا آهن، تڏهن ئي سنسار لاءِ ڪمائتو ٿورو گهڻو وئراڳ پيدا ٿيندو آهي. ماس بند ڪرڻ لاءِ رشين کي ڪيتري نہ تپسيا ڪرڻي پيئي هوندي. ڪيترين جانيون قربان ڪرڻيون پيئون هونديون. هن ڳالهہ جو ويچار اهڙي وقت مدهنجي من ۾ ايندو آهي.

مطلب تہ اڄ اسان سڀني جي آهار شدي ايتري ئي آهي. اننت تياڳ ڪري اسان جي وڏن جا ڪمائي

ڀل ملندو ۽ سماج شيوا به چڱيءَ طرح ٿي سگهندي. چت ۾ سنتوش رهندو ۽ سماج ۾ به سنتوش ڦهلجندو. جنهن سماج ۾ يگيه، دان ۽ تپ ڪريا وڌي ۽ منتر سميت ٿئي ٿي ان ۾ مخالفت ڏسڻ ۾ نه ايندي. ٻه آرسيون جيڪڏهن هڪ ٻئي جي آمهون سامهون رکيون وڃن ته جئن هڪ جو پاڇو ٻئي ۾ ۽ ٻئي جو پاڇو پهرينءَ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو، اهڙيءَ طرح شخص ۽ سماج ۾ جهڙي شڪل تهڙو پاڇو ٿيندو. ائين ٻنهي جي وچ ۾ سنتوش پيدا ٿيندو. منهنجو سنتوش سماج جو ۽ سماج جو سنتوش منهنجو. انهن ٻنهي سنتوشن جي اسين جاچ ڪري سگهنداسين ۽ هن نتيجي تي پهچنداسين ته ٻئي هڪ روپ آهن. چوطرف ادوئت جو انڀو ٿيندو. دوئي رکندڙ ۽ ڊروهي ختم ٿي ويندا. اهڙو بندوبست جنهن تجويز سان ٿي سگهي ٿو، ان جو اظهار گيتا ڪري ٿي. جيڪڏهن پنهنجو روزانو پروگرام اسين گيتا جي تجويز انوسار ٺاهيون ته ڪهڙي نه بهادري!

مگر اڄ شخص ۽ سماج ۾ وروڌ پيدا ٿي پيو آهي. هيءَ وروڌ ڪيئن دور ٿي سگهي ٿو، اها ئي ڳالهه سڀ هنڌ هلي رهي آهي. شخص ۽ سماج جي مريادا ڪهڙي آهي؟ شخص گهٽ ضروري يا سماج؟ انهن ۾ سريشٽ ڪير؟ ڪو شخصيت کي مڃيندڙ سماج کي جڙ سمجهندو آهي. سيناپتيءَ جي سامهون جيڪڏهن ڪو سپاهي ايندو آهي ته ان سان ڳالهائڻ وقت چڱا اکر ڪم آڻيندو آهي. ڪيس توهان به چوندو. مگر سينا کي هو

ساموهون ايندو آهي تہ مونکي نہ ڏايو آنند ٿيندو آهي. گھٽ ۾ گھٽ ان مان اثين سمجھندو آهيان تہ ماڻھو سجاڳہ ٿي رهيا آهن. سجاڳيءَ جون نشانيون ڏسي مونکي آنند ايندو آهي. پر جي جاڳي اکيون مهٽيندا، اثين ئي هلڻ شروع ڪندا تہ ڪري پوڻ جو ڀپ رهندو آهي. تنهن ڪري جيستائين پورا سجاڳہ نہ ٿين، چڱي طرح اکيون کولي نہ ڏسڻ لڳن تيستائين هٿن پيرن کي مريادا ۾ رکڻ ئي چڱو آهي. خوب ويچار ڪريو. الٽا سلٽا سڀ طرح جا خوب ويچار ڪريو. ڌرم ئي ويچار جي ڪسوٽي هلايو. هن ويچار روپي ڪسوٽيءَ سان جو ڌرم کپجي وڃي سو ڌرم نہ ڪوڙين جيتري ملهہ جو سمجھو. اهڙيءَ طرح جيڪي ٽڪرا کپجي وڃن انهن کي وڃڻ ڏيو. توهان جي ڪسوٽيءَ سان جو نہ کپجي، بلڪ جنهن سان الٽو توهان جي ڪسوٽي پڃي پوي اهوئي سچو ڌرم آهي. ڌرم کي ويچارن مان ڀپ ڪونهي. تنهنڪري ويچار تہ ڪريو. پر ڪم هڪدم نہ ڪريو. اڌ جاڳندي جي ڪجھہ ڪندا تہ ڪري پوندا. ويچار ڏايو زور ماري رهيا هجن تڏهن بہ آچار کي سنڀالي رکو. پنهنجي ڪرٽيءَ تي سنجم رکو. پنهنجي اڳئين پيج جو قل وڃائي نہ وهو.

٩٨

سرل ۽ سپاويڪ جيون لاءِ گيتا جي تجويز

آهار شڌيءَ سان چت شڌي ٿيندي. شريو کي بہ

جي ڪلپنا ڦهلجي ويئي آهي. پر ڇا جيون جهڳڙن لاءِ آهي؟ هن کان مرڻ بهتر آهي. جهڳڙو نہ مرڻ لاءِ آهي. ان ڪري ئي اسين سوارٿ ۽ پرمارٿ ۾ تفاوت ڪندا آهيون. جنهن پهرين پهرين هيءَ ڪلپنا ڪئي هوندي تہ سوارٿ ۽ پرمارٿ ۾ تفاوت آهي، اهو عجيب انسان ڇئبو. پلا ڇا چيز حقيقت ۾ آهي ئي ڪين، ان جي هستيءَ جو احساس پيدا ڪرڻ جي طاقت جنهن جي عقل ۾ آئي سو ساراهہ ڪرڻ جوڳو بيشڪ ڇئبو. جو تفاوت ڪين آهي اهو هن ڪڙو ڪيو ۽ خلق کي سيکاريو، ان جو اچرج تو لڳي. ڇين جي پت جهڙي ئي هيءَ ڳالهہ آهي. هيءَ مڃڻ اهڙو آهي جهڙو افق جي حد ٺهرائڻ ۽ پوءِ ائين چوڻ تہ هن کان پري ڪجهہ بہ ڪين آهي. هن سڀ جو مکيہ ڪارڻ آهي اڄ جي پگهہ مہ جيون جي غيرموجودگي. ان ڪري ئي شخص ۽ سماج جي وچهہ تفاوت پئجي ويو آهي.

مگر شخص ۽ سماج ۾ سچو تفاوت نٿو ڪري سگهجي. ڪنهن ڪمري جا بہ حصا ڪرڻ لاءِ جي هڪ پڙدو لڳايو وڃي ۽ پڙدو هوا سان لڏندو اچي پٺتي ٿيندو رهي تہ ڪڏهن هي حصو وڏو معلوم ٿيندو تہ ڪڏهن هو. هوا جي جهوٽي تي ان ڪمري جا حصا مدار رکن ٿا. اهي پڪا ڪين آهن. گيتا هنن جهڳڙن کان پري آهي. هي جهڳڙا خيالي آهن. گيتا نہ چوي ٿي تہ اندر شڪتيءَ جو نيم پاليو تہ پوءِ شخص ۽ سماج جي فائدن

کهڙي به لموليءَ حڪم ڏيئي سگهي ٿو. جڻ ته سينا جڙ آهي، جڻ لٺين جو هڪ بنڊل آهي. ڪين هيڏانهن جو هوڏانهن ۽ هوڏانهن جو هيڏانهن هلائي ٿو. شخص چيتن آهي ۽ سماج جڙ. ڏسو هتي به اهوئي آزمودو ٿي رهيو آهي. منهنجي اڳيان به ٿي سوآدمي ويٺا آهن. انهن کي وٺي ياڻ پر مان چوندو ٿو وڃان. مون کي جو ويچار اچي ٿو اهوئي چوندو وڃان ٿو. جڻ اوهان جڙ ٿي آهيو. مگر مون سامهون ڪو شخص آيو ته ان جي ڳالهه ٻڌڻي ٿي پوندي ۽ ڪيس ويچار پوروڪ جواب به ڏيڻو پوندو. پر هتي ته مون توهانکي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ائين ٿي وهاري ڇڏيو آهي.

سماج جڙ آهي ۽ شخص چيتن. ائين چئي شخصي چيتنواد جو پرچار ڪريتو ۽ ڪو وري جماعت کي وزن ڏئي ٿو. منهنجا وار ڪسي ويا، ٻانهن ڀڄي پيئي، اک نڪري ويئي، ڏند ڪري پيا ايترو ته ڇا پر هڪ ڦڦڙ به بيڪار ٿي پيو. پر تڏهن به مان جيئي رهيو آهيان. ڇو ته هرهڪ عضوو جڙ آهي. ان هڪ اڌ عضوي جي ناس ٿيڻ سان سڄو ناس نٿو ٿئي. پر سڄو شرير هلندو ئي رهي ٿو. اهڙيءَ طرح هي ٻئي، هڪ ٻئي جي ابتڙ ويچار ڌارائون آهن. اوهين جهڙيءَ نظر سان ڏسندا اهڙو انومان ڪندا. جهڙي رنگ جي عينڪ، تهڙي رنگ جي دنيا.

ڪو شخصيت کي وزن ڏئي ٿو ته ڪو سماج کي. ان جو ڪارڻ هيءُ آهي ته سماج ۾ زندگيءَ لاءِ جهگڙڻ

نقصان ٿيو؟ ها، ڪو بدحال نه هجي ۽ ملڪيت وارن جي
ملڪيت سماج جي ڪم ۾ ايندي رهي، بس ايترو ئي.
منهنجي ساڄي کيسي ۾ پئسا آهن نه ڇا، کاٻي ۾ آهن نه
ڇا؟ ٻئي کيسا آخر آهن نه منهنجا ئي. جي ڪو ماڻهو
شاهوڪار ٿيو ته ان ۾ مان شاهوڪار ٿيان ٿو. ملڪ شاهوڪار
ٿئي ٿو. اهڙي ترڪيب ڪيڏي سگهڙي ٿي.

مگر اسين ڀيد ڪڙا ڪريون ٿا. جيڪڏهن ڌڙ ۽ سر
جدا جدا ٿي ويندا ته ٻئي مري ويندا. تنهنڪري شخص
۽ سماج ۾ ڀيد نه ڪريو. گيتا اهوئي سيکاري ٿي. سوارٿ
۽ پرمارٿ کي هڪ بڻائي ڇڏي ٿي. منهنجي هن ڪمري
جي هوا ۾ ۽ ٻاهرين اننت هوا ۾ ڪوبه وروڌ ڪين آهي.
جيڪڏهن مان هن ۾ وروڌ جي ڪلپنا ڪري ڪمري
جو دروازو بند ڪري ڇڏيندس ته دم گهٽجي ويندو
۽ مري ويندس. اوروڌ جو خيال ڪري ڪمرو کولڻ
ڏيو ته اها اننت هوا اندر اچي ويندي. جنهن گهڙيءَ
پنهنجو گهر، پنهنجي زمين جو ٽڪرو ٻين کان الڳ ڪريان
ٿو، ان گهڙيءَ اننت جائداد کان وانجهو ٿي ٿو وڃان. جي
منهنجو گهر جلي ويو يا ڪري پيو ته ائين سمجهي ته
منهنجو اگر لگر ڇت ٿي ويو، روئڻ پٽڻ لڳي وڃان ٿو.
مگر ائين ڇو چوڻ گهرجي؟ ڇو روئڻ پٽڻ گهرجي؟ ٻهرين
نه تنگ خيالي ڪريون، پوءِ روئون! هي پنج سو رپيا
منهنجا آهن، ائين چئجي ته پوءِ جڳ سنسار جي اپار ملڪيت
کان مان دور رهيس. هي به پائي منهنجا آهن. ائين

۾ ڪو وروڌ پيدا ڪين ٿيندو. هڪ ٻئي جي فائدي ۾ رڪاوٽ ڪانه پوندي.

هن رڪاوٽ، هن وروڌ کي دور ڪرڻ ئي گيتا جي خوبي آهي. گيتا جي هن نيم تي عمل ڪندڙ جيڪڏهن هڪ به انسان ملي وڃي ته ان اڪيلي آدميءَ سان سڄو ديش خوشحال ٿي پوندو. ديش آهي ديش جا ماڻهو. جنهن ملڪ ۾ اهڙا گياني ۽ ڪامل شخص نه آهن، ان کي ملڪ ڪيئن چئي سگهبو؟ هندستان ڇا آهي؟ هندستان رويندرناٿ آهي. هندستان گانڌي آهي يا اهڙا پنج ڏهه پيا نالا. ٻاهريون جڳت هندستان جي ڪلپنا، انهن پنج ڏهن شخصن جي ڪري ڪري ٿو. پراچين سمي جا به چار، وچ واري زماني جا چار پنج ۽ هاڻوڪي زماني جا اٺ ڏهه شخص ڪڍي وٺو ۽ انهن ۾ هماليه، گنگا وغيره ملايو. بس اهوئي هندستان. هيءَ آهي هندستان جي وصف. باقي سڀ آهي هن وصف جي تشريح. تشريح يعني وصف جو وستار، ڪير جي ڏهي ۽ ڏهيءَ جو مهي ۽ مکڻ. جهڳڙو ڪير، ڏهي ۽ مکڻ جو ڪين آهي. ڪير ۾ ست ڏسڻ لاءِ، ان ۾ مکڻ ڪيترو آهي، اهو ڏٺو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سماج جو ست انهيءَ جي ماڻهن مان ڪڍيو ويندو آهي. شخص ۽ سماج ۾ ڪو وروڌ ڪونهي. وروڌ ٿي به ڪيئن سگهندو؟ ماڻهو ماڻهوءَ ۾ به وروڌ نه هئڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ کان ٻيو ماڻهو وڌيڪ خوشحال ٿي وڃي ته ان ڪري ڪهڙو

”مبارڪ آهي جيون ان جو، لوڪ ڪن جنهنڪي پڌهنجو،“ ائين سمرٿ رامداس چيو آهي ۽ اهڙي جيون ٻڌائڻ جي تجويز گيتا ٻڌائي آهي.

٩٩

ارپڻ جو منتر

گيتا جو هي ٻيو به چوڻ آهي ته جيون کي يگيه ميه ٻڌائي پوءِ اهو ايشور ارپڻ ڪري ڇڏڻ گهرجي. جيون جي شيواميه ٿيڻ بعد هي وري ايشور ارپڻتا ڇا لاءِ؟ اسين چئي ته سولو وياسين ته سارو جيون شيواميه ڪيو وڃي، مگر هي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انيڪ جنمن مان لنگهڻ بعد هي تورو گهڻو ٿهي سگهي ٿو. پلي ڪٽي سڀ ڪرم شيواميه، اڪر به اڪر شيواميه ٿي وڃن لڏهن به ائين ڪين چئي سگهبو ته اهي پوڄاميه ٿي ويا. ان ڪري ”اوم تت ست“ منتر سان گڏ سڀ ڪرم ايشور ارپڻ ڪرڻ گهرجن.

ائين ته سورهن آنا شيوا ڪرم ڪرڻ ڏکيو آهي ڇوته پرمارٿ ۾ به سوارٿ اچي ٿي وڃيٿو. صرف پرمارٿ ممڪن ئي ڪين آهي. اهڙو ڪو ڪم ئي نه ٿي سگهندو جنهن ۾ منهنجو ذرو به سوارٿ ڪين آهي. ان ڪري روز بروز زياده نشڪام ۽ زياده بنا سوارٿ شيوا اسين ڪريون، اهڙي خواهش ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن

چوڻ سان تہ جڳ سنسار جا بيشمار پاپن مون کان دور ٿي ويا. ان جو اسان کي خيال نہ تہ رهي. اف! منش پاڻ کي ڪيترو سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. سچ تہ منش جو سوارٿ ئي پرمارٿ هئڻ گهرجي. گيتا اهڙوئي سولو سنڌر رستو ڏيکاري رهي آهي. جيب ۽ پيٽ ۾ ڪهڙو وروڌ آهي؟ پيٽ کي جيترو ان گهرجي، اوترو زبان کي ڏيڻ ئي گهرجي. پيٽ بس ڪرڻ لاءِ چيو تہ زبان کي چپاڙڻ بند ڪرڻ گهرجي. پيٽ هڪ سنستا آهي. جيب بہ سنستا. مان هنن سنستائن جو بادشاه آهيان. انهن سيني سنستائن ۾ ادوئيت ئي آهي. هيءُ نياڳو وروڌ ڪٿان اچي پيدا ٿيو؟ جهڙيءَ طرح هڪ ئي ديهہ جي انهن سنستائن ۾ سچ پچ وروڌ ڪين آهي پر سهيوگ آهي، تهڙيءَ طرح سماج ۾ بہ آهي. هن سهيوگ کي وڌائڻ لاءِ گيتا چت شڌي پوروڪ يگيہ، دان، تپ ڪريا ٻڌائي ٿي. اهڙن ڪرمن سان سماج ۽ شخص ٻنهي جو ڪلياڻ ٿيندو.

جنهنجو يگيہ مَيہ جيون آهي، سو سيني جو ٿي وڃي ٿو. هر هڪ پٽ کي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ ماءُ جو پريم منهنجي مٿان ئي آهي. اهڙيءَ طرح هو ماڻهو سڀ کي پنهنجو محسوس ڪندو آهي. سڄي دنيا کي هو پيارو ۽ پنهنجو لڳي ٿو. سڀني کي ائين محسوس ٿيڻ لڳندو آهي تہ هو اسان جو پران آهي، دوست آهي، ساٿي آهي.

لاءِ هوا ڏني آهي. اهڙي طرح ان ديوان پرڀوءَ جي سرشٽيءَ ۾ جيڪا به ديا جي تجويز آهي ان کي ڏسون ۽ پڌنهجو جيون ديوان بڻايون. ڀڳوت گيتا جي سمي ۾ ڀڳوان جو جيڪو نالو مشهور هو اهوئي ڀڳوت گيتا ٻڌايو آهي. اهو آهي ”اوم تت ست“.

اوم جي معنيٰ آهي ”ها“ پرماتما آهي. هن ويهين صديءَ ۾ به پرماتما آهي.

”هوئي اج آهي، اهوئي ڪالهه هو ۽ سڀاڻي به هوندو.“ هو قائم آهي، سرشٽي قائم آهي ۽ مان به سندرو بڌي ساڌنا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مان ساڌڪ آهيان، هو ڀڳوان آهي ۽ هيءَ سرشٽي پوڄا جي سامگري پوڄا ساڌن آهي. جڏهن اهڙي ڀاونا سان اسان جو هرديه ڀرجي وڃي، تڏهن ئي چيو ويندو ته ”اوم“ اسان جي دل ۾ گهڙيو آهي. هو آهي، مان آهيان ۽ منهنجي ساڌنا به آهي. اهڙو هي اوم وارو ڀاؤ من ۾ ويهي وڃڻ گهرجي ۽ ساڌنا ۾ ظاهر ٿيڻ گهرجي. سورج کي ڪڏهن به ڏسندا ته هو ڪرڻن سميت ڏسڻ ۾ ايندو. ڪرڻن کي پري ڪري رهي ئي نه ٿو سگهي. هو ڪرڻن کي وساري نه ٿو. اهڙيءَ طرح ڪوبه ماڻهو ڪنهن به وقت جوڻ ڏسي، ساڌنا اسان وٽ هئڻ گهرجي. جڏهن ائين ٿي ويندو تڏهن ئي چئي سگهبو ته اسان ”اوم“ کي پڇايو آهي.

ان بعد آهي ”ست“، پرميشور ست آهي. معنيٰ شڀ آهي، منگل آهي. هيءَ ڀاونا من ۾ آڻي سندس ڪلياڻ

چاھيو ته شيوا درجي بدرجي زياده شڌ ٿئي ته سيني ڪريائن کي ايشور ارپڻ ڪريو. گيانديو چيو آھي:

”وشنو کي آھي نام منو، جيون ڪلا کي يوگي ساڌي ٿو.“

نام امرت جو ميناج ۽ جيون ڪلا الڳہ الڳہ ڪين آھن. نام جي اندرين پڪار ۽ ٻاھرين جيون ڪلا ٻنھي جو ميل آھي. يوگي ۽ وشنو ھڪ ئي آھن. پرميشور کي ڪريا ارپڻ ڪرڻ سان، سوارت، پرارت ۽ پرمارت سڀ ھڪ روپ ٿي وڃن ٿا. پھرين ته ”تون ۽ مان“ جو جدا آھن انھن کي ھڪ ڪرڻ گھرجي. تون ۽ مان ملڻ سان اسين ٿي پياسين. ھاڻي اسين ۽ ھن کي ھڪ ڪري ڇڏڻو آھي. پھرين مونکي ھن دنيا سان ميلاپ ڪرڻو آھي پوءِ پرماتما سان ڪرڻو آھي. ”اوم تت ست“ منتر ۾ اھو ئي ڀاوَ ڏيکاريل آھي.

پرماتما جا اننت نالا آھن. وياس ته انھن نالن کي ”وشنو سھسر نام“ ٻڌائي ڇڏيو آھي. جيڪو به نالو اسين خيال ۾ آڻيون سو سندس آھي. جيڪو نالو من ۾ آڻيون ان ئي معنيٰ ۾ دنيا ڏسون ۽ اھڙي نموني پنھنجو جيون ناھيون. پرميشور جو جيڪو نالو پسند اچي ان کي دنيا ۾ ڏسون ۽ ان انوسار پاڻ کي ٻڻايون. ھن کي مان ٽيڏي گائتري چوان ٿو. مثال طور ايشور جو نالو ”دياليو“ وٺو. انھين معنيٰ ته ھو رحيم آھي. ھاڻي ان ديا جي پيندار پرميشور کي ھن دنيا ۾ اکيون کولي ڏسون. ڀڳوان ھرھڪ ٻچي کي سندس شيوا لاءِ ماتا ڏني آھي. جيئڻ

”ڪرين جيڪي ڪائين هون ۾ وجهين،
دان ڏين تپسيا ڪرين، شل سيوئي سو مونکي ارپڻ ڪرين“.

هن سلوڪ ۾ اهوئي چيل آهي. اهائي ڳالهه سترهين اڌياءَ ۾ ٻڌائي ويئي آهي. پرميشور کي ارپڻ ڪرڻ جي ڪريا ساتوڪ هئڻ گهرجي. تڏهن ئي اها پرميشور ارپڻ ڪري سگهبي. هيءَ ڳالهه هتي خاص ٻڌائي وئي آهي.

١٠٠

پاپ کي ناس ڪندڙ رام نام

هي سڀ ٺيڪ آهي. مگر هي سوال اٿي ٿو ته هيءَ ”اوم تت ست“ نالو پوتر انسان کي ئي هضم ٿي سگهي ٿو. پاپي انسان ڇا ڪري؟ پاپين جي مک ۾ به سوڀهي، اهڙو ڪو نالو آهي يا نه؟ ”اوم تت ست“ جي نالي ۾ اها به شڪتي آهي. ايشور جي ڪنهن به نالي ۾ مٽيا ڪان سچ ڏانهن وٺي وڃڻ جي طاقت آهي. اهو پاپ جي طرف کان نشپاپ جي طرف وٺي وڃي سگهي ٿو. جيون شڌي ڏيري ڪرڻ گهرجي. پرماتما اوس مدد ڪندو. توهانکي ڪمزوريءَ وقت هو آڌار ڏيندو.

ڪٽي کو مونکي چوي، هڪ طرف ڀڳوان مگر اهنڪاري جيون ۽ ٻئي طرف پاپي ليڪن اهنو جيون، انهن مان ڪنهن هڪ کي پسند ڪريو. ته جي مان زبان سان ڪجهه نه چئي سگهان پر دل ۾ چوندس ته جنهن

ڪي سنسار ۾ ڏسون. هو ڏسو پاڻيءَ جو مٿاڇرو. پاڻيءَ جو هڪ دلو ڀريو. ان ڀرڻ سان جو خال ٿيو اهو ڪن ڀر ۾ ٿي ڀرجي ويندو. هيءَ ڪهڙي نه شيءِ ڪامنا آهي. ڪيتري نه پريت آهي؟ ٺدي خال کي سهي نه ٿي سگهي. خال کي ڀرڻ لاءِ ڊوڙي ٿي. ٺدي وهڪ ڪري صاف ٿئي ٿي.

"سرشٽي روپي ٺدي وهڪ جي ڪري شڌ ٿي رهي آهي." ان ڪري سرشٽي سڀڪي شيءِ ۾ ڪلياڻ ڪاري آهي. پنهنجي ڪرم کي به اهڙوئي ٿيڻ ڏيو. پرميشور جي هن ست نام کي پڇاڻڻ لاءِ سڀ ڪريائون نرمل ۽ پڳتي ميه هئڻ گهرجن. جئن سوم رس ڇاڻي ويندي هئي تئن پنهنجي ڪرمن ۽ وسيلن کي هميشه تپاسيندي نردوش بڻائڻ گهرجي.

باقي رهيو "تت" يعني هو. ڪجهه نه ڪجهه نرالو. هن دنيا کان البت پرماتما نرالو آهي يعني الپت آهي. اڃا سڀ اپريو نه ڪنول گل ٽڙڻ لڳن ٿا. پکي اڏامڻ لڳن ٿا ۽ اونده ناس ٿيڻ لڳي. مگر سڀ نه پري ٿي رهندو آهي. هنن سڀني ڳالهين کان هو بلڪل الڳ رهندو آهي. جڏهن پنهنجي ڪرمن ۾ انا سڪتي رکندا سين، الپتا آڻيندا سين، تڏهن سمجهو نه اسان جي جيون ۾ "تت" نام گهڙيو.

هن نمولي گيتا هيءَ "اوم تت ست" وئدڪ نالوئي پنهنجون سڀ ڪريائون ايشور ارپڻ ڪرڻ سيکاريو آهي. نائين اڌياءَ ۾ سڀ ڪرم ايشور ارپڻ ڪرڻ جو ويچار آهي.

اڌياءُ ارڙهون

پڇاڙي: ڦل تياڳہ جي پورنتا

١٠١

ارجن جو آخري سوال

منهنجا پيارو، اڄ ايشور جي ڪرپا سان اسين ارڙهين اڌياءَ تائين اچي پهتا آهيون. هر هميشه هن بدلجندڙ وشو ۾ ڪنهن بہ سنڪلپ جو پورو ٿيڻ پرميشور جي هٿ ۾ آهي. وري جيل ۾ تہ قدم قدم تي ڦير گهير جو آزمودو ملي ٿو. هتي ڪو ڪم شروع ڪرڻ ۽ اها اميد رکڻ تہ هيءَ ڪم هتي ئي پورو ٿيندو ذرا ڏکيو آهي. شروع ٿيڻ وقت ٿوري بہ اميد نہ هئي تہ اسانجي هيءَ گيتا هتي پوري ٿي سگهندي. پر ايشور جي اِڇا سان اسين پڇاڙيءَ تائين اچي پهتا آهيون.

چوڏهين اڌياءَ ۾ جيون جا يا ڪرم جا سالوڪي، راجسي ۽ تامسي ٽي حصا ڪيا ويا. انهن ٽنهي مان راجسي ۽ تامسي ڇڏي باقي سالوڪي حصو ئي گرهڻ ڪرڻو آهي، اهو بہ اسان ڏٺو. ان کان پوءِ سترهين اڌياءَ ۾ هيءَ ڳالهہ ٻئي نموني ۾ چٽي ڪئي وئي آهي. يگيہ، دان، تپ يا هڪ اکر ۾ چئجي تہ يگيہ ئي جيون جو سار آهي. سترهين اڌياءَ ۾ اسان اهين ٻڌو تہ يگيہ لاءِ ڪمائڻا جي آهار وغيرہ ڪرم آهن، انهن کي سالوڪ ۽ يگيہ روپ بڻائي ئي گرهڻ ڪريون. صرف اُنهن ئي ڪرمن کي انگيڪار

پاپ، سان مونکي پرميشور جي يادگيري رهيٿي، اهوئي مونکي
ملڻ ڏيو. منهنجو من اهوئي چوندو ته جي ڀڳوان جيون
سان ڀڳوان ملجي وڃي ٿو ته جنهن پاپي جيون سان ڀڳوان
جي يادگيري اچيٿي، مان ان کي حاصل ڪندس. ان جو مطلب
اهو نه آهي ته مان پاپي جيون جي ساراه ڪري رهيو
آهيان. مگر پاپ ايترو پاپ ڪين آهي جيترو پاپ جو
اهنڪار پاپ روپ آهي.

”هن گيان کان ڏاڍو ڏران ٿي، متان وڃي ڀڳوان کسجي.“
ائين تڪارام چيو آهي. ان وڏائيءَ جي ضرورت ڪين
آهي. ان کان ته پاپي دکي هئڻ ئي بهتر آهي.

”پنهنجن گياني پٽن کي ماتا پري ٿي دور رکي.“ مگر
اگياني ٻالڪن کي ماتا پنهنجي گود ۾ کڻي ٿي. مان
خود ياور ڀڳوان نه ٿو تيرڻ چاهيان. پرميشور تي آڌار
رکندڙ پاپي هئڻ ئي مونکي وڻيٿو. پرماتما جي پوترتا
منهنجن پاپن کي هضم ڪري ٻه ٻڙڻ جهڙي آهي. اسين
پاپن کي روڪڻ جو يتن ڪريون. جيڪڏهن اهي نه
روڪيا ته دل روئڻ لڳندي. من تڙ ڦندو. تڏهن ايشور
جي ياد ايندي. هو ته بيٺو ئانڪ ڏسي. پڪار ڪري
چئو، ”مان پاپي آهيان، ان ڪري تنهنجي در تي سٽن
هنٿي اٿم.“ ڀڳوان کي ايشور سمرڻ جو حق آهي ڇو ته
هو ڀڳوان آهي ۽ پاپيءَ کي ايشور سمرڻ جو حق آهي
ڇو ته هو پاپي آهي.

آرتوار: ۱۲-۶-۳۲.

آهي. قل تياڳ ۾ ڪرم جو قل طور تياڳ ڪرڻو آهي. هاڻي سوال هيءُ آهي ته ڇا گيتا جي قل تياڳ کي بلڪل ڪرم تياڳ جي ضرورت آهي؟ ڇا قل تياڳ جي ڪسوٽيءَ سان سنياس جو ڪو فائدو آهي؟ سنياس جي مريادا ڪيستائين ۽ ڪيتري؟ ارجن جو اهو ئي سوال آهي.

١٠٢

قل تياڳ جي وياپڪ ڪسوٽي

جواب ۾ ڀڳوان هڪ ڳالهه چٽي ڏني آهي ته قل تياڳ جي ڪسوٽي هڪ سرووياپڪ چيز آهي. قل تياڳ جو لنو هر جڳهه لاڳو ڪري سگهجي ٿو. سيني ڪرمن جي قل جو تياڳ ۽ راجسي تامسي ڪرمن جو تياڳ، انهن ۾ ڪوبه وروڌ ڪونهي. ڪن ڪرمن جو روپ ئي اهڙو هوندو آهي جو قل تياڳ جي تجويز جو استعمال ڪريون ته اهي ڪرم پنهنجو پاڻ ئي ختم ٿي وڃن ٿا. قل تياڳ پوروڪ ڪرمن ڪرڻ جو هيءُ ئي مطلب ٿئي ٿو ته ڪجهه ڪرم ڇڏڻ ئي گهرجن. قل تياڳ پوروڪ ڪرم ڪرڻ ۾ ڪجهه ڪرمن جو بلڪل تياڳ به اچي ئي وڃي ٿو.

هن تي ذرا باريڪيءَ سان وچار ڪريون. جيڪي ڪرم ڪاميه آهن جنهجي بنياد ۾ ڪامنا آهي، انهن کي قل تياڳ پوروڪ ڪريون. ائين ڇوڻ سان انهن جو بنياد ئي اکڙجي وڃي ٿو. قل تياڳ جي اڳيان ڪاميه ۽ منع ٿيل

ڪريون جي يگيه روپ ۽ ساتوڪ آهن. باقي ڪرمن جو تياڳ ئي واجب آهي. اسان اهو به ڏٺو ته اوم تت ست منتر کي هر وقت چو ياد ڪرڻ گهرجي. اوم جو ارٿ آهي هميشگي، تت جو ارٿ آهي الپتتا ۽ ست جو ارٿ آهي ساتوڪتا. اسان جي ساڌنا ۾ هميشگي، الپتتا ۽ ساتوڪتا هئڻ گهرجي. تڏهين ئي اها ايشور کي ارپڻ ڪري سگهبي. انهن سڀني ڳالهين مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪي ڪرم ته اسان کي ڪرڻا آهن ۽ ڪن جو تياڳ ڪرڻو آهي.

گيتا جي سڄيءَ سکيا تي اسين ڌيان ڏينداسين ته قدم قدم تي اهوئي ٻڌايل آهي ته ڪرم جو تياڳ نه ڪريو. ڪرم ڦل جو تياڳ گيتا ٻڌائي ٿي. هر هنڌ اهائي سکيا ڏني ويئي آهي ته ڪرم ته هميشه ڪريو پر ڦل تياڳ ڪندا رهو. مگر هيءُ هڪڙو پاسو ٿيو. ٻيو پاسو هيءُ معلوم ٿئي ٿو ته ڪجهه ڪرم ڪيا وڃن ۽ ڪن جو تياڳ ڪيو وڃي. ان ڪري پڇاڙيءَ ۾ ارڙهين اڌ ياءَ جي شروع ۾ ارجن پڇيو، هڪ طرف ته ڪو به ڪرم ڦل تياڳ سان ڪريو ۽ ٻئي طرف ڪجهه ڪرم ته اوس تياڳڻ لائق آهن ۽ ڪجهه ڪرڻ لائق آهن. انهن ٻنهي ۾ ڪيئن ميل وهارجي؟ جيون جي طرز چٽيءَ جاچڻ لاءِ هي سوال پڇيو ويو آهي. ڦل تياڳ جو مطلب سمجهڻ لاءِ هي سوال پڇيو ويو آهي. ڦل تياڳ جو مطلب سمجهڻ لاءِ هيءُ سوال آهي. شاستر جنهن کي سنياس چوي ٿو ان ۾ ڪرم سروپ طور ڇڏڻو پوندو آهي يعني ڪرم روپ جو تياڳ ڪرڻو هوندو

به نه هڪ ڪرم ٿي ٿيو. ڦل تياڳ جي ڪسوٽي ان تي به هلايو. ورِي ڪاميه ڪرمن جو تياڳ به سياويڪ هئڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح ٽي ڳالهيون اسان ڏٺيون. پهرين هيءَ ته هر هڪ ڪرم اسان کي ڦل تياڳ پوروڪ ڪرڻ گهرجي. ٻي هيءَ ته راجسي، تامسي يا منع ڪيل ۽ ڪاميه ڪرم ڦل تياڳ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسبند يٽي پنهنجو پاڻ ختم ٿي وڃن ٿا. ٽين ڳالهه هيءَ ته اهڙيءَ طرح جو تياڳ ٿيندو آهي ان تي به ڦل تياڳ جي ڪسوٽي هلايو. مون هيٺرو تياڳ ڪيو، اهڙو گهمنڊ به نه هئڻ گهرجي.

راجسي ۽ تامسي ڪرم ڇو ڇڏڻ لائق آهن، ان ڪري جو اهي شدّ نه آهن. شدّ نه هئڻ ڪري ڪندڙ جي چت تي ان جا سنسڪار پئجي وڃن ٿا. مگر گهرو ويچار ڪرڻ تي معلوم ٿيندو ته ساتوڪ ڪرمن ۾ اوڻايون به هونديون آهن. جيڪي به ڪرم آهن انهن سڀني ۾ ڪجهه نه ڪجهه گهٽتايون آهن ئي. کيتيءَ جو سوڌرم ئي وٺو. هي هڪ شدّ ساتوڪ ڌرم آهي. مگر هن يگيه واري سوڌرم ۾ ٻي کيتيءَ ۾ به هنسا نه ٿيندي آهي. هر ڏيڻ وغيره ۾ ڪيترائي جيت جنتيا مرندا آهن. کوهه جي آس پاس گپ چڪ صاف ڪري اٽي پٿرن سرن سان پڪو ٺاهڻ ۾ به ڪيترا جيت جنتيا مرندا آهن. صبح جو دروازو کوليندي ئي سورج جي روشني گهر ۾ گهڙندي آهي. ان ڪري بي انداز جيوڙا ناس ٿي ويندا آهن، جنهن کي

ڪرم نہ ٻيھي ئي لڻا سگھن. قل تياڳ پوروڪ ڪرم ڪرڻ رڳو هٺراڌو رڻائتي ڪريا نہ ڪين آهي. هن ڪسوٽيءَ وسيلي خود بخود معلوم ٿئي ٿو تہ ڪھڙا ڪرم ڪيا وڃن ۽ ڪھڙا نہ. ڪي ماڻھو چوندا آهن تہ گيتا فقط اھوئي ٻڌائي ٿي تہ قل تياڳ سان ڪرم ڪريو. اهو ڪين ٿي ٻڌائي تہ ڪھڙا ڪرم ڪريو. ائين لڳندو تہ آهي پر سچ پچ ائين ناهي. جو تہ قل تياڳ پوروڪ ڪرم ڪريو ايترو چوڻ سان ئي خبر پوي ٿي تہ ڪھڙا ڪرم ڪرڻا آهن ۽ ڪھڙا ڇڏڻا آهن. هنسا وارا ڪرم، ڪوڙ پريل ڪرم، چوريءَ جھڙا ڪرم قل تياڳ پوروڪ ڪري لڻا سگھجن. قل تياڳ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسيندي ئي هي ڪرم هوا ٿي وڃن ٿا. سورج جي روشني ڦھلجندي ئي سڀ شيون اوجل ڏسبيون آهن. پر ڇا اوندہ بہ اوجل ڏسبي آهي؟ اها تہ ناس ئي ٿي ويندي. اهڙي ئي ڳالھہ منع ڪيل ۽ ڪاميہ ڪرمن جي آهي. اسان کي سڀ ڪرم قل تياڳ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسي ونڻ گھرجن. ٻھرين هيءُ ڏسڻ گھرجي تہ جو ڪرم مان ڪرڻ چاهيان ٿو سو اناسڪتي پوروڪ قل جي ذرو بہ اميد نہ رکندي ڪرڻ ممڪن آهي ڇا؟ قل تياڳ ئي ڪرم ڪرڻ جي ڪسوٽي آهي. هن ڪسوٽيءَ انوسار ڪاميہ ڪرم پنھنجو پاڻ ئي ڇڏڻ لائق سڌ ٿين ٿا. انھن جو تہ سنياس ئي نيڪ آهي. باقي بچيا شڌ ساتوڪ ڪرم. اهي اناسڪتي پوروڪ اهنڪار ڇڏي ئي ڪرڻ گھرجن. ڪاميہ ڪرمن جو تياڳ

سچي دِيا نه رهي آهي، بلڪ مري ويئي آهي. پنن پٽڻ مان وڻ سڙي نٿو. پر اُلٽو جلد وڌي ٿو. ڪرم کي ٽارڻ ۾ آتما کي ٽارڻ آهي.

۱۰۳

ڪرم سنگهه مان ڇٽڻ جي سچي ريت

هاڻي سوال ٿو اُٿي ته جڏهن سيني ڪريائن ۾ دوش آهي ته پوءِ سيني ڪرمن کي ڇڏي ڇو نه ڏجي؟ هن جو جواب هڪ دفعو اڳي ڏنو ويو آهي. سيني ڪرمن جو تياڳ ڪرڻ هيءَ ڪلپنا تمام سٺي آهي. هيءُ ويچار منوهر آهي. پر هي بيشمار ڪرم آخر ڇڏجن ڪيئن؟ راجسي ۽ تامسي ڪرمن کي ڇڏڻ جو جيڪو طريقو آهي اهو ئي ساتوڪي ڪرمن لاءِ ڪارگر ٿيندو؟ جيڪي دوش ميه ساتوڪي ڪرم آهن، اُهن کان بچجي. مزو ته هي آهي ته ”اندرايه تڪشڪايه سواها“ وانگر منش جڏهن ڪرڻ لڳندو آهي تڏهن امر هئڻ سبب اِندر ته مري ئي نٿو، بلڪ تڪشڪ به نه مرندي اُلٽو مضبوط ٿي پوندو آهي. ساتوڪ ڪرمن ۾ پڃ آهي ۽ ٿورو دوش آهي. مگر ٿوري دوش هئڻ سبب جيڪڏهن ان دوش سان گڏ پڃ جي به آهوتي ڏيندا، ته پوتر هئڻ سبب پڃ ناس ته نه ٿيندو، پر دوش ڪريا ضرور وڌندي ويندي. اهڙي گڏيل وويڪ هيڻ تياڳ سان پڃ روپي اِندر ته

اسين صاف ڪرڻ چئون ٿا. اها به هڪ طرح مارڻ جي ڪريا ئي آهي. ٿاتپرج ته جڏهن ساتوڪ سُوڌرم روپي ڪرم به باعيب ٿي پون ٿا، تڏهن ڪجهي ڇا؟

مان اڳي چئي چڪو آهيان ته سڀني گڻن جو وڪاس اڃا به ٿيڻو آهي. گيان، ڀڳتي، شيوا، اهنسا، انهن جو اڃا تمام ٿورو ئي تجربو مليو اٿئون. سچو تجربو ٿي چڪو آهي، ائين ناهي. سنسار تجربا ڪندو اڳتي وڌندو وڃي ٿو. وچ ۾ اهڙي ڪلپنا نڪتي ته کيتي ڪرڻ ۾ هنسا ٿئي ٿي. انڪري اهنسڪ ماڻهو کيتي نه ڪن. اهي واپار ڪن. اَن پيدا ڪرڻ پاپ آهي پر ڇوندا هئا ته وڪڻڻ پاپ ڪين آهي. پر اهڙي اصولي ۾ ڪم ٽارڻ سان اسانجو فائدو نٿو ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح اِنسان ڪرم ٽاريندي ٽاريندي هلندو وڃي ته آخر ۾ آتم ناس ئي ٿيندو. جئن جئن اِنسان ڪرم کان ڇٽڻ جو ويچار ڪندو تئن تئن ڪرم جو وستار ئي وڌندو ويندو. اوهان جي ان واپار لاءِ ڇا ڪنهنکي به کيتي نه ڪرڻي پوندي ته پوءِ ان کيتيءَ ۾ ٿيندڙ هنسا ۾ اوهين ڀاڱي ڀائي ڪين ٿيندا؟ ۽ جيڪڏهن ڪپهه پيدا ڪرڻ پاپ آهي ته اُن پيدا ڪيل ڪپهه کي وڪڻڻ به پاپ آهي. ڪپهه پيدا ڪرڻ ۾ دوش آهي، ان ڪري ان ڪرم کي ڇڏي ڏيڻ ۾ بڌيءَ جو دوش آهي. سڀني ڪرمن جو بهشڪار ڪرڻ، هي ڪم نه ڪرڻ، هو ڪم به نه ڪرڻ، ڪجهه ڪرم نه ڪرڻ، اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ائين سمجهڻ گهرجي ته هن ۾

لنيڙو ليباڳ ڪرڻ لاءِ وڃجي ته وڏو يوڳ اچي ڇاتيءَ
تي سوار ٿئي ٿو. ان ڪري اهو تورو ليباڳ به ڪوڙو ٿيو
پوي. لنيڙي ليباڳ کي پورو ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا اِندر
محل ناهجن ٿا. ان کان ته اها جهوپڙي ئي بهتر هئي.
اها ڪافي هئي. لنگوٽي لڳائي آس پاس جائداد ڪئي
ڪرڻ کان ته شميس ۽ صدري ئي چڱي! ان ڪري
ڀڳوان ساتوڪ ڪرمن جي ليباڳ جي ريت ئي نرالي ٻڌائي
آهي. سڀ ساتوڪ ڪرم ڪرڻا آهن، پر انهن جي ڦل
کي ٽوڙڻو آهي. ڪجھ ڪرم ته مور ڳوئي ڇڏڻ لائق
آهن ۽ ڪجھ ڪرمن جو صرف ڦل ئي ڇڏي ڏيڻو آهي.
بدن تي جيڪو ڇٽو يا داغ لڳو ته ڌوئي مٿائي سگهبو
آهي. پر جي چمڙيءَ جو رنگ ئي ڪارو آهي ته اُن کي
پوچي لڳائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ اهو ڪارو ئي رهڻ ڏيو.
ان طرف ڏسو به ڪين. ان کي اُمنگل نه سمجهو.

هڪ شخص هو. ڪيس پنهنجي گهر ۾ بدسوڻ معلوم
ٿيڻ لڳو ته هو هڪ ڳوٺ ۾ هليو ويو. اتي به ڪيس
گندگي ڏسڻ ۾ آئي ته جهنگل ڏانهن هليو ويو. جهنگل
۾ هڪ انب جي وڻ هيٺان ويٺو. مٿان هڪ پکيءَ
سندس مٿي تي وٺ لاٿي. هيءَ جهنگل به اُمنگل آهي،
ائين چئي هو نديءَ ۾ وڃي ويٺو. نديءَ ۾ جڏهن هن
وڏين مڇين کي ننڍين مڇين کي کائيندو ڏٺو، تڏهن
ڏاڍي نفرت آيس. اڙي بابا هيءَ ته ساري دنيا ئي
امنگل آهي. هتي مرڻ کان سواءِ ڇوٽڪارو ڪينهي. ائين

مري ئي نٿو. پر دوش روپي تکشڪ جو مري سگهيو ٿي، سو به نٿو مري. ان ڪري ان جي تياڳ جي کهڙي ريت آهي؟ بلي هنسا ڪري ٿي. ان ڪري ان جو تياڳ ڪبو ته ڪوئا هنسا ڪرڻ لڳندا. نانگ هنسا ڪري ٿو. ان ڪري انکي دور ڪيو ويو ته سوين جيت ڪيتي ناس ڪري ڇڏيندا. ڪيتيءَ جي اناج جي ناس ٿيڻ سان هزارين منش مري ويندا. ان ڪري تياڳ وويڪ پورڻ هئڻ گهرجي.

گورکناٿ کي مڇندرناٿ چيو: ”هن ڇوڪري کي ڌوئي اچ.“ گورکناٿ ڇوڪري کي پيرن کان وٺي خوب پٿر تي سٽيوءِ سڪائڻ لاءِ لوڙهي تي وجهي ڇڏيو. مڇندرناٿ پڇيو، ”ڇوڪري کي ڌوئي آئين؟“ گورکناٿ وراڻيو، ”ها ان کي ڌوئي هاڻي سڪائڻ لاءِ وجهي آيو آهيان. ڇوڪري کي ڇا اهڙيءَ طرح ڌوئبو آهي؟ ڪپڙي ۽ انسان ڌوئڻ جو نمونو هڪ ڪين آهي. انهن ٻن نمونن ۾ وڏو تفاوت آهي. اهڙيءَ طرح راجسي تامسي ڪرمن جي تياڳ ۽ ساتوڪي ڪرمن جي تياڳ ۾ به فرق آهي. ساتوڪي ڪرم تياڳڻ جي ريت نرالي آهي.

وويڪ هئڻ تي ڪرم ڪرڻ سان ته ڪجهه گڙٻڙ تي پوندي آهي. تڪارام چيو آهي:-

آهي تياڳ تورو- ورائي وڏو پوڳ،
تڏهن پوءِ سائين، ڪريان ڇا، ڪريان ڇا؟

پاڻ ختم ٿيندي ويندي. ڪرم ٽياڳ نه ٿيندي ته ڪريائون گم ٿي وينديون. ڪرم نه ڇٽندو پر ڪريا گم ٿي ويندي.

ڪرم ۽ ڪريا (فعل) ٻنهي ۾ فرق آهي. جڏهن ڪٿي گوڙ شور هجي ۽ ان کي بند ڪرڻو هجي ته هڪ سپاهي اچي ٿو ۽ هو شور بند ڪرائڻ لاءِ خود زور سان رڙ ڪري چوي ٿو، ”گوڙ بند ڪريو.“ ان شور بند ڪرائڻ لاءِ ڪيس زور سان آواز ڪرڻ جو زبردست ڪم ڪرڻو پيو. وري ٻيو ڪو اچي ماٺ ميٺ ۾ ويهندو ۽ صرف آڱر مٿي ڪڻندو ته ماڻهو چپ ٿي ويندا. ٽئين ماڻهوءَ جي اچڻ سان ئي الي چپ ٿي ويندي. هڪ کي تيز ڪريا ڪرڻي پيئي، ٻئي جي معمولي هئي ۽ ٽئين جي سوکيم هئي. ڪريا گهٽجندي وئي. مگر ٽنهي ماڻهن جي حالت ۾ ماٺ ڪرائڻ جو ڪرم هڪ جهڙو ٿيو. جڏهن چت شدي ٿيندي ويندي، تڏهن ڪريا جي تيزي گهٽجندي ويندي. تيزيءَ مان معمولي، معموليءَ مان سوکيم، سوکيم مان بلڪل ختم ٿي ويندي. ڪرم هڪ چيز ۽ ڪريا ٻي. ڪم ڪندڙ جو ڪرم ڇا هي؟ اهو ڪرم آهي ۽ اهائي ڪرم جي وصف آهي. ڪرم ۾ حالت فاعلي ۽ مفعولي هوندي آهي ۽ ڪريا لاءِ جدا فعل لڳائڻو پوندو آهي.

ڪرم ۽ ڪريا ۾ جو تفاوت آهي ان کي سمجهي وٺو. غصي اچڻ تي ڪو ڏاڍيون رڙيون ڪري ۽ ڪو اصل ڳالهائڻ بند ڪري پنهنجو ڪروڌ ظاهر ڪندو آهي. گياني پرش نالي لاءِ به ڪريا نٿو ڪري، پر ڪرم انت

ويچار ڪري هو ٻاهر آيو. باهه ٻاريائين. اتي هڪ ماڻهو
آيو ۽ کانئس پڇيائين "اڙي ڀائي، آپگهات ٿو ڪرين؟"
هو چوڻ لڳو "هيءُ سنسار امنگل آهي. ان ڪري آپگهات
ٿو ڪريان." ان ماڻهوءَ پڇيس "تنهنجو هيءُ گندو شرير
۽ هيءَ چربي جلڻ لڳندي ته هتي ڪيتري نه بدبوءِ
پکڙجندي. اسين هتي ويجهو رهون ٿا. ڀلا اسين ڪيڏانهن
ويندا سين؟ هڪ وار جلڻ سان ڪيڏي نه بدبوءِ ٿيندي
آهي، پر تنهنجي ته سڄي چمڙي جلندي. هتي ڪيتري
گندگي ڦهلجندي، ان جو به ته ڪجهه ويچار ڪر." هو
شخص پريشان ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو "هن جهان ۾ نه جيئڻ
جو جس آهي، نه مرڻ جو. تڏهن ڪريان ڇا؟"

مطلب ته هيءُ منحوس آهي، نياڳو آهي. ائين چوندي
چوندي سڀ ڇڏيندا ويندا ته ڪم ڪيئن هلندو.
جيڪڏهن اوهين ننڍن ڪمن کان ڪنارو ڪندا ته ٻيا
وڏا ڪم اچي سر تي سوار ٿيندا. ڪرم سچ ته ٻاهران
ڇڏڻ تي نٿا ڇٽن. جيڪي ڪرم سڀاويڪ وهڪري ۾
وهندڙ آهن، انهن جي وروڌ ڪرڻ ۾ جي ڪو پنهنجي
طاقت لڳائيندو، وهڪري جي ابتڙ هلڻ چاهيندو، ته آخر
ٿڪجي وهڪري سان گڏ وهي ويندو. وهڪري موافق
ڪريا وسيلي ئي ڪيس پنهنجي ترڻ جو اپاءُ سوچڻ
گهرجي. ان سان من جي مٿان ليپ گهٽبو ويندو ۽
چت شڌ ٿيندو ويندو. پوءِ آهستي آهستي ڪريا پنهنجو

١٠٤

ساڌڪ لاءِ سوڌرم جي سمجهاڻي

مطلب هي ته تامسي ۽ راجسي ڪرم ته بلڪل ڇڏي ڏيڻ گهرجن ۽ ساتوڪي ڪرم ڪرڻ گهرجن. هيءُ خيال ۾ رکڻ گهرجي ته جي ساتوڪ ڪرم سپاويڪ ۽ سولائيءَ سان سامهون اچن، اهي اوڻاين وارا هوندي به ڇڏڻ لائق نه آهن. پل ته اوڻايون هجن. انهن اوڻاين کان جند ڇڏائڻ چاهيندا، ته بيون بيشمار اوڻايون اچي پلئه پڪڙينديون. پنهنجو بروڪ جهڙو آهي، تهڙو رهڻ ڏيو. ان کي جي ويڙي ڪتي سهڻو بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا ته اهو وڌيڪ پياڻڪ، بدزيبو ڏسبو. اهڙو جهڙو آهي تهڙوئي چڱو آهي. ساتوڪي ڪرم، ڏوشي هوندي به پاڻمرادو پراپت ٿيڻ سبب ڇڏڻ نه گهرجن. اهي ڪرڻا آهن پر انهن جو ڦل ڇڏڻو آهي.

جي ڪرم پاڻمرادو سپاويڪ ريت سان حاصل نه ٿيا هجن ۽ انهن جي باري ۾ توکي ائين لڳندو هجي ته اهي چڱيءَ طرح ڪري به سگهجن ٿا، تڏهن به اهي نه ڪر. ايترائي ڪرم ڪر جيڪي پاڻمرادو اچي ملن. هڻ پٽ ۽ ڊڪ ڊوڙ ڪري بيا نوان ڪرم پنهنجي سر مٿان نه هڻ. جن ڪرمن کي خاص طور تاهه توهه ڪري ڪرڻو پوندو هجي، اهي ڪيترا به چڱا چونه هجن ته به انهن کان دور رهه. انهن جو موهه نه رک. جي ڪرم

ڪري ٿو. سندس صرف وجود ئي اپار شيوا ڪري سگهي ٿو. گياني پرش جي موجودگي ئي ڪافي آهي. سندس هٿ پير وغيره عضوا ڪجهه ڪم نه ڪندا هجن تڏهن به هو ڪم ڪري ٿو. ڪريا سوکيم ٿيندي ويندي آهي، ته هوڏانهن ڪرم التو وڌندو ويندو آهي. ويچار جي هن ڌارا کي اڳتي ڪڍي وڃبو ته معلوم ٿيندو ته جڏهن چت پورن شڌ ٿي ويندو ته آخر ۾ ڪريا غائب ٿي ويندي. ۽ ڪرم اننت ٿيندا رهندا. پهرين تيز پوءِ تيز کان معمولي، معمولي کان سوکيم ۽ سوکيم کان غائب. اهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ ڪريا نراڪار ٿي ويندي. مگر ان وقت اننت ڪرم خود به خود ٿيندا رهندا.

ٻاهرين نموني ڪرم هٽائڻ سان اهي دور ڪين ٿيندا. نشڪامتا سان ڪرم ڪندي آهستي آهستي ان جو آزمودو ٿيندو. ڪوي براؤننگ 'ڊِوِنگي پادري' نالي سان هڪ شعر لکيو آهي. هڪ ماڻهوءَ پادريءَ کي چيو، "تون پاڻ کي ايترو سينگارين ڇو ٿو؟ هيءَ ويس ڇا لاءِ؟ هيءَ ٻاهريون ڊِوِنگ ڇا لاءِ؟ هيءَ گنڀير ڇهرو ڇا لاءِ؟" هن وراڻيو، "ٻڌ، هيءَ سڀ مان ڇو ڪريان ٿو. ممڪن آهي ته هن ناٽڪ، هن نقل ڪندي ڪندي ڪنهن ڏينهن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ به مون ۾ شرڌا پيدا ٿي!" ان ڪري نشڪام ڪريا ڪندو رهڻ گهرجي. آهستي آهستي نشڪريا پڻو حاصل ٿي ويندو.

ڇڏڻي پوندي. ٽئون ڌرم ۽ ٽئون جنم وٺڻو پوندو. پر هن جنم ۾ سندس لاءِ ٻڪريپٽوئي پوتر آهي. ڏاند ۽ ڏيڏر جي ڪهاڻي آهي نه! ڏيڏر جي وڌڻ جي به ڪا حد آهي. هو جي ڏاند جيترو وڏو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو ته ڦاٽي مرندو. ٻئي جي روپ جو نقل ڪرڻ مناسب ناهي. ان ڪري پرڌرم کي خطرناڪ سڏيو ويندو آهي.

وري سؤڌرم جا به حصا آهن. هڪ بدلجندڙ ٻيو اڻبدلجندڙ. مان جو اڄ آهيان اهو سڀاڻي نه هوندس. مان سدائين بدلجي رهيو آهيان. ٻالڪپڻي جو سؤڌرم ٿيندو آهي صرف وڏو ٿيڻ. جوانيءَ ۾ مون ۾ ڀرپور ڪرم شڪتي رهندي ته ان وسيلي مان سماج جي شيوا ڪندس. برڌ اوستا ۾ منهنجي گيان جو لاڀ ٻين کي ملندو. اهڙيءَ طرح ڪجهه سؤڌرم ته بدلجندا رهڻ وارا آهن ۽ ڪجهه نه بدلجندڙ. انهن کي جي جهوني شاستر جي نالن سان سڏڻو آهي ته چئبو ورڻ ڌرم نٿو بدلجي، پر آشرم ڌرم بدلجندو رهي ٿو.

آشرم ڌرم بدلجي ٿو ان جو مطلب هي آهي ته برهمچريه آشرم ڇڏي مان گرهست آشرم ۾ داخل ٿي رهيو آهيان. گرهست آشرم مان وان پرست ۽ وان پرست مان سنياس ۾ وڃي رهيو آهيان ۽ اهڙيءَ طرح آشرم ڌرم بدلجندا رهن ٿا. ليڪن ورڻ ڌرم بدلجي نٿا سگهجن. پنهنجي قدرتي حد مان لتاڙي نٿو سگهان. اهڙي ڪوشش ئي غلط آهي. تو ۾ جو تونپڻو آهي اهو تون ڇڏي نه

پاڻمراد و حاصل ٿيل آهن انهن جي ڦل جو تياڳ ٿي سگهي ٿو. هي ڪرم چڱو آهي. هي ڪرم سنو آهي. ايتري لوڀ وڇان چوطرف جي منش ٻوڙڻ لڳي ته پوءِ ڦل تياڳ ڪيئن ٿيندو؟ هن جو سارو جيون ناڪامياب ٿيندو. ڦل جي آشا سان ئي هو هنن پرڌرم روپي ڪرمن کي ڪرڻ چاهيندو. ۽ ڦل به هٿان وڃائيندو. جيون ۾ ڪٿي به ٽڪاءُ نه ٿيندو. ان ڪرم جي آسڪتي چت تي ڄمي ويندي. جي ساتوڪ ڪرمن جو لوڀ ٿيڻ لڳي ته ان کي به روڪ ڪرڻ گهرجي. انهن قسمين ساتوڪي ڪرمن کي ڪرڻ چاهيندا ته انهن ۾ به راجسيپڻو ۽ تامسيپڻو اچي ويندو. ان ڪري تون اهو ڪر، جيڪو ساتوڪ ۽ پاڻمراد و حاصل ٿيل سؤڌرم آهي.

سؤڌرم ۾ سوديشي ڌرم، سؤجاتي ڌرم ۽ سؤڪال ڌرم اچي وڃن ٿا. انهن ٽنهي جي ميلاپ سان سؤڌرم ٺهي ٿو. منهنجي ورتيءَ موافق ۽ لائق ڇا آهي ۽ ڪهڙو فرض مونکي حاصل ٿيل آهي، هي سڀ سؤڌرم ٺهرائڻ لاءِ ڏسبو آهي. تو ۾ توپڻو جهڙي ڪا شيءِ آهي، جنهن ڪري تون تون ئي آهين. هر هڪ آدميءَ ۾ سندس ڪجهه خاصيت هوندي آهي. ٻڪريءَ جو واڌارو، ٻڪري ٿي رهڻ ۾ ئي آهي. ٻڪري ٿي رهڻ ۾ ئي انکي پنهنجو واڌارو ڪرڻ گهرجي. ٻڪري جي ڳانءِ ٿيڻ چاهي ته اِهو سندس لاءِ ممڪن ناهي. هوءَ پنهنجو پاڻ ملهيل ٻڪريپڻي جو تياڳ نٿي ڪري سگهي. ان لاءِ ڪيس ڏيهه

۵- سدائين ڦل تياڳ سان انهن ساتوڪ ڪرمن کي ڪندي رهڻ سان چت شڌ ٿيندو ويندو ۽ تيز کان معمولي، معموليءَ کان سوکم، سوکم کان ڪجهه به نه. اهڙيءَ طرح ڪريائي ختم ٿي ويندي.

۶- ڪريا غائب ٿي ويندي پر شيوا ڪرم ٿيندا ئي رهندا.

۷- ساتوڪي ڪرم به جي سپاويڪ حاصل ٿيل هجن، اهي ئي ڪريون. جي پاڻمرادو حاصل ٿيل نه هجن، اهي ڪٿي ڪيترا به چڱا لڳن، تڏهن به انهن کان دور رهون. انهن جو موه نه هئڻ گهرجي.

۸- پاڻمرادو مليل سوڌرم به وري ٻن قسمن جو ٿيندو آهي. بدلجندڙ ۽ نه بدلجندڙ. ورڻ ڌرم نٿو بدلجي پر آشرم ڌرم بدلجندو رهندو آهي. بدلجندڙ سوڌرم بدلجندو رهڻ گهرجي. ان کان پرڪرتي پوتر رهندي.

پرڪرتي نه لڳاتار وهندڙ هئڻ گهرجي. چشمو جي وهندو نه رهندو ته ان مان بانس اچڻ لڳندي. اهوئي حال آشرم ڌرم جو آهي. منش کي پهرين ڪٽنب ملي ٿو. پنهنجي ترقيءَ لاءِ هو ڪٽنب جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ٿو. هتي هر طرح جا آزمودا پرائي ٿو. مگر ڪٽنبي هوندي به ان ۾ ڦاسي ويندو ته زواليت ايندس. جو ڪٽنب ۾ اچڻ پهرين ڌرم روپ هو، سو هاڻي اڌرم روپ ٿي پوندو. ڇاڪاڻ ته هاڻ اهو ڌرم ٻنڌڻ روپ ٿي پيو. بدلجندڙ ڌرم کي جي آسڪتي سبب نه ڇڏبو ته ان جو نتيجو

ٿو سگهين. هيءُ ئي ورن ڌرم جو آڌار آهي. ورن ڌرم جي ڪلپنا ڏاڍي منوهر آهي. ورن ڌرم بلڪل اٽل آهي ڇا؟ پيدا آهن ته جئن ٻڪريءَ جو ٻڪر پيٺو، ڳانءِ جو ڳانءِ پيٺو، تئن برهمڻ جو برهمڻ پيٺو ۽ ڪتريءَ جو ڪتر پيٺو آهي؟ ها، مان قبول ڪريان ٿو ته ورن ڌرم اهڙو پڪو ڪين آهي. پر اسان کي ان جو مطلب سمجهڻ گهرجي. ورن ڌرم جو استعمال جڏهن سماجڪ جوڙجڪ جي هڪ ترڪيب طور ڪيو وڃي ٿو ته ان ۾ خاص مثال ضرور هوندا. اهڙا خاص مثال مڃائي پون ٿا. گيتا به ان خاص مثال کي فرض ڪري مڃيو آهي. تاتپرج انهن ٻنهي نمونن جي ڌرمن کي سڃاڻي. ٻيو ڌرم ڪيترو به منوهر سندر ڇو نه ڏسڻ ۾ اچي، ته به ان جي چڪر ۾ نه ڦاسو.

١٠٥

ڦل تياڳ جو سنسار

ڦل تياڳ جي ڪلپنا جو وڪاس ڪندا آيا آهيون. ان مان هيٺيون مطلب نڪري ٿو:

١- راجسي ۽ تامسي ڪرمن جو پورو تياڳ.

٢- ان تياڳ جو به ڦل تياڳ. ان جو به اهنڪار نه هجي.

٣- ساتوڪي ڪرمن جو تياڳ نه ڪندي رڳو سندن ڦل تياڳ.

٤- ساتوڪي ڪرم اوٽاڻ پيريل هوندي به ڦل تياڳ پوروڪ ڪرڻ.

نه ڪريون ۽ ڪهڙو ڪڏهن بدليون؟ پر هاڻ هڪ ٻي ئي ڳالهه سوچيندا سين. ساڌڪ کي آخرين حالت يعني سڀني ڪريائن جو غائب ٿيڻ، ان تي ڌيان رکڻ گهرجي يا نه؟ ساڌڪ کي ڇا گيانيءَ کي ان درجي تي جنهن ۾ ڪريا نه ڪندي به بيشمار ڪرم ٿيندا رهن، نظر رکڻ کپي؟

نه، هتي به ڦل تياڳ جي ڪسوٽيءَ جو استعمال ڪريو. اسان جي جيون جو سروپ ايترو سندر آهي جو پاڻ کي جيڪي گهرجي، ان تي نظر نه رکندي به، اهو ملندو. جيون جو سڀ کان اوچو ڦل مڪتي آهي. ان مڪتيءَ، ان اڪرم اوستا جو به اسان کي لوڀ نه کپي. اها حالت نه پنهنجو پاڻ بنا ڄاڻ ملي ويندي. سنياس ڪا اهڙي شيءِ ڪانهي جا به وچي پنج منٽن تي اوچتوئي اوچتو اچي ويندي. سنياس ڪا هٿراڌو شيءِ ناهي. ان جو تنهنجي جيون ۾ ڪيئن واڌارو ٿيندو ويندو، ان جو توکي پتو به نه پوندو. انڪري مڪتيءَ جي چنتا ڇڏي ڏي.

ڀڳت ته ايشور کي هميشه ائين چوندو آهي، ”مون لاءِ تنهنجي ڀڳتي ئي گهڻي آهي. مڪتي! اهو آخرين ڦل مونکي نه کپي.“ مڪتي به هڪ قسم جو روڳ ئي آهي، هڪ قسم جو ڦل ئي آهي. هن مڪتيءَ روپي ڦل تي به تياڳ روپي ڪئنچي هلايو. پر ان ڪري مڪتي وڃڻ واري ڪين آهي. ڪئنچي پڇي پوندي، ڦل وڌيڪ ئي مضبوط ٿيندو. جڏهن مڪتيءَ جي آشا ڇڏي ڏيندا تڏهن بي خبر مڪتيءَ طرف هليا ويندا. ساڌنا ۾ ئي

خطرناڪ ٿيندو. چڱي شيءِ جي به آسڪتي نه هئڻ گهرجي. آسڪتيءَ مان زبردست نقصان ٿئي ٿو. سلهه جا جيوڙا جي پيل ۾ به ڦڦڙن ۾ هليا وڃن ته اتي هو وڃي جيون کي اندران ئي اندران ڪاٽ هڻي ڪائي ڇڏين ٿا. اهڙيءَ طرح آسڪتيءَ جا جيوڙا به جي بي خبريءَ ۾ ساتوڪي ڪرم ۾ گهڙي ويا ته ان ڪري سؤڌرم سڙڻ لڳندو. ان ساتوڪي سؤڌرم ۾ به راجسي ۽ تامسي بدبوءِ اچڻ لڳندي. تنهنڪري ڪٽنب روپي هي بدلجندڙ سؤڌرم وقت انوسار ڇڏائجي وڃڻ گهرجي. هيءَ ئي ڳالهه ديش ڌرم سان به لاڳو ٿئي ٿي. ديش ڌرم جي به آسڪتي اچي وڃي. اسين رڳو پنهنجي ئي ديش جو وچار ڪرڻ لڳاسين ته اهڙي ديش ڀڳتي به ڏاڍي خوفناڪ شيءِ ٿيندي. ان ڪري آتم وڪاس روڪجي ويندو. چت ۾ آسڪتي گهر ڪري وهندي ۽ خاتمو ايندو.

۱۰۶

سنڌي ساڌنا جي حد

ٽاپيرج ته جيڪڏهن جيون جو پورو ڦل هٿ ڪرڻو آهي ته ڦل تياڳ روپي چنتامڻي کي استعمال ڪرڻ گهرجي. اهو توهان جو سونهون ٿيندو. ڦل تياڳ جو هي تتو پنهنجي مريادا به ٻڌائي ٿو. هن جوت جي سامهون هئڻ تي اها خبر پنهنجو پاڻ پوي ٿي ته ڪهڙو ڪرم ڪريون، ڪهڙو

ڏور رهجي ويندي. مڪتيءَ کي نظر انداز ڪري لڳاتار ساڌنا ۾ رتو رهڻ ٿي مڪتيءَ کي ويجهو آڻڻ جو اپاءُ آهي. اڪرم حالت، آرام جي چاهنا نه رکو. ساڌنا سان ٿي پريم رکو ته مڪتي اوڏو ايندي. جواب جواب پڪارڻ سان سوال جو جواب ڪين ملندو آهي. ان جي وات مولڪي ملي آهي ان سان ڏرجي ٻڌرجي جواب ملندو. اها وات جتي پوري ٿئي ٿي اتي ئي ان جو جواب موجود آهي. پهاڙيءَ کان اڳ پهاڙي ڪيئن ايندي؟ وات کان اڳ پهرين جواب ڪيئن ملندو؟ ساڌڪ جي حالت ۾ مڪتي جي حالت ڪيئن ايندي؟ پاڻيءَ ۾ غوطا کائيندي پرينءَ پر جي موج مزن ۾ ڌيان رهندو ته ڪيئن ڪم ٿيندو؟ ان وقت ته هڪ هٿ هٽي اڳتي وڌڻ ۾ ئي سارو ڌيان ۽ ساري طاقت لڳائڻ گهرجي. پهرين ساڌنا پوري ڪريو، سمنڊ لتاڙيو، بس مڪتي پاڻمرادو ئي ملي ويندي.

١٠٧

سڌ پرش جون ٽي اوستائون

گياني پرش جي آخرين اوستا ۾ سڀ ڪريائون ڪم ٿيو وڃن. ان جو اهو مطلب ناهي ته آخرين حالت ۾ ڪريا ٿيندي ئي ڪانه. سندس هٿان ڪريا ٿيندي ۽ نه به ٿيندي. آخرين حالت تمام سنڌر ۽ اوچي آهي. هن حالت ۾ جيڪي به ٿئي ٿو ان جي ڪيس ڪا به چنتا نٿي ٿئي. جيڪي به ٿيندو اهو شڀ ۽ سنڌر ئي هوندو. ساڌنا

اهڙو مست ٿي وڃ جو مڪتيءَ جي ياد به نه رهي ۽ مڪتي توکي ڳولهيندي تنهنجي سامهون اچي ڪڙي ٿئي. ساڌڪ نه ساڌنا ۾ ئي رتو رهي!

”اڪرمي واسنا ۾ نه اڙ“

ڀڳوان نه ڀهرين ڇيو هو نه اڪرم حالت جي مڪتيءَ جي آس نه رکو. هاڻي وري آخر ۾ چوي ٿو ”نه ڪر شوڪ، پاپن جا بندن ٽوڙيندس، اچي مڪتي پاءِ.“ مان ڏاتا آهيان. تون مڪتيءَ جي چنتا نه ڪر. تون نه رڳو ساڌنا جي ئي چنتا ڪر. مڪتيءَ کي وسارڻ سان ساڌنا اوچي ٿيندي ۽ مڪتي پنهنجو پاڻ موهجي تو وٽ هلي ايندي. مڪتيءَ جي چاهنا نه رکندي پنهنجي ساڌنا ۾ ئي مست رهندڙ جي گلي ۾ مڪتي لڪشمي مالها وجهي ٿي.

جتي ساڌنا جي حد اچي پوري ٿئي ٿي، اتي مڪتي هٿ جوڙي اچي بيهي ٿي. جنهنکي گهر وڃڻو آهي اهو جي وڻ هيٺان بيهي گهرگهر جو جپ ڪندو رهندو نه ڪانئس گهر نه پري ئي رهندو، الٽو ڪيس جهنگل ۾ ئي رهڻ جي نوبت ايندي. گهر کي ياد ڪري جي رستي ۾ ئي آرام ڪرڻ ۾ لڳي ويندا نه ان جي آخرين آرام جي منزل کان دور رهجي ويندا. مونکي نه اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان سان ئي گهر هڪدم سامهون اچي ويندو. مڪتيءَ جي آسي ياد کان منهنجي ڪوشش ۾، منهنجي ساڌنا ۾ ڍلائي ايندي نه مڪتي مون کان

هن حالت جو ڪهڙيءَ طرح بيان ڪريون؟ جنهن گرهڻ کان اڳ ڀورين ڇايا پوندي آهي، اهڙيءَ طرح شرير جي خاتمي ٿيڻ لي اڳتي اچڻ واري مڪتي دشا جي ڇانوَ ديهه ڪرڻ کان ڀورين ٽي پوڻ لڳندي آهي. ديهه واري حالت ۾ ٽي آئينده جي مڪتي اوستا جا پرون پوڻ لڳندا آهن. هن حالت جو ورنن ڪرڻ واٽيءَ لاءِ مشڪل آهي. هو ڪيتري ۾ هنسا ڪري تڏهن ۾ ڪجهه لتو ڪري. هاڻ سنڌس ڪريا ڪينهن ماڀجي. جيڪي ۾ ڪالتس ٿيندو اهو سڀ ساتوڪ ڪرم ٽي هوندو. سڀ ڪريائون ختم ٿي وڃن، تڏهن ۾ سڄي دنيا جو ڪم هو ڪندو رهندو. هن لاءِ ڪهڙا اکر ڪتب آڻجن؟ سمجهه ۾ ٽي لتو اچي.

هن آخرين اوستا ۾ ٽي پاؤ رهندا آهن. هڪ آهي وامديو جي حالت. سنڌس مشهور چوڻي آهي: ”هن دنيا ۾ جيڪي ڪي آهي، اهو مان آهيان.“ گيانلي پرش لراهنڪار ٿي وڃي ٿو. سنڌس ديهه ايمان ناس ٿي وڃي ٿو. هرهڪ ڪريا بند ٿي وڃي ٿي. ان وقت ڪيس هڪ پاؤ اوستا حاصل ٿئي ٿي. اها حالت هڪ شرير ۾ سمائجي نه ٿي سگهي. پاؤ اوستا ڪريا اوستا ڪين آهي. پاؤ اوستا يعني پاونا جي …بزيءَ واري اوستا. هن پاؤ اوستا جو ٿورو گهڻو آ…و اسان کي ٿي سگهي ٿو. ٻالڪ جي عيبن سان ماتا عيبدار ٿيندي آهي. گهڻن سان گهڻوان ٿيندي آهي. سنڌس دکه سان دکي ۽ سکه سان سکي

جي آخرين منزل تي هو پهتو آهي. هتي سڀ ڪجهه
ڪندي به هو ڪجهه نٿو ڪري. نقصان ڪندي به نقصان
نٿو ڪري ۽ ڪلياڻ ڪندي به ڪلياڻ نٿو ڪري.

هيءَ آخرين مڪتي اوستا ئي ساڌنا جي حد آهي.
ساڌنا جي حد جي معنيٰ ساڌنا جي سڀاويڪ اوستا.
مان ڪجهه ڪريان ٿو، اهو هتي خيال ۾ به نٿو اچي.
يا هن حالت کي مان ساڌڪ جي ساڌنا جي انيتي به
چوندس. سڌ اوستا نيتيءَ واري ناهي. ننڍو ٻار سچ
ڳالهائيندو آهي. پر اهو نيڪ ناهي. ڇوته ڪوڙ ڇا آهي،
اها ته ڪيس خبر به ڪانهي. ڪوڙ جي خبر هوندي به
سچ ٻولڻ نيڪ ڪرم آهي. مڪتي اوستا ۾ ڪوڙ آهي ئي
ڪونه. هتي ته سچ ئي سچ آهي. ان ڪري هتي نيتي
ڪونهي. جيڪي منع ڪيل چيزون آهن اهي هتي پهچي
نٿيون سگهن. جيڪي ٻڌڻ نٿا چاهين اهو ڪن اندر وڃي
ئي نٿو. جيڪي ڏسڻ نٿا چاهين اهي اکيون ڏسن ئي
نٿيون. جيڪي ٿيڻ گهرجي، اهو هٿن سان ٿئي ٿو. ان لاءِ
ڪوشش ڪرڻي نٿي پوي. جنهنکي ٽارڻ گهرجي ان کي
ٽارڻو نٿو پوي. اهو پنهنجو پاڻ ئي ٽري وڃي ٿو. هيءَ
ئي نيتيءَ کان خالي حالت آهي. هيءَ ڇا ساڌنا جي
حد، سڀاويڪ اوستا، انيتڪتا يا اتينيتڪتا چئو، ان
اتينيتڪتا ۾ ئي نيتيءَ جي اوچائي آهي. اتينيتڪتا اکر
مولڪي چڱو سمجهيو آهي يا هن حالت کي ساڌڪ ساڌنا
جي حد ڪمال چئي سگهبو.

اوسٿا حاصل ٿيڻ تي آتما پڪيءَ وانگر، ڏسڻ لڳي ٿي. هو ديهه کان ٻري ٿي وڃي ٿو.

هن ياڱ اوسٿا وانگر ئي گياني پرش جي هڪ ڪريا اوسٿا به ٿيندي آهي. گياني پرش سياويڪ ڇا ڪندو؟ هو جيڪي به ڪندو اهو ساتوڪ ئي هوندو. جيتوڻيڪ اڃا منش ديهه ۾ آهي، تڏهن به سندس سارو شرير، سندس سڀ اندريون ساتوڪ ئي هونديون. وهنواري نظر سان ڏسون ته سندس وهنوار ۾ ساتوڪتا جي آخرين منزل ڏسبي. مگر جي وشوَ آتم ياڱ جي نظر سان ڏسبو ته چڻ ٽنهي لوڪن جا پاپ پنج هو ڪري ٿو؛ تنهن هوندي به هو الپت رهي ٿو. ڇو ته هن ڇهتيل شرير کي هن لاهي ڦٽو ڪيو آهي. هن مٿيا شرير کي لاهي ڦٽو ڪرڻ تي هو وشوَ روپ ٿيندو.

ياڱ اوسٿا ۽ ڪريا اوسٿا کان سواءِ به گياني پرش جي هڪ ٽين حالت آهي جنهنکي گيان اوسٿا چئبو آهي. هن حالت ۾ هو نه پاپ سهندو آهي، نه پنج. سڀ اڇلي ڦٽا ڪندو آهي. هن ساري وشوَ کي ٺيلي ڏيئي ساڙي ڇڏڻ لاءِ هو تيار ٿيندو آهي. ڪنهن به ڪرم جي ذميواري کڻڻ لاءِ هو تيار نٿو ٿئي. ان جو ڇهڻ به هو نٿو سهي سگهي. گياني پرش جي مڪت حالت ۾ ساڌنا جي آخرين منزل جي اوسٿا ۾ هي ٽي حالتون ممڪن آهن.

هيءَ ڪريا اوسٿا آخرين منزل ڪيئن حاصل ٿئي؟ اسين جيڪي به ڪريون ٿا، انهن جو ڪرياڦل پنهنجي

ٿيندي آهي. ماتا جي هيءَ ڀاؤ اوستا اولاد تائين ٿي آهي. اولاد جو عيب هوءَ پنهنجو عيب ڪري سمجهي ٿي. گياني پرش ٻه ڀاونا جي زور هيٺ سڄي سنسار جا عيب پنهنجي مٿان وجهي ٿو.

ننهي لوڪن جي پاپن سان هو پاپي ۽ ڀڄن سان پڃوان ٿئي ٿو ۽ ايترو هٺ ٿي ٻه ننهي لوڪن جا پاپ پنج ڪيس ڇهن ٻه نه ٿا. رشي چوي ٿو: ”مونکي جوڏي، تر ڏي، ڪٽڪ ڏي.“ اهڙيءَ طرح هو گهرندوئي رهيٿو. ان رشيءَ جو پيٽ آخر ڪيڏو وڏو هوندو! مگر اهو گهرندڙ سايڻن ٽن هٿن ٻ گهي شرير وارو نه هو. سندس آتما وشوَ جي روپ ۾ بولي رهي هئي. هن کي مان ويدن وارو وشوَ آتم ڀاؤ چوندو آهيان. ويدن ۾ هن ڀاونا جي اوچائي ڏسجي ٿي. گجراتي سنت نرسي مهتا ڪيرتن ڪري چوي ٿو، ”هي ايشور، مون اهڙا ڪهڙا پاپ ڪيا آهن، جو ڪيرتن وقت ٻه مونکي ننڊ ٿي اچي؟“ ڇا نرسي مهتا کي ننڊ پئي آئي؟ ننڊ ته ٻڌندڙن کي پئي آئي. مگر ٻڌندڙن سان هڪ روپ ٿي ڀڳت مهتا پڇي رهيو هو. هيءَ سندس ڀاؤ اوستا هئي. گياني پرش جي ڀاؤ اوستا اهڙي نموني جي ٿيندي آهي. هن ڀاؤ اوستا ۾ سڀ پاپ پنج ان ڪان ٿيندا ٿوهان کي ڏسڻ ۾ ايندا. هو خود ٻه اهوئي چوندو. اهو رشي چوندا آهن ته، ”نه ڪرڻ لائق ڪيترائي ڪرم مون ڪيا آهن، ڪريان پيو ۽ ڪندس.“ هيءَ ڀاؤ

سر مٿان نه ڪڻڻ جو ابياس ڪرڻ گهرجي. مان صرف
لمحت آهيان. ڪرمن جو ڪرتاپڻو مونتي ڪين آهي. اهڙو
ويچار ڪرڻ گهرجي. پهرين هن اڪرتاپڻي جي پورڪا
ٺهنائيءَ سان گرهڻ ڪريو. پر ان سان سڀو ڪرتاپڻو
هليو ڪين ويندو. آهستي آهستي هن ڀاونا جو واڌارو
ٿيندو ويندو. پهرين ته ائين سمجهڻ گهرجي ته مان هڪ
ڏسيس آهيان، سندس هٿ جو رانديڪو يا گڏو آهيان.
هو موڪلي لڳائي ٿو. ان بعد اهو سمجهڻ جي ڪوشش
ڪريو ته هي جيڪي به ڪيو وڃي ٿو اهو شرير جو آهي.
مدهنجو ان سان ڪو واسطو ڪونهي. هي سڀ ڪريائون
هن مڙدي جون آهن. پر مان مڙدو ڪين آهيان. مان
مڙدو نه پر جيوت آهيان، اهڙي ڀاونا ڪندا رهو. ديهه
جو ليپ ذرو به نه لڳڻ گهرجي. ائين ٿيڻ تي ديهه سان
ڪو لاڳاپو ئي ڪونهي، اهڙو گياني پرش جو درجو حاصل
ٿيندو. ان حالت ۾ وري مٿي ڄاڻل ٽيئي اوستائون
هونديون. پهرين ڪريا اوستا جنهن ۾ ڪانئس نرمل ۽
آدرش ڪريائون ٿينديون. ٻي ڀاؤ اوستا جنهن ۾ ٽنهي
جهان جا پاپ پنج مان ڪريان ٿو، اهڙو آزمودو ڪيس
ٿيندو، پر ان جي ڇوت به ڪيس نه لڳندي. ۽ ٽين ان
جي گيان اوستا جنهن ۾ ٿورو ڪرم به پاڻ وٽ رهڻ
ڪين ڏيندو. سڀ ڪرم ساڙي انهن ٽنهي اوستائن
ڌاران گياني پرش جو بيان ڪري سگهجي ٿو.